پرولیون ، ڏِٺون ، معمائون ۽ ٻول

چاپو پهريون آگسٽ ۱۹۶۵ع ڪاپيون هڪ هزار

سنڌي ادبي بورڊ جا حق واسطا قائم



ملڻ جو هنڌ:
سنڌي ادبي بورڊ، بڪ اسٽال
۳- سول لائينس، حيدرآباد سنڌ

هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپيو
۽ محمد ابراهيم جويي، اعزازي سيڪريٽري، سنڌي ادبي بورڊ،
۳- سول لائينس، حيدرآباد سنڌ، ڇپائي ۾ رو ڪيو.

مهاڳ

سنڌ جي 'لوڪ ادب' کي سهيڙڻ لاءِ هڪ تفصيلي تجويز، سنہ ۱۹۵۵ع ۾ 'سنڌي ادبي بورڊ' جي سامهون رکي وئي، جا ۱۹۵۶ع جي آخر ڌاري بورڊ بحال ڪئي، ۽ ان جي عملي نگراني ۽ تڪميل بنده جي حوالي ڪئي.

ان تجويز مطابق، جنوري ۱۹۵۷ع کان لوڪ ادب سهيڙڻ جو ڪم شروع ڪيو ويو، انهيءَ سلسلي ۾ تعلقيوار ڪارڪن مقرر ڪيا ويا تہ ڏنل هدايتن موجب، پهراريءَ مان مواد گڏ ڪري موڪلين. سنڌ يونيورسٽي ۾، 'سنڌي لغت آفيس' سان گڏ 'لوڪ ادب' جي مرڪزي آفيس قائم ڪئي وئي، ۽ ڪارڪن مقرر ڪيا ويا، تہ مقامي طور گڏ ڪيل، توڙي ٻاهران آيل مواد کي هدايتن موجب ورڇي ورهائي، پينسل صاف ڪري، چپائڻ لائق بنائين.

پهريان ٻہ سال، ۱۹۵۷ع ۽ ۱۹۵۸ع، لوڪ ادب جي مواد سهيڙڻ ۾ صرف ٿيا. انهيءَ عرصي ۾ تعلقيوار ڪارڪنن، ڪوئن مان گهربل ڪالهيون هٿ ڪيون، مرڪزي آفيس جي عملي چپيل ڪتابي ذخيري مان ضروري مواد آتاريو، ۽ بنده ڪوشش ڪري سنڌ جي هر پاڳي جو گشت ڪري سڃاڻ سگهڙن سان ڪچهريون ڪيون، ۽ عام سنڌي ادب جي هر پهلوءَ کي سمجهڻ ۽ ان جي خاص ذخيري کي قلمبند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. انهي سعيي ۽ همت، بلڪ جذبي ۽ محبت سان قدري ايترو مواد گڏ ٿيو، ۽ ٿي رهيو آهي جو ان جي آڌار تي عام سنڌي ادب جي هر پاڳي بابت، نموني طور هڪ ڪتاب مرتب ڪري سگهجي. ڪتابن جي تاليف جو سلسلو ٽئين سال ۱۹۵۹ع کان شروع ڪيو ويو آهي.

هت ٻه ڳالهيون واضح ڪرڻ ضروري آهن:

پهريون ته هن تجويز موجب، جملي سنڌي ٻوليءَ جي عام ادب جون اهي جملي جنسون، جيڪي هن وقت تائين ٻهراريءَ جي عوام ۾ عام مقبول ۽ مروج آهن، تن کي 'لوڪ ادب' جو ذخيرو تسليم ڪيو ويو آهي. انهيءَ ذخيري ۾ سنڌي ادب جون معياري جنسون پڻ شامل آهن، مثلاً: مداحون، مولود، ٽيهه اکريون، ڪافيون وغيره، مگر جيئن ته اهي هن وقت تائين ٻهراريءَ ۾ عام مقبول ۽ مشهور آهن، انهيءَ ڪري انهن کي پڻ 'لوڪ ادب' جي دائري ۾ شمار ڪيو ويو آهي. انهيءَ لحاظ سان، هن تجويز هيٺ گڏ ڪيل 'لوڪ ادب' کي بعينه 'فوڪ لور' (Folklore) جي مغربي مفهوم سان تعبير ڪرڻ صحيح نه ٿيندو. اسان جي ملڪ ۾ شهري زندگي اڃا ايتري وسعت يا خاص نوعيت اختيار نه ڪئي آهي، جو اها خواص جي زندگي ۽ تمدن جو يا 'معياري ادب' جو سرچشمو بنجي. سنڌي زندگيءَ جو مرڪزي دائرو اڃا تائين ڳوٺ آهي، ۽ انهيءَ ڪري سنڌي ادب جو وڏو ذخيرو اهوئي آهي جو عوام جي زندگيءَ جو آئينو آهي. انهيءَ ڪري هن مرحلي تي سنڌي ٻوليءَ جي 'لوڪ ادب' ۽ 'معياري ادب' جي وچ ۾ حد فاصل قائم ڪري نٿي سگهجي.

ٻيو ته هن تجويز ذريعي 'لوڪ ادب' جو سمورو مواد گڏ نه ٿي سگهيو آهي، ان کي سهيڙڻ لاءِ وڏي وقت ۽ ڪافي ذريعن جي ضرورت آهي. لوڪ ادب جو سڄو ذخيرو سربستو گڏ ڪرڻ ڄڻ اٿاهه سمنڊ سوجهي مڙني موتين ۽ ماڻڪن کي ميڙڻ برابر ٿيندو، جو ناممڪن آهي. البت جو ڪجهه گڏ ٿي سگهيو آهي سو لوڪ ادب جي هر جنس بابت مثالي مواد آهي. انهيءَ لحاظ سان هن تجويز هيٺ تاليف

ڪيل ڪتاب اميد تہ آئنده ڪوشش لاءِ نمايان نشان ۽ نيڪ فال ثابت ٿيندا.

'لوڪ ادب تجويز' جيتوڻيڪ بنده جي طرفان ٿي مگر ان جي عملي سربراهي توڙي تڪميل ۾ گهڻن ئي مخلصن جون ڪوششون شامل آهن. اول تہ 'سنڌي ادبي بورڊ' جي ميمبرن کي جس جڳائي جن هن تجويز کي سنہ ١٩٥٦ع ۾ منظور ڪيو. ان بعد گهربل مواد گڏ ڪرڻ ۽ صاف ڪرڻ، ترتيب ڏيڻ، ابتدائي مسودا توڙي پريس ڪاپيون تيار ڪرڻ، ۽ آخر ۾ ڪتابن ڇپائڻ ۾ ڪيترائي ساٿي ٻانهن ٻيلي ٿيا آهن. هن تجويز کي ڪامياب بنائڻ ۾ تعلقيوار ڪارڪنن، مرڪزي آفيس جي باهمت فردن، سنڌ جي سڄاڻ سگهڙن، توڙي انهن مڙني دوستن جو حصو آهي، جن بنده لاءِ سگهڙن کي ڳولي هٿ ڪرڻ ۽ ساڻن ڪچهرين ڪرڻ ۾ پنهنجي هڙان وڙان مدد ڪئي.

مجموعي طور سان هي ڪتاب 'لوڪ ادب' سلسلي جو **ٻارهون** ڪتاب آهي. ان جو بنيادي مواد جولاءِ ١٩٥٨ع تائين گڏ ٿيو، سڄي مواد کي چڪاسي، مختلف روايتن کي ڀيٽي، ترتيب ڏيئي، نومبر ١٩٦١ع ۾ ڪتاب جو مُسودو تيار ڪيو ويو، ۽ ڊسمبر ١٩٦٤ع ۾ مُسوده جي آخرين تصحيح ڪري، پريس ڪاپي شايع ٿيڻ لاءِ ڏني ويئي.

مرڪزي آفيس جي ٻين ڪارڪنن سان گڏ خاص طرح محترم محمد يوسف شيخ هن ڪتاب جي مواد کي اتاري، يڪجاءِ ڪرڻ، ڀيٽڻ ۽ دوباره صاف ڪري لکڻ ۾ تحسين جوڳو ڪم ڪيو. ڪتاب جي آخري سٽاءِ، ترتيب ۽ تاليف لاءِ بنده خود ذميوار آهي.

سنڌ يونيورسٽي
حيدرآباد سنڌ
١٠- آگسٽ ١٩٦٥ع

خادم العلم
نبي بخش

بابن جي فهرست

باب پهريون : سادیون پرولیون	...	۳
باب ٻيو : سادیون منظوم پرولیون	...	۱۸
باب ٽيون : ڪوڙهيون پرولیون	...	۳۱
باب چوٿون : ٻول - پرولیون	...	۵۶
باب پنجون : دستاب	...	۸۱
باب ڇهون : هيماريون ۽ ڪوڙها	...	۸۹
باب ستون : ڏٺ پرولیون	...	۱۲۶
باب اٺون : روايتي ڏٺون	...	۱۳۸
باب نائون : معمائون	...	۱۵۵
باب ڏهون : ٻولن واريون روايتي منظوم معمائون	...	۱۸۱
باب يارهون : گرو چيلو	...	۲۱۱
باب ٻارهون : سگهڙ پائي جا ٻول	...	۲۴۱
باب تيرهون : عاقلاڻا قول	...	۲۷۰

ام للانسان ما تمنیٰ ۰ فلله الآخرة اولیٰ

مقدمه

'پرولي' جي فن کي سنڌ وارن پنهنجي ذوق ۽ ذهانت سان اتي وڃي ڇڏيو آهي، جتي ٻئي ڪنهن ملڪ وارن جي پڄڻ جي جاءِ ڪانهي. ڀانئجي ٿو ته ڪنهن آڳاٽي سمي کان سنڌ ۾ پرولين جي پهه پچار شروع ٿي ۽ جيئن وقت گذرندو ويو تيئن نرن انوکن خيالن ۽ نڪتن جي اضافي سان پرولي جي بنيادي قالب مان نت نوان قسم نمودار ٿيا، جن کي موجوده اصطلاحن ۾ پروليون، ڏٺون، معمائون، ڳجهارتون وغيره سڏيو وڃي ٿو. انهن مڙني قسمن مان 'ڳجهارت'، فني لحاظ سان، نهايت ڳوڙهي ۽ معياري آهي: انهيءَ ڪري 'ڳجهارتن' کي هڪ جدا جلد ۾ مرتب ڪيو ويو آهي، جو هن سلسلي ۾ ٻيو ڪتاب آهي. هن پهرين جلد ۾ سنڌي پرولي جي باقي قسمن کي مرتب ڪيو ويو آهي، ۽ آساني خاطر هن جلد جو عنوان 'پروليون، ڏٺون، معمائون ۽ ٻول، قائم ڪيو ويو آهي، حالانڪ ان ۾ پرولين جا ٻيا قسم مثلاً، دُستاگ، هيماريون، ڳوڙها، گروچيلي جا سوال جواب، سگهڙ پائي جاٻول ۽ عاقلاڻا گفتا پڻ شامل آهن. معنوي لحاظ سان انهن مڙني قسمن جو مول 'پرولي' آهي.

پروليءَ جا تاريخي قدامت

پروليون قديم زماني کان وٺي دنيا جي اڪثر قومن ۽ قبيلن ۽ سندن ٻولين ۾ رائج رهيون آهن. آڳاٽن هندواسين ۽ چينين، رومين ۽ يونانين، عربن ۽ ايرانين توڙي پوءِ جي مشرق خواه مغرب جي متمدن قومن توڙي پسمانده گروهن ۾، پهاڪا ۽ چوڻيون، گيت ۽ پروليون سندن ذهني ارتقا ۽ سندن طبعي ظرافت جي ساک ڀرين ٿيون. مجموعي طور

سان پرولیون خصوصاً انسان۔ذات جي ذهانت ۽ ذڪاوَت، ظرافت ۽ فڪاهت جا آڪاڻا آثار ۽ نمايان نشان آهن. البتہ هر گروه پنهنجي ملڪ ۽ ماحول، پنهنجي طبعي معاشرتي لاڙن ۽ پنهنجي هوليءَ ۾ بيان جي وسعت مطابق 'پرولي' جي لفظي سٽاءَ ۽ معنوي نزاڪت جي آبياري ڪئي. يونانين جي آڪاڻي دور توڙي هندستان جي ويدن واري دور جون پرولیون اڪثر پر تڪلف آهن، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ اهي اڪثر ڪن ذهين شخصن عمداً ۽ ارادتاً جوڙيون. فارسيءَ جي 'لُغز' ۽ "چيستان' ۾ ساڳئي طرح تڪلف ۽ تصنع نمايان آهي. سنڌ جي علمي طبقن ۾ پڻ ڪنهن وقت فارسي جي 'چيستانن' جو ڪافي چرچو رهيو ۽ انهن ۾ سنڌ وارن جا طبع آزمائي ڪئي سا قابل تعريف آهي، مثلاً سنڌ جي ڪنهن فارسي۔دان سگهڙ جا 'پاپڙ' ۽ پاڻيءَ جي 'ڪُمّ' تي چيل هيٺيان 'چيستان' فني لحاظ سان ڪافي دلچسپ آهن:

پاپڙ: رنگش چون رنگِ زعفران بريان چون جانِ عاشقان
پا دارد و پر هم بدان جانانِ من گو چيست آن؟

ڪُمّ*: صاحبِ من بگو چه چيز است آن۔
مادرش در شکم پسرش بدُکان

بهرحال آڪاڻي وقت ڪان سنڌ جي علمي طبقن ۾ پارسيءَ جي چيستانن جو چرچو ايترو وڌيو جو انهن جو پڙلاءُ عوام جي ڪنن تي پڻ پيو، ۽ هو فقط ايترو سمجهي سگهيا تہ اهي پارسيءَ ۾ پرولیون آهن. انهيءَ مفهوم مطابق، عوام پرولیءَ کي 'پارسي'

---

* ڏنڊن ۽ تلائن ۾ آسرندڙ ڪوٽيي جي وَل (بہ قسم: 'مثال' توڙي 'ڪڙال') جي شاخن ۾ بج وارا گول گوڙها. 'ڪُمّ' جي پيٽ ۾ بج جنهن مان ڪُوٽي ۽ ڪم پيدا ٿيا، هر گل مان جو 'پاهوڙو' ٿيو سو دڪان تي وڪامي.

يا 'پاريسي' ۽ سڏڻ لڳا، جنهن جي تصديق 'شاهه جي رسالي' توڙي موجوده وقت جي هڪ عوامي شاعر جي شعر مان ٿئي ٿي ته:

"برو بگيرد بي، ڏين پارسيون پاڻ ۽"
(رسالو)

"مون پٽو ورتو آهي پاريسيءَ مان، نه ڏي ٽرين جئن ٽيڙها"
(حاصل فقير وسائي پوٽو)

'پارسي' يا 'پاريسي' جي انوکي نالي کان سواءِ ٻيو نالو 'هيماري' آهي جو لاڙ ۽ ٽر طرف رائج آهي،* مگر سڄي سنڌ ۽ عام مشهور ۽ مروج نالو 'پرولي' آهي جنهن کي ڀهراريءَ ۽ ڪن ماڻهن تي 'پيرولي' يا 'پيرهوڙي' ٻڌ ڪري اڇارين. 'پرولي' غالباً 'پروڙڻ' مان نڪتل آهي يعني اها انوکي سيڃاڻ جا پروڙڻ خاطر سڏيل هجي يا پروڙجي. هندي يا اردو ۽ ان جو مترادف 'پهچيلي' آهي، يعني اها انوکي سيڃاڻ جا پهچڻ پرورڻ خاطر سڏيل هجي. 'پرولي' جو نالو پارسي ۽ 'لنگوئز' ۽ "چيستان"، ۽ انگريزي ۽ 'رِڊِّل'' آهي. انهن هم-معنيٰ نالن مان ظاهر آهي ته 'پرولي' اکثر سڀني ديسن ۽ ٻولين ۽ عام آهي، مگر پرولي جي بنيادي تخيل مان جيڪي انهيءَ فن جا ٻيا نمونا نروار ٿيا، سي جدا جدا ديسن جي ماڻهن جي ذهانت ۽ ظرافت ۽ سندن ٻولين جي نفسياتي ڪيفيت ۽ منجهن بيان جي صلاحيت مطابق ڪن وٽ ٿورا ته ڪن وٽ گهڻا رائج ٿيا. مثلاً اردو ۽ 'پهچيلين' کان سواءِ ٻيو نمونو فقط 'ڪهه-مُڪرنيون' آهن، ۽ انگريزي ٻولي- جنهن يورپ جي ٻين زبانن مان پڻ پنهنجي سرمايي ۽ اضافو ڪيو آهي، ان ۽ ٻه فقط چار يا پنج قسم آهن. اهو سنڌ وارن جي ذهانت

---

*مقامي طور عموماً، عام 'پرولي' توڙي 'ڏ' کي 'هيماري' چون.

۽ ظرافت جو ڪمال ۽ سنڌي ھوليءَ جي بياني وسعت جو معجزو آھي، جو سنڌي ۾ خود 'پرولي' جي گوناگون نمونن کان سواءِ، ان ۾ ھن فن جا ٻيا قسم مثلاً، دستاڳ، ڏٺ، معما، ڪجھارت ۽ عقدن وارا سوال جواب ۽ قسمين قسمين عاقلاڻا ھول ۽ ڳڻتا موجود آھن. سنڌ جي ايراضي ۽ سنڌي ڳالھائيندڙن جي آدمشماري جي لحاظ سان، ھن فن جو مجموعي سرمايو جيترو سنڌي ھوليءَ ۾ آھي اوترو دنيا جي ڪنھن ٻيءَ ھوليءَ ۾ ملڻ مشڪل آھي.

اسان مٿي ڇڻي آيا آھيون تہ 'پرولي' ھن فن جي مڙني قسمن جو مول آھي، يعني تہ پھريون ڏاڪو يا بنيادي باب آھي. پرولي جي ھيئت ۽ قالب ۾ مختلف جزا سمايل آھن: فطرت جو مطالعو، ماحول جي ڄاڻ، شين جي واقفيت، ۽ نڪتن ۽ حوالن جي پروڙ پرولي جي پس منظر جا اھم اسباب آھن، تشبيھ ۽ استعارو پرولي جي جان آھن، ذھن جي تيزي، ظرافت جي چاشني ۽ بيان جي لطافت ان جي معنوي اثر جا ضامن آھن.

وندر ورونھ ۽ ريجھ رھاڻ خاطر پرولين عام طرح استعمال ٿين ٿيون، مگر ماضيءَ جي روايتن ۽ داستانن جي اھجاڻن مان معلوم ٿئي ٿو تہ عام تورِي خاص طبقي ۾ پرولين مختلف مرحلن تي مختلف مقصدن خاطر استعمال ڪيون ويون. سنڌ ۾ ڪجھن پيغامن موڪلڻ جو ھڪ ذريعو جو غالباً گھٽو آڪاڻي وقت کان استعمال ٿيو سو اھوئي ھو جنھن کي نسبتاً ٻوئين دور ۾ 'ڪنڌ' يا 'موڙي' سڏيو ويو: يعني تہ ھڪ طرفان ڪي شيون ڪنڌ ھڏي موڪلينداھئا جن کي آڏو ٻيءَ ڏر وارا پَھي پروڙي ان موجب عمل ڪندا ھئا. سنڌ جي حاڪم مرزا محمد باقي، اڪبر بادشاھ ڏي 'ھڏ' ھَڏي ڏياري موڪلي

هئي ته سنڌ ۾ ڌن دولت ڪانهي، ماڻهن جو گذر 'ٻڌ' تي آهي، ۽ انهيءَ ڪري بادشاهه کي سنڌ فتح ڪرڻ مان ڇا ورندو. اسان سان مرحوم الله ڏني فقير (ويٺل ڳوٺ جعفر خان لغاري تعلقو سنجهورو) خبر ڪئي ته: ٽيهه-چاليهه سال اڳ ڳنڍ ذريعي مجازي پيغامن موڪلڻ جو عام رواج هو. ڪي 'ڳوڙهيون ڳنڍيون' هونديون هيون ته ڄاڻو شخص کان وڃي 'ڳنڍ ڀڃائيندا' هئا يعني ته ان جو مطلب معلوم ڪندا هئا. الله ڏني فقير چيو ته، آءٌ پاڻ ڳنڍ ڀڃندو هوس. هڪ ڳنڍ ۾ 'اڳر جو ذرو، ڦودني جي ٽڪي' ٻڌل هئا، جنهن جو مطلب ته 'تنهنجي محبت ۾ منهنجي دل جلي اڳر ٿي ويئي آهي، ان جي ٽڪي يا علاج تنهنجي وس آهي.' هڪ "موڙي" ۾ وار ٻڌجي آيا، يعني ته "منهنجون چڳون توسان ٻڌل آهن."

اهڙيءَ طرح شين جي اهڃاڻن مان مطلب پروڙڻ آڳاٽي وقت کان وٺي ويندي هن وقت تائين رائج آهي. 'عمر مارئي' جي قصي جو هڪ اهڃاڻ آهي ته مارئي جڏهن موٽي وطن وئي تڏهن سندس مڱيندي کيت، هنداڻي جو ڳر ڪڍي خالي کوپو موڪليس جنهن مان مراد هئي ته تنهنجو ست سير ختم ٿي ويو ۽ خالي جسم آهين. مارئي اها مام پروڙي اتي جو اتي دم ڏنو. اهڃاڻن خاطر شين جو استعمال آسان به آهي، پر شين جي مطلب کي هڪ ته وهڃائڻ مشڪل آهي ۽ ٻيو ته 'شين' ذريعي سڀ مفهوم ادا ٿي نٿا سگهن؛ انهيءَ ڪري لفظن جي سٽاءَ سان پروليون ۽ معمائون انسان جي معاشري ۾ وڌيڪ آسانيءَ سان رائج ٿيون. بعضي زندگي ۾ ڪاميابي توڙي موت جو مدار پرولين ڀڃڻ تي هو. قديم ڪهاڻين ۾ اهڙا اهڃاڻ ملن ٿا ته بادشاهه وزير کي چيو ته جيڪڏهن هي پرولي نه ڀڳئي ته توکي مارائي ڇڏيندس؛ يا شهزاديءَ چيو ته جيڪو هي پرولي پروڙيندو تنهن سان

آڻ شادي ڪندیس. لاکي ڦلاڻي بابت مشهور آهي تہ چيو هئائين تہ ڪنهن بدبخت جيڪڏهن مونکي منهنجي پيءُ جي مرڻ جي خبر ڏني تہ سندس زبان ويڙائيندس. پوءِ هڪ سياڻي چارڻ پرولي‌ءَ طور وچي لاکي اڳيان چيو تہ:

هڪڙا ڦل پسجن واڙئين، پيا جي ٻئين ڏاڇ،
لاکا آڻ مهراڻ، تہ ري‌ءَ سڄو ڪاڇڙو.

يعني تہ هاڻي (گل) هڪڙا وڃي ولين ۽ رهيا آهن ۽ پيا (ڦلا) ٻئين ۽ (۽ پيو ڦل ڪونہ بچيو آهي). لاکي اهو ٻڌي چيو تہ: تڏهن منهنجو پيءُ ڦل گذاري ويو! چارڻ ورندي ڏني تہ: سائين، اهو تہ چيو، مون نہ چيو. ان تي لاکي ميڻ جي زبان ٺهرائي پنهنجي زبان تي رکي اها وڌي، انهي‌ءَ لاءِ تہ وچن پورو ٿئي. 'مومل راڻي جي داستان' ۾ مشهور آهي تہ بادشاهہ همير سومري راڻي ميندري کي چيو تہ: "ڪنهن پر چنّي‌ءَ آيو چير، چني‌ءَ آيو چير؟" جيڪڏهن اها پرولي نہ سليندين تہ توکي سڄي حياتي قيد ۾ ڪاڻي پوندي. راڻي پوءِ اها پرولي پنهنجي پٽ جي مدد سان، جا همير سومري جي گهر ۾ هئي، پڇي تہ:

'راجا سيڪي رس کي، ٻالڪ منگي کير،
ستان اِن پر چنّي‌ءَ آيو چير...'

'ليلان-چنيسر' جي داستان ۾، 'چنيسر ليلان سان ڪيئن رڻو؟' اهو اهڃاڻ بذات خود پوين لاءِ هڪ پرولي بنجي ويو (۱).

اهڙن مشڪل مرحلن کان سواءِ ساڻ واريون پرولیون، سلوڪ ۽ رهاڻ خاطر ٻہ دانائن، درويشن ۽ سگهڙن جي وچ ۾ هليون. مثلاً ميين عبدالرحيم گرهوڑي ڏي ڪنهن

(۱) ڏسو لوڪ ادب سلسلي جو ڪتاب نمبر ۳۱، جنهن ۾ 'ليلان چنيسر' جي داستان جي هڪ روايت جو بنياد انهيءَ پرولي‌ءَ تي رکيل آهي.

چوائي موڪليو ته: ”جو مڙني موچارو، سو آهي ڪڄاڙو؟“ گرهوڙي صاحب جواب ڏنو ته: ”هڪڙي صحت سرير جي، ٻيو پرين جو پاڙو“. پرولين جو هڪ قسم ’حساب‘ آهي جنهن جو ٻهراريءَ جي سگهڙن وٽ ڪجهه وقت اڳ ڪافي چرچو هو. اهي ڄڻ زباني حساب آهن جن جي ڀڃڻ ۾ ڪافي ذهن ۽ ذڪاوت جي ضرورت پوي ٿي. هن وقت سنڌ جي سگهڙن ۾ جيڪي ’حساب‘ ڏين ۽ ڀڃن ٿا، تن ۾ سگهڙ ميرمحمد لغاري (عمر ٩٥ سال) ويٺل ’پانڌي واهي‘، تعلقو جوهي، وڏو ڄاڻو آهي. سندس پنهنجا ٺاهيل ’حساب‘ ٻڌي حيرت ٿئي ٿي ته ڪيئن هڪ اڻ پڙهيل سگهڙ اهڙا ڳوڙها حساب جوڙي سگهي ٿو. بس پڙهيلن کي شهه آهي.

مختلف صنفن بابت مختصر اشارا

پرولي بابت مٿئين مختصر ۽ اصولي بحث بعد، هن ڪتاب ۾ ڏنل پرولين ۽ پرولي جي ٻين ارتقائي قسمن بابت ڪي خاص ٽاٽا ۽ اهڃاڻ هيٺ ڏجن ٿا. هرهڪ ’صنف‘ بابت مختصر ۽ مفيد سمجهاڻي هر باب جي شروع ۾ ڏني ويئي آهي.

پروليون. پهريان چار باب (ص ص ١-٨٠) پرولين تي مشتمل آهن، جن ۾ لفظي ۽ معنوي سٽاءَ جي لحاظ سان ’ساديون پروليون‘، ’ساديون منظوم پروليون‘، ’ڳوڙهيون پروليون‘ ۽ ’ٻول پروليون‘ ورڇيون ويون آهن. ٽئين باب هيٺ ڏنل ’ڳوڙهين پرولين‘ جي مطالعي مان معلوم ٿيندو ته سالڪن ۽ سگهڙن ڪيئن ڪن عام شين کي بيان توڙي معنيٰ جي پيچيده پردن ۾ پوشيده ڪيو آهي. انهن مان ڪي پروليون ڄڻ ’معمائن‘ سان مشابهت رکن ٿيون جن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته ڪيئن ’پرولي‘ پنهنجي مخصوص منظوم ۽ معنوي سٽاء سان ’معما‘ جو روپ اختيار ڪري ٿي.

دُستاگ. سنڌ جي ڏکڻ-الهندين کوهستاني علائقي ۾ خاص قسم جون منظوم پرولیون 'دستاگ' جي نالي سان رائج آهن: انهن پرولين جي سڃاڻ جو مدار استعاري ۽ تشبيهه تي آهي. 'ڏيٽي' جي لحاظ سان هن صنف واريون پرولیون کافي دلچسپ آهن "اهجاڻ ۽ انکار" واري مسلسل سڃاڻ ۾ سموهيل آهن. پيٽ مان معلوم ٿيندو ته 'ڪَهه مُڪرنيون' 'سنڌي دستاگ' جي پيٽ ۾ بالکل ابتدائي مرحلي واري حيثيت رکن ٿيون.

هيماريون ۽ ڪوڙها. هي ٽرپارکر واري اراضي جون مخصوص پرولیون آهن، ۽ اکثر ٿري ۽ ڏاڪي محاوري ۾ رچيل آهن. 'ڪوڙها' (اصل تلفظ 'گوڙها') غالباً راجستاني هولين ذريعي ٿر ۾ رائج ٿيا، مگر 'هيماريون' خاص سنڌ جي پيداوار آهن ۽ سنڌي هوليءَ ۾ ٻڌ لاڙ (حيدرآباد جي ڏاکڻي پاڳي)، مهراڻي (عمر ڪوٽ ۽ سامارو) توڙي ٽرپارکر ۾ رائج آهن.

ڏڻون يا ڏٽ پرولیون. کا وٽ، کا سڃاڻ يا کو واقعو ڏسي هنرمنديءَ سان نظم ۾ آن جا اهجاڻ ڏيئي 'پرولي' راس ڪجي ته اهڙي پرولي کي 'ڏِٽ' يا 'ڏٽ پرولي' چئبو. جيڪڏهن شيءِ هڪ آهي ۽ ان جي اهجاڻن کي رمز سان بيان ڪيو ويو آهي، تہ اها نسبتاً عام فهم 'ڏٽ' يا 'ڏٽ پرولي' چئبي. اهڙيون عام‌فهم 'ڏڻون' يا 'ڏٽ پرولیون' 'باب ستين' هيٺ ڏنيون ويون آهن. پراندازاً سؤ ۾ سؤ سال کن يا اڃان ٻه اڍائي سنڌ جي سگهڙن 'ڏڻن' جي ڏي وٺ کي پنهنجي رهاڻ ذريعي کافي فروغ ڏنو ۽ اکين سان ڏٺل شين يا واقعن کان وک وڌائي، خيالي واقعا تصور ۾ رکي ڏڻون جوڙيائون، جي پوين سگهڙن جي صدري روايتن ذريعي محفوظ رهيون ۽ اڃان تائين رائج آهن. انهن کي 'روايتي ڏڻون' جي عنوان سان 'باب اڻين' هيٺ مرتب ڪيو ويو آهي.

معمائون. 'معما' معنيٰ مخفي راز يا رمز. سنڌ ۾ اهو لفظ 'مام' جي عام اچار سان، ڪجهي اشاري يا ڪجهارت جي معنيٰ ۾ آکاڻي وقت کان رائج آهي. يارهين صدي هجري جي آخر ۾ شيخ لطف‌الله قادري جي چيل هڪ بيت جي سٽ آهي ته:

"برين پاڻهي ڏني بانهجي، کا لوکان ڪجهي مام".

'معما' يا 'مام' ڪوڙهي پرولي جو اعليٰ نمونو آهي. سٽاء جي لحاظ سان 'ڏٽ پرولي' ۽ معما ۾ هيءَ فرق آهي جو 'ڏٽ پرولي' اڪثر ڪنهن ڏنل شيءِ يا واقعي بابت هوندي آهي پر 'معما' ڏنل کان سواءِ ڪنهن به اڻڏنل شيءِ يا سئل ٻُڌل ڳالهه يا مذڪور بابت به ٿي سگهي ٿي. ڏٽ پرولي ۾ اڪثر هڪ شيءِ جو بيان هوندو آهي ۽ جيڪڏهن هڪ کان زيادهه شيون هونديون ته به بيان جي سٽاء سادي ۽ سولي هوندي. ان جي برعڪس 'معما' ڪنهن هڪ شيءِ بابت به زياده تفصيل ۽ وڌيڪ مبهم اشارن سان سٽيل هوندي. انهيءَ لحاظ سان سولي 'معما' ڏٽ جهڙي ته 'ڪوڙهي ڏٽ'، معما جهڙي لڳندي. ان جا مثال 'چَڪيءَ' تي چيل سگهڙ ٻُڌهي جي ڏٽ (ص ۱۲۸) ۽ ساڳي 'چَڪيءَ' تي چيل سگهڙ لاڙڪ جي معما (ص ۱۶۱)، يا رهٽي تي چيل چَتهي سؤنهار جي ڏٽ (ص ۱۳۰) ۽ رهٽي تي چيل سگهڙ طاهر جي 'معما' (ص ۱۶۷) سان ظاهر آهن. 'ڏٽ' ۽ 'معما' ۾ ٻيو خاص فرق هي آهي ته 'ڏٽ' ۾ اڪثر ڪنهن هڪ شيءِ جي ٽورن اهڃاڻن جو بيان هوندو، پر معما ۾ يا ته هڪ شيءِ جي گهٽن اهڃاڻن جو تفصيلي بيان هوندو يا اڪثر هڪ کان وڌيڪ شين جو مذڪور هوندو. ڪي 'معمائون' پنهنجي انوکيءَ سٽاء سان ڇڻ 'ڏور' واري حيثيت رکن ٿيون، مثلاً:

مومل تڏهن ميلي، جڏهن راڻو ڏسن راڄ

جڏهن ڏسن سونهن سوڍي جي، تڏهن ڪامل ڪن ڪاڄ
پوءِ خوشيون ڪن ڪاڄ، مهل انهيءَ ميهار چئي.
(سومل=عيد، راڻو، سوڍو=چنڊ)

—

عرشؤن آڻيون الله جون، لٿيون پنج ويهون ڏهه چار
ٻين سڀني کي مهارون، آهي هڪڙي بي مَهار
سالڪ ڪر سار، ته ويئي ڪهڙي وڳ سان؟

(قرآن شريف جون ١١٤ سورتون، جن مان ١١٣
بسم الله سان شروع ٿين، پر هڪ 'سورهٔ توبه'
آڏو 'بسم الله' نه آهي.)

هن جلد ۾ عام معمائون 'باب نائين' هيٺ ڏنيون ويون آهن، ۽ خاص ٻولن واريون معمائون 'باب ڏهين' هيٺ مرتب ڪيون ويون آهن جن بابت صفحي ١٨١ تي مختصر طور روشني وڌي وئي آهي.

'گرو چيلو' يا 'گرو چيلي جا سوال جواب'. "هٽ يوگي" يا "جوڳي پنٿ" طبقي جا فقير آڳاٽي وقت کان (اندازاً چوڏهين يا پندرهين صدي عيسوي) سنڌ ۾ آيا ۽ لسٻيلي ۾ هنگلاج کي پنهنجو تڪيو ۽ تيرٿ بنايائون. جوڳي پنٿ جو باني مباني بابا مڇندرناٿ چيو وڃي ٿو جو آسام جو رهاڪو هو، پر بابا مڇندرناٿ جي چيلي گورکناٿ 'جوڳي پنٿ' کي وڌيڪ فروغ ڏنو. سنڌ ۾ 'گرو ۽ چيلي' جو تخيل 'جوڳي پنٿ' جي فقيرن جي آمدورفت سان رائج ٿيو. چيلو، گرو جي صحبت ۾ رهي تعليم حاصل ڪندو هو، ۽ گرو سوالن ذريعي ڄڻ چيلي جو امتحان وٺندو هو: انهيءَ تخيل مطابق جوڳي پنٿ جي فقيرن جي روايتن ذريعي گروءَ جا چيلي کان پڇيل ڪي سوال سنڌ جي درويشن جي صحبتن ۾ رائج ٿيا، جن کان متاثر ٿي سنڌ جي سگهڙن پنهنجي رس رهاڻ خاطر

گرو چيلي جا سوال جواب جوڙيا. گرو چيلي جي سوالن جوابن جو اصل موضوع غالباً 'جوڳ گيان' هو، پر سنڌ جي سگهڙن پنهنجي طرفان انهيءَ نوع تي جوڙيل سوالن جوابن کي ذهانت ۽ ظرافت خاطر استعمال ڪيو، ۽ انهيءَ رس رهاڻ کي 'گرو چيلو' سڏيائون. اها ڪچهري سگهڙن وٽ اڄا تائين هلندڙ آهي ۽ رمضان وادي، چاڪرخان ۽ لعل خان لغاري (جو هن وقت زنده آهي) جا انهيءَ نهج ۽ نمونی تي چيل بند (ص ص ۲۲۹-۲۴۰) ان تي شاهد آهن.

سگهڙپائي جا هول ۽ عاقلاڻا قول. 'سنڌي هوليءَ' ۽ سهٽن هولن ۽ قولن جو ڪاڦو ئي ڪونهي، پر هن جلد جي موضوع جو تعلق اهڙن هولن ۽ قولن سان آهي جن ۾ هروليواري رمز سمايل هجي. اهڙيءَ رمز وارا هول ۽ قول بہ انيڪ آهن، پر هن جلد جي لحاظ سان خصوصاً آهي چونڊيا ويا آهن جي سگهڙن جي رس رهاڻ ۾ عام مروج آهن ۽انهيءَ ڪري لوڪ ادب جي دائري ۾ شامل آهن. 'باب هارهين' هيٺ سگهڙپائي جا آهي هول ڏنا ويا آهن جي سوال جواب واري سٽاءَ ۾ سمايل آهن. ماڻهن جا لڇڻ ۽ ارڪان يا شين جون خوبيون ۽ خاميون انهن هولن جو خاص موضوع آهن، جن ۾ سنڌي معاشري ۽ تهذيب جي معيار جا ٽاڻا ۽ آهڃاڻ نمايان طور نظر اچن ٿا.

'باب تيرهين' هيٺ 'عاقلاڻا قول' ڏنا ويا آهن جن ۾ سالڪن ۽ سگهڙن پنهنجي سمجهه ۽ ڄاڻ مطابق نصيحت آميز نڪتا نروار ڪيا آهن، جن ۾ دانائي توڙي ظرافت سمايل آهي. هن جلد جي موضوع جي لحاظ سان خاص اهڙا قول چونڊيا ويا آهن جن ۾ 'پروليواري سٽاءَ سمايل آهي. مثلاً، پٽلن جا پار ڪهڙا؟ ڇا تي پروسو نہ ڪجي؟ ڪهڙو ڪهڙي ڳٽن سان سونهي؟

مواد ۽ آن جي ترتيب

سواءِ 'ڪجهارت' جي، پرولي۽ جون ٻيون مڙيئي مکيہ صنفون هن جلد ۾ شامل ڪيون ويون آهن، ۽ انهن جي انفرادي خصوصيت ۽ موضوع جي لحاظ سان انهن کي تيرهن باين هيٺ سلسليوار مرتب ڪيو ويو آهي. هرهڪ باب جي آڏو مهاڳ طور هر صنف بابت مختصر سمجهاڻي ڏني وئي آهي، انهيءَ لاءِ تہ پڙهندڙ کي ان صنف جي ماهيت کي سمجهڻ ۾ آساني ٿئي.

هن جلد جو مواد سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ڪافي ڪشالي سان گڏ ڪيو ويو ۽ مختلف صنفن جون اندازاً ڇهہ هزار ڪن روايتون مليون جن کي پيٽي زياده عام مقبول ۽ معياري روايتون هن جلد ۾ شامل ڪيون ويون، جن جو عدد ۱۳۰۵ آهي. پرولي۽ جي مختلف قسمن جي ايڏي ذخيري کي سهڻي نموني سان سموهي سلسليوار مرتب ڪرڻ هڪ مشڪل مسئلو هو جنهن کي ڪافي محنت سان موجوده ترتيب ذريعي قدري حل ڪيو ويو آهي. ضخامت ۾ نسبتاً هن ننڍي جلد کي مرتب ڪرڻ ۾ لوڪ ادب سلسلي جي ٻين گهڻن ڪتابن کان وڌيڪ وقت لڳو، پر هي۽ محنت اميد تہ آئيندہ تحقيق لاءِ راهہ روشن ڪري سجائي ثابت ٿيندي.

ن. ب.

متن

باب پهريون

ساديون پروليون

[هن باب هيٺ اهي ساديون ٻاراڻيون پروليون شامل آهن جن جي 'ڏيڻي' اڪثر ننڍن جملن يا ننڍن موزون فقرن تي مبني آهي ۽ 'ڀڃڻي' ۾ اهي شيون آهن جي گهرو ماحول يا روزمره جي زندگي سان تعلق رکن ٿيون ۽ جن جي ٻارڙن کي گهڻو ڪري پوري پروڙ آهي.]

آر (جيت)

١. هيڏڙي، تِر جيڏڙي، وڻن ۾ ٿي واڪا ڪري.

آسمان ۽ تارا

٢. باغ ٽڙيو پيو آهي، پر مهيڙي ڪونه.

آڱريون

٣. ويهن جو سر لٿو، نڪي مٺا، نڪي رت وهيو.

آئينو

٤. اونڌو ته هڪ، سنئون ته ٻَه.

٥. هو منهنجي هٿ ۾، آءٌ اَن جي پيٽ ۾.

٦. تون ڏس مون ڏي، ته مان ڏسان توڏي.

آٺ جو پير

٧. برپٽ ۾ لولو پيو آهي.

اخبار

٨. گهر ويٺي گهوٽ، خبرون ڏئي پرديس جون.

---

١. ٻي روايت: هيڏڙي، پَٻڻيءَ جيڏڙي، جهنگل ۾ ٿي ريهون ڪري.

آرٽي

۹. سُڪو ڍنگهر آنا لاهي.

اڪ

۱۰. پيٺي پاڻي، ڏئي کير.

آڪ جا پن

۱۱. رڻ پٽ ۾ ڊڳڙ ڊوڙ.

اڳٺ

۱۲. سوڙهي گهٽيءَ ۾ نانگ.

۱۳. ٻن ٻرن ۾ هڪڙو نانگ.

انب

۱۴. هيڏڙو پٺاڻ، جنهن کي پيٽ ۾ ڏاڙهي.

۱۵. پيلو ويس، ڪاري ٽوپي، تنهن کي ٿو چُمين!

باهه

۱۶. گهر گهر ۾ ڳاڙهي ڪنوار.

۱۷. ڳاڙهي ڳاڙهي ڳئون، ڳاٽ واريو ٿي ڪاٺ چري.

باهه ۽ دونهون

۱۸. ڳاڙهي ماءُ، ڪارو پُٽ.

۱۹. ماءُ کان پٽ وڏو.

۲۰. ماءُ ڄائي ناهي، پُٽ ڪوٺا ٿو ٽپي.

بصر

۲۱. مٺ جيڏو مڙس، گوڏي جيڏي ڏاڙهي.

۲۲. هيڏڙو پٺاڻ، سڄي گهر کي روئاڙي.

۲۳. وڍين به پاڻ، روئين به پاڻ.

بندوق

۲۴. ڪاري ڪُتي، ڏورانهون ڏاڙهي.

بندوق ۽ ڇيرو

٢٥. ڍِڪي ڳئون، ڀَڄي گابو.
٢٦. رِنگي آٽِ، ماري گونرو.

بيضو، آنو

٢٧. اڇو اڇو کير جهڙو، جنهن کي دري نہ دروازو.
٢٨. آڇو قبو پِير جو، جنهن کي دري نہ دروازو.
٢٩. اڇو ڪوٽ عمر جو، جنهن کي دري نہ دروازو.
٣٠. هڪ رنگي شيشي، ٻہ رنگو پاڻي.
٣١. ٻاهران سُڪو، اندران آلو.

ٻهارو

٣٢. گهر گهر ۾ لُڌڙو ليٽي.
٣٣. گهر گهر ۾ اچي وڃي.
٣٤. در در تي دُنبو ليٽي.
٣٥. مُٺ جيڏو مڙس، ڇڄ جيڏي ڏاڙهي.

ٻير (وڻ)

٣٦. ڄڻي بہ ماءُ، مارجي بہ ماءُ.
٣٧. ٻَچن سامائي، ماءُ مار کائي.
٣٨. ماءُ ڪُٽجي، پُٽ بازار گهمن.

ٻير ۽ ڪنڊو

٣٩. هٿ لايان لال کي تہ ڏِنگو پيو ڏَنگ ماري.

ٻيڙي يا نانگ

٤٠. هلي هلي، پير نہ لَڀي.

ٻِيڙي

٤١. جيئن ڇڪ، تيئن ڇوٽِي.

---

٣١. ٻي روايت: منجهہ سائو، ٻاهر سُڪو.
٣٩. ٻي روايت: هٿ لايان لال کي تہ ڏَٻو پيو ڏنگ هڻي.

ڀنڀوري

۴۲. ڇوٽي، ڦِرموٽي، پَر نہ لڳيس ڀيٽ سان.

ٽماڪ

۴۳. ٿُڙ ٿُڪون جهلي، پن پئسا ڪري.

ٽئو

۴۴. ڪارو گڏهہ، اڇا آٿر لاهي.

ٿرَ ڪُنڀو

۴۵. ڌؤنرو ڌُڪو ڌوڙ ۾، مٿي ٿنڀارو.

ٿوڻي

۴۶. ڌُوڙ ڌَٻا، سَيَهڙ ٻہ ڪَن.

ٽيٽهر

۴۷. ننڊ ڦٽل نينگري، رڻ ۾ رات رهي.

ٽڦڻي

۴۸. گهر گهر ۾ بُولي مائي.

ٽوپي

۴۹. اونڌي وَٽي انگهہ ۾.

۵۰. سنئين تہ سکڻي، اونڌي تہ ڀريل.

ٽوهہ جي ول

۵۱. رڻ پٽ ۾ روجهہ ويائي.

ٺهڪڻ (نار جي)

۵۲. چور نہ مونکي، تہ ڪُٽيان نہ توکي.

۵۳. هڪ ٽنگيو همراہ، چوڏهن کي چماٽون هڻي.

---

۴۵. ٿر جو ڪُنڀ (جو ڪنڀيءَ کان وڏو ٿئي).

۴۶. يعني ڌوڙ ۾ دٻيل آهي ۽ سهي وانگر ٻہ ڪن اٿس.

پاڇو

٥٤. سڀڪنهن ساڻ.
٥٥. هَڻ هَڻ ته وڍجي ئي نه.
٥٦. نه پُورجي، نه وڍجي.
٥٧. کٽان ته کڄي نه، توريان ته تولوئي نه ٿئي.
٥٨. ڏينهن چڙهي ته ننڍو، ڏينهن لهي ته وڏو.
٥٩. هل ته هلي، بيهه ته بيهي رهي.
٦٠. گهُمي هڪ، لڳن ٻه.

پٽن جي تاس

٦١. هڪ محلي ۾ چار گهر، گهر گهر ۾ تيرهن ڀاتي.

پٽڪو

٦٢. گهر گهر ۾ آنڊن ويڙهيي.

پُڇ

٦٣. پاڙ مٿي، سنگ هيٺ.

پخال، ساندارو

٦٤. مئو جانور پٺن پويان.

پَرُڻ

٦٥. کائي به، ڏڪي به، ڪڍي به.

پڪو (ڪرڙ جو)

٦٦. رتو دٻو رنگ ڀريو، بيٺو لوڏا کائي.
٦٧. ڳُڙ کائيي، ڳوٿري ڦٽي ڪر.

پيٽ

٦٨. گرانٽ جيڏو گُندڙو، خرار کپائي.

---

٦١. چار رنگ، هر رنگ ۾ ١٣ پتا.

پيرون

٦٩. ماس مِٺو، پر هَڏي ڪوڙي.

پينگهه، پينگهو

٧٠. ڌِڪو ڏيان ته وري وري اچي.
٧١. مان ڌِڪ ڌِڪ، تون وَرِ وَرِ.

جُتي

٧٢. انڌي ڪُتِي لوڙها لتاڙي.
٧٣. هلي ته ڍُڪِي، وِهي ته ڦَنڊِي.

جنڊ

٧٤. گهر گهر ۾ رِڍَ رڙِي.
٧٥. گهر گهر ۾ گهُرڪِڻو.
٧٦. اوڳاري به، ڊُڪِي به.
٧٧. کائي وات کان، اوڳاري چيلهه کان.
٧٨. هڪ سڱي ٻڪري، اوڳاڙي واڙ ڀري.
٧٩. بَري ٻڪري بادشاهه جي، اوڳاري ڀاڻو ڀري.

جونْء

٨٠. هيڏڙي، تِر جيڏڙي، وڏن جا پٽڪا لاهي.

چانور

٨١. گهر گهر ۾ ٺوڙها نچن.

چانئٺ

٨٢. گهر گهر اڳيان مُئو مُردو.

چلم يا حقو

٨٣. هيٺان دُنگ درياءِ، مٿان پوک سڙي.

---

٨١. ٻي روايت: در ڏي ته ٺوڙها نچن.

۸۴. درياءَ ۾ دُهل وڃن، ماڙيءَ ۾ مچ هري.
۸۵. ٻاهر لڳي مٽي کي، دانهون ڪن پير.

چلهه ۽ مارنگ

۸۶. گهر گهر ۾ تي-ٽٽي.

چنڊ ۽ تارا

۸۷. اڌ مانيءَ جو، ٻيا سڀ ڏونرا.
۸۸. ڪين مانيءَ جو، ٻاٽ ڳٽرن جي.

چوپڙ

۸۹. هڪ وڻ ۾ چار ٽاريون، ٽاري ٽاري ۾ چار ميوا.

چانهين، هنڌاڻو

۹۰. رڻ پٽ ۾ ميڙو سَٽ.
۹۱. سائي پاٽ، ڳاڙهو پَٽ.

دروازو

۹۲. ڪاٺ جو گهوڙو، لوهه جو لغام.
۹۳. هڪ جوان، ٻَه پَر.

درياءَ

۹۴. هنڌ وڃايو ٻيو آهي، سمهڻ وارو ڪونهي.

دونهون

۹۵. هٽ نڪو پير، سَمن ماڙيءَ چڙهيو.

ڏاڙو

۹۶. گهر گهر ۾ ڪُٻڙو (ڊُونڊو) چور.
۹۷. گهر گهر ۾ ڏِنگو ڪايو.

ڏاڙهون

۹۸. هڪڙي سُٽ ۾ هزار داڻا.

---

۸۴. بي روايت: هيڏان دهل وڃن، مٿان ماڙي سڙي.

ڏند

٩٩. آڇا چيڙ آڏ ۾ هاريل.
١٠٠. اڇا گهيٽا تَند ۾ ٻڌا پيا آهن.
١٠١. اچن يہ سُورن سان، وڃن يہ سُورن سان.

ڏند ۽ زبان

١٠٢. ٻٽيهن ماڻڪن تي بلبل نچي.

ڏندن ڀڳل وات

١٠٣. ٿوڻيون ٿنڀ نڪري ويا، مَنَهن سلامت رهجي ويو.

ڏوئي

١٠٤. کائي ٻوڙ پلاءَ، پر سدائين ڏٻري.

ڏيڏري

١٠٥. ڊيل ويائي ڍوريءَ ۾، جنهن کي ٻاهٺ ٻچا.

ڏِيو

١٠٦. ڌڙ مِٽيءَ جو، سِسي ڪپه جي.
١٠٧. ڍنڍ سُڪي، ٽِيٽو مئو.

رات

١٠٨. شام جو اچي، صبح سان غائب.

رات، ڏينهن ۽ تارا

١٠٩. ماءُ ميڙي گڏ ڪري، پيءُ اچي تہ هڪ نہ بچي.

رپيو

١١٠. اڇو اڇو، نُنْهَن تي نچي.
١١١. اڇو اڇو ريوڙو، ديسئون ديس گهمي.
١١٢. اڇو اڇو کير جان، پوڄانْس پِير جان، ٻَڌانس چور جان.

---

١٠٠. گڊا = گهيٽا.

رنبو يا ڏوئي

١١٣. کائي کائڻي پر نہ ڍاپي.

ريل گاڏي

١١٤. هڪڙي ماءُ، سوين ٻار، ڪڇ تي کنيو ٿي وڃي.
١١٥. ڪالي ڪالي، ٻچان والي، ڪُوڪان ڪندي وتي.
١١٦. ڪاري بلا ڪيٺ جهڙي، جيڪا ڏُڀي نہ ڪُسهي،
١١٧. ڪاري مينهن قنڌار جي نہ ڏهڻ جي نہ ڪُهڻ جي.

زبان

١١٨. واڙي ۾ ٿي ڀؤر ڪُڏي.
١١٩. وچ درياء ۾ وهڙي ڪڏي.
١٢٠. ڪَچ ڪوڏين جي مسيت ۾، بلبل بيٺي نچي.

سال

١٢١. ٻَڪر هڪڙو، کُرَ ٻارهن.

ساهمي

١٢٢. هڪ ڪاٺ، ٻہ لوهہ، نَوَ نوڙيون.

سج ۽ تارا

١٢٣. ڌڻ آهي تہ ڌنار ڪونهي-ڌنار آهي تہ ڌڻ ڪونهي.
١٢٤. هئا هزارين هزار، پر هڪڙي آئي هَپجي ويا.
١٢٥. ٻارن پيءُ ڏٺو تہ سڀ مري ويا.

سج ۽ چنڊ

١٢٦. هليا آهن تَہ بيٺا نہ آهن.

سُرميداڻي

١٢٧. ٽِپڻ ۾ ٽُنگ، چيلهہ ۾ چار ٽنگون.
١٢٨. چار پير زمين تي، هڪڙي اک آسمان ۾.

سَوَڙ

۱۲۹. گهر گهر ۾ ماسي مِٽِر.

سوڙ يا واڙ

۱۳۰. رات جو ڍُڪي، ڏينهن جو ڦَنڊي.

سُوئو

۱۳۱. هيڏڙو پٺاڻ، جنهن کي پٺ ۾ لغام.

سُئي ۽ ڌاڳو

۱۳۲. پاڻ ٽي آگر، پُڇ ٽي پُرهه.

۱۳۳. پاڻ ننڍڙي پڇ ڊگهو.

قطب تارو

۱۳۴. اَڀريو آهي ته لٿو ڪونهي.

۱۳۵. ٿيو آهي ته چُريو ناهي.

ڪُتر جي مشين

۱۳۶. پويان کائي، اڳيان ڪڍي.

ڪپهه پڃڻ

۱۳۷. نر نڪري ويو، ماديءَ تي پئي مار.

ڪرڙ جي پُسي

۱۳۸. رڻ پٽ ۾ ريٽو ٽنگيو پيو آهي.

ڪڙو

۱۳۹. در در تي ڍينگ نچي.

ڪُڪڙ

۱۴۰. اول ڪُٽهي پاسا، پوءِ ڪري ٻرڙاٽ.

---

۱۳۰. سوڙ (هنڌ جي) ۽ واڙ (مال جي).

۱۴۰. ٻي روايت: اڳ ۾ ڪري ٿڦڙاٽ، پوءِ ڪري ٻرڙاٽ.

ڪڪڙ ۽ بيضو

١٤١. ماءُ ڦَنڊي، پُٽ ڍُڪو.

ڪلف

١٤٢. گهر گهر ۾ ننڍڙو سپاهي.

ڪلف ۽ ڪنجي

١٤٣. مڙس ٽنگيو پيو آهي، زال پئي گهمي.
١٤٤. پُٽ ٽنگيو پيو آهي، ماءُ وئي شهر گهمڻ.

ڪنجي

١٤٥. مڙس ڦاسائي، پاڻ هلي.

ڪوڏر

١٤٦. زمين تي وهڙي نچي.

ڪؤنرو

١٤٧. گهر گهر ۾ ڪالُو ڪُٻو.

ڪهاڙي

١٤٨. هيڏڙي، هٿ جيڏڙي، وڻن ۾ واڪا ڪري.

ڪڏ

١٤٩. جيئن ڪڍينس، تيئن وڏي.

ڪڙ ڪٻيتو

١٥٠. هيڏڙو پٺاڻ، جنهن جي پٺيان باهه.

ڪڪر

١٥١. سُتي ته ڪُتي، جاڳي نه جِنُ.

ڪنڀي

١٥٢. برپٽ ۾ آڇو قبو.
١٥٣. جوان ته مٿو اڇو، ڪُراڙي ته مٿو ڪارو.

کوهه ۾ رسو

۱۵۴. پُڇ مڙس جي وات ۾، تاڻڻ وارو تُون.

کينهون

۱۵۵. هٿان هيٺ، وڃي مٿي.

گاهه

۱۵۶. رڻ پٽ ۾ سائي چادر.

گُندِي

۱۵۷. گهر گهر ۾ مِٽير مائي.

گوگڙُو

۱۵۸ ڳاڙهي گِڊِيُ، سائي ٽوپي.

گهوڙي (سِيوِين ٺاهڻ جي)

۱۵۹. هڪ ٿڻي ٻڪري، اوڳاري تڏا ڀري.

۱۶۰. هيڏانهن کائي، هوڏانهن ڪڍي.

لٺ

۱۶۱. پاڻ انڌي، ٻين کي واٽ ڏيکاري.

لوٽيون (نار يا هرلي ۾)

۱۶۲. اچن کلنديون، وڃن رئنديون.

۱۶۳. هڪ جيڏيون هڪ سرتيون، گهمن هڪ بازار.

ماچيس جي تيلي

۱۶۴. هڪڙو مڱ ڏريان، سارو گهر ڀريان.

ماڪوڙيون

۱۶۵. رِڻ پٽ ۾ رَيُون هاريل.

---

۱۵۷. ٿلهي مائي.

۱۵۸. گڊي = گڊلي.

ماکي

١٦٦. رتي ٻڪري رڻ ۾ ويائي.
١٦٧. جبل ۾ جَڙي، موتين سان مَڙهي.
١٦٨. گهيٽي، ٻه پيٽي، جتي ويٺي اتي ويائي.
١٦٩. مال پهري ويو، واڙ پيئي ڏُڀي.
١٧٠. ڪاري ڳئون ڪالهه ڪٺي، اڄ اهڙي جا اهڙي.

ماني پچڻ

١٧١. گهر گهر ۾ تاڙيون وڄن.

ماءُ جا ٿڻ

١٧٢. کيرُ حلال، مانهه مُردار.

مٿو

١٧٣. اڇي زمين، ڪاري پوک.

مرچ

١٧٤. ڳاڙهي گُندي، ڦِڪو آن.
١٧٥. هيڏو هيڏو پاڻ، جيڪو راڻا ٿو رُئاڙي.
١٧٦. نجمل جي ڳوٿري، هاءِ هاءِ جو ٻج.

مڪائي جو سنگ

١٧٧. ٻروچ کي ٻنيءَ ۾، منهن تي موهيڙا.

مک

١٧٨. هيڏڙي تر جيڏڙي، ميرن سان ٿي ماني کائي.

مکڻ

١٧٩. آڇو پکي ڍنڍ جو، جنهن کي هَڏ نه گُڏ.

مَنڌِي، مانڌاڻي

١٨٠. گهر گهر ۾ ناچُو نچي.

---

١٦٠. مال پهري ويو، وٿاڻ پيو وهي.
١٧٦. ٻي روايت: شيشم جي دٻلي هائُو هائُو جا ٻج.

منهن رکي

١٨١. ٽہ ٽنگي ٻڪري، ننڍڙا ٻار ڍَڪي.

مڻ

١٨٢. بانڪو هلي بازار ۾، جنهن کي چاليهہ چيلا ساڻ.

موت

١٨٣. ٻيا مرن، پاڻ نہ مري.

مور

١٨٤. ٻن ٿوڻين تي باغ بَرسيل.

مورتون

١٨٥. جاءِ ۾ ويٺل حاڪمزادا، نڪي کائين نڪي پيئن.

موري

١٨٦. پَٽ ۾ مائيي پڙو پکيڙيو ويٺي آهي.

مينهن وساڙو

١٨٧. رڻ پٽ ۾ رت ڦڙو.

ميڻ بتي

١٨٨. روئي تہ ڏسي، ماٺ ڪري تہ انڌي.

وات

١٨٩. هيڏي هيڏي دٻلي، جنهن ۾ ٻٽيهہ ٻاوا.

١٩٠. مَنَهن هڪڙو، ٿُوڻيون ٻَٽيهہ.

١٩١. هڪ ڪوٺي، لَپ ڪوڏين جي.

١٩٢. دري، ڪوڏين ڀري، اندر نانگڻ نچي.

١٩٣. هڏڙن جي مسجد، جنهن ۾ دلدل پيئي نچي.

وات، پيچرو

١٩٤. رڻ پٽ ۾ رسو وڇايل.

وڻو

۱۹۵. ڏڪ هڻ ته دانهن ڪري ـ هٿ لاءِ ته ماڻ ڪري.

وڻ

۱۹۶. پاڻي ڏي ته پي وڃي ـ مانيءَ ڏي ته رکي هجي.

وهاڙو

۱۹۷. جنهن کي هڏ نه گڏ ـ سمهي به سيکنهن سان.

هفتي جا ڏينهن

۱۹۸. خلقيل خاوند جا ـ پنج نر ۽ مادیون.

باب ٻيو

ساديون منظوم پروليون

[هن باب هيٺ ساديون منظوم پروليون شامل آهن، جن جي 'ڏيڻي' ننڍن موزون يا منظوم فقرن تي مبني آهي. هي پروليون اڪثر ٻن يا چئن ننڍين هم قافيه مصراعن تي مشتمل آهن. ڀڃڻيءَ جي لحاظ سان هي پروليون پهرئين باب ۾ ڏنل پرولين کان البت ڏکيرڙيون آهن، مگر ڀڃڻيءَ ۾ اهي ئي شيون اچن ٿيون، جي گهرو ماحول يا روزمره جي زندگيءَ سان تعلق رکن ٿيون ۽ جن کان ٻارڙا گهڻو ڪري پوريءَ طرح واقف آهن.]

آسمان ۽ تارا

۱۹۹. سائي ول، اڇا پِتا-اکين ڏِٺا، وات نه چکيا.
۲۰۰. نيري آڳڙي چانور ٻڌم-ڏينهن جو وڃايم رات جو لڌم.

آڱريون

۲۰۱. چار نر، سورهن ناريون-سِرن لٿي سڀ سينگاريون.

اڌوڙَ

۲۰۲. جنهن کي ساهه نڪا سِسي-سا مون ڪاٺ چٻيندي ڏٺي.
۲۰۳. هيڏانهن ٿوڻي، هوڏانهن ٿوڻي-
جيڪو نه ڀڃي، ان جي ناني سُوڻي.

آرڻِي

۲۰۴. ڪاري ڪڪڙ دُنبدار-آنا لاهي لک هزار.
۲۰۵. هيٺيون پُڙ ڪاٺ جو، مٿيون پُڙ لوهه جو-
جيڪو نه ڀڃي، سو پُٽ ڳوهه جو.

آڪُ

٢٠٦. ڏَنڊَڪ ڏَنڊِي، لپڙ ڪَنِي-اٿم ڏٺي، نہ اٿم چَڪِي.

اکر

٢٠٧. اڇي ول، ڪارا پتا-اکين ڏٺا، وات نہ چکيا.

اکيون

٢٠٨. شيش گل، شيش گل، توڙي ڏين هزار گل-
تہ بہ نہ ڏيان هڪڙو گُل.

اوبرو (ڪورڪي ڪم جو اوزار)

٢٠٩. هيڏو هيڏو ڇوڪرو-ٻَڌي بيٺو پوتڙو.

ايٽ

٢١٠. ڳاڙهو مٽيو رنگارنگ-ٻارهن مٿا تيرهون سنگ.

باهہ

٢١١. ناناٽا لڏي ويا-ڳاڙهي ڪنوار ڇڏي ويا.
٢١٢. اوڙي وڃان پاڙي وڃان-گهر ۾ شيشو پوري وڃان.

بصر

٢١٣. اڇو ٻلو، سائو پُڇ-توکي نہ اچي تہ ٻئي ڪان پُڇ.
٢١٤. هيترو هيترو پٺاڻ-جيڪو اڇين مُڇن ساڻ.

بندوق

٢١٥. ڪاري ڪُتِي، ڏَر ۾ سُتِي-جِتي رَسِي، اَتي دَسِي.
٢١٦. ڪاري ڪڪڙ دُنبدار-جاٿي پڄي، تاٿي مار.
٢١٧. ڪاٺ جو گهوڙو، لوهہ جو لغام-
ڀڄ ڙي گهوڙا سنئون ميدان.

---

٢١٠. رڱيل ايٽ جي چڪر جون ٻارهن چهنبڙيون يا ٻُونبا ۽ تيرهون هٿيو.

٢١٧. ٻي روايت: هل ڙي گهوڙا، اڇڙو ميدان.

٢١٨. اڌ ڪاٺي، اڌ لوهہ ـ ساهي آهيس سڄو ڪوهہ.
٢١٩. ڪاري ڳئون، ڳاڙهو گابو ـ رِنگهي ڳئون، ماري گابو.

بيضو، آنو

٢٢٠. اڇي اڇي ماڙي ـ جنهن کي در نہ تاڙي.
٢٢١. گول گول قُبو ـ جنهن جي پيٽ ۾ آ دُبو.
٢٢٢. بنان در جي هڪ مڪان ـ آن ۾ حلوائي جو دڪان.

ٻَٻُر

٢٢٣. مٿان سائو، هيٺان گرو ـ جيڪو نہ ڀڃي ان کي چڙهي ٻرو.

ٻهارو

٢٢٤. ڪاري ٻلي، جهانئرو پُڇ ـ توکي نہ اچي تہ ٻئي کان پُڇ.

ڀت جو ڪُنو

٢٢٥. خان چڙهيوسهي کِڙڳيوسهي ـ خان لٿوسهي مِڙڳيوسهي.

ڀنڀوري

٢٢٦. ڳاڙهي ڳاڙهي ڪنوار ـ جيڪو نہ ڀڃي آن کي مار.

تِرَ

٢٢٧. سائي ڄانگ، ٻاهتر ٻيڙا ـ هڪ هڪ ۾ سؤ سؤ ڪيڙا.

ٿڻ

٢٢٨. آٺ آٺينگر، سورهن سينگر ـ چار چٽينگر، ٻہ ٻُونگر.
٢٢٩. آٺ آٺيلا، سورهن سيلا ـ چار چڱيلا، ٻہ البيلا.

ٿوم، موري

٢٣٠. اڇي جهرڪي سائو پڇ ـ توکي نہ اچي تہ ٻئي کان پڇ.

---

٢٢٧. ٻي روايت: سڌيون ڪامون، سنوان ٻيڙا.
٢٢٨ ۽ ٢٢٩. اٺ ٿڻ ڪُتيءَ جا، سورهن ٿڻ ڀُونڊڻ (مادي سوئر) جا، چار ٿڻ ڳئون، مينهن وغيره جا ۽ ٻہ ٿڻ ٻڪريءَ جا.

ٽانڊو

٢٣١. گهر گهر ۾ ڳاڙهو گهوٽ - وٺي زور ته چڙهي چوٽ.

پاڇو

٢٣٢. اَس ڏسيو اَسريو وڃي - ڇانوَ ڏسيو ڇَپيو وڃي.

پَرُڻ

٢٣٣. هيڏو هيڏو پاڻ - جنهن کي سؤ سوراخن ساڻ.

پُست جي ڏوڏي

٢٣٤. هڪ پکي جهنڊولي دار - جنهن کي ٻچا نَوَ هزار.

پگهر

٢٣٥. اَس ڏسيو اَسريو وڃي، ڇانوَ ڏسيو ڇَپيو وڃي -
واءُ کان پيو وَنءُ وڃي.

پير

٢٣٦. ٻه ڀائر حصيدار - سمهن گڏ هلن ڌار.

پينسل

٢٣٧. هلندي هلندي بيهي رهي - سر ڪپڻ سان وري هلي.

پينگهو

٢٣٨. پاڻ هلي، مونکي هلائي - ان جو هلڻ مونکي سيبائي.

٢٣٩. آٺ آٺيلي، ٻارهن ٻيلي - چار ڪبوتر، پنجين ڇيلي.

جنڊ

٢٤٠. ور وڪڙ ڏئي نانگ جان - گهمي ڀلي ڏاند جان.

ڄاهو

٢٤١. هيڏو هيڏو پاڻ - جنهن کي سؤ سُين جو ساڻ.

---

٢٣٩. اٺ پاوا (چار منجي جا، چار گهوڙين جا)، ٻارهن سَل، چار بونبا، پنجين واڻيل منجي.

چاڏي، مانڌاڻي ۽ نيٽو

٢٤٢. هيٺئون ڪنڀاري، مٿان ڊکياڻي - ڇڪ ته ڇڪيون موچاڻي.

چيڙ ۽ ول

٢٤٣. ٻَٽِينگڻ رن، ٻٽينگڻ ڇورا - مري وئي رن، رُلي ويا ڇورا.

چچڙ

٢٤٤. آٺ ٽنگون نائين ڪوڙي -
جيڪو نه ڀڃي تنهن جي آڪهه ٺوڙهي.

چَڙَهِي يا ڪوسُ

٢٤٥. ڪاري ڪُتي، پل ۾ ستي - سئو ڳئون ڏسي ڪُٽڪِي اُٿي.
٢٤٦. ڪاري ڪُتي ڪُٻير - ٻه مٿا ڏهه پٻير.
٢٤٧. ايندي روئي، ويندي روئي - پاڻي ڏسي مُنهن ڌوئي.

چنڊ ۽ تارا

٢٤٨. ٻڪريون لک هزار - جن جو هڪ ڌنار.

چؤپڙ

٢٤٩. هڪڙي رَن، چار ڪن - سورهن سهيليون، ست چيليون.

چُونِي (هر جي)

٢٥٠. هيڏي رتي، ڀُونء ۾ گَتِي - سونُ چِلڪهي رُپهي رتِي.

ڇانهين، هنداڻو

٢٥١. سائِي سِٽڪ مِٺو ڀَت - کائوڙي جيڏيون، هَٿو هٿ.
٢٥٢. سائي پيتي، خانا گلابي - تن ۾ ويٺا ڪارا شيدي.

حُقو يا چلم

٢٥٣. هيٺان ڍنڍ، مٿان کورو - جيڏانهن ڇڪ تيڏانهن پورو.
٢٥٤. هيٺان واهه، مٿان باهه - ميان جي! پُڇ وٺي پيو ڌاءِ.

---

٢٤٥. چم جو رَڇُ جنهن سان کوهه مان پاڻي ڪڍجي.
٢٤٦. ٻه ڪُڙانا (ڪاٺيون) ۽ ڏهه آکا.

۲۵۵. مٹي ٻاھ، ھيٺ واھ ـ ڏڙ ڏڙکي، وچ ڪڙکي.
۲۵۶. ھيٺ ڏڌي ويڑ، مٹي ڪوسي ٻاھ ـ ڪاکو پائڻي کي ڏاڻ.

خط

۲۵۷. اڇو پيٽ، ڪارا پير ـ ساري دنيا جو ڪري سير.
۲۵۸. اڇي چمڙي، اڇو پيٽ ـ ھلي چمڙي، ننگر نيٺ.
۲۵۹. اڇو پاڻ، ڪارو ويس ـ گھمڻ وڃي ديس پرديس.
۲۶۰. در وڃي، درٻار وڃي ـ پاڻي ڏيڪ مر وڃي.

ڏاڙو يا رنبو

۲۶۱. اڌ ڪاٽ جو، اڌ لوھ جو ـ جيڪو نہ ٻڃي سو پٽ ڪوھ جو.

ڏاڙھون

۲۶۲. ھيترو ھيترو پاڻ ـ جنھن کي سؤ موتين جو ساڻ.

ڏنڊ

۲۶۳. غريب لڏي ويو ـ جھنڊ لو پٽ چڏي ويو.

ڏونگھو

۲۶۴. ھيڏو ھيڏو ٻاڻ ـ ڻ ڻنگن ساڻ.

ڏيڏري يا قولھڙي

۲۶۵. ڪجھارت ڪجھڙي ـ جنھن کي ڪن ناھي پڇڙي.

ڏينھو

۲۶۶. ڪاڙھو ڪڪڙ، ڪمڻ گوھي ـ پڇ مار پڃ ڪيوھي.

ڏيو

۲۶۷. ماه مڻيءَ جو ـ ساھ سرنھن جو ـ
لڳيس واءُ ـ وڃيس ساھ.

---

۲۶۴. ناريل جو ڪوپو جنھن ۾ ٽي اکين وارا ٽنگ.
۲۶۶. ٻي روايت: امن گوھي، چمن گوھي، چاٽ مريندا نڪل گوھي.
۲۶۷. ٻي روايت: (۱) ساس سرنھن جو، ماس مڻيءَ جو؛
لڳيس واءُ، وڃيس ساه.
(۲) ڪنڊ ڪپھ جو، ساس سرنھن جو.
لڳيس واءُ، وڃيس ساه.

۲۶۸. مڙس مٽيءَ جو، ڪنڌ ڪپهه جو- لڳيس واءُ، وڃيس ساه.
۲۶۹. دڙي تي دڙو، جنهن تي لعل کڙو- لڳيس واءُ، وڃيس ساه.

رات، تارا ۽ سج

۲۷۰. ڪالي ماءُ، آڇٻي ٻَچٻي- آوِي پيءُ ته هيڪ نه بچي.

رمضان جو روزو

۲۷۱. رات جو ڪونهي، ڏينهن جو آهي- ٻارهين مهيني اچي ڪاهي.

رندو

۲۷۲. هيڪ چينائي هڏو منگي- هيٺان کائي، مٿان هنگي.

ريل گاڏي

۲۷۳. هيٺ باهه، مٿي پاڻي- ڪري جهٽ وڃي کاڻي.
۲۷۴. ڊِگهه ڊِگهوڙي، باسن سوڙهي-
ائين وڃي جيئن تاجل گهوڙي.

ساري (تُهه چڙهيل چانور)

۲۷۵. هيڏڙي نُنهن جيڏڙي- پُٽ پيٽ ۾ اڃا آميدڙي.

سال، ورهيه

۲۷۶. هڪ صندوق، ٻارهن خانا- خاني خاني ۾ ٽيهه داڻا.

ساهمي

۲۷۷. اٺ ٽنگون، ٻه پير- پُڇ پٺيءَ تي آهي ڪير؟
۲۷۸. آٺ نوڙيون، نائين ڪام- نه اچئي ته ڪر سلام.

سٿڻ، سلوار

۲۷۹. ٻه ڄنگهان، چار ناسان- ٻارهين مهيني ول آسان.
۲۸۰. ڏوُن ٽَنگان، چار جهرڪيان-
جيڪو نه ڀڃيسي، اُنهي ڪُون کاسان.

---

۲۷۴. ٻي روايت: هرڪو چوي منهنجي گهوڙي.
۲۷۹. يعني ٻارهين مهيني وري نئين وٺبي.
۲۸۰. ٻه پانچا، چار چڻيون آبداڻي جون.

سج ۽ چنڊ

٢٨١. ٻه ٽيٽَ پکي، گهمن ساري پَٽِي-
نه موت مارين، نه ڪاتِي ڪُهين.

سُئِي

٢٨٢. ننڍڙو غلام-جنهن جي مٿي ۾ لغام.
٢٨٣. اڇي ٻلي، اڇو پُڇ-توکي نه اچي ته ٻئي کان پُڇ.
٢٨٤. هيڏڙي هيڏڙي پاڻ-پڇ آسمان ساڻ.

سيڻاهه

٢٨٥. ڪاري ڪڪڙ دنبدار-هڻ هٿ هُن پار.

شرناءِ

٢٨٦. ڳهه پائي ته ڳوٺ کي ٻڌائي-ڳهه لاهي ته گونگي آهي.

ڦُٽِي (گوگڙڀ مان نڪتل)

٢٨٧. اڇي اڇي پيٺي-مٿو پنهنجو ڦاڙي بيٺي.

قرآن شريف

٢٨٨. هڪ ٿڙ، ٽيهه ڏار-پن ته جنهن جا لک هزار.

قرآن شريف (رحل تي)

٢٨٩. مٿان درياءُ هيٺان موري-جيتر نه ڏسان، جيءُ ۾ جهوري.
٢٩٠. هيٺان ٻيڙي، مٿان درياهه-ڪاهڻ وارو هڪ ملاح.
٢٩١. ڪاٺ جو گهوڙو، ٽيهه سوار-جيڪو پهچي سو برخوردار.

ڪانڊيرو

٢٩٢. گل گلاب جو، پن مينديءَ جو-
جيڪو نه ڀڃي، پٽ مڱينديءَ جو.

---

٢٨٦. شرناء وڄائڻ جو ڪَک.
٢٩٠. ٻي روايت: هيٺان ڪاٺ، مٿان درياء، هلائڻ وارو هڪڙو.

ڪڇئون يا ڪُمي

٢٩٣. هيٺان ٿالهي، مٿان ٿالهي - وچ ۾ مير موالي.

ڪريلو

٢٩٤. هيڏڙو هيڏڙو پٺاڻ - سؤ دُڏين ساڻ.

ڪڪر يا ڪرڙ

٢٩٥. ڦَٽِي، چِٽَ وَٽِي - پَن ناهي، ڇانوَ گهڻي.

ڪلف

٢٩٦. لڏيندڙ لڏي ويا - ڪارو ڪُتو ڇڏي ويا.

٢٩٧. ننڍڙو ننڍڙو چوڪيدار - رهي در تي خبردار.

٢٩٨. اوڙي وڃان، پاڙي وڃان - ننڍڙو سپاهي ويهاري وڃان.

٢٩٩. اوڙي وڃان، پاڙي وڃان - چِلڪ سوپاري چاڙهي وڃان.

ڪلف ۽ ڪنجي

٣٠٠. ٽِيچَڪ ٽِيچَڪ ٿِي لڙائي - ناني آئي، تنهن ڇڏائي.

ڪنجري جو ڀرت

٣٠١. ڳاڙهه وَٽِي، چِٽَ گهڻي - ساهه ڪونهي، سُونهن گهڻي.

ڪُنو

٣٠٢. ٽيچڪ ٽيچڪ ٽن ٽنگن تي - ڪاٺ ڪلهي تي، ٽوپ مٿي تي.

٣٠٣. ٽي گهوڙا، هڪڙو سوار -
ڪاٺ ڪلهي تي، هُڙ هُڙ جي ڪار.

ڪوريئڙو

٣٠٤. هيڏڙو هيڏڙو پاڻ - تارُن جو خزانو ساڻ.

ڪؤنرو

٣٠٥. ٻه ٽَنگ ٽِيو ڪَڙو - جيڪو نه ڀڃي، تنهنجي آڪهه دڙو.

ڪُئو

٣٠٦. لَڏيندڙ لَڏي ويا - ٻِه ڏَندو ڏاند ڇڏي ويا.

کُوٹي يا پُوٹي

۳۰۷. نيري ندي، چَل چَل پاڻي ـ خوب تري ٿي سُندر راڻي.

کيلو

۳۰۸. اندران مائو، باهران سائو، کائو ڙي کائو.

کٹ

۳۰۹. اٹ کاٹ نائين نوڙي ـ جيکو نہ پچي تنهن جي آکھ نوڙهي.

۳۱۰. اٹ کاٹ نائين چاري ـ جيکو نہ سلي تنهن جي نائي پچاري.

کُنبي

۳۱۱. آڏي، ڏوڙ ۽ گڏي ـ ڏوڙ ٻراڻي، آڻي هاڻي.

کوھ

۳۱۲. باهران گول، وچ ۽ پاڻي ـ
جيکو نہ پچي تنهن جي آکھ کاڻي.

۳۱۳. لڏيندڙ لڏي ويا ـ پريل گُندي چڏي ويا.

گُجي (پکيءَ جي)

۳۱۴. ڏس قادر جي کَل ـ باهران گوشت اندران کَل.

گُندي

۳۱۵. لڏيندڙ لڏي ويا ـ دُنبي کتي چڏي ويا.

گوگڙو

۳۱۶. هيڏو هيڏو پاڻ ـ جنهن کي ڳاڙهي گيدي ساڻ.

۳۱۷. ڳاڙهو کُٹو، سائو پُڇ ـ توکي نہ اچي تہ ٻڌي کان پُڇ.

گُھگھي

۳۱۸. پيٽ ٽلهو، منهن سنهون ـ پاڻي پئي ٿي گھٹو گھٹو.

---

۳۰۷. کوٹيءَ جي ول ۽ گل، جي پاڻيءَ جي سطح تي ترن.

۳۱۵. ٻي روايت: لڏيندڙ لڏي ويا، پيٽ وڏيون چڏي ويا.

لغڙ

٣١٩. ڪاغذ جو ڪڪڙ، ڌاڳي جو لغام-
ڇڏ ڌاڳو تہ ڪري سلام.

٣٢٠. جيستائين وَلِ تيستائين راند- ٽُٽي ول تہ پوري ٿي راند.

لوڙهہ

٣٢١. ڪارو ڪارو بُوجرن وارو-
جيڪو نہ سَلهي تنهنجو پيءُ پِڇارو.

لونگ

٣٢٢. هڪ ڄنگهہ، چار ڪن- جنهن کي سياڻا ڪي سمجهن.

٣٢٣. چار سگ، رنگ ڪارو- هڻ چڪ تہ لڳي ڪارو.

لوڻ

٣٢٤. آڇي آڇي ٻار- جتي جهرڪي ناهي جهار.

ماچيس

٣٢٥. هيڏو هيڏو پاڻ- جنهن کي سؤ لٺين جو ساڻ.

مارنگ

٣٢٦. لَڏيندڙ لڏي ويا- ٽي ڪبوتر ڇڏي ويا.

ماڪ

٣٢٧. رات سمي ۾ موتي آيا- ڌوپ جي آئي، واپس جايا.

ماکي

٣٢٨. هيڏو هيڏو ڏَڙهو، موتين مڙهيو-
ڏونگر جو پاڻي پي مٿي چڙهيو.

٣٢٩. جهنگ جي ڏاچي، جهنگ ۾ ويائي-
توڏو ڇڏي وڙهڻ آئي.

---

٣٢١. پاڻيءَ ۾ مِثال جي ول جو قَرُ.

٣٢٤. جنهن تي مک ڪانہ وِهي.

٣٢٩. ٻيون روايتون:

(١) انڌي ڏاچي بر ۾ ويائي- پٺهي جي هئي جا تو ورائي.

(٢) بري ڏاچي بر ۾ ويائي- گونرو ڇڏي وڙهڻ آئي.

(٣) ڪاري ڏاچي بر ۾ ويائي- توڏو ڇڏي وڙهڻ آئي.

۳۳۰. ڪاري ڪڻي هڏ هلائي- هندو مسلمان هرڪو ڪائي.

مانڊاڻي

۳۳۱. جيان تہ جَر پيان- صبح سان سڀي ڏيان.
۳۳۲. مواڙ رن، چار ڪن- چيلھ ۾ نوڙي، پائي ڦيري.

ماءُ پيءُ

۳۳۳. ڪُنن جي ڪاري- ڪنھن ڪي اڏ ڪنھن ڪي ساري.

مڇر

۳۳۴. مڙس زُرو- لٽگھي ڪوٽ مان ھٽي چَرو.

مرچ

۳۳۵. ڳاڙھو ڳاڙھو پٽاڻ- سائي ٽوپيءَ ساڻ.
۳۳۶. سائي ٽوپي ڳاڙھو رنگ- پلي آيو پرديسي سنگ.

مڪائي جو سنگ

۳۳۷. پَٽ پٽيو پٽاڻ- ستن ولين ساڻ.
۳۳۸. ھٽ جيڏو پٽاڻ- جنھن ڪي ست ڪپڙا ساڻ.
۳۳۹. ھيڏو ھيڏو پٽاڻ- جنھن ڪي سؤ رلين جو ساڻ.

مڪڙ

۳۴۰. ھيڏو ھيڏو ھم- جنھن ڪي ھڏو ناھي چَم.

موري

۳۴۱. آڇي ڪُڪڙ، سائو پُڇ- توڪي نہ اڇي، ٻئي ڪان پُڇ.
۳۴۲. اڇي ٻلي سائو پُڇ- توڪي نہ اڇي تہ ٻئي ڪان پُڇ.

ڪِنگريون (نار يا ھرلي جون)

۳۴۳. ھڪ جيڏيون، ھڪ سرتيون-
ھڪ ڳاڙھيون ڳھڙيون- سي ڪيئن آڙيون.

ناريل

۳۴۴. ڪنوري ۾ ڪنورو- پَٽ ٻيءَ ڪان ڳورو.

نٿ، وينڊو

٣٤٥. ڏِنگ بہ ڏنگي تارڙي-موتين جڙيل سارڙي.

نماز

٣٤٦. چئن پهرن ۾ پنج ڀيرا پريڊ-پويان پلٽڻ اڳيان هيڊ.

نماز ۽ روزا

٣٤٧. پنج ٻَنا، ٽيهہ ڳَنا-دل نہ چوي هڪڙو ڀڃان.

نِنگهہ (چانورن ڇڙڻ جي)

٣٤٨. لڏيندڙ لڏي ويا-ڪُنڍو وَٽو ڇڏي ويا.

وات

٣٤٩. هڪڙي دري موتين جڙي-سڀ سونارا چون اسان نہ گهڙي.

واڱڻ

٣٥٠. پارئون آيو مڙس ملنگ-سائي ٽوپي ڪارو رنگ.

٣٥١. پهريائين سائو، پوءِ ڪارو-
جيڪو نہ ڀڃي تنهنجو عقل اُڌارو.

وڄ، کنوڻ

٣٥٢. هُل ڪري، هيٺ ڪِري-ڪنهن سان نٿي هِري مري.

وِڇون، ڀَٽُون

٣٥٣. هيڏڙو هيڏڙو پاڻ-جنهن کي تِکيي تلوار ساڻ.

٣٥٤. مين تِل جيڏا، تون ٿنڀ جيڏا-
مين کِل ڏتا، تَينْ رو ڏِتا.

هر

٣٥٥. آڏو لَڪڙ لڳ ڀڳ-ٽي ڄڻا، ڏهہ پڳ.

٣٥٦. هاهَڙ هُوهَڙ هٻي-ڏهہ ڄنگهون، مُنڊيون ٽٻي.

هوائي جهاز

٣٥٧. پکي اُڏي ٻيٽ-جنهن کي کنڀ ناهي پيٽ.

---

٣٥٥. لَڪڙ = هر. ٽي ڄڻا = هڪ هاري ۽ ٻہ ڍڳا؛ ۽ انهن جا پير ڏهہ.

باب ڏيون

ڳُوڙهيون پروليون

[هن باب ۾ ڏنل پروليون ڏيڻي ۽ ڀڃڻي جي لحاظ سان البت ڳُوڙهيون آهن، مگر پهرين ٻن بابن ۾ ڏنل پرولين وانگر ٻاراڻي ماحول ۾ مقبول آهن. ڏيڻيءَ جي لحاظ سان هن باب واريون پروليون ٽن قسمن جون آهن: هڪ اهي جي ننڍن جملن يا موزون فقرن ۾ سمايل آهن. جيئن ته:

"ٻه مايون، گڏ سامايون، پر ٻار ڄڻيائون هڪڙو" (سِپَ)

ٻيون اهي جي ٻن هم قافيه مصراعن تي مبني آهن. مثلاً:

"جر ۾ ڄائي، جر ۾ نپني، جر ۾ ڪيائين وهانءُ،
جنهن کي هڏ نه پاسري، تنهن جو ڪين مٺو ٿئي مانهه" (جونءَ)

ٽئي قسم جون پروليون وري ٻن مصراعن واري سٽاءَ ۾ سمايل آهن، جيئن ته:

"ڌڙ جنهن جو ڌوڙ ۾، پادر جيڏا ڪن،
اها ڪهڙي رن، جا گهڙيو اچي گهر ۾". (ٿُوڻي)

جيتوڻيڪ هنن پرولين ۾ ڀڃڻيءَ واريون شيون يا وٿون روزمره جي زندگيءَ سان واسطو رکندڙ آهن، مگر ڏيڻيءَ ۾ شامل اهڃاڻ اهڙيءَ ته رمز سان رٿيل آهن جو آسانيءَ سان انهن شين ڏانهن ڌيان نه ويندو ۽ انهن کي پروڙڻ لاءِ قدري غور فڪر جي ضرورت ٿيندي.]

آڏيري (ول)

۳۵۸. سائي سائي رن، جنهن جا ڪَنڊن وارا ڪَن-
برپٽ ۾ پَڙو پکيڙيو ويٺي آهي.

آڱريون ۽ آڱوٺا

٣٥٩. سورهن آهن سلڇڻيون، چار آهن چريا-
ٻه ته آهن ٻاوَن جهڙا، ٻه ته آهن کَريا-
جي ڏيکار ٻين کي، ته پريان ئي وريا.

آڏ، واهي

٣٦٠. ڊيگهه ڊگهي، وڃي سڌي-موٽڻ جي وائي نه ڪري.

آرٽي

٣٦١. اڌ پاسياري پٻيرڙي، فَر فَر لڳي واءُ-
آهِرُ ويٺو مٿو ڪُٽي، ڀُٽَ ڄائي ماءُ.

اِسرافيل

٣٦٢. بيٺو آهي ته ويٺو ناهي.

آڪُ

٣٦٣. جانُ وڃان واٽ وٺيو ته گل بڪاولي بيٺو آ-
آسي ٻار ڄڻيا اٿس، اڃان ماريو ڍُڪو آ.

آکري، مُهري ۽ آنّ

٣٦٤. هيٺان ٺِڪر، مٿان ڪاٺ-وچ ۾ ممڙو مار کائي.

اکيون

٣٦٥. ٻه ڀينرون وچ ۾ ڀِت-چون ڪڏهن ملنديو نسين؟
٣٦٦. ٻه ڪبوتر ٻن کُڏڙين ۾-ذري آسمان تي، ذري زمين تي.
٣٦٧. ٻه دريون ٻه دروازا، جن ۾ ويٺل صاحبزادا-
نڪي کائين نڪي پيئن، ته به تازي جا تازا.

اڳٽ وجهڻي

٣٦٨. نَٿ مٿي ۾ نار کي، پُٽِ اڳي مُنهن پوءِ-
ٽُٻي هڻي ٿي سُڪ ۾، پاڻي هوءِ نه هوءِ،

---

٣٦٦. يعني اکين جا تارا هيٺ مٿي ٿين.

ڪَم اچي ٿي ڪُلني کي، مڙس هجي ڇا جوءِ،
"لاڙڪ" بيت سندوءِ، سالڪ لهندا سوچ سان.

انب

٣٦٩. انداران ڦِڪو، ٻاهران ڦِڪو، پر سڀني ذات ڀاين جو سالار.

٣٧٠. جان وڃان بازار ۾ عجب ڏٺم پار،
ماس کاڌو ماڻهن، بچيا هڏي مٿي وار.

باهه

٣٧١. بري ٻڪري بادشاهه جي، ڪک پن چري ته جيئي،
پاڻي پيئي ته مري وڃي.

برش

٣٧٢. پُٺي اٿس ڪاٺ جي، پيٽ تي وار،
ڪم ڪري صفائي جو، نالو ٻڌايو يار!

بُسري

٣٧٣. ڇهين مهيني جي ڇوڪري، ٻارهين مهيني جو پيٽ،
چئن پهرن جو ڇوڪرو، آئي تنهن جي هيٺ.

بصر

٣٧٤. ڌڙ جنهن جو ڌوڙ ۾، لامون جنهن جون لس،
اها پرولي پڌري مير ڀڃيندا مس.

بيضو، آنو

٣٧٥. اٺ ويائي، گؤنرو ڄائو،
نه اٺ کي اوهه، نه گؤنري کي پائو.

٣٧٦. ماءُ ويائي ڪڍيائين پُٽ پَڪو،
اها خبر نه هُيس ته پُٽ به آهي ڍُڪو.

---

٣٦٩. يعني ميون ۾ مُک.

٣٧٣. ڇهين مهيني جي ڄاول=ڪڻڪ. ٻارهين مهيني جو ڄاول=ڪمند مان ٺهيل ڳُڙ. ۽ چئن پهرن جو ڄاول ڇوڪرو=مکڻ.

٣٧٧. ڳئون ويائي، ڏنائين گابو ڍُڪو،
گابو اندران آلو ته ٻاهران سُڪو.

ٻار (نئون ڄاول)

٣٧٨. گهر آيو مهمان، ڪُٺوسين حلواڻ،
نه مهمان کي ڏند، نه حلواڻ ۾ هڏ.

ٻانهن

٣٧٩. ڪَڇ مان ڀڄي سِنڌ ۾ آئي، پنج ٻار ڄڻيائين.

ٻيڙي

٣٨٠. لَم ته لَما لَما، لَم ته لَما لَما،
هيٺُون آبا، مٿُون اما،
آما چاتي ٻال ٻَچي، آبي چاتي آما.

تاڃيءَ جون تندون

٣٨١. سوين هزارين هرڻيون، ويهو وَڳ چرن،
ٽنگ ڀڄي هڪڙيءَ جي ته بيهو سڀ رهن.

٣٨٢. هِڪ جيڏيون، هڪ سرتيون، هڪڙي چال چلن،
ڄنگهه ڀڄي هڪ جي ته بيٺيون ٻيون کِلن.

ترار

٣٨٣. ماري لک هزار، ڌڙ ڪري ٿي ڌار،
سدائين جيئي، ڳاڙهو پاڻي پيئي.

٣٨٤. اڇي آهي، ڪاري ٻِر ۾ رهي،
وِڄ جو پاڻي پيئي، مردن سان جهٽا هڻي.

تنجڻ

٣٨٥. پِير ٻَڌا، فقير ٻَڌا، ٻَڌا الله جا اولياء،
وڃي پُڇو قاضيءَ کان، اسين پاڻ ٻَڌا.

---

٣٧٨. مهمان=ٻارڙو. حلواڻ=ناڙو.
٣٧٩. يعني: ڪَڇ=جسم جو حصو. سِنڌ>سَنڌ. پنج ٻار=پنج آڱريون.
٣٨١. يعني تاڃيءَ جي تندن مان هڪڙي به ٽُٽي ته ان جي ٺهڻ تائين آڻت نه ٿئي.

تند (کپڑي آڪاوت جي)

۳۸۶. ذات جو ڪير، چئي: تند واڻي،
ڪم ڪهڙو ڪرين؟ چئي: اڇ وڇ جو.

تئو، ٻاهم ۽ مانيون

۳۸۷. ڪارو گهوڙو، ڪاڙهو لغام، هڪ لهي ٻيو چڙهي.

ٽڻ (مينهن يا ديڳيءَ جا)

۳۸۸. چار گهڙا قدرت پريا، ريءَ ڏڪيءَ اونڌا تہ بہ نہ هارجن.
۳۸۹. چار نارَ، وهن ڌار، آڏ مڙني جي هڪڙي.

ٽوٽي

۳۹۰. ڏڙ جنهن جو ڏوڙ ۾، پادر جيڏا ڪن،
اها ڪهڙي رن، جا گهڙيو اچي گهر ۾؟

ٽوهم

۳۹۱. شڪل جو سهڻو، اندر جو ڪارو-
وجهہ ذرو پيٽ ۾، تہ ڏڪائي ڏينهن سارو،

ٽيليفون

۳۹۲. هڪڙو هٽ ڪن تي، ٻيو هٽ وات تي، سڏ ڪيم ولايت تي.

ٹاڇو

۳۹۳. وڍيان تہ وڍجي نہ، توريان تہ تُري نہ، چِنان تہ چڇي نہ.
۳۹۴. وڍيان تہ وڍجي نہ، ڪٹان تہ ڪجي نہ،
اڇلايان تہ اڇلجي نہ، جهليان تہ جهلجي نہ.
۳۹۵. الله جي آس ڪري، آپريو ساٹيهہ مٹان سڇ،
ٻارهن هٽ گدرو، تيرهن هٽ ٻڇ.

ٹڪال، سانداري

۳۹۶. ٽنگون چار، سِسِي وڍيل، سهڪندي وڃي.
۳۹۷. سسي وڍيل، ٽنگون وڍيل، ڪاري ڪاري صورت،
جيئري مٹي مُردو چڙهيو، ڏس مُٹيءَ جي مورت.

پليتي، هڏو، قبر ۽ ڪوڙ

٣٩٨. ناهي پاڻي ۾، ناهي زبان ۾، ناهي آسمان ۾، ناهي قرآن ۾.

پنو ۽ پڙهندڙ

٣٩٩. اڇي زمين، ڪارو ٻج، چپن سان پيا چونڊين.

پور (ڪپڙي ڇُرڻ جو)

٤٠٠. وڍئي ٿيس ورهيه، سُڪهي ٿيس سال،
ڏس ڀلهي جا ڀال، جو آڻ ڦُٽهي ٿو ڦر ڪري.

٤٠١. ڇاپَڪ ڇُوپڪ ڇا ڪري، آپَڪ ٽُپڪ ٽِينگ چلي،
بهيرُ جنهن کي پيٽ ۾، مٿئون مُڪَ جهلي.

پيرون

٤٠٢. رڻ پٽ ۾ روجهه ويائي، جنهن ٻاهتر ٻچن جي ڄائي،
ڪي ڪارا، ڪي ڳاڙها ته ڪي آڇا.

پينگهو

٤٠٥. آهي گهوڙي، چَم نه ڇؤڙي.
هيٺان سوار، مٿان گهوڙي.

جُونءِ

٤٠٦. ڪارو پکي، ڪاري وڻ تي وِهي، ڳاڙهو پاڻي پيئي.

٤٠٥. ڪاري آهي، ڪمري آهي، ڪاري وڻ ۾ ويٺي آهي،
لال پاڻي پيئندي آهي.

٤٠٦. ڪالي ڪالي شيءِ، ڪالهي وڻ وچ ٻهندي،
لڀندي ڏاکڙي نال، مَردي نُهن نال.

---

٣٩٨. يعني پاڻيءَ ۾ پليتي ناهي، زبان ۾ هڏو ناهي، آسمان ۾ قبر ناهي ۽ قرآن ۾ ڪوڙ ناهي.

٤٠٠. ٻي روايت: وڍئي ٿيا ورهيه، سڪي ٿيا سال،
اڃان ڏسان ڪالهه ته ڪاٺيءَ پئي گل جهليا.

۴٠٧. ڪاري آهي ڪمري، نُور خان ڏٺي،
چَپَٽُ خان جهَلِي، نَهرِي خان ماري.
۴٠٨. ڪاري آهي ڪمري، دِيدِي خان ڏٺي،
چَپٽِي خان ورتي، نِيهي خان ڪُٺِي.
۴٠٩. جهنگل پور ۾ شينهن ساماڻو، اکڙپور ۾ ڏٺو،
چپٽ پور ۾ چاٽ ڪيائون، ناهرپور ۾ ڪُٺو.
۴١٠. جَر ۾ ڄائي، جَر ۾ نِپني، جَر ۾ ڪيائين وِهانءُ،
جنهن کي هڏ نہ پاسري، تنهن جو ڪين مِٺو ٿئي مانهہ.

ڄاهو

۴١١. وٺيو وڃان واٽڙي تہ ڏٺم ڪنڊن جو ڍير،
هٿ لايان تہ هٿ ڦَٽجي، پير لايان تہ ڦَٽجي پير.

چيڙ

۴١٢. ڪارڙا ڪِبرڙا، تِندِي ٻڌا تِترڙا، پاڙ مڙني جي هڪڙي.

چيڙ ۽ ول

۴١٣. ماءُ مري ويئي، پيءُ پرديسي، پُٽ پينگهي ۾ لُڏِي.
۴١۴. جان وڃان واٽ وٺيو تہ گلبدن ويٺي آهہ،
آسي پُٽ ڄڻيائين، اڃا ڍولڻ ڍُڪِي آهہ.
۴١۵. ماءُ چاڙهيو هو پُٽ کي ٺاهي ۽ ڦاهِي،
مئيءَ ماءَ مان پُٽ اوسيڙو نہ لاهِي.

چُغل (چلم جي ٽوپيءَ ۾ پوي)

۴١۶. شهر سڄو ٽُنگ نُنگ، ڇورِي ٽُنگ نہ ڪو،
تنهن جا ڪم ڏسو، جو ٽِپيو پئي ٿو ٽُنگ ۾.

---

۴٠٧. يعني اکين ڏٺي، چپٽيءَ سان جهَلِي، نُنهنِ سان مَئِي.
۴١۵. يعني ماءُ=ول. پُٽ=چيڙ. ڦاهِي=ول وڻ تي چڙهي. مئي ماءُ=سڪل ول.
۴١۶. چلم ۽ ان جي سڀني عضون ۾ سوراخ ٿين.

چَڪُ (ڪنڀار جو)

۴۱۷. هَٿ جيڏي ڪاٺي، ڦيڙهي جيڏو گُل،
سؤ پِتا ڄڻي، هر ڪنهن پنهنجو مُلهه.

چلم

۴۱۸. هيئان ڌُم درياءَ جي، مٿان ٻري باهه،
اهڙي رَن اَڇاتري، ادي! ڪا اِتي آهه؟

۴۱۹. درياهه ۾ بڙ بڙ، ماڙيءَ لڳي باهه،
ننڍيءَ کي ڇڏي، ويهي وڏي ڇڪي ڌاءِ.

۴۲۰. هڪ ڳوٺ ۾ باهه لڳي، ٻئي ڳوٺ ۾ دُونهه،
ٽئين ڳوٺ ۾ شور ٿئي، چوٿين ڳوٺ ۾ کُوهه.

۴۲۱. در تي ٿا دهل وڄن، بنگلي مٿان باهه ٻري،
اهڙي رن طلاقڻ، جا پوک پئي چري.

۴۲۲. هيٺان دولي، مٿان درياءِ،
درياءِ ۾ درخت، درخت تي جامڪي،
جامڪي جَلِتي، من جي آسا پلتي.

چنڊ

۴۲۳. ڄَمي ته سِڱ جوان ته ٺوڙهو.

۴۲۴. ري مٽيءَ ڄائو، ري پاڻيءَ پيدا ٿيو،
لامن ۾ "لڌو" چئي، ڏس قدرتي ڪائو.

۴۲۵. سڱن ساڻ ڄائو، وهيءَ منجهه وياس،
پيريءَ ۾ پيدا ٿيا، ساڳيا سڱ سنداس.

چوپڙ

۴۲۶. ٽي پُٽ، سورهن ڌيون، ڀاءُ، ڀيڻون ذري مارين ذري جيارين.

۴۲۷. ڪالهه ويس اوطاق ۾، ڏٺم توبهه زاري،
سورهن پُٽ، ٽي ڌيون، پاڻ اڃا ڪنواري.

چيچڙو

۴۲۸. ميان سندي ملڪ ۾، مون مُئي مُٽندي ڏٺي،
نه ساهه نه سِر، مون گاهه چرندي ڏٺي.

ڇانهين

١٤٢٩. ننڍڙي ننڍڙي گهڙي، بنان درياهه جي پاڻيءَ ڀري.
١٤٣٠. ڪوري ڪوري دِلِي - نه چَڪ چڙهِي، نه ڪنڀار گهَڙي.
پئي آهي پَٽ تي، پاڻيءَ سان ڀَري.

حضرت عيسيٰ

١٤٣١. ڄائو آهي، پر مُئو ڪونهي.

حُقو

١٤٣٢. حوض هيٺ، حوض مٿي، حوض هوائي.
١٤٣٣. گهر مٿي گهر ڌري - ڀِت پڇي، نار ٻَري.
١٤٣٤. سانوڻ سلطان آيو، ڪاريگر ڪاٺ سلي،
باهه ڏنائينس برهه جي، چپن سان پيو چلي.
١٤٣٥. آيو ڍورو ڍنڍ ڀر، ٽينگ نچي ٽنگ ڀر،
ادا ڙي ٻَٽِينگ! ڪو ٽينگ ڏٺئي ٽنگ ڀر.

خط

١٤٣٦. اڇو اڇو ٻگلو، ڪاري مٿس رِيهه،
پير نه اٿس پڳڙو، گهمي گهڻو ڏِيهه.

دهل

١٤٣٧. هِت ڪٽيانس آءٌ، هُت ڪُٽِيس ابو،
پرولي پير ڌَمڻ جي، سُڄي ٿئي دٻو.

ڌُڪَڙ، طبلو

١٤٣٨. نه ماريوس ته مري وڃي، ماريوس ته ڳالهائي،
عجب انهي ڳالهه جو ته مُردو ٿو آٽو کائي.

ڌڻي تعاليٰ

١٤٣٩. هرهنڌ حاضر، ڏسڻان ڏور،

١٤٣٥. ٻي روايت: سچ ڙي ٻٽينگ! تو ڪو ٽينگ ڏٺو ٽنگ ڀر.

ڏندڙ

۱۹۴۰. پنجن ڪنيس پاڻ سان، ٻڌيهن تي سوار،
وائڙن سان واپار، جن ويندي ڇڏيس وات تي.

ڏوئي

۱۹۴۱. ايڇ خاتون، ميڇ خاتون، جهنگل سندي جوءَ،
ٽول ڪائي، مال ڪائي، سا ڪيئن ڏهري هوءَ.

ڏيڏر

۱۹۴۲. هيڏو هيڏو سڇو، جيڪو نچي ٽپي لڇو،
ٽڪر ٽينگ ڏيندو اچي.
۱۹۴۳. آڪ جيهي جهوڪ، هرڻ جيهيا چال،
اهو مرون ڏيکار، جنهن ڪُون پڇ نه وال.

ڏينهو

۱۹۴۴. اڳُون ۽ ٽلها، پڇُون ۽ ٽلها، وچ سڳي جيها،
هلي اڳُون، ڪاوي پڇُون، هي تماشا ڪيها.
۱۹۴۵. ڪاڪ ڪُهو شهر اوندو، تنهن ۾ هٽ نڪو هزار،
جنهن کي ڪيڻ مار، تنهن جو منهن ڏهو ٽئي.
۱۹۴۶. پڪين پوڪي پوڪ، پڪي پاڻ ئي پير،
لڳي اتر هير، پڪي پٽين پوڪ کي.

ڏيو

۱۹۴۷. تلاءَ ۾ پاڻي، پاڻيءَ ۾ نانگ، نانگ تي مور،
تلاءَ سڪي ويو، نانگ مري ويو، مور اڏامي ويو.

۱۹۴۰. پي روايت: اهڙو ڪمائين واپار، جو وائڙي ڇڏيس وات تي.
۱۹۴۳. پي روايت: ٻيا ته آڪ ٻيا، هلي ته هرڻ والي چال.
۱۹۴۶. پي روايت: پڪين پوڪ پوڪي، پوڪ مان ٽيما پير،
ڪا جا لڳي هير، جو ويا پتيندا پوڪ کي.
يعني اتر جو واءُ لڳندو ته ڏينهو مانارا ڇڏيندا.

ڊاڪ

۴۴۸. پرولي پير ڌَمڻ جي، وڃي لڳي نار،
گل ڪندي هڪڙو، ڇڳا ڪندي چار.

ڊڀ، ڪِپ

۴۴۹. پاڙون جنهن جون پاتال ۾، لامون جنهن جون لس،
اها پرولي پڌري، جا مير به ڀڄندا مس.

رپيو

۴۵۰. ٻه پٽ، اٺ ڀيٽون، سورهن ڀائي سچا،
هلن چلن بازار ۾، ٻٽيهه اَن جا ٻچا.

ريل گاڏي

۴۵۱. صاحبلوڪ لاٿس روڪ، ڇوري ڇمڪندي وئي.

زال ۽ مڙس

۴۵۲. اڳي هُياسي ٻه ڄڻا، هاڻي وڌي ٿياسين گهڻا،
سڄڻ گڏيا سڄڻ سان، اسين آهيئي ٻه ڄڻا.

ساري (تُهه چڙهيل چانور)

۴۵۳. ڇهين مهيني جي ڇوڪري، ڍڪيل ته ضائفان، اگهاڙو ته مرد.

سال

۴۵۴. هڪ ٻڪر، ٻارهن پٻير، ٽي سؤ سٺ سڱ،
سڱ سڱ تي پنج ٽئونر.

۴۵۵. ايڪ حويلي، ٻارهن ٿنڀي، تنهن جا اٺيتاليهه طاق،
انهيءَ جي اوطاق، ٽي سؤ سٺ کڙڪيين.

---

۴۴۸. ٻي روايت: پرولي پير ڌمن جي وڃي لڳي آنگاس،
گل ڪيائين هڪڙو، ڇڳا ڪيائين چار.

۴۵۱. ريل گاڏيءَ جي اوائلي زماني ۾ ڊرائيور انگريز هوندا هئا.

۴۵۴. يعني سال جا ٻارهن مهينا، ٽي سؤ سٺ ڏينهن، ۽ ڏينهن ۾ پنج وقت نماز جا.

۴۵۵. 'براد' شاعر جي ٺاهيل پرولي.

سال ۽ صدي

۴۵۶. ٻارهن دِلا، هڪ مُنهن ـ سؤ سُهرا، هڪ نُنهن.

سانپو يا ڪيچُوئو (ڪيئون)

۴۵۷. آءٌ مئو آهيان تنهنجي ڪاڻ، تون نہ مر منهنجي ڪاڻ،
جو يار بيٺا آهن تنهنجي ڪاڻ.

سانئر يا سِهنوَر

۴۵۸. ٻہ ڄڻا ٻيڙيءَ چڙهيا، ڇڪڻ وارا چار.

ساهہ

۴۵۹. پنهل تہ پيارو آهہ، پر پرديسي ٿي پيو.

۴۶۰. گهر ۾ ويٺو تہ خوش، ٻاهر نڪتو وري نہ موٽيو.

سِپَ

۴۶۱. ٻہ مايون، گڏ سامايون پر ٻار ڄڻيائون هڪڙو.

۴۶۲. ٻہ ڀينرون پاڻ ۾، ٻنهي وڌا ٻک،
هڪڙيءَ ڄايو هڪڙو، ٻيءَ ڄايو لک.

سج ۽ چنڊ

۴۶۳. ٻہ بگا ڏاند، وهن ڌارو ڌار، پر پڙُ ٻنهي جو هڪڙو.

۴۶۴. ٻہ ڀائر واٽ هڪڙي،
هڪڙو هلي ڏينهن جو تہ ٻيو هلي رات جو.

۴۶۵. ٻہ شهزادا، مَرن بہ روز، ڄمن بہ روز.

۴۶۶. ٻاهرئون آيا ٻہ ڄڻا، باهہ ۾ ڀائيوار،
آڏ ٻنهي جي هڪڙي، وهن ڌارو ڌار.

سُرميداڻي

۴۶۷. چؤ ڄنگهي چوغان ۾، آڻي لاٿائون،
نر هئس پيٽ ۾، مٿان مادي وڌائون.

---

۴۵۷. مڇي مارڻ جي ڪنڊيءَ ۾ ٻڌل سانپو، مڇيءَ کي خبردار ٿو ڪري.

۴۶۸. چار پير چوغان ۾، ڦِري ٿي ميدان ۾،
پُٽ اٿس پيٽ ۾، ڌيءَ بيٺي گهُري.
۴۶۹. چار ٽنگون چيلهه ۾، مٿي ۾ کُهي،
اهڙي سکر جوءِ، سڀڪنهن جي گهر هئي.

سِنگَهه

۴۷۰. ڌِڪ ڌِڪ دِلوڙي، پَچ پَچ پاڻي،
پنج ڄڻا ڊوڙي آيا، ٻِن جهَلِي تاڻِي.

سواري (ڪورڪي ڪم جو اوزار)

۴۷۱. مٿو ڪاٺ جو، چيلهه چم جي، پير ڪکن جا.

سَوَڙ

۴۷۲. هڪڙي رَن، چار ڪَن، ٻچڙا ٻار لڪائي.
۴۷۳. هڪ رن، چار ڪن، جيئرا ماڻهو دسي.

سيڻاهه

۴۷۴. جيئري هُئِي جوءِ، مُئي ڪيائين مڙس،
اها ڳالهه درس، ٻئي پيا ٻار ۾.
۴۷۵. ننڍي ننڍي نينگري، دلي جيڏو پيٽ،
وڃي پَئِي پرديس ۾، سواريءَ سميت.

شيشو

۴۷۶. ٽِپڻ ۾ ٽُنگ ڳچيءَ ۾ رسو، هلي ٿو بازار ۾ ڏسو ڙي ڏسو.

طاق (دروازي جا)

۴۷۷. ٻه ڀائر، ڏينهن جو جدا ٿين، رات جو گڏجن.

عزرائيل

۴۷۸. آيو آهي ته خالي نه ويو آهي.
۴۷۹. چوري آءٌ نه ڪريان، شيءِ ڪنهن جي نه ڇڏيان،
ساٿ اٺن جا سَنڌا نِيان.

عورت

۴۸۰. آڻ لڳي اوهه لاهي، لڳي ته وياء،
ماس جنهن جو مڪروه، کير سڀڪوئي کاء.

ڦار، هر جو

۴۸۱. هو جو مُڪئي ڦَر سان، گهاري نٿو گهر سان،
پاڻ ته کريو پر ٻيا به کاري.

ڦڻي

۴۸۲. جان وڃان ته بيٺو ڏي، ڏئي ٿو سو ڪونه ڏيندو.
نه ڏئي ها ته ڏئي ها.

قبر

۴۸۳. جيڪي ٺاهن ٿا انهن کي ڪم نٿي اچي،
جن لاءِ ٺاهن ٿا، آهي ڏسن به نٿا.

قرآن شريف

۴۸۴. ٿُڙ ٿُلهو، ڏار گهڻا، هڪڙا واسيا وڃن، ٻيا واسجن پيا.

قرآن شريف، رحل ۽ پڙهڻ وارو

۴۸۵. سمنڊ ڪاٺ تي، وِيڻي وارو هيٺ.

قرآن شريف، اسرافيل، حضرت عيسيٰ ۽ بهشت

۴۸۶. آيو آهي ته ويو ناهي، بيٺو آهي ته ويٺو ناهي،
ڄائو آهي ته مئو ناهي، پاڪ جاءِ تي نماز ناهي.

قُقنس پکي

۴۸۷. نَڪي پَڪو نڪي ڪچو، نڪي کُوري ۾ کانيو،
جڏهن سامايو، تڏهن ڪار ڪري پيو پيءُ جي.

ڪاغذ، مس، قلم

۴۸۸. اڇي ٻني، ڪارو ٻِجُ، ڪانهي جو هَرُ وهي.

---

۴۸۷. يعني ته ققنس پکي ٽانڊا پيو چُڳهي.

ڪانڀ

۴۸۹. استري کي اوڏِي نہ وڃي، نر کي سُونهي نار،
خاص پرولي "کَٽي" چئي، تون نِڪَمي وٽ نهار.

ڪانڊيرا

۴۹۰. گهڻا ۽ گهاٽا، وِہ جنـي جـي وات ۾،
گُل تني ڇاٽا، کهنبي ورن "کٽي" چوي.

ڪاوڙ

۴۹۱. آهي حرام، پر کاءُ تہ حلال.
۴۹۲. اَڀري تہ اوندهہ، لهي تہ سوجهرو.

ڪَتِي (نڪٽ)

۴۹۳. آمر ساڻ اَٿي ٿِي، اَها ناز ڀري نينگر،
گهمي ٿي گهڻن سان، اَها ناز ڀري نينگر،
واليءَ ڪيس ور، انهيءَ جاءِ "جمعو" چوي.

ڪرٽ

۴۹۴. چار ڪاٺ چڙهڪ، پنجون پڌرو لوهہ،
پير اٿس پوشيدا، ستر ڪي سؤ،
سالڪ اوهين سمجهو، ڳوليو انهي ڳالهہ کي.

ڪِرڙ

۴۹۵. ڦَر بہ ڪري، گل بہ ڪري، ڪين پن.

ڪُڙهي (مڇي مارڻ جي)

۴۹۶. ڇهہ ڄنگهون ڇهل باز کي، مٿي ۾ کُهِي،
ڪالهہ ڏٺيسين مڙس کي ڪلهي تي هئي.
۴۹۷. اَٿي تہ ڇم ڇم، وِهي تہ کم پاتار،
ماري لک هزار، پر کائي ڪُجهہ بہ نہ.

---

۴۹۷. ٻي روايت: هلي تہ ڇم ڇم، بيهي تہ سؤ خون ڪري.

ڪفن

۴۹۸. جنهن کي گهرج هئي، تنهن ورتو ڪونہ،
جنهن ورتو، تنهن پاتو ڪونہ،
جنهن پاتو، تنهن ڏٺو ڪونہ.

ڪُڪڙ جو مور (چوٽي)

۴۹۹. نڪي ڪوريءَ آڻيو، نڪي کٽيءَ رڱيو،
اچي ڏسو ماڻهئا! هيءُ ڪهڙو رنگ رتو.

ڪڪڙو ۽ ڦُٽِي

۵۰۰. پوکيم نر تہ ڄائي مادي،
ماديءَ جو مٿو ڪوڙ تہ ساڳيو نر جو نر.

ڪلف ۽ ڪنجي

۵۰۱. پاتي ۾ پاتو، تنهن ۾ وري پاتو،
ماڻس ويئي نڪري، پڻس اچي ڦاٿو.

ڪم

۵۰۲. سڀ ۾ پوي.

ڪنڊو

۵۰۳. پيٺو پيٺو، گهر ڪري ويٺو، هٿ لاءِ تہ هاءِ.

ڪُنڊي (مڇي مارڻ جي)

۵۰۴. آءٌ آهيان ڏنگي، تون ٿي ڪرين خوشي،
جي کائين ٿي مون تہ مرين ٿي تون.

ڪِنگِرَ (مالهہ ۾ ٻڌل)

۵۰۵. منهن ڦاٽل موالي، چڪر تي چڙهيا،
دانهون ڪري درد جون وڃي کڏ ۾ ڪريا.

ڪِنگري (مالهه ۾ ٻڌل)

۵۰۶. اچي به سرتين سان، وڃي به سرتين سان،
تنهنجو منهنجو سڏ آجايو.

ڪُنو

۵۰۷. ٽن تي چڙهيو ٽِنج گُلو، ٽوپ پائي ٽِنج گُلو،
پُڇ ٽورو ٽِنج گُلو.

ڪڻڇي پکي ۽ ڪڻڇي ٿانءُ

۵۰۸. هڪڙي ساهه سرير ۾، ٻئي کي ساهه نه ماه،
ڀر نالو ٻنهي جو هڪڙو.

ڪوڙڪي (پکين ڦاسائڻ جي)

۵۰۹. آءٌ آيس تو لاءِ، تون آئين مون لاءِ،
جي کائيندين مونکي ته ڪُٽيندا توکي.

۵۱۰. ڏِنگڙي جوانڙي، جنهن کي مٿي تي مانڙي.
چور ڪري چوري ته ڪري وٺ پڪڙ.

ڪاري هيٺان ڪُڪڙ جا ٻچا

۵۱۱. ڏس ڪاريگر جا ڪم، ڪاٺين ۾ ٿو ڪيچ واڙي.

ڪانڀاڻي

۵۱۲. نر چڙهيو نر تي، نر جي هٿ ۾ نار،
گهوٽ ويو نڪري، دانهن ڪئي ڪنوار.

ڪٽولو

۵۱۳. چار ڄڻا چؤگان ۾، آٺ پڻ اوءِ،
هڪڙا نِيرّ پيا اٿن نينهن جا، ٻيون پينڊ پڇاڙيون پوءِ،
آهن گهر هرڪنهين، توڙي هندو مسلمان هوءِ،
سو ڪو سگهڙ هوءِ، جو ڏي ماهيت ان مذڪور جي.

---

۵۱۲. پيهي تي چڙهيل هاري جي هٿ ۾ ڪانڀاڻي، ۽ ان ۾ ڳوڙهو.

کجي (وڻ)

۵۱۴. ايڏي ايڏي لنبي اي، ماڙي ڪنون وڏي اي،
شمڪي جيڏا وال اي، سوني ٽوپي نال اي.

۵۱۵. هڪ مائي، سدا سائي، پُٽ ڄڻيندي ريهان کيهان،
الله جي مهر پيئي، ته مرڳو ڌِيان ئي ڌِيان.

کُنڀي

۵۱۶. ٻج به الله جو، زمين به الله جي،
تو جا پَٽِي، سا ڪنهن نه پوکي.

۵۱۷. پهرئين ڏينهن صغير، ٻئي ڏينهن ڪبير،
ٽئين ڏينهن ڪُراڙي، چوٿين ڏينهن ڪنهن نه قبولي.

کير ڏهڻ

۵۱۸. چَمُ وَرُ، چيچ وَرُ، هيٺان گهُگهُ جو گهَر،
مٿان گهُو گهُو.

کينهون

۵۱۹. مٿي وڃي، هيٺ وڃي، هڏ گسائي پٻير نه کڻي،
هيڏانهن ڊڪيو، هوڏانهن ڊڪي.

گِراهه

۵۲۰. پنجن ڄڻن پنوڙو کنيو، ڏي ڏڙنگ منجهه،
مٿان هيٺان رينگ رينگان، ڏي گڙنگ منجهه.

گرانهه

۵۲۱. پَنج ڄڻا پَٽَڻ تي، ٻَڌو ٻَٽيهن ڳاهه،
حليما مائي هڪڙي، پئي ڪري پاهه،
سالڪ سنجهه صُباح، ڳُوڙها ڳولج ڳالهه کي.

گِراهه کائڻ

۵۲۲. پنج وٽڻ وٽبا اچن، ٽيهه ڪُٽڻ ڪُٽبا اچن،
زُهرا گنجي نچندي اچي، خير متو وڄندو اچي.

---

۵۱۴. کجيءَ جا ڊگها پن ۽ پيلا ٻُهارا.

گوگڙو (ڪپهه جو)

۵۲۳. لُڏي لڏي لُڏڻ ڄائو، تنهن مان ڄائي ماڻس،
ماڻس مٿو ڪوڙايو تہ پيدا ٿيو پڻس.
۵۲۴. پهرين ڄائو ڇورو، پوءِ ڄائي ماڻس،
ماڻس مينڊا ڇوڙيا، پوءِ ڄائو پڻس.
۵۲۵. آوڻ ڳيا، ڌُوڻ ڳيا، مٿا تنهن دا ڦاڙ ڳيا،
مال خزانا کس ڳيا، ٺلهي ٺڪر ڇوڙ ڳيا.

ڳَڙو

۵۲۶. اڇو موتي جهرڪڻو، هٽ نہ بازار، ڪٿان آڻيان؟

ڳئون يا مينهن

۵۲۷. چار مڪڙيون، ٻہ سڪڙيون، هڪ نوريئڙو.
۵۲۸. چار هيٺ، چار بيٺ، چار ڇاڙهيڪي چڙهيا،
عجب آهي الله جو، جنهن اهڙا گهاٽ گهڙيا.
۵۲۹. چار چنيسر هلن چلن، چار چنيسر مٺي ماکي،
ٻہ چنيسر لُڏن ڪُڏن، ٻہ چنيسر سُڪي ڪاٺي.

گهاڻو

۵۳۰. ڌڪ لڳن هڪڙن کي، رڙيون ڪن ٻيا، رَت ڏين ٽيا.
۵۳۱. ڀاڻي مٿي ڀُون، ٻج ٻئي جي وات ۾، تاڻين ويٺو تون.

گهڙامنجي، دِلِي ۽ ڍَڪُ

۵۳۲. نار مٿان جا نار ڏٺيسون، تنهن جي مٿان نر،
ڪامل کنيو ڪر، ڪري عرض الله کي.

---

۵۲۵. ٻي روايت: اوڙ ڳيا، ڌوڙ ڳيا، مٿا تنهن دا ڦاڙ ڳيا، خزانا تيڏا کس ڳيا.
۵۲۷. يعني چار ٿڻ، ٻہ سڱ ۽ هڪ پڇ.
۵۲۸. يعني چار ٽنگون، چار ٿڻ، ٻہ سڱ ۽ ٻہ ڪَن.
۵۲۹. يعني چار ٽنگون، چار ٿڻ، ٻہ ڪن ۽ ٻہ سڱ.

گهڙيال

٥٣٣. اندر ۾ اوزار، ٻارهن اٿس ٻار، سارو ڏينهن ٿو سِرُ کائي.

گهونگهو (جيت)

٥٣٤. جهوڪ اَٺ جي، ٻِرانگ شينهن جي،
ٽپڪي ڏيڏر جي، سِگ هرڻ جا.

لُڌو تارو ۽ لُڌڙو جانور

٥٣٥. ٻهڳڻ ٻُڌم ٻه ڄڻا، ڀيڄ ڀنيءَ رات،
هِڪ جو جالڻ جر سان، ٻئي جو ڏورڻ رات،
آهن پاڻئون واڻي ذات، پر نانءَ ٻنهي جو هڪڙو.

لغڙ

٥٣٦. نه کائي، نه پيئي، ته به چڙهي وڃي آنگاس،
ڏٺوسين رنگ راس، ته پير پکيءَ جو هڪڙو.

لوڻ

٥٣٧. جَرَ ۾ جالارو، بر ۾ بيشمار،
جڏهن پئي طعام ۾، تڏهن ٿئي تيار.

٥٣٨. سِرجي سائو نه ٿئي، پوکئي ڪري نه پن،
تنهين سندو انّ، وڪامي وچ بازار ۾.

٥٣٩. نڪو هُيو ٻج ٻنيءَ ۾، نڪو هاري اَڙهو هر،
نڪي لڻيس لاهيارو، نڪي هاري ڪَريس هلر،
انهيءَ پوک سندو ڦَر، وڪامي وچ بازار ۾.

ماڪ

٥٤٠. اَٺ وهنجي نڪتا، گهڙا ڪين ٻُڏن،
پرديسي پکيئڙا، ويٺا اَڃ مَرن.

---

٥٣٦. ٻي روايت: نه کائي نه پئي، نه وِهي پاڻيءَ پاس،
ڏٺوسين رنگ راس ته چڙهي ويو آنگاس.

مالهه (هرلي ۽ نار جي)

٥٤١. سؤ ڌيءَ سسئي جي، پنجاهي پٽن،
ڪريو آس الله جي، پهريو پون پٽن.

مانارو (ڏينڀن جو)

٥٤٢. ماني جيڏي ماڳ ۾، ڪڏن جا هزار،
ڪي دربان درن تي، ڪي چلن چوڪيدار،
اهڙي نامدار سرڪار، ڪٿي ڏٺيسون ڪانه ڪا.

مانڌاڻي، منڌي

٥٤٣. پوڙهي رَن، چار ڪَن، چيلهه ٻڌيو پيئي نچي.
٥٤٤. انڌي رن، چار ڪَن، چيلهه ٻڌيو پئي چڪر هڻي.

ماءُ جو ٻُبو

٥٤٥. هيڙو هيڙو، ليڙ به ليڙو،
هٿ سان ڪري، پيٽ ۾ پيهڙو،
پيٽ به ڀريو، اندر به ٺريو.

ماءُ ۽ پيءُ

٥٤٦. هو جي آيا ٻه ڄڻا، ماکيءَ کان مٺا،
تو ڏٺا، مون ڏٺا، خدا ڪين ڏٺا.
٥٤٧. رهبر ويٺو راهه، آيا ٻه ڄڻا،
سڀڪنهن ڏٺا، الله سائين نه ڏٺا.

مڇر

٥٤٨. سج لهي سانجهي ٿي، آيو هرجائين،
هرڪو منهن مٿو پٽهي، ڍور ڍڳي تائين.
٥٤٩. منهن جنهن جو مرونءَ جهڙو، ٽنگون جنهن جون سڳا،
کايو ڍور ڍڳا، لڪيو وڃي لَيُن ۾.

---

٥٤١. سؤ ڌيون=اِرڙيون. پنجاه پٽ=لوٽا، ڪنگر.

٥٥٠. مُنهن مِروُنءَ جهڙو، پَر پکيءَ جهڙا،
هَڻ تہ هَڏوئي نہ لڀي.
٥٥١. تکي چهنب ترار جيئن، ڄنگهون جنهن کي چار،
ڊڄي ڪنهن کان ڪينڪي، ڪري شوق شڪار.

مرچ

٥٥٢. ڄِڀَ ڪَتِ ڪَتِ، ها پَتِ هُو پَتِ، هاءِ هاءِ.

مڪائي (سنگ)

٥٥٣. آڙي آ، پَڙي آ، موتين سان جَڙي آ،
ليلا جي باغ ۾ چيلهہ ٻڌيو کَڙي آ.
٥٥٤. اُتر کان اُپني، نالي چڱي نار،
پاڻ ويٺي گڍ ۾، مڇون ٿيس ٻهار.
٥٥٥. ٻالڪپڻ ۾ ڍَڪي سائِي چولِي،
پيريءَ ۾ پائي موتين جو هار.

مڪڙ

٥٥٦. چريو چانجوسي نہ ڏي، کُر ڌرتيءَ تي نہ ڏي،
مٿئون پيو چُري ڦري.
٥٥٧. ڇَهہ ڄنگهون ڇَهلباز کي، نَوَ وِيهُون نُنْهَن،
کاڄ جنين جو کڙڪڻو، پاڻي مُور نہ پِيَن،
دعا ڪريو ڙي جيڏيون، ڇپر شال وڃن.

مکڻ

٥٥٨. ٺِڪرين دا مين ڪوٽ بڻايا، لاڪڙ ٻڌم ڳاهہ،
حاضري ميوا پڪ کڙا، تلهي رهہ ڳيا درياهہ.

مُڱ (ٻُوڙو)

٥٥٩. پَن تہ جنهن جا پِپر جيڏا، ٻيلي ۾ ٻَهڪن،
وڃي پُڇ ديهہ دارن کان، تہ آنُ ڪهڙو ڪَن؟

مڻ

٥٦٠. جان وڃان بازار ۾ ته نانگو ڏٺم نر،
چاليهه چيلا چيلهه سان، سؤ سٺ نوڪر.

ميوو (جنهن اندر گهڻا ٻج هجن)

٥٦١. گُنديءَ ۾ داڻا، پاڻي ۾ پُرڪار ٿيا،
نڪرن جي نڪونجهه مان، ته سَلا ساماڻا،
محب نه ڪر ماڻا، سمجهه ته پوءِ سرهو ٿئين.

نار يا هرلو

٥٦٢. ڪاٺ مٿان ڪاٺ گهڙيو، تنهن تي گل بيگ چڙهيو،
واهه ڙي واڍا واهه، تو ڪيئن گهڙيو.

٥٦٣. ڪاٺ چڙهيو ڪاٺ تي، ڪاٺ ڪري ريهان،
چئي: دوزخ مان نڪري، بهشت ۾ بيهان.

٥٦٤. هڻ ڌڪ جيئرن کي، ته مئا پيا دانهون ڪن،
اونهي ڏيهه الله جي ۾، اڻ مَيا پيا مَئين.

٥٦٥. ڌڪ لڳا جيئرن کي، دانهون ڪن مُئا،
سي ويچارا، روئندي بهشت ويا.

٥٦٦. ڌڪ لڳن هڪڙن کي، رانڀٽ ڪن ٻيا،
آيا جي ٽيا، سي لُڙڪ هاريندا ويا.

ناريل

٥٦٧. برپٽ ۾ بَڙيو ٽانگو، ريءَ ڪنڀار گهڙيو ڀانڊو،
ريءَ سَبائڻ کير جُڙيو.

٥٦٨. ٻه ڪوٽ قابو آهن، جن کي دري نڪو در،
نڪو پيو پڌرو پاڻي، نڪو وٺو منجهس ڪڪر،
جوان تنهن ۾ جر، ڪهو ڪامل ڪٿان آئيو.

---

٥٦١. مولوي احمد ميمڻ جي ٺاهيل پرولي.
٥٦٤. جيئرا=ڏاند. مئا=نار جو ڪاٺ. آڻ ميا=ڪِنگر.
٥٦٥. ٻي روايت: پاڻي ڀرن اهي، جيڪي دوزخ ۾ هئا.

نماز

٥٦٩. هڪڙي ٻوٽي ۾ پنج گُل، ٽي ڇانو ۾، ٻه اُس ۾.

ننڊ

٥٧٠. آئي سميلا، ويئي سميلا، سميلا ڪنهن نه ڏٺي.

نير (پوک)

٥٧١. پوکين پوک پريت سان، سا سڪي ٿئي سوڪ،
ماڻهو مرون کائنس ڪونه، ته به پئسا ڪري روڪ.

واٽ

٥٧٢. ڊگهي ڊگهي چادر، هنڊائجي ته نئين، پيئي آهي ته پراڻي.

واچوڙو

٥٧٣. پرولي پير ڌَمڻ جي، وڃي لڳي اُڀ،
جيڪو نه ڀڃي، تنهن جا ٺوڙها ٿيندا سڀ.

واڱڻ ۽ بصر

٥٧٤. ٽنگيو چوي پوريل کي ڪڏهن ملنداسين.

وڃڻو

٥٧٥. سياري ۾ لڪي وڃي، اونهاري ۾ جام،
اهڙا حڪيم عام، وڪجن پيا بازار ۾.

وڇون، ڀٽون

٥٧٦. بندرو بروهي، هڻي بندوق، ڪري گوهي.

٥٧٧. رهي زمين تي، اُڀري آسمان ۾،
نالو اٿس نعوذ بالله، پُڇ سان ٿو کائي.

وڻ ويڙهي

٥٧٨. نر پرائي نار کي بيٺو ڀاڪر پائي،
نار آگهي ڍَڪِي، نر پيو آنا لاهي.

---

٥٧٧. ٻي روايت: هيٺ به آهي، مٿي به آهي.

۵۷۹. سُڪي تان نہ هيروين، رڌو تان نہ کاءِ،
ري مندائتي مارئي ٿي ور کي وڪڙ پاءِ.

هاٿي

۵۸۰. چار ٿنڀا، ٻہ ڏيا، ٻہ وڃڻا، هڪ ترار.
۵۸۱. ڏُوهڻ پَکي جهُلدِي آوَن، ڏِيئي مَٿي ٻَلدِي آوَن،
ڪالا نانگ ليٽندا آوِي، لوڪ تماشا ڏيکندا آوِي.

هوائي جهاز

۵۸۲. ڀُورو سانُ ڀنڀور جو، اچي بہ رڙندو، وڃي بہ رڙندو.

---

۵۸۱. پَکا=ڪَن. ڏيئا=اکيون. ڪارو نانگ=سُونڊ.

باب چوٿون

ٻول - پرولیون

[هن باب هيٺ شامل پرولیون ڏيڻي توڙي پڇيءَ جي لحاظ سان پهرين ٽنهي بابن ۾ آيل پرولين کان مختلف آهن ۽ هاڻين پرولين جو اهم ۽ دلچسپ مواد آهن. عام طرح پرولیءَ جي ڏيڻيءَ ۾ ڪنهن به شيءِ يا ونڊ جي بناوت، رنگ، سواد يا ٻين خصوصيتن جا اهڃاڻ، جملن، فقرن يا نظم جي صورت ۾ نروار ڪيا ويندا آهن ۽ پڇيءَ ۾ شيءِ جو فقط نالو وٺڻ ڪافي آهي. پر هن باب وارين پرولين جي ڏيڻي سوال واري جملي ۾ سمايل آهي، يا ڪنهن شيءِ کان ڪو ڪم وٺڻ لاءِ چيو ويو آهي. مثلاً: "سهي کان سون گهڙائي ڏيو" يا "ٻليءَ کي ڪنگڻ پارائي ڏيو" وغيره. انهن پرولين جي پڇيڻ ڪن خاص ٻولن تي مبني آهي. جڏهن اهي ٻول ورجائبا، تڏهن پرولي پڇندي. جيئن ته:

ستن شينهن جا مٿا ڦاڙي ڏيو

واري پرولیءَ جي پڇيڻ هن طرح مقرر آهي:

ڪيڙ ڪو ڪو، آڪ گهاٽا - ستن شينهن جا مٿا ڦاٽا

جيئن ته هنن پرولين جو اهم حصو اهي پڇيءَ وارا ٻول ئي آهن، تنهنڪري هي مواد "ٻول - پرولين" جي عنوان سان هتي شامل ڪيو ويو آهي.

هي پرولیون پڇيءَ جي لحاظ سان چئن پاڳن ۾ ورهايون ويون آهن. (الف) ٻن مصراعن يا موزون فقرن واريون. (ب) ٽن ٽن ۽ چئن موزون فقرن واريون. (ج) گهڻن فقرن واريون ۽ (د) ٻن ڊگهين مصراعن واري پڇيءَ تي مشتمل پرولیون.]

الف

۵۸۳. اَڀُ راڳائي ڏيو.
هڪ ڍڪڻي ۾ ڍوڪريون - اَڀ راڳين ڇوڪريون.

۵۸۴. اَڀ مان ترڪاري ڪڍائي ڏيو.
هِي مهينو سرڪاري - ڪڍان اَڀ مان ترڪاري.

۵۸۵. ٻَڪر ڪُهائي ڏيو.
'نازو' ويو رُسِي - ٻڪر ويو ڪُسِي.

۵۸۶. ٻليءَ کي ٻُنڊڙا پارائي ڏيو.
لٻيٽ پٻيٽ گُندڙا - ٻليءَ پاتا ٻُندڙا.

۵۸۷. ٻِليءَ کي پُٺيو پهرائي ڏيو.
چُلهه مٿي مُٺيو - ٻليءَ پَهريو پُٺيو.

۵۸۸. ٻليءَ کي ڪنگڻ پارائي ڏيو.
ٻِلي ويئي لنگهڻ - پائي آئي ڪنگڻ.

۵۸۹. ٻليءَ کي گهنڊڻي ٻڌي ڏيو.
ڪانوَن کنئي ٽنڊڻي - ٻليءَ ٻڌي گهنڊڻي.

۵۹۰. ٻيڙي ٻاٽَ ڀَرائي ڏيو.
ڪُرڙي هنئي ڇاٽَ - ٻيڙي ڀَري ٻاٽَ.

۵۹۱. ڀولڙيءَ کان پاپڙ پچارائي ڏيو.
ڀاڀي ويٺي باهه مچائي - ڀولڙي ويٺي پاپڙ پچائي.

۵۹۲. ڀوليءَ کي برقعو پارائي ڏيو.
سَر ۾ ٿيو سُرڪو - ڀوليءَ پاتو برقعو.

---

۵۸۳. ٻي روايت: اَڀ لُٽائي ڏيو. ڍوڪري=ٿُلهي ماني.

۵۸۶. ٻي روايت: شينهن کي ٻُندڙا پارائي ڏيو.

۵۸۷. پُٺيو=انگرکو.

۵۸۸. ٻي روايت: شينهن کي ڪنگڻ پارائي ڏيو.

۵۹۳. پوليءَ کي پَتُ ڪارائي ڏيو.
روهيءَ مٿان رت-پوليءَ ڪاڏو پَتُ.

۵۹۴. پوليءَ کي پَڙي پارائي ڏيو.
پهرين منهنجي ڪَڙي-پوليءَ پاتي پَڙي.

۵۹۵. پوليءَ کي گَجُ پارائي ڏيو.
حاجي سنپريا حج-پوليءَ پاتو گج.

۵۹۶. جُونءَ کي جُتي پارائي ڏيو.
ڪُور ڪُور ڪُتي-جُونَ پاتي جُتي.

۵۹۷. چار جهڳائي ڏيو.
ڪوڏار، ڪَپ ڏار-هڪ ڏڪ، جهڳي چار.

۵۹۸. چنڊ کي چولو پارائي ڏيو.
۱. دانگيءَ ۾ لولو-چنڊ پاتو چولو.
۲. اڳڻ تي اولو-چنڊ پاتو چولو.

۵۹۹. ڏيڏريءَ کي پوتي پارائي ڏيو.
ڏکڻيءَ ۾ موتي-ڏيڏريءَ پاتي پوتي.

۶۰۰. ڏيڏريءَ کي چير پارائي ڏيو.
سونارِي پريا پير-ڏيڏريءَ پاتي چير.

۶۰۱. رِڍَ روٽاڙي ڏيو.
آکريءَ ۾ چُنو-رِڍ وينِي رُنو.

۶۰۲. رِڍ کي راڳ گهارائي ڏيو.
آکريءَ ۾ ساڳ-رِڍ گهايو راڳ.

---

۵۹۳. ٻيون روايتون: ۱. شينهن کي پَتُ ڪارائي ڏيو.
۲. هاٿي کي پَتُ ڪارائي ڏيو.

۶۰۲. ٻيون روايتون: ۱. شينهن کان راڳ گهارائي ڏيو.
۲. ڪِول کي راڳ گهارائي ڏيو.

٦٠٣. رِڍ ميڙي ڏيو.
١. سائو سڳو سيريان-رڍ ويهي ميڙيان.
٢. ڍيري وٽهي ويڙهيان-رڍ ويهي ميڙيان.

٦٠٤. ستن شينهن جا ڪَنڍلا لهرائي ڏيو.
فتح پور جا گهوڙا ٽَٺا-ستن شينهن جا ڪَنڍلا لٿا.

٦٠٥. سَر مان نانگ اُٿاري ڏيو.
هَر مٿان هَر-ڇڏ ڙي نانگ سَر.

٦٠٦. سِرڻ کي پَڙو پارائي ڏيو.
کُوٻهي ۾ کَڙو-سرڻ پاتو پَڙو.

٦٠٧. سِرڻ کي سهرا ڳارائي ڏيو.
لنگهو بيٺو دهل وڄائي-سِرڻ ويٺي سهرا ڳائي.

٦٠٨. سَهي کي پٽڪو ٻڌائي ڏيو.
دُهل ڪيو ڌڌڪو-سهي ٻڌو پٽڪو.

٦٠٩. سهي کي سُٿَڻ پارائي ڏيو.
١. ٻڪريءَ جا ٻه ٿڻ-سهي وِڌي سٿڻ.
٢. چُپ چُپاتي-سَهَڙ سُٿڻ پاتي.

٦١٠. سَهي کي سنگهري پارائي ڏيو.
واڙ کي ڍنگهري-سهي پاتي سنگهري.

٦١١. سهي کي سَوَڙ اوڍائي ڏيو.
١. حڪيم پيٺا چَوَڙ-سَهي اوڍي سَوَڙ.
٢. اُتران ٿي گوڙ-سهي اوڍي سوڙ.

٦١٢. سهي کي ڪهاڙي کڻائي ڏيو.
پکي ته آڙي-سهي کنئي ڪُهاڙي.

---

٦٠٣. ٻي روايت: هرڻي ميڙي ڏيو.
٦٠٦. ٻي روايت: شينهن کي پَڙو پارائي ڏيو.
٦١١. ٻي روايت: شينهن کي سَوَڙ اوڍائي ڏيو.

٦١٣. شيطان جو منهن ڪارو ڪرائي ڏيو.
ڪاريءَ ڪُڪڙ ڪيو آرو- شيطان جو مُنهن ڪارو.

٦١٤. شينهن کي پاڻي پياري ڏيو.
رات آئِي راڻِي- شينهن پيتو پاڻي.

٦١٥. شينهن کي پَٽڪو ٻڌائي ڏيو.
ڀِير مٿي سَٽڪو- شينهن ٻڌو پٽڪو.

٦١٦. شينهن کي جامو پارائي ڏيو.
اُکريءَ ۾ آمو- شينهن پاتو جامو.

٦١٧. شينهن کي روئاڙي ڏيو.
ڀَت ۾ ڏوئي- شينهن ڏنو روئي.

٦١٨. شينهن کي کِلائي ڏيو.
ڀِت ۾ ڪِلِي- شينهن ڏنو کِلي.

٦١٩. شينهن کي ماني کارائي ڏيو.
ڀِت ۾ ڪانِي- شينهن کاڌي ماني.

٦٢٠. فقير کان ڀولڙي ڇڏائي ڏيو.
فقير کي ڇڏيو آڏِي- تہ ڀولڙي ڏئِي ڇڏِي.

٦٢١. ڦُوسڙيءَ کان ڦَرُ ڇڏائي ڏيو.
١. نانگ کنيو ڪر- ڦوسڙيءَ ڇڏيو ڦر.
٢. واٽ کاڌو ور- ڦوسڙيءَ ڇڏيو ڦر.

٦٢٢. ڦوسڻيءَ کي ڦيري پارائي ڏيو.
ڍڪڻيءَ ۾ ڍِيري- ڦوسڻيءَ پاتي ڦيري.

٦٢٣. ڪانءُ جو مٿو ڪوڙائي ڏيو.
دَکيءَ ۾ ڌُوڙ- ڪانءُ جو مٿو ڪُوڙ.

٦٢٤. ڪٻر کي ڪانڇ پارائي ڏيو.
اُتر لڳي وانڇ- ڪٻر پاتِي ڪانڇ.

---

٦١٨. ٻي روايت: هرڻيءَ کي کِلائي ڏيو.

۶۲۵. ڪچ مان پت آڻائي ڏيو.
روهيءَ تي رت-ڪچ مان آيو پت.
۶۲۶. ڪچ مان ڏاندو آڻائي ڏيو.
ٻيلو ٽيو ٻانڊو-ڪچ مان آيو ڏاندو.
۶۲۷. ڪچ مان وَهڙو آڻائي ڏيو.
روهيءَ تي رَهڙو-ڪچ مان آيو وَهڙو.
۶۲۸. ڪَرو پرڻائي ڏيو.
'سڄڻ' کي آيو ٻَرو-ڪالهه پرڻيو ڪَرو.
۶۲۹. ڪُڪڙ کي وِٺ لهرائي ڏيو.
گدڙ ڏني پُٺ-ڪڪڙ لاٿي وِٺ.
۶۳۰. ڪُٻي جي ڏاڙهي کوڙائي ڏيو.
غريب ٻوکي واڙي-ڪُوڙ ڪُٻي جي ڏاڙهي.
۶۳۱. کودو، ڪُوهه ٽپائي ڏيو.
لغڙ ڏني لُوهه-کودو ٽپيو کوهه.
۶۳۲. ڪُوهه تان ڪَتَ ٽپائي ڏيو.
ٻه ٻانيڻ، ٻه پَتَ-کوهه تان ٽپي ڪَتَ.
۶۳۳. کوهه مان ڏيرا ڪڍائي ڏيو.
مامي کاڏا ڦيرا-کوهه مان نڪتا ڏيرا.
۶۳۴. کوهه مان ڳيرو ڪڍائي ڏيو.
آتران آيا ڏيرا-نڪر کوهه مان ڳيرا!
۶۳۵. ڪُوهيي رت سان پرائي ڏيو.
ڏڳيءَ هنئي لت-ڪُوهيي پري رت.
۶۳۶. گدڙ کان مڇي مارائي ڏيو.
مائيي، دِلهي جو پاڻي هاري-گدڙ ٻيٺو مڇي ماري.
۶۳۷. ڳوهه کي جُتي پارائي ڏيو.
ڪُنديءَ ۾ جهاتي-ڳوهه جُتي پاتيي.

٦٣٨. ڳوهه کي ڪَسِي ٽپايو.
لوٽي ۾ لسي-ڳوهه ٽپي ڪَسِي.

٦٣٩. ڳوهه کي ڳانو پارائي ڏيو.
١. ڀت تي ڪانو-ڳوهه پاتو ڳانو.
٢. اَکريءَ ۾ آنا-ڳوهه پاتا ڳانا.

٦٤٠. مولِهِي اَٺِ ميڙِي ڏيو.
ساڪرو ڏورو سٻيريان-مولهِي اَٺ مٻيڙيان.

٦٤١. وچ درياءَ ۾ ماڙي آڏائي ڏيو.
ادِي وڄائي تاڙي-وچ درياءَ ۾ آڏي ماڙي.

٦٤٢. هالن مان حقا اَڏائي ڏيو.
هَنْيا شڪارين جهنگ ۾ ڌُڪا-آيا اَڏامِي هالئون حقا.

ب

٦٤٣. اَڀ مان سونو وِيڙُهه لاهي ڏيو.
بابي جو ڀاءُ، آما جو ڏير-اَڀ مان لاٿم سونو ويڙهه.

٦٤٤. اَڀ مان سوني ٿالهي ڪڍڻ ڏيو.
آما جي ڀيڻ، بابي جي سالي-
ڪڍان اَڀ مان سوني ٿالِهِي.

٦٤٥. اَڀ مان سونِي سرائي لاهي ڏيو.
مامو پنهنجو، مامِي پرائي-لاٿم اَڀ مان سوني سَرائي.

٦٤٦. اَڀ مان سوني مَنجي لاهي ڏيو.
ڊکڻ مُئو، ڊکاڻي گَنجِي-اَڀ مان لاٿم سوني مَنجِي.

٦٤٧. آڌ چانْور مان ڄڃ کارائي ڏيو.
چُوچا ميڙيان، تئو تپايان-آڌ چانور مان ڄڃ کارايان.

٦٤٨. آڪَ هيٺان پاڏو اٿاري ڏيو.
هنيم گَز، ڇٽيا پَنَ-اَٿ ڙي پاڏا! پٽيانءَ نه ڪَن.

---

٦٤٤. ٻي روايت: کوه مان سوني ٿالهي ڪڍائي ڏيو.

٦٤٩. ٻَٻُر تي ٻِلو چاڙهي ڏيو.
مِينهَنِ ڪيا وسڪارا، ڍڪجي ويا تارا-
رَنڀيو ڍڳو ڀَلو، ٻَٻُر چڙهيو ٻِلو.

٦٥٠. ٻِلِي ڏُهِي ڏيو.
هيڏانهن به ڪِلي- هوڏانهن به ڪِلِي،
ويٺِي ڏُڀِي ٻِلِي.

٦٥١. ٻِليءَ کي مِيڪائي ڏيو.
ڪاتب پنو لِيڪي، چَتُونْ ويٺو چِيڪي.
مٿان ٻِلي ويٺي مِيڪي.

٦٥٢. ٻن مُڙسن جا ٻارهن ڪن ڪرائي ڏيو.
١. چَتُون، چُهنب رَتُونْ، کائي کٿوري، اوڳي پَنَ.
ٻن مُڙسن جا ٻارهن ڪَنَ.
٢. آٺ دريون، اٺ دروازا- جن ۾ ويهن راوت راڻا،
ڀڃِي سوپاريون کائن پَنَ- ٻن مڙسن جا ٻارهن ڪَنَ.

٦٥٣. ڀولڙيءَ کي تکو هلائي ڏيو.
فقير هجي ڀيڙو- ماڻهن جو هجي مهيڙو،
ڇيلي جي ڏيکار کل- ڀولڙي! تون تکي هَل.

٦٥٤. ٽاريءَ تان ٽنڊڻ لاهڻ ڏيو.
ڪارو کٿو، ڳاڙهو کٿو- ٽاريءَ مٿان ٽنڊڻ لٿو.

٦٥٥. پاتارئون پاڻي چاڙهي ڏيو.
هرڻي، چار پير چرڻي، پنجون پير ڇُڙيو،
پاتارئون پاڻي چڙهيو.

٦٥٦. پاڏي ڏهي ڏيو.
آڏي نانْکانْ، پاڏي نانْکانْ، پاڏي رو پگ وڍي نانْکانْ،
[آڏي اڇليان، پاڏي اڇليان، پاڏيءَ جو پير وڍي اڇليان]
توهي پاڏي پيئي ڏُجهي، ته به پاڏي پيئي ڏُڀي.

٦٥٢. ٻي روايت: ٻن شينهن جا ٻارهن ڪن ڪرائي ڏيو.

٦٥٧. چنڊ کي لاٽي چاري ڏيو.
چنڊ کي لڳو سَنڊ - پيٽين پاٽي، کاڏئين لاٽي.
٦٥٨. چنڊ مان سونو ٽالھ کيڏ ڏيو.
ہارھن مھينا، پورو سال - چنڊ مان نڪتو سونو ٽالھ.
٦٥٩. رِيَ کي رُسائي ڏيو.
آکري پُسھي، مُھري مُسھي، آنَ کُسھي، رِيَ رُسھي.
٦٦٠. ستن شينھن جا مٿا ڦاڙي ڏيو.
١. کيرڙ کو کو، آک کھاڻا - ستن شينھن جا مٿا ڦاڻا.
٢. ٽيکراڻو، وڻ کھاڻو - ستن شينھن جو مٿو ڦاڻو.
٦٦١. ستن شينھن جو ھڪڙو ڀاڻو کرائي ڏيو.
١. پھڻ ڦاڻو، پکڙيو چاڻو - ستن شينھن جو ھڪڙو ڀاڻو.
٢. جھنگ گھاڻو، ڦڳڙ ڦاڻو - ستن شينھن جو ھڪڙو ڀاڻو.
٦٦٢. سَتن شينھن کي ڏؤ کرائي ڏيو.
سنھون پيھان، سوڪ پچايان - ستن شينھن کي ڏؤ کرايان.
٦٦٣. سِرَڻ کي وِينڊو پارائي ڏيو.
ٽيکر ۾ ٽينڊو، کٽي اڇ پينڊو،
ڊپ کان سرڻ پاتو وينڊو.
٦٦٤. سِگ ڏُھي ڏيو.
ڪُنون کراڙي، گابو ڏِگ - آڻيو سيلھي تہ ڏُھي سِگ.
٦٦٥. سوپاري ڏُھي ڏيو.
١. لونگن ٽاري، توکي چاري، ڏُڏي سوپاري.
٢. عدن کٽوري، مدن کٽوري،
پُونڍ ۾ ٽاري، ڏُھي سوپاري.

---

٦٥٩. ٻي روايت: آکريءَ ۾ پُسھي، ريءَ ويٽي رُسي.
٦٦٥. ٻي روايت: انگل کٽوري، منگل کٽوري،
کنڀ ھاري، ڏُھي سوپاري.

٦٦٦. سونو پکي پرڻائي ڏيو.
هٿ ڪپڙ جو، ڌؤنري دکي - رات پرڻيو سونو پکي.

٦٦٧. سَهي کان سون گهَڙائي ڏيو.
آڪُ نہ ٻَري، ڏِيو ٻَري - سَهو ويٺو سون گهڙي.

٦٦٨. سهي کي سُٿڻ پارائي ڏيو.
هيڏانهن بہ ڪاتي، هوڏانهن بہ ڪاتي،
سهي سٿڻ پاتي.

٦٦٩. شينهن کان ڪنڍلا ڇوڙائي ڏيو.
رِينْ رِينْ رَڪِينْ - بِيبِي ويٺي کَٽِينْ،
ميان چڙهيو گهوڙي - شينهن ڪنڍلا ڇوڙي.

٦٧٠. شينهن کي سمهارڻ.
چنگ چور، ڀتر ڀور، ڇيڻو ڀُتو، شينهن وڃي سُتو.

٦٧١. شينهن کي نماز پڙهائي ڏيو.
هيڏانهن بہ هٿيو، هوڏانهن بہ هَٿيو.
شينهن نماز پڙهي اُٿيو.

٦٧٢. شِينهَڻ تي کَڙِيو رکي ڏيو.
هيڏانهن ڪڙيو، هوڏانهن ڪڙيو،
شينهڻ مٿي رکيو کڙيو.

٦٧٣. طوطو تلاءَ تان اُٿاري ڏيو.
لوهہ جي لَئُون، رُپي جي تار -
اُٿي ڙي طوطا، تلاءَ آهي تار.

٦٧٤. ڪانءُ پياري ڏيو.
گابي ڪيو گهہ، ڳئون ڪيو بانْ،
پِي چڙهيو ڪانْ.

٦٧٥. ڪُتو کِلائي ڏيو.
ڍنڍ ڀَري، ڇوهو ڇُلي - ٽؤنر ٽِلي، ڪتو کِلي.

٦٧٦. ڪُپڙيءَ ۾ ڪٽڪ ميڙي ڏيو.
اٺ مئو، اوجهه ٽِڙيو - ڪُپڙيءَ ۾ ڪَٽڪ مِڙيو.

٦٧٧. ڪڪڙ کي پاڻي پياري ڏيو.
هيڏانهن به ڇاڻِي، هوڏانهن به ڇاڻِي،
ڪُڪڙ پيتو پاڻي.

٦٧٨. ڪلر ۾ ڪوٽ ڪڙڪائي ڏيو.
پاڻي ٻَڙڪي، لُڌڙو لَڙڪي - ڪلر ۾ ٿو ڪوٽ ڪَڙڪي.

٦٨٩. ڪوٽُ ڏُهائي ڏيو.
ڳئون ڪُراڙي، گابهي ڪوٽُ -
کڻي آءُ ونگ ته ڏُهون ڪوٽُ.

٦٨٠. ڪِيوَل کان لَڏَ کڻائي ڏيو.
هيڏانهن به آڏ، هوڏانهن به آڏ، ڪِيوَل کنئي لَڏَ.

٦٨١. کدڙو کٽ تان اٿاري ڏيو.
روپي ڪانِي، سوني سرائي - اٿي ڙي کدڙا، کٽ پرائي.

٦٨٢. کُڏڻهي مان اٺ اڏائي ڏيو.
آڇو نائو، ٻگو ناڻو - کُڏڻهي مان اٺ اڏاڻو.

٦٨٣. کڳو کِلائي ڏيو.
مهاڻو به پيو ٽِلهي، مهاڻِي به پئي ٽِلهي، کڳو ويٺو کِلهي،

٤٨٤. کودو کوهه ٽپائي ڏيو.
١. هيڏانهن ٽوهه، هوڏانهن ٻوهه، کودو ٽپيو کوهه.
٢. هيڏانهن گدرو، هوڏانهن ٽُوهه، کودو ٽِپيو کوهه.
٣. گابا چَرن آڙي واڙي، ڳئون ويـيـون جُوءِ،
کودو ٽِپيو کُوهه.
٤. اٺيون چَرن اوڙي ڌوڙي، مينهون چـرن جُوءِ،
کودو ٽِپيو کُوهه.

٦٨٥. کُوهي، تيل سان ڀرائي ڏيو.
هيڏانهن به ريل، هوڏانهن به ريل، کُوهِي ڀَري تيل.

٦٨٦. کُوهي کنڊ سان ڀرائي ڏيو.
هيڏانهن به جنڊ، هوڏانهن به جنڊ، کُوهي ڀري کنڊ.

٦٨٧. کُوهي کير سان ڀَرائي ڏيو.
١. هيڏانهن به هير، هوڏانهن به هير، کُوهي ڀري کير.
٢. واهه ۾ ٿيو کَڙڪو- پکين کاڌو ڀَڙڪو،
ڪُرڙي سنئين سير- کُوهي ڀري کير.

٦٨٨. کيڙيءَ ۾ کوهه کڻائي ڏيو.
آلي ڪاٺي، چؤپڙاٺي،
ڀڄي نه ڀڄي، کيڙيءَ ۾ پيو کوهه کڄي.

٦٨٩. گانگٽ گِڏ تان اٿاري ڏيو.
سَرُ سُڪو، پَٻڻ سائي، اٿي ڙي گانگٽ، گِڏ پرائي.

٦٩٠. گدڙ ٻيڪائي ڏيو.
پاڻي ڪارو، مکين جهينگاريو،
مکيون ويون پيڪي، گدڙ ويٺو ٻيڪي.

٦٩١. گدڙ ڦاهيءَ چاڙهي ڏيو.
هيڏانهن به واهي، هوڏانهن به واهي، گدڙ چڙهيو ڦاهي.

٦٩٢. گدڙ کان گاهه ڪرائي ڏيڻ.
دُٻا سڪا، ڀريو واهه- گدڙ بيهي ڪيو گاهه.

٦٩٣. گڏهه واٽ تان اٿاري ڏيو.
هڪ مڻ آٽو، ٻه مڻ ٻاٽ- اٿي ڙي گڏهه هيءَ پرائي واٽ.

٦٩٤. گُندڻ گنديءَ ۾ نچائڻ.
واڻيو پيو اچي، باهه پيئي مچي- گندڻ گنديءَ ۾ بيٺو نچي.

٦٩٥. گُوهو هڻائي ڏيو.
ڳئون پوڙهي، گابو ڇُوهو- وجهي نُوڄڻ هڻان گُوهو.

٦٩٦. ڳوهه کي هَس پارائي ڏيو.
هِتان به گَس، هُتان به گَس، ڳوهه پاتو هَس.

٦٩٧. گهوڙو، کوهه مان ڪڍائي ڏيڻ.
١. راهه اٿڙڪي، اوڙا چوڙا- چار چهبڪ، نڪر گهوڙا.
٢. آٿر ڪيڙا، ڀڄ ڪٽيڙا- چَهُو چهبڪ، نڪر گهوڙا.
٣. ڇَهي ڇِمڪي، وَڄ ڪٽورا- اُڀڙ ڪِلا، نڪر گهوڙا.

٦٩٨. لومڙيءَ کي لائون ڏياريو.
ڪانگ ڪيو ڪانْ ڪانْ، ٻليءَ ڪيو ميائون،
لومڙيءَ لڏيون لائون.

٦٩٩. لوها لَڏُون گهَڙائي ڏيو.
چار دريون، چار دروازا- اندر ويٺا صاحبزادا،
صاحبزادا لَڙيا- لوها لڏون گهَڙيا.

٧٠٠. ماڙيءَ مٿان مرچ اڏائي ڏيو.
١. اڳڙيون، ٿڳڙيون، پوش پُراڻا- ماڙيءَ مٿان مرچ اڏاڻا.
٢. ايچر گهيچر پڙڇ پُراڻو- ماڙيءَ مٿان مرچ اڏاڻو.

٧٠١. ماڙيءَ تي مٻينهن ليٽائي ڏيو.
١. آرٽ تاڙيون آٺ، نائين پٻيٽي- مٻينهن ماڙيءَ تي لٻيٽي.
٢. چار چور، پنجين پٻيٽي- مينهن ماڙيءَ تان لٻيٽي.

٧٠٢. مِصري مٿي چاڙهي ڏيو.
ڌڪ لڳو، ٽُٽو سَڳو-
ڳالهه ويئي وسري، مٿي چڙهي مصري.

٧٠٣. مَمَ تي ٻوري چاڙهي ڏيو.
هيڏانهن به ڍوري، هوڏانهن به ڍوري،
مَمَ تي چڙهي ٻوري.

٧٠٤. مَنْجو ڏُهائي ڏيو.
ڳَئُون ڪُراڙي، گابو گنجو-
کڻي آءُ ڍنگ ته ڏُهي ڏيانءِ منجو.

---

٦٩٩. ٻي پڙهڻي: ست دريون، ست دروازا، جنهن ۾ ويٺا خانزادا.

٧٠٥. مهينهن کي ڍِڪائي ڏيو.
١. چار چور، پنجين ٽِڪي - پِپر هيٺان مينهن ڍِڪِي.
٢. ڍڳو ٽَٽو، مِينهن وَٺو -
دانگي ۾ ٽِڪي، مهينهن آئي ڍِڪِي.

٧٠٦. نانگ ڏهي ڏيو.
اڌ ڪپڙو تانگهه ئي تانگهه - کڻ سيلهي ته ڏڀي نانگ.

٧٠٧. وچ درياهه ۾ ڀڳڙا مَهٽائي ڏيو.
ٿوم، بصر، لوڻ لهٽيون، وچ درياهه ۾ ڀڳڙا مهٽيون.

٧٠٨. وچ درياهه ۾ تانِي ڪڍائي ڏيو.
هيڏانهن به ڪاني، هوڏانهن به ڪانِي،
وچ درياهه ۾ نڪتي تاني.

٧٠٩. وچ درياهه ۾ ٽويو ٽِلائي ڏيو.
هَر هَلي، پاڻي ڇُلي - وچ درياهه ۾ ٽويو ٽلي.

٧١٠. وچ درياهه ۾ دونهون دکائي ڏيو.
هيڏانهن به ڪُونْهون، هوڏانهن به ڪُونْهون،
وچ درياهه ۾ دکيو دُونهون.

٧١١. وچ درياهه ۾ ساڳ ڀُڃائي ڏيو!
وڌي واڙي، لڳي ڀاڳ - وچ درياهه ۾ ڀُڄي ساڳ.

٧١٢. وچ درياهه ۾ سونِي سڙڪ ٺهرائي ڏيو.
هوڏانهون به ڪٽڪ، هوڏانهون به ڪٽڪ -
وچ درياهه ۾ ٺهي سونِي سَڙڪَ.

٧١٣. وچ درياهه ۾ نار چاڙهي ڏيو.
هيڏانهن به تار، هوڏانهن به تار - وچ درياهه ۾ چڙهيو نار.

٧١٤. وچ درياهه ۾ هَٽُ آڏائي ڏيو.
هيڏانهن به مَٽُ، هوڏانهن به مَٽُ،
وچ درياهه ۾ آڏيو هَٽُ.

٧١٥. وڻ مٿان واري آڏائي ڏيڻ.
آبو هاري، ادو ڪوڏاري - وڻ مٿان آڏاڻي واري.

٧١٦. هالن مان آرٽ آڏائي ڏيو.
١. ايچر گهيچر، پڙڇ پراڻا - هالن مان آٿي آرٽ آڏاڻا.
٢. آٿر گوندر لٽا پُراڻا - هالن مٿان آرٽ آڏاڻا.

٧١٧. هرڻيءَ تي هَنو چاڙهي ڏيو؟
هيڏانهن به ٻَنو، هوڏانهن به ٻَنو، هَرڻيءَ تي چڙهيو هَنو.

٧١٨. هرڻيءَ کي سينگار ڪرايو.
ڇم ڇم باجا، ڇم ڇم هار، هرڻي ڪيا سينگار.

٧١٩. هرڻيءَ کي هار پارائي ڏيو؟
مَن ٿَڌو، مَن ڪوسو، من مٿي بار، هرڻيءَ پاتو هار.

٧٢٠. هَرڻي کي هَس پارائي ڏيو.
هيڏانهن به گَس، هوڏانهن به گَس، هرڻيءَ پاتو هَس.

ج

٧٢١. آڀ مان سؤٽي لاهي ڏيو.
لڪڙ هلي، لڪڙ چلي،
لڪڙ ۾ ساندارو، پِي چڙهيو تارو،
تاري ڪئي هِير، پِي چڙهيا مِير،
ميرن ڪيون گرڙيون، پِي چڙهيو ڪِرڙيون،
ڪرڙين ڪئي راڙ، پِي چڙهي ترار،
ترار جو مٿو، پِي چڙهيو کٿو،
کٿي جو پلاند، پِي چڙهيو ڏٻو ڏاند،
ڏٻي ڏاند جو کُر، پِي چڙهيو حُر،
حُر جي چوٽِي، آئي آڀ مان سؤٽي.

٧١٦. ٻي روايت: ماڙيءَ مٿان ارٽ آڏائي ڏيو.

٧٢٢. اٺِ کي پاڻي پياري ڏيو.
لڪڙ هلي، لڪڙ چلي،
لڪڙ ۾ ساندارو، پي چڙهيو تارو،
تاري هنئين منڊ، پي چڙهيو چنڊ،
چنڊ هنيو پلاند، پي چڙهيو ڏٻو ڏاند،
ڏٻي ڏاند هنيو پُڇ، پي چڙهيو رڇ،
رڇ ڪئي راڙ، پي چڙهي ترار،
ترار هنيو ولو، ٻي چڙهيو گَلو،
گلٻي هنئين مُٺ، پي چڙهي اٺِ.

٧٢٣. اٺ ماڙيءَ تي چاڙهي ڏيو.
مينهن موڪون، لٿيون روڪون،
ڀريا ڀاڏا، پرتا پاڏا،
پڪي واڙي، اٺ چڙهيو ماڙي.

٧٢٤. ٻارن کي پاڻي پياري ڏيو.
ميرن ڪيون گرڙيون، پي چڙهيون ڪرڙيون،
ڪرڙين هنيو پُڇ، پي چڙهيو رڇ،
رڇ هنيو مٿو، پي چڙهيو کٿو،
کٿي ۾ ڳانا، پي چڙهيا آنا،
آنن ۾ وارَ، پي چڙهيا ٻار.

٧٢٥. ٻانڀڻ جُوسي ڪڍائي ڏيو.
هڪڙو هو راجا، ان جي سر ۾ ڌاڳو،
تو ڇڪيو، مون ڇڪيو، ٿي پيو دروازو،
دروازي مان ست پئون، نڪتي ڳوري ڳئون،
ڳوري ڳئون لاٿي ڦوسي، نڪري آيو ٻانڀڻ جُوسي.

٧٢٦. ٻلي کي وڻ تي چاڙهي ڏيو.
ڪُئو هو ٻر ۾، ٻلي هئي ڀر ۾،

٧٢٥. جُوسي = جوتشي.

ڪئو نڪتو آڻي لاءِ، هلي آئي چٽي لاءِ،
هلي هئي زور، ڪٽهي ڪئي ٻوڙ،
ڪئو ويو نڪري، لڳي ٻنهي جي چڪري،
ڪٽهي ڪئي اڙي، هلي وڻ تي چڙهي.

۷۲۷. پولڙو پرچائي ڏيو.

پولڙو آيو بازار ۾، ناچ ڪري شهر ۾،
فقير ڏنو سُنهن، پولڙي ڦيرايو منهن،
قسم توکي سالي‌ءَ جو، ٻيو ملڪ واليءَ جو،
سالي‌ءَ ڪيو پيار، پولڙي ڏئو آر،
جڏهن نڪ مان سالي‌ءَ ورتو، تڏهن پولڙو پرتو.

۷۲۸. تارو پرٽائي ڏيو.

ڪرڙ ڪاٺ، لئي ڏوڙاٺ،
جهڏو گدام، پير سلام،
هيٺ تراريون، مٿي پالا،
پالن ڪئي پيڙ، پرٽيا وير،
گولا ملايا لک، گولي پگهو ڪک،
ڪک تي ويٺي ماکي،
ماکي ڪيو آرو، تڏهن پرٽيو تارو.

۷۲۹. ترار کي پاڻي پياري ڏيو.

۱. لڪڙ هلي، لڪڙ چلي،
لڪڙ ۾ سُناروَ، پي چڙهيو تارو،
تاري هنيو منب، پي چڙهيو چنب،
چنب ڪئي گرڙي، پي چڙهي ڪُرڙي،
ڪرڙي لاٽا آنا، پي چڙهيا ڪانا،
ڪانن ڪئي هير، پي چڙهيا ميير،
ميرن ڏنسي پٽي، پي چڙهي آئي،
آئي ڪٽي راڙ، پي چڙهي ترار.

٢. لاڪڙ هلي، لاڪڙ چلي،
لاڪڙ ۾ ساندارو، پي چڙهيو تارو،
تاري ڏني هُڏي، پي چڙهي گُڏي،
گُڏيءَ جو پلاند، پي چڙهيو ڏُٻو ڏاند،
ڏُٻي ڏاند جو پُڇ، پي چڙهيو رڇُ،
رڇ ڪئي راڙ، پي چڙهي ترار.

٧٣٠. پَلي کي پاڻي پياري ڏيو.
آڏ لڪڙ، آوڀ لڪڙ،
لڪڙ ۾ منارو، سامهون آيو تارو،
تاري ڏني پُٺ، سامهون آيو آٺ،
آٺ ڪئي گوڙ، سامهون آيو چور،
چور تي تاڙي، سامهون آئي ماڙي،
ماڙيءَ تي کَلو، پاڻي پِئي پَلو.

٧٣١. چنڊ پرڻائي ڏيو.
ڪنڊا ڄام، ڏي سلام،
مٿان تراڙيون، هيٺان ڀالا،
ڀالن ڪئي ڀيڙ، پرڻيا پير،
پيرن ڪيو مَنڊ، تڏهن پرڻيو چنڊ.

٧٣٢. خنجر کوهه کڻائي ڏيو.
آنب کٽو، لَنب کٽو، کٽو متيرو،
چندن کي چاڪ ڏيئي، آڏاڻو ڳيرو،
ڳيرا ڙي ڳيرا! ڪاڏي ٿو وڃين،
وڃان ٿو نبيءَ جي ديري،
بادشاهه جو پُٽ باغ ۾ هرڻ نچائي،
هرڻ سندا ٻَچڙا، چيٽن ۾ چُڳائي،
چار ڪوڏاريون ڪُلهن تي، خنجر کوهه کڻائي.

٧٣٣. ڏر مان سيڙهه ڪڍائي ڏيو.

ٻانيڻ جوسي پٽي پوٽي، نڪري آئي ڪاري کوتي،
ڪاري کوتي لاٿي لڏ، نڪري آئي مائي تڏ،
مائي تڏ ڄڻيو ٻچو، نڪري آيو لوهار بچو،
لوهار بَچي ٺاهي آر، نڪري آيو ڪالو ڪنڀار،
ڪالو ڪنڀار ٺاهي دانگي، نڪري آيو مراد سانگي،
مراد سانگي وٽيو واڻ، نڪري آيو جُوسب ڊڪاڻ،
جوسب ڊڪاڻ ٺاهيون ڪليون، نڪري آيون ڪاريون ٻليون،
ڪارين ٻلين لاتي ويڙَهه، ڏر مان نڪتي ڏاڏي سيڙهه.

٧٣٤. سج تي مانيون پچائي ڏيو.

آڏي لاڪڙ، پاڏي لاڪڙ،
پاڏيءَ ۾ پاهوڙا، گهاتو چڙهيا گهوڙا،
چڙهي آيا چور، اوٺاري اٺور،
ڄڻن هنئي ڄاڙي، لڳي ويئي تاڙي،
تاڙيءَ ڪيو ٺا، چورن چيو ها،
'ها' سان ٿيو هل، چوري ٿي ويو گُل،
گل ڏٺو چنڊ، وڄي ويو گهنڊ،
گهنڊ ڪيو گهان، چورن ڪئي ڀان،
ڀان ڀڳا ڀيلا، آيا آڏي ليلها،
ليلهن لاٿيون آنڙيون، سج تي پڪيون مانڙيون.

٧٣٥. سوني ڪُڪڙ کي پاڻي پيارڻ ڏيو.

تاج بيبي، تاج بيبي در لاهه،
ڏيو ٻار، ڪر سينگار،
سوني ڪُڪڙ کي پاڻي پيار.

٧٣٦. سوني ڪڪڙ کي پاڻي پياري ڏيو.

ڪِرڙ ڪاٺ، لئي ڦوڙاٺ، ڪنڊو ڄام، ڀر سلام،
بيبي فاطمه! ڏيو ٻار، سوني ڪڪڙ کي پاڻي پيار.

٧٣٧. سُئي کي پاڻي پياري ڏيو.
آڏي لڪڻ، پاڏي لڪڻ،
پاڏي ۾ ساندارو، پِي چڙهيو تارو،
تاري هنيو منڊ، پِي چڙهيو چنڊ،
چنڊ هنئي اور، پِي چڙهيو چور،
چور هنئي تاڙي، پِي چڙهي ماڙي،
ماڙيءَ ڏنو کنڀ، پِي چڙهيو انب،
انب ڏني پُٽِ، پِي چڙهي اَٽِ،
اَٽِ وڃي مُئي، پِي چڙهي سُئي.

٧٣٨. صاحب جو مٿو ڦوڙائڻ ڏيو.
انتر ڪوٺا، ٻنتر ڪوٺا، جِڪهي مين رَمهين ننڍا وڏا،
[انتر ڪوٺو جنتر ڪوٺو، جنهن ۾ راند ڪن ننڍا وڏا]
ننڍي وڏي هنيو ڪَڪرو، ڪَڪرو لڳو ٻاوي ري ٻڪري نان،
[ننڍي وڏي هنيو ڀتر، ڀتر لڳو ٻائي جي ٻڪريءَ کي]
ٻاوِي ري ٻڪري ۾ ڏُڌ ٿوڙو، صاحب رو مٿو ڦوڙو.
[ٻائي جي ٻڪري ۾ کير ٿورو، صاحب جو مٿو ڦوڙيو.]

٧٣٩. ڪاڻيءَ جي ڀونگي کانئي ڏيو.
ڪُڪڙ ڪتو، پَن ۾ سُتو، پَنِ پُراڻي آٽي هاڻي،
ڀڄ ڙي ڪاڻي، ڀُونگي کاڻي.

٧٤٠. ڪنگ کي پاڻي پياري ڏيو.
لڪڙ هلي، لڪڙ چلي،
لڪڙ ۾ ساندارو، پِي چڙهيو تارو،
تاري ڪئي هِير، پِي چڙهيا مير،
ميرن ڪيون گرڙيون، پِي چڙهيون ڪرڙيون،
ڪرڙين لاٿا آنا، پِي چڙهيا ڪانا،
ڪانن جهليا سنگ، پِي چڙهيا ڪنگ.

---

٧٣٩. ساڙائي.

٧٤١. مَک پرڻائي ڏيو.
ڪرڙ ڪاٺ، لئي ڦوڙاٺ،
ڪنڊو ڄام، ڏي سلام،
هيٺان تراڙيون، مٿان ڀالا،
ڀالي لڳي هير، پرڻيو پير،
پير ڀڳي اک، پرڻجي وئي مک.

٧٤٢. نانگن کي پاڻي پياري ڏيو.
آڏي لڪڻ، پاڏي لڪڻ،
پاڏيءَ ۾ ساندارو، پي چڙهيو تارو،
١. تاري ڏني پُٺ، پي چڙهيو اٺ،
٢. اٺ هنيو دڙهو، پي چڙهيو مڙهو،
مڙهي ڏني ٻانگ، پي چڙهيو نانگ.

٧٤٣. هاٿي کي پاڻي پياري ڏيو.
آڏي لڪڻ، پاڏي لڪڻ،
پاڏيءَ ۾ ساندارو، پي چڙهيو تارو،
تاري هنيو منڊ، پي چڙهيو چنڊ،
چنڊ ڪئي گوڙ، پي چڙهيو چور،
چور هنئي ڪاتي، پي چڙهيو هاٿي.

ن

٧٤٤. اڀ تي اٺ چاري ڏيو.
تيلي اچڻي، تيلي وڃڻي، تيلي وئي آنگاس،
اٺ چاريم اڀ تي، ابي ڏني شاباس.

---

٧٤١. ٻي روايت: ميرن پٽي اک، پرڻجي وئي مک.
٧٤٢. ١. تاري ڏني منڊ، پي چڙهيو چنڊ،
چنڊ ڏني ٻانگ، پي چڙهيو نانگ.
٢. پي چڙهيو مُرغو.

٧٤٥. اڌ ڀِتر مان ماڙي جوڙائي ڏيو.
تيلي ڪَچي، تِيلِي پڪي، تيلي وئي آنگاس،
آڌ ڀِتر مان ماڙي جوڙيائون، رازن کي شاباس.

٧٤٦. اَٺ کي گاهه چارائي ڏيو.
ٻٽيهه ٻُوٽا ٻنيءَ ۾، ٽيٽيهون لاهه،
هاري هليو هَر تي، اَٺ چَري ٿو گاهه.

٧٤٧. آڌ ڪڻي مان ڄڃ کارائڻ.
چُوچا ميڙيان، تئو تپايان، تئي ڏنو تاءُ،
اٿي ڙي ڄڃ، آڌ ڪَڻي مان کاءُ.

٧٤٨. بَهاتو پاڻي پيئاڙو. [وهندڙ پاڻي پياريو].
جوساڻي سين جُوسي هليو، نام اوئي رو جيئو.
[جوساڻي کان برهمڻ هليو، نالو جنهن جو جيئو]
سسي ري تو سانداري لايو، بهاتو پاڻي پيئو.
[سهي جي پخال آندائين، ۽ وهندڙ پاڻي پيتائين]

٧٤٩. ٻليءَ کي هار پارائي ڏيو.
هيٺ ويٺا مير، مٿان پين بار،
سونارا سڀ مڙي ويٺا، ٻليءَ پاتا هار.

٧٥٠. ٽنڊڻيءَ کي ٽوپلو پارائي ڏيو.
ڪِئُل کي پيرن ۾ پنج سيرو کَلو،
ٽنڊڻيءَ پاتو ساڙ مان ٽيهه سيرو ٽوپلو.

٧٥١. پَٽَ کي گهاڻي ۾ وهائي ڏيو.
جُمعي سندي جُوءِ ۾ آئيٺون ڏٺم اَٺ،
اچان جي اوطاق تي ته پيئي گهاڻي وَهي پَٽ.

٧٥٢. پپر هيٺان کودو اٿاري ڏيو.
پپر پُراڻي جو ڇڻيو پن،
اٿي ڙي کودا، پٽيانءِ نه ڪن.

٧٥٣. جونءَ کي نماز پڙهائي ڏيو.
١. ٽيٽيهر جي ٽنگ ڀڳي، جهٽي وتي باز،
ڪيل کَنيو ڪؤنرو، جونءَ پڙهي نماز.
٢. ٽٽيهاري ٽنگن ڊگهي، ٽنگون ڇوٽيون باز،
ڪرو ٽنگي ڪرڙ ۾، جُونْ پڙهي نماز.
٣. ٽي ٽنگون ٽٽيهر کي، چوٿين ڀڳي باز،
ڪرو رکي ڪِرڙ پٺيان، جون پڙهي نماز.

٧٥٤. ڄار هيٺان سهو اٿاري ڏيو.
دُنبي دُنبي ڄار، دُنبا دنبا پن،
اٿي ڙي سها، ڪُٽيانءَ نہ ڪن.

٧٥٥. چار لَيُون چوري ڏيو.
بهادر چڙهيو ڀِت تي، آغا ڏنس آر،
گُل ڇنائين هڪڙو، لَيُون چوريائين چار.

٧٥٦. چار وڻ چوري ڏيو.
ڀرڪڻ ويٺو ڀت تي، ڇڪيائين نار،
گُل ڪِريو هڪڙو، وڻ چُريا چار.

٧٥٧. پٺاڻ ڀَڄائي ڏيو.
هُن ڀر جون موريون مڇيون، هن ڀر جا کڳا،
ڪلهوڙن سوڀ کٽي، پٺاڻ پئي ڀڳا.

٧٥٨. دهلي ۾ ڌڻ چارائي ڏيو.
مولي مينهن وساءِ، ڦُٽن ساوا گاهہ،
سائو گاهہ پَٽن تي اڀريو، دهلي ۾ ڌڻ چَريو.

٧٥٩. ڏيڏري ڏُهائي ڏيو.
سياري جو سيءُ، اونهاري جو مَهان،
ڏاڏي ڏي ڪُپڙي تہ ڏيڏري ڏُهان.

---

٧٥٤. ٻيون روايتون: ڪِرڪِر ڪنڊيون، ڪِرڪِر پن.
ڇڊي ڇڊي ڄار، ٿورا ٿورا پن.

٧٦٠. ڏيڏريون ڏهي ڏيو.
آڪ تڙ، نم تڙ، تُوتڙيون وڄن،
ٽيا ٽيون کَٽي اچو تہ ڏيڏريون ڏين.

٧٦١. راڻيءَ کي روزو ڇوڙائي ڏيو.
ٻِٽيُون ٻہ پهڻيون ڏاڍي ڏونگر هيٺ،
راڻيءَ روزو ڇوڙيو، جهنڊولي وڻ هيٺ.

٧٦٢. رڇ روئاڙي ڏيو.
مرچ ترياسين ماني لاءِ، تہ مٿان آئي نڇَ،
سؤنٽو هنيوسين سِڻڪ کي، تہ روئِي ڏنو رڇ.

٧٦٣. شينهن کي ٽوپ پارائي ڏيو.
آڌيلي جي کچڻي، آڌيلي جو پوپ،
جان وڃان بازار ۾ تہ شينهن پاتو ٽوپ.

٧٦٤. ڪُڪڙ کان ڪانهن لُڻائي ڏيو.
هالاڻيءَ ۾ هُل، بَهلاڻيءَ ۾ دانهن،
ڪُڪڙ ڏاڻو پُڇ ۾، لُڻي ويٺو ڪانهن.

٧٦٥. گڏهہ کان گوهي ڇڏائي ڏيو.
کڻي ويس لوهار ڏي رنبو ۽ روهي،
ڏنڊو لڳو ڏاگهي کي تہ گڏهہ ڇڏي گوهي.

٧٦٦. لُنڊيءَ کي لوڏ ٻڌائي ڏيو.
سُپَ ٻڌن چُهڙا، مِٽِي کڻن اوڏَ،
اچو وڃو ماڙهُوئا، لُنڊيءَ ٻڌي لوڏ.

٧٦٧. ماٽيءَ مان پَلو ڪڍائي ڏيو.
دڙڪو ٻُڌي دشمن جو، هنيم کَر کي کَلو،
مٿو لڳو ماٽيءَ کي تہ نڪري آيو پَلو.

٧٦٨. مينهن کي مُنڊي پارائي ڏيو.
هيڏانهن بہ چڪر، هوڏانهن بہ چڪر، وچ ۾ لڳي باهہ،
سڏي آءُ سوناري کي تہ مينهن کي مُنڊي پاءِ.

٧٦٩. وچ درياهہ ۾ دونهون دکائي ڏيو.
چار گابا آڙي واڙي، پنجون گابو سونهون،
پاڻيءَ کي جوت لڳي، آڌ درياهہ ۾ دونهون.

٧٧٠. وَهندي واٽ ڪرائي ڏيو.
ڏَهہ اڱرڙا، ڏهہ پڃرڙا، ڏهہ ڪارڙا ڪاٺ،
آڇو وَڃو ڇوڪرڙا، وهندڙي آتئون واٽ.

٧٧١. هاٿي ٽنگائي ڏيو.
ڪِول هَلي ساهرين مڻ ميندي لائي،
آٺ ٻڌائين چيلهہ سان، هاٿي ٿي ٽنگائي.

٧٧٢. هرڻي نچائي ڏيو.
مَمن پٽ ماريءَ جو، ليمان ٿو چِيرائي،
سائو چهبڪ هٿ ۾، هرڻي ٿو نچائي.

٧٧٣. هنجهہ هونگاري ڏيو.
ڪرڙن سنديون ڪاٺيون، ويڙهين سندا ونجهہ،
لُڏان لهرين وچ ۾، هونگاريا ٿي هنجهہ.

باب پنجون

دُسْتاگ

[هن باب هيٺ ڏنل پروليون سٽاء جي لحاظ سان ڪافي دلچسپ آهن ۽ ڏکڻ الهندين ڪوهستاني علائقي ۾ "دستاگ" جي نالي سان مشهور آهن. هنن پرولين جي ڏيڻي گهٽ ۾ گهٽ ٻن سٽن تي مشتمل آهي، ۽ هرهڪ سٽ ۾ 'ڀڃڻي' واري شيء يا وٿ جو ڪونہ ڪو اهڃاڻ، ٻيء ڪنهن شيء سان تشبيهہ طور ڏنل آهي. اهڙيءَ طرح ڏيڻيءَ ۾ جيتريون سٽون، اوترائي اهڃاڻ، مثلاً "رپئي" جا اهڃاڻ هن طرح نروار ڪيا ويا آهن:

آنا اٿس پکيء جان، پر پکي بہ ناهي (يعني ١٦ آنا)
چار پير مرونء جان، پر مرون بہ ناهي (يعني ٤ پائليون)
گهمي ٿو ولائتون، پر جوڳي بہ ناهي (جٿي ڪٿي هلي)

سنڌ جي مختلف حصن مان مليل انهي قسم جون پروليون هن باب ۾ شامل ڪيون ويون آهن.]

اٺ

٧٧٤. نڪ سبائي ٿو ڪنوار وانگر، ڪنوار بہ ناهي
جبل جهاڳي ٿو شوق مان، جوڳي بہ ناهي-
ٻڌايو تہ ڇاهي؟

ايٽ (چرخو)

٧٧٥. ڪوٽُ وانگر ڪُنگرا، ڪوٽ بہ ناهي
نانگ وانگر وَر وَر، نانگ بہ ناهي
ڪري ڳالهيون ڪنوار سان، گهوٽ بہ ناهي-
ٻڌايو تہ ڇاهي؟

بدڪ

۷۷٦. اڇي اڇي ڪير جهڙي، ڪير به ناهي
گهمي ٿي پاڻيءَ ۾، مڇي به ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

بندوق

۷۷۷. تاج اٿس سر تي، بادشاهه به ناهي
اک اٿس هڪڙي، ڪاڻو به ناهي
ڳچي اٿس ڊگهي، پر مور به ناهي
ڦُري ماري چورن وانگر، چور به ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

بُوٽ

۷۷۸. ڪارو آهي ڪانْو جهڙو، ڪانْوَ به ناهي
ٻه گُل ٿا لَڙڪن، پر ٻوٽو به ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

ڀولڙو

۷۷۹. نچي ٿو ناچو وانگر، ناچو به ناهي
پڙي پائي ٻار وانگر، ٻار به ناهي
لٺ کڻي ڪلهي تي، ميهار به ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

ڀؤنر

۷۸۰. ڪنڀ اٿس پٽاپٽي، پوپٽ به ناهي
رنگ جو ڪارو آهي، ڪانگ به ناهي
رهي ٿو ٻِرَن ۾، نانگ به ناهي
واس وٺي ٿو باغن ۾، ماڻهو به ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

پينگهو

۷۸۱. جهولي ٿو جنّ وانگر، پر جنّ نه ناهي
رينگت ڪري نار وانگر، پر نار نه ناهي
ماڻهو منس سواري ڪري، پر وهت نه ناهي-
ٻڌايو ته چاهي؟

۷۸۲. چنگهون اٽس چار، پر جانور نه ناهي
جهولي ٿو نانگ وانگر، نانگ نه ناهي
ماڻهو تا سواري ڪنس، پر وهت نه ناهي-
ٻڌايو ته چاهي؟

چؤر

۷۸۳. چنبڙي ٿو هار وانگر، هار نه ناهي
رت پٽي ٿو مڇ وانگر، مڇ نه ناهي
رهي ٿو پاڻيءَ ۾، مڇي نه ناهي-
ٻڌايو ته چاهي؟

چپرو

۷۸۴. ڪن اٽس ماڻهو وانگر، ماڻهو نه ناهي
اکيون ڦاڙي ڏيڃاري، ڊائڻ نه ناهي
رهي مقامن ۾، جنّ نه ناهي-
ٻڌايو ته چاهي؟

ڇڪُ (ڪنيار جو)

۷۸۵. قيري ٿو پؤنر وانگر، پؤنر نه ناهي
لٽ ڪٽي ٿو هڪليانس، ته ڏور نه ناهي
ڦر نه ملوڪ ڇٽي، پر جانور نه ناهي-
ٻڌايو ته چاهي؟

چلم

۷۸۶. گوڙيون ڪري شينهن وانگر، شينهن نه ناهي
دونهون ڪڍي گاڏيءَ وانگر، گاڏي نه ناهي

ڦُوڪُون ڏئي نانگ وانگر، نانگ بہ ناهي-
ٻڌايو تہ ڇاهي؟

چمڙو

۷۸۷. اَڏامي ٿو پکيءَ جان، پر پکي بہ ناهي
ڦَر ڏئي جانور جان، پر جانور بہ ناهي-
ٻڌايو تہ ڇاهي؟

۷۸۸. اَڏامي آسمان ۾، پر پکي بہ ناهي
چار پير چوکا اٿس، پر پکو بہ ناهي
چارو چري رات جو، پر گهُوگهُو بہ ناهي
ڏينهن جو سُڄي جاءِ ۾، پر چور بہ ناهي-
ٻڌايو تہ ڇاهي؟

۷۸۹. اَڏامي ٿو عرش تي، پکي بہ ناهي
ڪن پڇ ڪُئي جهڙا، ڪئو بہ ناهي
ڏينهن جو ويهي حجري ۾، مُنلو بہ ناهي
رات سڄي سمهي نٿو، فقير بہ ناهي
اوندهہ ۾ اَلرون ڪري، چور بہ ناهي
سڄ ۾ اوتارو سندس، سامي بہ ناهي-
ٻڌايو تہ ڇاهي؟

ڇاپاڪو (پکي)

۷۹۰. ڇپي ٿو چورن وانگر، چور بہ ناهي
ڪم اچي ٿو مريضن جي، حڪيم بہ ناهي-
ٻڌايو تہ ڇاهي؟

ڇَڻِي

۷۹۱. هلي چلي ماڻهو مٿان، ڪڪر بہ ناهي
ڇانوَ ڪري ڇپر وانگي، ڇپر بہ ناهي-
ٻڌايو تہ ڇاهي؟

دونهون

٧٩٢. اڏري ٿو آڪاس ۾، پر پکي به ناهي
رهي ٿو گهر ۾، پر ماڻهو به ناهي
جهلجيس ته جهل نه ڏئي، پر جانور به ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

ڏيڏر

٧٩٣. پَلجي ٿو پاڻيءَ ۾، مڇي به ناهي
هرڻ جيان ٽپ ڏئي، هرڻ به ناهي
لڪي وڃي ٻِرن ۾، ڪئو به ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

رپيو

٧٩٤. آنا اٿس پکيءَ جان، پر پکي به ناهي
چار پير مرونءَ جان، پر مرون به ناهي
گهمي ٿو ولائتون، پر جوڳي به ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

٧٩٥. ٻه پر پکيءَ وانگر، پکي به ناهي
چار پاوا کٽ وانگر، کَٽ به ناهي
اٺ ڪُنگرا مسجد وانگر، مسجد به ناهي
سورهن ساريون چؤپڙ وانگر، چؤپڙ به ناهي
ٻٽيهه ڏند ماڻهو وانگر، ماڻهو به ناهي
چوهٺ چيلا پاڻ سان، پر گرو به ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

٧٩٦. اڇو اڇو کير جهڙو، کير به ناهي
چمانس پِير جهڙو، پِير به ناهي
ٻَڌانس چور وانگر، چور به ناهي
گهمي ٿو فقير وانگر، فقير به ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

سائيڪل

٧٩٧. هلي پلي گهوڙي جان، گهوڙو ٻ ناهي
ٻ پير ماڻهو جان، ماڻهو ٻ ناهي
نڪي ڪائي نڪي پئي، مُئل ٻ ناهي
ٻڌايو تہ چاهي؟

سؤ رپين جو نوٽ

٧٩٨. نوڪر اٽس ڏهن، پر سيٺ ٻ ناهي
گاڏا اٽس ويهن، پر ريل ٻ ناهي
هاري اٽس سؤ، پر زميندار ٻ ناهي-
ٻڌايو تہ چاهي؟

ڪر

٧٩٩. ڊوڙي ٿو جهاز وانگر، جهاز ٻ ناهي
چانڻو ڪري وڻ وانگر، وڻ ٻ ناهي
ڪارو ڪارو دونهين وانگر، دونهون ٻ ناهي-
ٻڌايو تہ چاهي؟

ڪنوڻ، وڃ

٨٠٠. ڪاڙهي چٽي باهم وانگر، باهم ٻ ناهي
ور وڪڙ نانگ وانگر، نانگ ٻ ناهي-
ٻڌايو تہ چاهي؟

لاٽون

٨٠١. ڦري ڦري ڦيريون پائي، فقير ٻ ناهي
چهنب اٽس وات ۾، پکي ٻ ناهي
رسو ٻڌل چيلهم سان، چور ٻ ناهي-
ٻڌايو تہ چاهي؟

---

٨٠١. بي روايت ڦري ڦهريءَ دار جيئن، فقير ٻ ناهي.

لغڙ

٨٠٢. ڪَن اٿس ڇڄ وانگر، ڇڄ به ناهي
ڏاڳو پويس سُئيءَ وانگر، سُئي به ناهي
اڏامي جهاز وانگر، جهاز به ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

ماڪوڙو

٨٠٣. ڪارو ڪارو ڪانوَ جيان، پر ڪانءُ به ناهي
چيلهه اٿس سنهڙي، پر منڊم به ناهي
رَهي سَهي ٻرن ۾، پر نانگ به ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

٨٠٤. ٽنگون اٿس ڊگهيون، پر اٺ به ناهي
مٿو اٿس وڏو، پر پاڏو به ناهي
پُڇ اٿس ٿلهو، پر دنبو به ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

٨٠٥. مٿو اٿس هاٿيءَ وانگر، پر هاٿي به ناهي
ڪارو آهي ڪانگ جيان، پر ڪانگ به ناهي
رهي ٿو ٻر ۾، پر نانگ به ناهي
چڙهي ٿو وَڻ تي، پر نولو به ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

مڪڙ

٨٠٦. اڏامي ٿو پکيءَ وانگر، پکي به ناهي
رهي ٿو سنگت سان، ماڻهو به ناهي
منهن اٿس گهوڙي جان، گهوڙو به ناهي
اکيون اٿس ڏيڏر جهڙيون، ڏيڏر به ناهي
سڱ اٿس هرڻ وانگر، هرڻ به ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

مَڻُ (تور)

۸۰۷. ويڙو آهي آسڻ تي، سيٽ ۽ ناهي
چار اٽس پهير، پرجانور ۽ ناهي
چاليهه چيلا ساڻ، گُرو ۽ ناهي-
ٻڌايو تہ چاهي؟

نار يا هرلو

۸۰۸. رينگي ٿو چوڌيل وانگر، چوڌيل ۽ ناهي
وسي ٿو ميينهن وانگر، ميينهن ۽ ناهي
ڦري ٿو ڦرٽي وانگر، ڦرٽي ۽ ناهي-
ٻڌايو تہ چاهي؟

ناريل

۸۰۹. گول گول چاهي جيان، چاهو ۽ ناهي
ڏاڙهي اٽس مرد جيان، مرد ۽ ناهي
گيڙو اٽس ويس، پر سناسي ۽ ناهي
پريل آهي پاڻي سان، پر ساندارو ۽ ناهي-
ٻڌايو تہ چاهي؟

وڇون، ڏٽون

۸۱۰. پالو اٽس سان، پر سپاهي ۽ ناهي
پڇ اٽس ويندو، پر ڪُتو ۽ ناهي
آسڻ اٽس آسمان تي، پر ولي ۽ ناهي-
ٻڌايو تہ چاهي؟

ويڙهہ مڌي

۸۱۱. اڇو اڇو کير جهڙو، پر کير ۽ ناهي
وَرو وَر اٽس نانگ جهڙا، پر نانگ ۽ ناهي
سمهي ٿو ڪنوار سان، پر گهوٽ ۽ ناهي-
ٻڌايو تہ چاهي؟

باب ڇهون

هيماريون ۽ ڪُوڙها

[هن باب هيٺ خصوصاً ٽرپارڪر واري پاڳي ۾ رائج خاص قسم جون پرولينون شامل ڪيون ويون آهن، جن کي ٽري-ڊائنگي محاوري ۾ 'هيماريون' ۽ 'ڪُوڙها' سڏجي ٿو. هن باب ۾ پهريائين هيماريون ۽ ان بعد ڪوڙها ڏنا ويا آهن.

'هيماري' يعني (هيم=سون) سون واري يا سونهري: اها جڏ ته هڪ سوني سوڪڙي آهي، جا سيٽن ڏي سوڪلي وڃي ٿي. هيماريون اڪثر زالون شاديءَ جي موقعي تي ڏينديون آهن، جڏهن سيٽن جا مرد پين سيٽن وٽ رهاڻ ڪرڻ لاءِ ايندا آهن، پوءِ انهن سيٽن جون زالون اول سرحبائي ڪيڇ ڪائي، ڪين ڪيڇن ۾ هيماري ٻڌائيندڙيون آهن. جيڪڏهن هو ان جي ڇڻي ٻڌائي نه سگهيا ته ڪين چرچن ۾ چوندڙيون ته "پلا، اڄ نه ٻڌائي سگهو ته ٻئي ڀيري ٻڌائجو، پر تيستائين اوهان سان گڏ آيل عورتن (گهوٽ جي مائٽياڻين) مان ڪا پوڙهي عورت ضامن طور ڇڏي وڃو. اها رهاڻ نهايت ئي مزيدار ٿيندي آهي. 'ڪوڙها' جڏ ڏکيون پرولينون آهن جن ۾ لغت توڙي خيال جي ڪوڙهائي سمايل آهي.

هيمارين ۽ ڪوڙهن جو اڪثر مواد ٽري-ڊائنگي محاوري ۾ آهي، تنهنڪري سهولت خاطر هرهڪ هيماري جي هيٺان ڏنگين ۾ معنيٰ ٻڌ ڏني وئي آهي. البت ڏيهلي ۽ عمرڪوٽ تعلقن مان ڪي هيماريون صاف سنڌي ٻولي ۾ ملين آهن، جي هوبهو شامل ڪيون ويون آهن.]

(الف) هيماريون

آرسي

٨١٢. آڀ جهڙي اَجَري، چندرما رِي گهاٽ
مِرگها نيڻيءَ خريدي گانڌي رِي هاٽ.
(آسمان جهڙي اڇي، چنڊ جي گهاڙيٽي واري، سهڻيءَ زال سُرهيهي جي هٽ تان خريد ڪئي.)

آفيم

٨١٣. ڪهي ري ڪارا ڪِرڪِچ ڪُونْ، تيري جات لِچاپِچ ڪون
جو جر ۾ جهول پڙي، تو لِچاپِچ ڪِرڪِچ ڪُونْ.
(چئو، ڪارا ڳوڙها ڳوڙها، تنهنجي ذات ڪهڙي آهي، جو پاڻي ۾ ڳريو پوين، تون نرم نرم ڳوڙها!)

٨١٤. ڪالو واٺو ڪرڪيالو، رتو واٺو رائو
نهيڙي هيٺين نئي وَهي، جاجها گهوڙا پائو.
(ڪارو وٺو ڪَڪرين وارو، ڳاڙهو رائو وٺو. نم هيٺان ندي وهي، گهڻا گهوڙا گهيڙيو.)

٨١٥. ڪارو گهينٽلو سينگلو، مور مٿي رڀڪ
رائو ري رامانٽي، ڪوٺلئي را ڪٽڪ.
(ڪارو گهيٽو سڱن وارو، ان جي چهنب پٽڙي ٿئي. رائوءَ جون رانئٽون، ڪوٽلئي جون فوجون.)

آوِي

٨١٦. گوڏي جِڏو کهيجڙيو، ڪاريءَ جيڏا ڦُل
ڪَچا مَ ڇِن ٻاٻيها، تنهنجا پَڪا ڪندا مُلهه.
(گوڏي جيڏو وڻ، ڪاريءَ جيڏا ڦُل. اي باغائي! ڪَچا گل نه ڇن، جو اهي پچڻ کان پوءِ ئي مُلهه ڪندا.)

---

٨١٢. گانڌي=عطر ۽ هار سينگار جو سامان وڪڻندڙ، سُرهيو.
٨١٥. جوڌپور طرف 'ڪوٽلئي' جو آفيم مشهور آهي.
٨١٦. ٻي روايت: ڪچا ڪچا ڇڻي گيا، پڪانْ رو ٿيو مُلهه.

اڪ

٨١٧. ڊِگَ مِگَ ڏانڊي ڏالر پان، ڏسان پيئي پڻ چکيان نانْ.
(ڏانڊي لچڪيدار، پن وڏا، ڏسان پئي پر چکيان نہ).

٨١٨. گانءِ رو ڏُوڌ، گلاب رو ڦُول، مسورڪي دال
جوار رو آن، اينهانْ سَڀيانْ رو گوڍ ايڪ.
(ڳئون جو کير، گلاب جو گل، مُهري جي دال، جوئر جو آنّ، انهن سڀني جي پاڙ هڪڙي.)

٨١٩. بَڙ جهڙا پن، ڪمند جهڙي سوٽي
موگري جهڙا ڦل، آنب جهڙي گوٽي.

اک

٨٢٠. ڪارو گهوڙو ڪَبرو، نَنْگَريْ ڏِسندو وڃي
سوا لک ڏيو تہ بہ تنهن جو مُلهہ نہ ٿئي.

آنب

٨٢١. هِينڊ هِينڊوڙي هِينڊتي، مُکڙي مِيٺي لار
سُرتا هوئي تو سوجهہ لو، چمڙي ڀيتر وار.
(ننڍڙي ننڍڙي هَنڍي، جنهن جي منهن مان مٺي لار وهي. ڏاها هجو تہ ڳوليو، جو آن جي کل اندران وار ٿين.)

انب ۽ گُٽڪلِي (ڪوئلو)

٨٢٢. ٻاپ ڄائي ٻيٽي، ٻيٽي ڄائو ٻاپ
هيءَ پرولي پرکو تہ ٻيٽي وڌ يا ٻاپ!
(پيءُ کي ڄائي ڌيءَ ۽ ڌيءَ کي ڄائو پيءُ، اها پرولي ڀڃو تہ ڌيءَ وڌ يا پيءُ!)

آيٽ (چرخو)

٨٢٣. رَتو مَٽيو رِينگو رِينگ-ٻارهن مٿا، تيرهون سِينگ.
(ڳاڙهو مٽيو چيچاٽ ڪري ٿو، سندس ٻارهن مٿا ۽ تيرهون سِڱ آهي.)

ايٽ جي ڪوڪڙي

٨٢٤. اڌ پاساڙي ۾ کهيجڙيو، پُر پُر لڳي واءُ
آهير بيٺو پينڊا ڪُٽهي، ڏِڪري جائي ماءُ.
(ڀِٽ جي اوٽ ۾ وڻ، 'ڦَر ڦَر' واءُ لڳي، پوڙهو بيٺو جوٽُون ڪُٽهي، ۽ پُٽَ ڄائي ماءُ.)

باهه

٨٢٥. پهرن بنان ڏونگر چڙهي، بنان مُک کائي ڪک
راجا چئي راڻيءَ کي، هيءُ گهوڙو يا ٻَڙدُ.
(پيرن کان سواءِ جبل تي چڙهي، وات کان سواءِ کائي، راجا پڇي راڻيءَ کان ته اهو گهوڙو يا ڍڳو؟)

ٻُبو

٨٢٦. پڌري پٽ ۾، تِل جِڏي ترائي
هاٿي پيئين، گهوڙا پيئين، پيئي لوڪ لُڳائي
هيڪ نه پيئي پکيئڙو، جِڪي ري چُونچ ۾ چترائي.
(سنئين ميدان ۾ تر جيڏي تَرائي، جنهن مان هاٿي پيئن، گهوڙا پيئن، مرد ۽ عورتون پيئن، ان تلاءُ مان رڳو پکي ڪونه پيئي.)

بصر (سائو)

٨٢٧. هڪ سؤ آنٻا آنٻلي، ٻه سؤ ٻيا جهاڙ
ڪور بِنان پانَڙو، سُرتا ڪرو ويچار.
(هڪ سؤ انب ۽ انبڙيون، ٻه سؤ ٻيا وڻ. ٽاريءَ بنان پن، ڏاها! ڪريو ويچار.)

بگي (گهوڙي گاڏي)

٨٢٨. پِتل پَهري پدمڻي، هينئڙي سَجيا سِڻگار
يا هجي شادي گهر، يا هجي درٻار.
(پتل پائي عورت، دل وڻندڙ سينگار ڪري. يا هجي شادي وارن جي گهر يا راجا وٽ.)

بندوق

۸۲۹. ڪَجلي گانءِ، ڪجلو گابو۔ هُونگهي گانءِ ماري گابو.
(ڪاري ڪٿون، ڪارو گابو، ڪٿون هونگر ڪري ۽ گابو ماري.)

۸۳۰. ڪارا ڪارا ڪهيجڙ، ڪارا ڪارا سيگر
اِئيي آڏي رو آرٽ ڪَهو، نہ تہ تاهجو ٻاپ ننگر.
(ڪارا ڪارا ٽڻ، ڪارا ڪارا سيگ، هي پرولي پچو، نہ تہ توهان جو ٻيءَ اڻ جاڻ آهي.

۸۳۱. ڪاري چيڙي ڪَنُونبڙي، سؤ اينڊا لهي چڙهيي
هڪ اِينڊو آرپار، ٻيجا اِينڊا دِلي پار.
(ڪاري جهرڪي چنڪمري، سؤ آنا ڪٽي هلي. هڪڙو آنو آرپار، ٻيا آنا دِهليءَ پار.)

۸۳۲. ڪاري چيڙي ڪَنُونبڙي، سُڪا لَڪڙ ڪائي
پاڻي ڏيکهي پَڇي وري، شينهان نان سَمهي جائي.
(ڪاري جهرڪي چنڪمري، سُڪيون ڪائيون ڪائي، پاڻي ڏسي پوئتي وري، شينهن جي سامهون وڃي.)

ٻيل گاڏي

۸۳۳. تيرهن پير جو تيترو، سَير پئي نالو جائهي
راجا پُڇي راڻي نانُ، هي ڪِهو جَناور جائهي.
(تيرهن پيرن جو تِتَرُ، سير ڪندو پيو وڃي، راجا پڇي راڻيءَ کان تہ هيءُ ڪهڙو جانور ٿو وڃي؟)

ٻاجهريءَ جو سنگ

۸۳۴. چِٽڪ گهڏيو چِٽڪٿار، جهڙو موتي جڙيو هار
ڪٽي ڪٽيندين ڪيترو، جنهن جو آنت نڪي پار.

---

۸۳۳. ٻن ڏڪن جا اٺ پير، ۽ پير گاڏيءَ هلائڻ واري جا، ۽ ڦيٽا گاڏيءَ جا ۽ هڪڙو رُونڙو يعني ڪاٺي جي جهل واري ڪاٺي.

(ڇٽڪٽو لَڪُڻ، ڇٽڪٽو هار، جهڙو موتين سان جڙيل هار ان جا داڻا ڪيترا ڳڻي ڪيترا ڳڻبا، جن جو آنت نہ شمار.)

٨٣٥. ڪَڙ پَتلي، ڌَڙ جاڏو، ڪَڙيئي ڍرڪيا ڪهيس
موٽي ٻاپ ري ڏِڪري، ٿنڀا ئي رکيو ديس.

(چيلهہ سنهي، ڌڙ ٿلهو، چيلهہ تائين وار، ٿُلهي پيءُ جي ڌيءَ، ملڪ ڪنبائي ڇڏيو آهيس.)

٨٣٦. اڀو نَر نِنْدرا ڪري، تِڙڪو جهاڪر ڪاءِ
مستڪ جنهن جي موتي نپجي، ڏهہ تَڪ جنهن جي ڏَنْت
سڀ سَکي مِل پُوڇسي، اهو ٻڌائيس ڪَنٿ.

(نر بيٺو ننڊ ڪري، اس ۽ سيءُ کائي؛ جنهن جي مٿي تي سنگ نپجي، جنهن جا ڏند ڏهہ قطارون؛ سڀ سهيليون گڏجي پڇن، ٻڌاءِ تہ اهو ڪير مڙس آهي؟)

ٻاجهريءَ جو سنگ ۽ تِڏُونْ

٨٣٧. ڇِٽڪ گهيڏيو، ڇِٽڪ هار-ڍِيلان ڍَرينْ اَت نہ هار.

(ڇٽڪٽو لڪڻ يعني ٻاجهريءَ جو ڪانو، ۽ ڇٽڪٽو هار يعني سَنْگُ؛ ڍيلون يعني تِڏُون آيون تہ هار ڪونهي، ڇاڪاڻ تہ تِڏون آنّ کائي ويندیون.)

ٻانْهِينْ

٨٣٨. ٻارهن ناکانْ ٻاجهَٽا، تيرهو نئي لَٽ
اَترتي را اِينْڏا سارانْ، ٻارهانْ مٿي سَٽ.

(ٻارهن شاخن وارو وڻ، تيرهون سندس ٿڙ، لهندڙ جا حصا ڳڻيان تہ ٻاهتر ٿيا.)

---

٨٣٥. ٻاجهري جي ڪاني جي چيلهہ سنهي، مٿيون ڌڙ ٿلهو ٿيندو آهي ۽ چيلهہ هيٺان ساوا ساوا پَن ڍرڪي ايندا آهن. ٻاجهريءَ يا اناج کان سواءِ جيئڻ مشڪل آهي.

ٻيرِ

٨٣٩. رَتڙو ڏِيکي هَٿڙو گهَتانْ، ککَر ٿو کائي
چَمڙ جهلي پِڇو تاڻانْ، گُڙ گَپيو ٿو جائي.

(ڳاڙهو ڏسي هٿ وجهان ته ڏينيو ٿو کائي، چمڙ جهلي پوئتي ڇڪيان ته ڪنڊو ڇُپيو وڃي.)

ڀؤنْر

٨٤٠. آر ڪارو، مُک مُرلِي، رَهنْت ڪِينجهر بن مانْهن
لِلاٽ بيچ تلڪ براجي، ڪَهو ڪرشن بہ نانهن.

(بدن ڪارو، وات وڄڻو، رهي ٿو ڍنڍن وارن ٻيلن منجهہ، نراڙ جي وچ ۾ تلڪ ڏسڻ ۾ اچي ٿو، پر ڪرشن بہ ناهي.)

ڀؤنْر جو گهر

٨٤١. نہ وانْسلو نہ وِينْجهڻو، نہ ڪاريگر نہ سُوٽار
اُونڌي مَٿي کَڍ چُڻي، سُرتا ڪرو ويچار.

(نہ واهولو نہ وِنجهڻو، نہ لوهار نہ واڍو. اُونْڌي هنڌ تي گهر آڏي، ڏاها ڪريو ويچار.)

ترار

٨٤٢. ناري پڻ نِبَل نہ، ڪاري پڻ نہ ڪو وَل
وَسي ڏَر ۾ ساپڻ نہ، اُتر اَن جو ٻول.

(زال پر ڪمزور نہ، ڪاري پر ڪوئل نہ، رهي ڏر ۾ پر نانگڻ نہ، ان جو جواب ڏيو.)

٨٤٣. آڌ پاساڙي سِين اُوتِري، ناري نام ڌري
چڱا پهري ڪپڙا، ناگا ڪم ڪري.

(ڀِٽَ جي ڀر مان لٿي، عورت جو نالو رکائي، چڱا ڪپڙا پائي پر خراب ڪم ڪري.)

تِرن جو ٻُوڙو

٨٤٤. آٺ سٺ ڪَنْپَلين، نَو سر نار
درهل ڪَنْپلِينْ، تاريو تماڪ.

ٿَڻ (مينهن يا ڳئون جا)

٨٤٥. چار گگريا آمرت ڀريا-اونڌا ڪَريا، ڪڏهن نه ڍريا.
(چار ننڍڙا دلا آبحيات سان ڀريل، اونڌا ڪجن، ته به نه هارجن.)

ٿُوهر

٨٤٦. آرهو پُرهو کيجڙيو، پيو پاسي ٽاڻ
رَتا ٻڌي موڙهيا، اڃا جوڌ جُواڻ.
(اوريان پريان وڻڙو، پاسي ڀر پيو، ڳاڙها ٻڌي پٽڪا، اڃان جوڌو جوان.)

ٽاجُوئو (ماتا جو ٽُڪو)

٨٤٧. ڳُوڙهي رنگ روپو مُچو، تِرئيا وڏو چاس
پهرئي پڇي آتري نهين، رهي ٻارهو ماس.
(گهاٽي رنگ ۽ سهڻي منهن سان، تِر کان وڏو، پائڻ کان پوءِ، نه لهي، ٻارهن ئي مهينا رهي.)

ٽِياهه (انّ وائرڻ جي گهوڙي)

٨٤٨. ٽِه پيرو توڏڙو، ٽاپيون ڏيندو وڃي
راڻي پُڇي راجا کان، ڪهڙو جانور پيو اچي.

ٺِڪر جو ٿانءُ

٨٤٩. ڪانْچِي ڇانْ، ڪُنئاري ڇانْ، مار پَڙي ڇِي مَنانْ
پَرنيا پڇي ماري ڏيو، تْورنگ وَڏاڙانْ تَنان.

---

٨٤٤. ڪَنْپَلينْ = مُکڙيون.

(ڪچي آهيان، ڪنئاري آهيان، مار پوي ٿي مونکي. پرڻي کان پوءِ جي مار ڏيئي ڏيکاريو ته اوهان کي وڏي آفرين آهي. يعني جيئن پچڻ کان اڳ ٿانوَ کي ٺپبو آهي، تيئن پچڻ کان پوءِ ڪوبه هن کي ڌڪ نه هڻبو ته متان ڀڄي پوي.)

پاجامو

٨٥٠. جانُ ٻيا ڌاتان ري ڪوٿڙي، جانُ ٻيانهي رو ماڻ.
(يا ٻن قسمن جي آنن جي ڳوٿري يا ٻيانهي جو ماپو.)

پاڇو

٨٥١. هيماري ڪو ٽاري چاڙهانُ، ڪُلهي وِهي پاري.
(پرولي مٿاهينءَ تي چاڙهيان ته وري اچي ڪُلهي تي ويهي.)

٨٥٢. جَر نه ڏُوٻهي، آگن نه جلهي، ڪاٽهي تُليو نه جاءِ
ڪَهه ڳل ڪَهو ٺاڪران، طرف ڏکڻ نا جاءِ.

(پاڻيءَ ۾ نه ٻڏي، باهه ۾ نه جلي، وڍڻ سان نه وڍجي سگهي. اي سردارو! اوهين هن کي ڪيترو به کڻي چئو ته به ڏکڻ طرف نه ويندو.)

پاڇولِي (پاڇو)

٨٥٣. جَنَمتي گَج ٽِيسَ ڪي، ڀَر جوڀَن ۾ گج چار
ٻُڍاپي گَج ساٺِ ڪي، مُئي انت نه پار.

(ڄمندي ٽيهن گزن جي، ڀرپور جواني ۾ چار گز، ٻڍاپي ۾ سٺ گزن جي پر مُئهي بعد ڪاٿوئي ڪونهي.)

پَرنال (نارو، نيسارو)

٨٥٤. هڪ ناري مٿي سُتِي، پيٽ سان پيئهي، وات مان ڪڍي.

پڪو (ڪرڙ جو)

٨٥٥. رَتو رَتو لانٽو ٻَنو، لهر ۾ تو لُڏي
ڀڃي گُد کائي تو، درياهه ۾ تو ٻڏي.

(ڳاڙهو ڳاڙهو لاٽون، مزي ۾ پيو لُڏي، ڀڃي اَن جو ماس کاءِ ته درياهه ۾ ٿو ٻُڏي.)

پير ڪَڙي

٨٥٦. آنٽِي ٽُونٽِي لَڪڙِي، ڏَهِي جهڙو وِيس
اي پرولي ڀڃي، اَوئِي نانْ اوڍاڙانْ کهيس.
(ڏنگي ڦڏي ڪاٺي، ڌونري جهڙو رنگ، هي پرولي جو ڀڃي، ان کي کيس ڍڪايان.)

پيرُونْ

٨٥٧. رَتِڪي ڇاڙِي رڻ ۾ بِيائي، چوپڙي هَٿِي ٻَڙَهِي چکائي.
(ڳاڙهي ٻڪري رڻ ۾ ويائي، ويڪرن هٿن سان ٻَڙهِي چکايائين.)

جُتِي

٨٥٨. ڪاري رَن ڪنڊا کائي-جَل ڏِيکهي ڀَڄِي جائهي.
(ڪاري زال ڪنڊا ته کائي پر پاڻي ڏسي ته ڀڄي وڃي.)

٨٥٩. رَتي ڏَٻِي رنگ ڀِري، ڏِني پيرن هيٺ
اَونچْو جُوئانْ لڄ مران، ڏِسن ڏِير ۽ جهيٺ.
(ڳاڙهي دٻلي رنگ ڀريل، ڏنم پيرن هيٺ، مٿي ڏسان ڦِڪي ٿيان، ڏسن ڏير ۽ سهرو.)

جنڊ

٨٦٠. گهر گهر تـوڏِيـو پيو رڙي.
(گهر گهر ۾ ڪنواٽ پيو رڙي.)

---

٨٥٧. ٻَڙَهي=تازي ويايل ڍور جو گهاٽو کير، ٻَرَهي.
٨٥٩. ٿر ۾ عموماً زالون ڪو ڌاريو ماڻهو، سهرو يا ڏير ويٺل ڏسنديون آهن ته جُتي هٿ ۾ کڻي هلنديون.

٨٦١. آگهريہي ۾ گهاگهريو، گهاگهريي ۾ لڀيو
ڪَهين ڪيتري مهينا، اي تماشو ڏيکو.

٨٦٢. ٻہ اوڍڻ ٻيوڙا، ڏورو نڪو ڏاسي
اي هيماري روارٿ نہ ڪهاسي، اوئي ري آڪاھ رهاسي.
(ٻہ ڪپڙا ڳنڍبا، پر نڪو ڌاڳو نڪا رسي. هن پرولي جو مطلب جيڪو نہ ٻڌائي اَن جي آڪھ ئي اڻڄاڻ.)

٨٦٣. ڇَپر پَڳو روپيو، وَهي تُورا تُور
مَنهنڊَ لڳين ڪڪڙين، پڇي لڳي ٻُور.
(پٿر جي پيرن وارو رپيو، هلي توڙان توڙ. اول ۾ لڳنس ڪَڪڙيون پوءِ لڳيس ٻُور.)

جوگِيڙو

٨٦٤. آڏي ڏُوڙ ۾ گَڏِي، ريشم جا ڦُونڊا، گلاب جي ڏَنڊي.

جَئُوئو

٨٦٥. سَوُ پير جو جَناور، اَڀي بازار جائي
راجا چوي راڻيءَ کي، ڪهڙو جناور جائي.
(سؤ پيرن وارو جانور، سڌيءَ بازار پيو وڃي، راجا راڻيءَ کان پڇي تہ ڪهڙو جانور پيو وڃي.)

جَهٻيو

٨٦٦. پنج پرين پَڇا ڇڏي، هسڻاپور نانْ هلي
چڙهي ڏنْت ڪس گجرات، سِنڌ سان پَرهي هلي
نانْدانْ پڳِينْ نصرپور، پاٽڻ ڪڇ پسار
اِئي وِيلڙي را آهين دلي ٺڪاڻا.
(پنج پرين پٺيان ڇڏي، دهليءَ ڏي هلي، گجرات کان چڙهي

٨٦٤. ٿر ۾ مينهن ۾ اَڀرندڙ نهايت خوبصورت ٻوٽو.
٨٦٥. جَئُوئو = هڪ قسم جو جيت، ڄَوو.

سنڌ ڏانهن پَهرجي هلي، نيٺ نصرپور پهتي، پَٽڻ ۽ ڪَڇ ڏي اَسهي، هن وقت دهليءَ ۾ سندس ٺڪاڻو آهي.)

چِچِڙُ

٨٦٧. آٺ پَڳو، نَئون نَرو، اوڙانْئو آئي
راجا پُڇي راڻِي نانْ، ڪِهو جانور جائي.

(آٺ پيرو، نَون نَرين وارو اورتي پيو اچي، راجا راڻيءَ کان پڇي ته ڪهڙو جانور پيو وڃي.)

چَڙَهِي

٨٦٨. پُڇ پُسهي، ڀاڻيو منجهه ڀُونْ
ويو پاڻي ۾، تاڻي ڪڍ تون.

(سندس پڇ پيو ڏسجي، پاڻ زمين ۾ آهي. پاڻي اندر ويو آهي، هاڻي کيس تون ڇڪي ڪڍ.)

٨٦٩. ايڪ وَلڙي، سوهِس ڦَر، سوهِسي ڦَري جدا نام
ٽوڙ ئي پَڇهي پُڇسِين، ڪِهو بيل ڪو نام.

(هڪ ول سوين ڦر، هرهڪ ڦر جو نالو جدا، توڙ تائين پڄندي، اَن ول جو نالو ڪهڙو.)

چنڊ

٨٧٠. سڱ سميت جَنميو، جوڀن ۾ سِڱ جائي
ٻُڍاپڻي سڱ وري ٿين، آرٿ ڪرو ڪوئي رائي.

(سڱن سميت ڄائو، جوانيءَ ۾ سڱ گم ٿين، پيريءَ ۾ سڱ وري ٿين، تنهن جو مطلب ٻڌايو.)

---

٨٦٧. چچڙ کي جيئن جيئن هٽائبو، تيئن تيئن وري پيو ايندو آهي.
٨٦٨. کوهه مان پاڻي ڪڍڻ جو ننڍڙو ڪوس.

چنڊ ۽ تارا

٨٧١. ڪَيسَر ڀَرِيئو واٽڪو، ڦُولهي ڀَري پَراتَ
مُومل پُوڇهي مينڌرا، ڪِٿ گُمائي رات
آڌي گُمائِي چؤواٽهي، آڌي گانڌيڙي ري هاٽ
تِينُ جِڏِينُ گورڙينُ مهينُ رميا ساري رات.

(ڪيسر جو وٽو، گلن جو ڦالهه، مومل مينڌري کان پڇي ته رات ڪٿي وڃائي، چئي: اڌ وڃايم چؤواٽهي تي ۽ اڌ سُرهيي جي دڪان تي، ۽ توجيڏين ڳورين ۾ مون سڄي رات راند ڪئي.)

چڻوٺي

٨٧٢. آڏا گَڍانُ سين آتري، هلي شهر بازار
راتِي ٻُوٽِي گهاگهرو، ڪاجل رو سِڻگار.

(آڏن ڪوٽن تان هيٺ لهي، شهر ۽ بازار ۾ هلي، ڳاڙهي ٻُوٽي جو پڙو ۽ ڪجل جو سينگار.)

چُوڙو

٨٧٣. گهي گُوڙهو، پگَ اوجرو، وهي ڏڙيندي ساٿ
پَرناري سين نَر لڳو، ڇُٽي نه ڏينهن رات.

(رنگ ڳُوڙهو، پير اڇا، هميشه گڏ رهي، پرائي زال سين مُڙس لڳو، ڇٽي نه ڏينهن رات.)

٨٧٤. گج ڪارو، ڏنت آجرو، هلي گنڀير چال
ساسُو، وَهُو، ڏِيڪري، ٽنهي جو هڪ ڀوتار.

(هاٿي ڪارو، ڏند اڇو، هلي شينهن جي چال، سس، نُنهن ۽ ڌِيءَ ٽنهي جو هڪڙو مڙس.)

چؤپڙ

٨٧٥. ايڪ ساس، سورهن بَهُوئان، تين ٻهيٽا، گهر چار
بِن پاوَ رمهي جهَمهي، سُرتا ڪرو ويچار.

(هڪ سس، سورهن نُهرُون، ٽي پٽ، گهر چار، بنان پيرن گهمي ڦري، سگهڙ ڪريو ويچار.)

٨٧٦. چاري جاڻي چيلهه ۾، سَت آوئي را چاري
سورهان رو پلو لڳو، اڃا اڪَن ڪنواري.

(چار سڃاڻو چيلهه ۾، ست تنهن جا چاري، سورهن سان پلئو لڳس، اڃان صفا ڪنواري.)

٨٧٧. چار ڪوٺين چوويس ٿاڻا، جي ۾ ٻيسين راوت راڻا،
ڏَنْت کَڙو ڪِينْ نووَت واجِينْ، سامهان ٻيٺا مورک لاجين.

(چار ڪوٺيون، چوويهه خانا، جنهن ۾ ويهن راوت راڻا، ڏند کڙڪن، نوبت وڄي، سامهان مورک ويٺا ڦِڪا ٿين.

٨٧٨. چؤ پَلنگِي چوک تمام ريسهي جانِ گهُرسهي
مَن ترسهي آهيِ، مشڪل پاريسي.

(چئن ڪنڊن واري چَک، پوري ٿيندي ته جان گهرندي. دل کي سِڪائيندڙ آهي، پر مشڪل ملندي آهي.)

٨٧٩. پايا پاڻڻ ديش ۾، اِيسانْ عمرڪوٽ
ڀَرتاري ڀُڄ ۾، سمهڻ هاري سورٺ.

(پاوا پاڻڻ ملڪ ۾، اِيسُون عمرڪوٽ ۾، ڀَرت ڀُڄ ۾ ٿيو ته مٿس سمهندڙ وري سورٺ ملڪ ۾ آهي.)

چؤڻري (شاديءَ جو مَنَهنْ)

٨٨٠. ايڪ جيڏي نگري، جهي ۾ ٿنڀا آهن چار
جي ۾ ٻه گُجرو سِنْچِرين، پٺيان لاک هزار.

(هڪ جيڏو شهر، جنهن ۾ ٿنڀا آهن چار، جنهن ۾ ٻه ڄڻا هلن ۽ انهن جي پٺيان وري لک هزار.)

ڇانهين

٨٨١. سائو ڏابورو، گلابي ڀرت ـ کائوڙي جانِيانْ هٿو هٿ.

(سائو داٻلو، گُلابي ٻج، کائوڙي ڄاڃي هٿو هٿ.)

٨٨٢ ول پٿريل سوا گَج ڏَنڊِي، بِنا ڪنڀار گهَڙِي هَنڊِي
بنا ڄمائڻ ڄميو ڏَهِي، پُرش جي پيٽ ۾ استري رهِي.
(ول پکڙيل، سوا گز ڏانڊي، ڪنڀار کان سواءِ ٿانءُ گهڙيو، بنان ڄمائڻ ڄائو ڌونرو، مُڙس جي پيٽ ۾ زال رهي.)

حُقو

٨٨٣. وڏو پکي لُرڙ، جنهن جي چُهنب چُرڙ
جنهن جو مٿو مُردار، ڍُونڍُ وڏي خبردار.

٨٨٤. ڌَڙ گَجهي، وِڄ چمڪهي، نَر ناريءَ هيٺ
راڻي چوي راجا کي، هيءُ ڪنهن ٻَڌِي بهيٺ.

٨٨٥. آنٽيو ٻِهر، مٿي ويٺو هولو
اِئِي روآرٿ نہ ڪَهي، اوئهي رو ٻاپ گولو.
(ڏنگي ٻِهر تي ڪبوتر ويٺو، جيڪو نہ ڀڃي تنهن جو پيءُ گولو.)

خط

٨٨٦. اڇو اڇو ٻگلو، مٿي ڪاري ريٽ
پکانْ پَکيٽو پارِيٻو، ڦِري ڏيسانْ ڏيس.
(اڇو اڇو ٻگلو جنهن جي مٿي تي ڪارو ريٽو، پکن کان سواءِ پاريهل جيڪو ديسان ديس گهمي.)

دوُنْهون

٨٨٧. پَگانْ پَکيٽو، ڏُونگر چڙهي.
(پيرن کان سواءِ جبل تي چڙهي.)

دُهل

٨٨٨. ٿوٿو لَڪَڙ ٿَلڪهي-سارو ڳوٺ ٻَلهڪهي.
(پورو ڪاٺ وڄي، سڄو ڳوٺ گُونجهي.)

ڏَوَڻ (لوهارڪي ڪم جي)

٨٨٩. ٻِن سانڍِين سُڀرِين، هيڪي پڳي چَرِين
اوٺاڙي تو آتري، تو ٻِنهي تينْ مرِين.
(ٻه ڏاچيون ڍُڪيون، هڪڙي پير تي چَرن، جَت ٿو لهي ته ٻئي ٿيون مرن.)

ڏاڻو

٨٩٠. ڪارڙو متارڙو، جهنگ چَري گاهڙو
لُڪِي نڪو ساهڙو، واهه ڙو واهه ڙو.

ڏانگڙِي (لٺ)

٨٩١. گَرڍاپڻ ۾ چالڻو، ناريلن ۾ نام
سُرتاهوئي تو سوجهه لو، مارواڙ ۾ آهي گام.
(پيريءَ جي ٽيڪ، ناريل ۾ نالو، سمجهو هجين ته ٻڌاءِ جو انهي نالي سان مارواڙ ۾ به ڳوٺ آهي.)

ڏانوڻي

٨٩٢. ٻوهتَر ٻورڙي، ٻوهتر ڪَنْٺا
ڪُوڻ جاڻي تو پيس را ڏَنْتا.
(ٻاهتر ڦُلڙيون، ٻاهتر مٽيا، ڪير ڄاڻي ته هن جا سونا ڏند.)

ڏوئي

٨٩٣. گهاٽي جهنگ ۾ ڏٺو نيزو، نيزي مان ٿي نار تيار
ٽِپي پئي ٿانْوَ ۾، آڌ پُڇڙ ٻَهار.

ڏؤنْرو (ڪرڙ جو)

٨٩٤. سائو جهاڙ، پر پنن جو ڏڪار
ڦَل آهي سهڻو، جهڙو سوپاريءَ جو ڀار.
(سائو وڻ پر منجهس پنن جو ڏڪار، ڦَل سهڻو اٿس، جهڙو سوپاريءَ جو ڀاءُ.)

ڏيڏر

٨٩٥. نڪا ڏاڙهي، نڪا مُونڇ- ڪڏهان ٻُٽو، ڪڏهان پُونڇ.
(نڪا ڏاڙهي، نڪا مُڇ، ڪڏهن بنا پڇ، ڪڏهن پڇ سان.)

٨٩٦. ڪن بغير ڪُوچلو، پُونڇ بغير ٻانڊو
اِيئي هيماري رو آرٿ ڪرو، نہ تہ ڪٽنب آڀانُ رو گانڊو.
(ڪنن کان سواءِ ڪُرو، پُڇ کان سواءِ لُنڊو، هن هيماريءَ جو مطلب ٻڌايو، نہ تہ اوهان جو سڄو ڪٽنب اڻ ڄاڻ آهي.)

٨٩٧. سياري ۾ ڪارو رهي، اُونهاري ۾ پيلو جاڻ
چؤماسي ۾ سائو رهي، هي ڪهڙو جيو سُڄاڻ.

ڏيِي جي وٽ

٨٩٨. ڪَري ٿانڀي ري ٿانڀلي، ننگر ناٺي نار
پِتل پهري پدمڻي، سورهن ڪري سڻگار
پگ جهَٻڪي پولڙي، هيئينُ جهٻڪي هار
نڪ ري نَٿلڙي، ڦُولانُ ڀارو ڀار.
(سٺي ٿنڀي جي ٿُوڻي، سڄي شهر کي وڻندڙ نار، اها پدمڻي زيور ڍڪي ۽ سورهن سينگار ڪري، سندس پير ۾ مُنڊي ٿي چمڪي، ۽ ڇاتيءَ تي هار چمڪي ٿو، نڪ ۾ نٿ اٿس ۽ گلن سان جهنجهيل آهي.)

ڍيرو (سُٽ جو)

٨٩٩. اِڏو اِڏو گَنٺيو، جبل کان بہ وڏو.
(هيڏي هيڏي ڳنڍڙي، جبل کان بہ وڏي.)

رات

٩٠٠. پَڙي پڙي ڀڳي نہ، ٽڪرا ٿيا ٻہ چار
بنا پنڪي اَڏگئي، سُرتا ڪرو ويچار.
(پوندي پوندي ڀڳي نہ، رڳو ٻہ چار ٽڪرا ٿيا، بنان کنڀن اَڏامي وئي، ڏاها ويچار ڪريو.)

رپيو

٩٠١. چار ٻيهنانْ چاڳَلينْ، سورهن ڀائي سچا
هلڻينْ چلڻينْ بازار ۾، ٻَتْرِيْس جيرا ٻچا.

(چار ڀيٽون چاڳليون، سورهن ڀائر سچا، هلن چلن بازار ۾، ٻٽيهه جنهن جا ٻچا.)

٩٠٢. پير ڪونهي پر هلي گهڻو، مُنهن ڪونهي پر ٻولي جهيڻو
آڍائي تُسو چيزني نر ناري چاهي گهڻو.

(پير ڪونهن پر هلي گهڻو، وات ڪونهي پر ڳالهائي جهيڻو، آڍائي تُسو ماپ واري شيء کي هرهڪ مرد توڙي عورت گهڻو گهري.)

رستو

٩٠٣. لانٻو لانٻو لانٻڙو-لُوْهي نڪو چانٻڙو.

(ڊگهو ڊگهو ڊگهڙو، رت نڪو چمڙو.)

روهيڙو

٩٠٤. ٿر ڄايو، ٿر آپنو، ٿر ۾ وڏا ڪوٽ
ڦِريو ساريو سنڌڙي، ڦِريو عمرڪوٽ
وَنْگي جي بازار ۾، چيهي ڏني چوٽ.

ريل گاڏي

٩٠٥. ڪارو بانٺو ڪِرَڪِريارو، راتو بانٺو رائو
نيئڙسين تونڏِي ڇٽي، سامل گهوڙا پائو.

(ڪارو بانٺو آواز ڪندڙ، ڳاڙهو بانٺو رائو، نيئر وڌل آٺِ هلي، ساڻس گهوڙا پُڄايو.)

---

٩٠٤. وڻ جو قسم، جنهن جي ڪاٺي نهايت مضبوط ۽ ساڳ جهڙي ٿيندي آهي.

سال، ورهيه

٩٠٦. ايڪ تِرووَر، تِين ٿُڙَ، ٿُڙ ٿُڙ ڏِينا چار
ڏينهي ڏينهي ڦَر ٽِيس، سُرتا ڪرو ويچار.

(هڪ وڻ کي ٽي ٿُڙ، هرهڪ ٿڙ کي ڏينار چار، ڏيني ڏيني ۾ ڦر ٽيهه، ڏاها ڪريو ويچار.)

٩٠٧. چار اَنَها، چار ٺَڍا، چار نيٽانْ نِير جهَري
ٻارهن پگانْ رو مِرگهلو، ڌارو ڌار ڦري.

(چار گرم چار ٿڌا، چار اکين مان پاڻي وهائين، ٻارهن پيرن وارو هرڻ، ڌارو ڌار ڦِري. چار گرم يعني اونهاري جا مهينا، چار ٿڌا يعني سياري جا مهينا ۽ چار پاڻي وسائين يعني برسات جا مهينا.)

٩٠٨. هٿ جيڏي لَڪڙي، چڙهِي چَتُرڪهي هاٿ
ٻارهن گهڙيا ٻاجهٽا، ۽ ٽِيس ٺهيا ٺهيا لاٺ
جيرا آر ڪڍيا تو ٿيا تين سؤ ساٺ.

(هٿ جيڏي ڪاٺي ڪنهن سياڻي جي هٿ آئي، ٻارهن اَن مان ٿنڀا ٺهيا ۽ ٽيهه لٺيون ٺهيون، جڏهن اَن جا آرا ڪڍيا ويا ته ٽي سؤ سٺ ٿيا. يعني ٻارهن مهينا، هرهڪ مهيني جا ٽيهه ڏينهن ۽ سال جا ٽي سؤ سٺ ڏينهن.)

٩٠٩. ٽن تسوئن جي لڪڙي، آچي اَڇلي واڍن جي گهر
ٽي سؤ سٺ گهَڙيا رِينٽيا، ٻارهن گهڙيا ٿنڀ
چَتوَر سمجهن، مورک ڪن نه ويچار.

(ٽن گرانٽن جي ڪاٺي اچي واڍن جي گهر اَڇليائون، جنهن مان ٽي سؤ سٺ ڪايا ۽ ٻارهن ٿنڀ گهڙيا ويا، هيءَ پرولي سمجهُو ڪي سمجهن، مورک ڪجهه به نه ڄاڻن. ٽي تسو=

٩٠٦. ٿر ۾ ٽي موسمون سيارو، اونهارو ۽ وسڪارو ليکين، ۽ هرهڪ موسم ۾ چار مهينا ڳڻيا وڃن.

ٽي موسمون، سيارو، اونهارو ۽ برسات؛ ٽي سؤ سٺ رينٽيا= سال جا ٽي سؤ سٺ ڏينهن؛ ۽ ٻارهن ٿنڀ=ٻارهن مهينا.)

ساهمي

٩١٠. هڪ ناري، ٻه گهاگهرا، ڇٽڪي ناڙا ڇهه
ڪرڪ مٿي پُڇڙي، اَن جو آرٿ چئو.

(هڪ عورت کي ٻه پَڙا، ڇهه اڳٽ ۽ پُٺن مٿي پُڇُ آهي. اَن جو مطلب ٻڌاءِ.)

سج

٩١١. رَتو ڏَٻو رنگ ڀريو، آڀي مينُ تو جائي
راجا پُڇي راڻي نان، ڪهو جَناوَر جائي.

(ڳاڙهو ڏٻو رنگ ڀريل، آڀ ۾ پيو وڃي؛ راجا راڻيءَ کان پڇي ته ڪهڙو جانور پيو وڃي.)

٩١٢. لالانُ لِيو تو ڏَس ڏيان، موتي ڏِيان ڏسَ بيس
اِي تو ڪڙج ۾ ايڪ وَسهي، ڪانڪر ڪرانُ بخشيش.

(لعلون وَٽ ته ڏهه ڏيان ۽ موتي ڏهه وِيهه ڏيان؛ پر اهو ته گهِراڻي ۾ هڪ ئي آهي، سو ڪيئن بخش ڪريان!)

٩١٣. پَگَ پاڳوڙي، ڌَڙُ ڪوٽڙي، ٻانهِي ٻاهِڙِ ميرَ
کِينئل رينُ کيجڙينُ، پالهِي ري پاکيڙ.

(پير پاڳوڙي ۾، ڌڙ ڪوٽلي ۾ ۽ ٻانهون ٻاهڙمير ۾؛ وڻن ڌاران به سٺو ميدان ۽ پکيڙ کان سواءِ به پالهي.)

سرميداڻي ۽ سرمو

٩١٤. ڌڙ سِينگي، ڪَڙ پاتِري، ڪُڪڙ ڪنڌي نار
ناري نر ڦَينڪيو تو سَمُونڊرانُ پيلي پار.

(ڌڙ سڱن وارو، پيٽ ويڪرو، ڪُڪڙ جهڙي ڳچي، زال، مڙس کي اڇليو ته وڃي سمنڊ کان پار پيو.)

٩١٥. چوٿائيءَ ۾ چار ڪڻ، ڌم ڏيئي پيسا
ٻارهن مهنا چوڻ ڪري، اڃان نہ کٽا.

(چوٿائي ۾ چار داڻا زور سان پيٺا، ٻارهن مهينا چوڻ ڪيم پر اڃان نہ کٽا.)

سڱر

٩١٦. پاڙ پتري، جر اونڏو، مٿي لانٻا جهوڙا ڪيس
اهڙي ڀلي سوکڙي، سيٽان نان ميلهان ڀيٽ.

(پاڙ سنهي، پاڻي اونهو، مٿي ڊگها وار، اهڙي ڀلي سوکڙي، سيٽن کي سوغات ڪري موڪليان.)

سڱري (ڪنڊيءَ جي)

٩١٧. پتري ۽ ڊگهي، کاڌي ۾ مٺي
هيٺان بيٺوڙي، اونچي ڏٺي.

(سنهي ۽ ڊگهي، کاڌي ۾ مٺي، هيٺ لڙڪيل پر مٿي ڏسجي.)

سوپاري

٩١٨. ڍيٻلو واڻيو، ڍيٻلو پيٽ - جٿو ڪٽائي پٿر هيٺ.
(بندرو واڻيو، ٿلهو پيٽ، پٿر هيٺ جسم ڀڃائي.)

٩١٩. ننگر ۾ ناگي ڦري، بن ۾ پهري چير
تنهن جا ڦل آڻجو، سڳي نڻان جا وير.

(شهر ۾ اگهاڙي هلي ۽ جهنگ ۾ ڪپڙا پائي، تنهن جا ڦل آڻج، سڳي نڻان جا ڀاءُ. يعني زال، مڙس کي سوپاري آڻڻ لاءِ چيو.)

طوطو

٩٢٠. پڙهي ٿو پڻ پنڊت ناهہ، پوريو پڻ نا چور
چتر هجو تہ چئي ڏيو، مڌرو پڻ نا مور.

٩٢٠. مڌرو=مٺو، سهڻو.

قلم، پنو ۽ اکر

٩٢١. هَرَ هَرُوئا، ڀُونءَ پَتِري، هاري چَتر سُڄاڻ
مُکا موتي نيپجين، نيٽين ڪڍيا لڀڏاڻ.
(هر آلو، زمين برابر ٿي، هاري سياڻو سڄاڻ، وات سان موتي اُپجن، اکين سان گُڏ ڪڍجي.)

ڪاغذ، خط

٩٢٢. آڪڙ ڪَن ڪَڙڪَڙ ٻيڙي، جنهن ۾ رهي ڪاري ڪُپڙي
ڏيس ڦري ڏيساور ڦري، راجا سان گڏ ڳالهيون ڪري.

ڪپهه

٩٢٣. سُوپَڙ ڪَنو رُوپيو، وهي تُورا تُور
مُوهر لڳين ڪَڪڙين، پَڇي لڳو ٻور.
(ڇڄ جهڙو رپيو هڪ تور کان ٻئي تور تائين هلي، جنهن ۾ پهرين ٿيون ڪَڪڙيون پوءِ ٿيو ٻُور.)

ڪڙڇي (تَرڻي)

٩٢٤. اِيتلي او پيتلي، تون ڀَنڊاري ري ڌيءَ
کائين پيئين سڀڪي، ڳرئين پوءِ تون ڪيئن؟

ڪڪر

٩٢٥. ڦَٽي ڦَٽي چِتر گهٽي-گوڍَ پَکيڻي، ڇانهه گهٽي.
(ڦٽي جنهن ۾ چِٽَ گهٽا، ٿڙ کان سواءِ ڇانءَ گهٽي.)

ڪلف ڪنجي

٩٢٦. تپيلي ۾ تپيلو، تنهن ۾ ڪلنگي گهوڙو
ڇوڙيو ته ڇوڙيو، نه ته بيٺو ڪري ڦوڙو.

ڪِلو

٩٢٧. مُٺ جيڏو مانٽيرو-سؤ گانئين سيڪڙي.
(مٺ جيترو ماڻهو، سؤ ڳئون سميٽي.)

ڪڻڪ

٩٢٨. اُتر ري ڌِيئاري، ڏکڻ تي جائُون
ڪانڀان مُنهيلي ڪانڀڙي، لڙڪ لوڏا کائُون.
(اُتر جي ڌيئڙي، ڏکڻ ڏي وڃان؛ سنهي لڪڻ جهڙي بيٺي لوڏا کان.)

ڪوسُ

٩٢٩. ڪارو ڪارو گهيٽو، لاڙهان ۾ تو لُڏي
پڳ سين پڙهو ڪران تو درياهه ۾ تو ٻُڏي.
(ڪارو ڪارو گهيٽو لڙهن ۾ ٿو لُڏي، پيرن سان پري ڪريان ته درياهه ۾ ٿو ٻُڏي.)

ڪوڪڙي (سُٽ جي)

٩٣٠. اِڏي هَڏِي، ڏونگر سان وڏي.
(ايڏڙي هَڏي، جبل کان وڏي.)

ڪونڊِير

٩٣١. اِٽڪي ڏَٻلي-ڌوڙ ۾ گُٽڪي.
(هيڏڙي ڏٻلي، ڌُوڙ ۾ پوريل.)

ڪاروُڙو ڳوٺ

٩٣٢. آمرڪوٽ کي اوڏڙو، نَر نامِيڻي نام
ڪارونجهر جي ڪَور تهي ڳولي وٺو گام.
(عمرڪوٽ کي ويجهو، مرداڻي نالي سان مشهور، ڪارونجهر جبل جي ڪنار تي ڳوٺ آهي، آهو ڳولي ٻڌايو.)

ڪاهي (ڏاس جي)

٩٣٣. ڪارو ڪارو گهيٽيو، اوٽهي مٿي ليٽيو.
(ڪارو ڪارو گهيٽو، اڱڻ تي ليٽيو.)

---

٩٢٩. کوهه مان پاڻي ڪڍڻ جو وڏو ٻوڪو.
٩٣٢. ڪاروڙو ڳوٺ، عمرڪوٽ کان ٽي ميل اُتر طرف آهي.

٩٣٤. هيٺان مٿان رُونچ وَري، ڪورانْ رَهِينْ ڪَچِين
هيڪ جاڻو گَچِي گِيو، ٻہ ڄڻا پيا نَچِينْ.
(هيٺان مٿان پچندو ويو، ڪناريون ڪچيون رهيون؛ هڪ ڄڻو گچي ويو، ٻہ ڄڻا پيا نچن.)

ڪٽولو

٩٣٥. چار ڀائي چوڪا، جُڳت ڪري بيٺا
هيڪُو ڪي ري ڪوٺي ۾ ٻہ ٻہ ٿي ٻيٺا.
(چار ڀاءُ چڱا، صلاح ڪري ويٺا؛ هڪڙي هڪڙي ڪوٺي ۾ ٻہ ٻہ ڄڻا ٿي ويٺا.)

ڪُنڀي

٩٣٦. ٻالاپڻ ۾ ڌورا ڪپڙا، گيرواپڻ ۾ لال
ٻيجَ بنا ايڪ چيجَ ڏٺي، سُرتا ڪرو ويچار.
(ننڍپڻ ۾ آڇا ڪپڙا، پيريءَ ۾ ڳاڙها، ٻج بنان هڪ شيءِ ڏٺم، جنهن جو ڏاها ڪريو ويچار.)

ڪنوڻ

٩٣٧. جهڙپ ڏيئي جمنا ٻائي جهَٻُڪ هلي وڃي
جنهن جي مٿان پوي تنهن کي ڀسم ڪندي وڃي.

٩٣٨. ڊِگهي نَس رِي ڪُونْجهڙي، ويائي بيڪانير
ٻچا ڇڏيا ڪوٽڙي، پُڳي جيسلمير.
(ڊگهي ڳچيءَ واري ڪُونْجڙي بيڪانير ۾ ويائي، ٻچا ڇڏيائين ڪوٽلهي تي، ۽ پاڻ وڃي جيسلمير ۾ پهتي.)

٩٣٩. اِڏڪي ڏِٻڪي، رِم جهِم ڪري
رَتنهي ري گوڇار ۾ کِلي، ڪُوڙ ڪري
ٿَري مَ ٿَٿُوئو، ڦَري نہ ڦُلو
آڻ وُٺا مِيهولا، لاکيڻو ملڪ.

(هيڏڙي ٽوپڙي نچ نچان ڪري، رتني جي ترائيءَ ۾ کيلي، ڪوڙ ڪري؛ جنهن جو ڦر نہ ڦلو، آڻ وُٺل مينهڙا، لاکيڻو ملڪ.)

٩٤٠. اَج ڀُڄ ۾ اَوپني، ٺَٺ تَنگر ڌار
پِتل جهڙي پتري، سورهن ڪري سِڻگار
نڪو ڏمر رکي ڏيل ۾، نڪو گوري جهلي گار.

(اَج ڀُڄ ۾ پيدا ٿي، رهي ٺٽي ننگر وٽ؛ پِتل جهڙي سنهڙي، سورهن ڪري سينگار؛ نڪو ڪاوڙ رکي جان ۾، نڪو سهڻي جهلي گار.)

کوهہ

٩٤١. رڻ بڻ مانْهين روپاڙو، جهيري ڇايا نہ ٻيسي ڪوءِ
آڻ وُٺي رڙيامڻو، وُٺي ڍينگهر هوءِ.

(رڻ پٽ ۾ اڇو وڻ، جنهن جي ڇانوَ ۾ ڪوبہ نہ ويهي؛ مينهن نہ پوي تہ آباد هجي، پر جي مينهن وسي تہ غيرآباد.)

کير

٩٤٢. ندي ڪناري رُونْکڙو، جهيرو نام آڻنْل
هيڪي پُرس رينْ گورڙِينْ، ساسُو، بَهُو، نَڻَنْل.

(ندي جي ڪناري ٻوٽو، جنهن جو نالو 'آڻنل' آهي؛ اَن هڪڙي ئي مڙس جون زالون، سس، زال ۽ نڻان آهن.)

کير ۽ مکڻ

٩٤٣. سُمهي سانْجهہ وايو، اَڳيو آڌيءَ رات
نَورَس جنهن ۾ نِپجي، ويڻي ليو پرڀات.

(سمهي سانجهيءَ جو ۽ آڌ رات جو پيدا ٿئي، جنهن ۾ نَورس نپجن، ويامي وري صبح جو. کير سانجهيءَ جو ڄمائبو، آڌ رات جو ڄمندو ۽ صبح جو ولوڙي مکڻ ڪڍبو.)

٩٤٤. ڏينهن آٿويو آنْٻو روپيو، اَگو آڌي رات
پرهہ ڦٽي را ڦَلَ ڇڻيا، آنْٻو اَتم ذات.

(سج لٿو، آنب پوکيو، آڌيءَ رات جو اڀريو، پرهه ڦٽيءَ جو ميوو ڇڻيو، اهو انب اچي ذات وارو آهي.)

کير، ڌونرو ۽ مکڻ

٩٤٥. ٻاپ ڪنا ٻيٽو ڀلو، جيرو پوٽرو سردار
تيني رات جنميا، سُرتا ڪرو ويچار.

(پيءَ کان پٽ ڀلو، جنهن جو پوٽو سردار، ٽيئي هڪڙيءَ رات ڄايا، هاڻي ڏاها ڪريو ويچار.)

گدرو

٩٤٦. آڏي چيران، اڀي چيران، چيران ٿاري پٺي
اِئي هيماري رو آرٿ ڪهو، نه ته ايها پَرَهو اٿي.

(آڏو چيريان، اڀو چيريان، چيريان تنهنجي پٺي، هي پرولي ڀڃي ٻڌاءِ، نه ته هتان اٿي پري ٿي.)

گُڏي

٩٤٧. نگري نگري ناروڻي، ڪپڙا پهريو سَوَ ڪري سينگار
نڪي ڏمر ڏيل ۾، نڪي لڳيس گار.

گرانهه

٩٤٨. پنجن ڄڻن راند ڪئي، رينگ رينگان ۾
ڏي گڙيدان ۾، گار ناهي گوميو آهي.

(پنجن ڄڻن راند ڪئي چيچاٽن ۾، وڌائون وات ۾، گار ناهي پر چرچو آهي. پنج ڄڻا=هٿ جون آڱريون. راند ڪئي= گرانهه ٺاهيائون. رينگ رينگان=ڏندن سان چٻاڙڻ جو آواز. گڙيدان ۾=پيٽ ۾.)

٩٤٩. پنجن ڄڻن گيند اپاڙيو، ڏي ڏلهر منجهه
مٿان ٿي ڙينڊان، ڏي گڙينڊان منجهه.

(پنجن ڄڻن ڏڙهو کنيو، کڏ ۾ کڻي وڌائون، مٿان چيچاٽ ٿيا، پوءِ وڌائون پيٽ ۾.)

گينگهو (جيت)

٩٥٠. ڪارو، گاگن گوپارو- پيرن مٿي اوڀارو.

٩٥١. ڪارڪي گڏهه، ڪاريا ٿڙها-
هل ڙي مولهي، ايهيج مڙها.
(ڪاري گڏهه، ڪارا سنج، هل ڙي آٺ، اجهي مڙها.)

گهِرٽيو (ننڍو جنڊ)

٩٥٢. هيڪل سينگو هَرٽيو، ڇوهه ۾ تو جائي.
(هڪڙي سڱ وارو هرڻ، تکو پيو وڃي.)

لُڙڪ

٩٥٣. ڪارا ڏونگر، نَدي جهَري، ندي آڇو نِير
ٽِسيو پاڻي نه پيئي، گوتي لِيو ٻاوَنَ وِيرَ.
(ڪارا جيل، ندي وهي، نديءَ جو آڇو پاڻي، آڇايل پاڻي نه پئي، اها پرولي ڏاها ڳولي وٺن.)

لونگ

٩٥٤. رِينگَ رِينگو، چار سِينگو، آپ ڪارو، ماس ڪارو.
(چئن سڱن وارو جهڙو رڙهندڙ جيت، پاڻ ڪارو، ماهه ڪارو.)

لوڻ

٩٥٥. سياري اونهاري نِپجي، وڃي چوماسي جَڙ
سڀ وَرڻ تنهن کي کائي، نه پن نه ٿڙ.
(سياري توڙي اونهاري ۾ پيدا ٿئي، مينهوڳي ۾ پاڙ کان وڃي، هرڪو آن کي کائي، پر آن کي نه پن ٿئي ۽ نه ٿڙ ٿئي.)

٩٥٦. ندي ڪناري نِيپجي، جهيرو سرو نه ساٽو هوئي
مين گهر آيا پرامڻا، تينُ گهر هوءِ تو جوئي.
(نديءَ جي ڪناري تي پيدا ٿئي، جنهن ۾ نه پن ٿئي نه سنگ ٿئي؛ منهنجو مڙس آيو آهي، تو وٽ هجي ته ٻڌاءِ.

هڪڙي عورت ڀاڄي رڌڻ مهل ڏٺو ته لوڻ آهيئي ڪونه، تڏهن پاڙي واريءَ کي اها پرولي موڪليائين جنهن کيس لوڻ ڏياري موڪليو.)

ماڪ

٩٥٧. برسات پڙي، ڀنيو سڀ وڻراهه
رُونڪا پاڻي چڙهه گيو، گج گج گهوڙا نهاءِ
گهَڙو تو ٻُوڏي نهين، پکي تَرسيا جاءِ.

(برسات پئي سڀ وڻڪار پُسي وئي، ٻُوٽن تي پاڻي وري ويو، هاٿي گهوڙا وهنجي ويا، پر دِلو به ٻڏي نٿو ۽ پکي پڻ اڃيا وڃن.)

ماڪوڙي

٩٥٨. گهڙي گوهر گوٻَرِ نهين، پَڳِي نَنگ ٻار
اِئي هيماري رو آرٿ ڪهي، گهڙو اُتاري نار.

(گهر ٺاهي پر جانور ناهي، پر اٿس چار پير؛ هن پروليءَ جو مطلب ٻڌائي، پوءِ عورت دلو مٿي تان لاهي.)

مانارو (ماڪيءَ جو)

٩٥٩. هيڪ هينڌورو، سَهس گهرانُ رو، گهر گهر جُوئانُ ٻار
اِئي هيماري رو آرٿ ڪهي، پاڇي گهَڙلو اُتاري نار.

(هڪڙو پينگهو، جنهن ۾ سوين گهر، گهر گهر ۾ ٻار ڏسان؛ هن پروليءَ جو مطلب ٻڌائي، پوءِ عورت گهڙو مٿي تان لاهي.)

٩٦٠. سَوَ مندر سَوَ ماڙهيا، سَوَ گهڙي رِي پَٽهيار
بِنان اگني ڀوڄن پچي، سُرتا ڪرو ويچار.

(سؤ ڏهر، سؤ مڙهيا، سؤ گهڙن واري پاڻياري، بنان باهه جي کاڌو رجهي، سگهڙ ڪريو ويچار.)

مڇر

٩٦١. ڪارو ماري ڪوڪرو، ڌؤنرو ماري هَنْس
ماري ميلهئو آڱڻئي، لوهي نڪو مانْس.

(ڪارو ماري ڪوڪرو، آڇو ماري هنجهه، مونکي اڱڻ تي گڏيو، جنهن ۾ رت نڪو ماس.)

مُرٽ

٩٦٢. درياهه جي تون دادلي، ٻيلهي جي تُون ٻائِي
سرس جي تون سَگِيٽي، ڄانڀي توکي ڄائِي
ٿر ۾ تنهنجا ٿاڻا، تون هتي ڪيئن آئي؟

٩٦٣. ڪاٺِي ڪُونگرياري، وڏي مانَ واري
ڇپر ۾ چِيرانُ لِي، ڀُڄ ۾ پَوَن ڪري
سنڌ ۾ سامان ڇڏي، مُنڌيهه چڙهي مُلهه ڪري.

(ڪاٺي ڪُنگرين واري، وڏي مان واري؛ جبل ۾ چيرون ڏئي، ڀُڄ ۾ ڀڄڻ ڪري؛ سنڌ ۾ سامان ڇڏي، منهنجي ملڪ ۾ اچِي قيمت واري ٿئي.)

مرچ

٩٦٤. اِڏِڪِيُ مِنِڪي، راجا نانُ روئاڙي.
(هيڏڙي ڇوڪري، راجا کي روئاڙي.)

٩٦٥. ندي ڪناري رُونڪڙو، ڀَيڻسان سِينگو هوءَ
مين گهر آيا پرامڻا، تينُ گهر هوءَ ته جوءَ.

(نديءَ جي ڪناري تي ٻوٽو، جنهن ۾ مينهن جي سگ وانگر وريل ٿئي؛ منهنجو مڙس آيو آهي، تو وٽ هجي ته ٻڌاءِ. هڪ عورت ڀاڄي رڌيندي ڏٺو مرچ آهن ئي ڪين، تڏهن پاڙي واري کي اهو ڳُوڙهو ڏياري موڪليو، جنهن کيس مرچ ڏياري موڪليا.)

مُرلي

٩٦٦. آلو ڊُلو، ڊام ڊُلهو، ڪَن ڀريل، پُٺي ٺُلهو.

---

٩٦٢. گاهه جو هڪ قسم.

مڪائي جو سنگ

٩٦٧. هيڪاڻي هَتي، ٻالي ڀولي - پڇي پَهري سائي چولي.
(اڪيلي ٻالي ڀولي هئي، پوءِ سائو چولو ڍڪيائين.)

٩٦٨. سائي چولي اوڙ ٽوڙ - مٿو وڍيو آوئي ٺوڙ.
(سائي چولي هيٺ مٿي، مٿو وڍيو ۽ ان جي ٺوڙهه پيئي ڏسجي.)

٩٦٩. سائي سانڍَ سَٽَ، جِڪي ري پهينڍي مٿي جَٽ
لاڏو گهڻوئي ڦُٽرو، عقل ڏِسيا پٽ.
(سائي ڏاچي سهڻي، جنهن جي سٿر تي وار، گهوٽ گهڻوئي سهڻو پر ڏسڻ ۾ عقل جو گهٽ.)

مک

٩٧٠. اِڏڪي مِنڪي، راجا ڀيڙي روٽي کائي.
(ايڏڙي ڇوڪرڙي راجا سان گڏ ماني کائي.)

٩٧١. هلڻ گهوڙو، مُک ٻَڪرو، نيڻَن چڱي نار
ڀوڄَڻ ڀيڙو برکيو، سُرتا ڪرو ويچار.
(هلڻ گهوڙي جهڙو، منهن ٻڪر جو، ۽ نيڻن چڱي نار، کاڌي ۾ گڏ ويهي، ڏاها ڪريو ويچار.)

مکڻ ۽ لسي

٩٧٢. هُٻِڙڪَ لَڪِڙي، هُٻِڙڪ هُوئا
هٿ گهَتي جُوئان، تو نر مادي جُوئا.
(گُڙگُڙ ڪاٺي، گُڙگُڙ ٿئي، هٿ وجهي ڏسان ته نر ۽ مادي جدا جدا.)

مُڱَ

٩٧٣. هيماري هيڪ ڏيانْ، سُڻ مورا بيرا
ٻيجا سَهي سُڪي گيا، آو نيرِي را نيرا.
(هڪڙي پرولي ڏيان، سڻ منهنجا ڀاءُ، ٻيا سڀ سُڪي ويا پر هو ساوائي ساوا.)

مُگهَٽُ (گهوٽ جو موڙ)

٩٧٤. چار پَلا چُنڙڪي را، آنگوڇي ري ڄاري
ائي پرولي رو ارٿ نہ ڪهاسي، سو لُڳائي رو هاري.

(چار پلاند چُنيءَ جا، انگوڇي جي ڄاري، هيءَ پرولي جو نہ ڀڃندو، سو زال جو هاري.)

مور

٩٧٥. مُک مُرلي، تن سانورو- رهي گِرَ وٽ بانورو.
(منهن مُرلي جهڙو، بدن سانورو، رهي جبل وٽ البيلو.)

مُهري (انّ ڇڙڻ جي)

٩٧٦. رَن بَن سڀن مَڙد آيو، نہ مَڙدانُ رِي لڀيکي
چُوڙاري تو چوٽانُ ڪري، ساري دنيا ڏِيکي.

(رڻ پٽ مان هڪ مرد آيو، پر مردن جهڙو ناهي، چُوڙيليون تنهن سان ڌڪ هڻن، سڄي دنيا ڏسي.)

نار، هرلو

٩٧٧. سترهن کوهہ، سترهن ڪاڄڻون وهن هڪ لٺ
آنڌو چڙهيو گادي تي، ڪري پُڇ هٿ
لڪڻ هڻي هڪڙي کي، اکيون ڪنن رت.

ناريل

٩٧٨. ڀيت ڀيت ۾ پاڻي- پيئي راجا جي راڻي.
(ڀيت جي اندران ڀيت، تنهن ۾ پاڻي، راجا جي راڻي پيئي.)

٩٧٩. ڪَڪو پاڏو، پاڏي ڀورا وار
پاڏو هڻيو پٿر نانُ، پاڏو گِيو مري
کاڌو ٻانڀڻ واڻئي، کاڌو لوڪ سنسار.

(ڪڪو پاڏو، جنهن جا وار ڀُورا، اهو پٿر سان هنيم تہ پاڏو مري پيو، اهو نہ رڳو ٻانڀڻ ۽ واڻئي کاڌو پر سڄي لوڪ کاڌو.)

٩٨٠. سُوڪ سَرووَر، آدَرَجَرَ، جَناوري نهين جاڻيو
رسيا اوهي رس لائو، جو مڇيئي نہ ماڻيو.
(سُڪل تلاءُ مٿي پاڻي، جيڪو جانورن نہ ڏٺو، اهو پاڻي آڻيو جو مڇين نہ پيتو آهي.)

ناڙِي (هر جي)

٩٨١. آپ بُکي، جڳ ڍاپاڙي، موري لگي جائي
ٿانْ گوڍي هوئي تو ڏيو، مانْرو ڪَنْت کوٽي ٿائي.
(پاڻ بُکي، دنيا کي ڍائي، ڪَسي پئي وهي، توهان وٽ هجي تہ ڏيو جو منهنجو مڙس کوٽي ٿو ٿئي.)

نانگ

٩٨٢. مُک مُرلي، تن سانورو، رهي سدا بَن مانْهہ
ڪهڙي شيءِ سنسار ۾، ڪرشن ڪهو تان نانْهہ.
(منهن مُرلي جهڙو، بدن ڪارو، سدائين جهنگ ۾ رهي، اها دنيا ۾ ڪهڙي شي آهي، جو ڪرشن بہ ناهي.)

٩٨٣. ڪاغذ جِينْ ڪَڙڪا ڪري، مَڏجِينْ جهولا کائي
راڻي پُڇي راجا نانْ، ڪِهو جناور جائي؟

نٿ

٩٨٤. آٺ ڪَڙن جي وِينْجهڻي، نَوَڪَڙن جي ڏور
چڪور چاليا ساهري، ڪُوڻ آڏائي مور.
(اٺن ڪڙن جي ونجهڻي، نَوَن ڪڙن جي ڏور، چڪور ساهري گهر هليو، هاڻي ڪير آڏائي مور!)

ندي

٩٨٥. هَرَ هَروئا، ڀُوْنءَ پَتري، گانْئِينْ ڳوڌا پيٽ
هاري هيجا پِسِي، ڀَتُوئارڻ پُڳي کيٽ.

---

٩٨٤. اٺن ڪڙن جي وينجهڻي=نٿ جو گهاڙيٽو.
نَوڪڙن جي ڏور=نٿ لٽڪائڻ وارو ڌاڳو.

(هر آلو، زمين سنهي، ڍڳيون ۽ ڍڳا پيٽ ۾، هاري جنهن کي محبت مان ڏسن، سا کيت ۾ پڳي.)

نِيبُوري (ڳهه)

٩٨٦. آساڙ مهيني اُپجي، اُس نامهيٽي نام
سهيڄاڻ گُمائي سُنْدري، لِهيجو ميرا سام.

(آکاڙ مهيني ۾ پيدا ٿئي، اها نالي واري مشهور آهي، اي ڀتار! مون سيج تي وڃائي آهي، اها ڳولي رکج.)

وات

٩٨٧. ڏيوجي رو ٿانُ، ٻٽيهه ڪُپڙينُ هيڪ پن.

(ديوتا جو آستان، ٻٽيهه ڪُپڙيون هڪ پن.)

واڱڻ

٩٨٨. ڪارو ماريو ڪانُءُ، نيرو ماريو هَنْس
آچي اُڇليو اڱڻ ۾، رت نڪو ماس
وٺن واڻيا برهمڻ، وٺن ارڙهن ساس.

وِڃڻي

٩٨٩. سُرمائي ڪَنْچَري، ساوا پيلا پَن
مَچَڪي سين مِچي ٻيٺي، موٽيئارن سين مَن.

(سُرمائي رنگ جي چولي، سايون پيليُون پٽيون، نخري سان کٽ تي ويٺي، جو جوانن سان دل اٿس.)

وڇون

٩٩٠. آنٽڪي لَڪڙي دَمڪ دايا
هٿ لائُون تو 'اوئي ڙي ڀايا'.

(ڏنگي ڪاٺي چمڪندڙ، هٿ لڳايان ته هاءِ ڙي ڀائُو!)

وينڊو (ڳهه)

٩٩١. هٿ لال، پگ لال، پگ ري پيجار لال
ڇَلا وِينٽِي ڇاردار، ڪَنٽڪٽي ڪروڙ دار
هيرا لڳا هزار، لعل موتي ڏيڍ سؤ.

(هٿ ڳاڙها، پير ڳاڙها، پيرن جي جُتي ڳاڙهي، اَن جا ڇَلا ڪنڍيدار ۽ ڪنگڻي سٺي، جنهن تي هيرا هزار لڳا ۽ لعلون موتي ڏيڍ سؤ لڳا.)

هٿ جي تري

٩٩٢. ڇِڊي ترائي، ڇِڊي ٻار- پاڻي رهي نه پئسي پار.
(تانگهي ترائي، تانگهو کوهه، نڪي منجهس پاڻي رهي سگهي، نه کوهه ٿي سگهي.)

هُرلو

٩٩٣. اَٺ ڪَرنگهو، پاساڙا ڦِنٽجا.
(ڪرنگهو اَٺ جهڙو، پاسريون آڏيون اَبتيون.)

هرڻ

٩٩٤. اَک ٻَٽُوڪهي، لونٽانُ جهَڙُوڪهي، تُريانُ آڳرجائهي
راجا پُڇهي راڻي نانُ، ڪِهو جناور جائهي.

(اک ڇنڀي، لؤٽانُ هڻي، گهوڙين کان تکو وڃي، راجا پڇي راڻيءَ کان ته ڪهڙو جانور پيو وڃي؟)

هنداڻو (ڇانهين)

٩٩٥. رُنڌو روٽو، گيهه گهڻو، مَهِين اَڙد ري دال
سالڪ هوئهي تو جيم لي، مورک ڪري بچار.

(اڻڀي ماني، گيهه گهڻو، اَڙد جي سنهي دال، سمجهو آهي ته کائي وٺي، بيعقل ويچار ڪري.)

هنداڻو ۽ هنداڻي جي ول

٩٩٦. ڀُورو جوڳي جَل ڀريو، جَل ڀُوري رِي پيٽ
ناري پلٽي نَر ڌَريو، ناري نَر رِي پيٽ.
(ڀورو جوڳي پاڻيءَ سان ڀريل، پاڻي ڀوري جي پيٽ ۾، زال پکڙي، مڙس ٿيو، زال مڙس جي پيٽ ۾.)

٩٩٧. ٿُڙ ٿورو، پَسَر گهڻي، ڏاري ڏاري وَنڪ
هي پرولي پرکي، ڪوهه کڻي ڪَنٿ.
(پاڙ ٿوري، پکڙيل گهڻي، ٽاريءَ ٽاريءَ ۾ رنگ، جيڪو هي پرولي ڀڃي سوئي هن مڙس کي کڻي.)

٩٩٨. ندي ڪناري رُنکڙو، سارڻ پهينڊا چار
ناري سينڌچي، نر پيئي، سُرتا ڪرو ويچار.
(ندي جي ڪناري تي ٻُوٽو، تنهن ۾ چار ڦل، زال ڇڪي، نر پيئي، ڏاها ڪريو ويچار!)

هوا ۽ واچوڙو

٩٩٩. نانِي گَئِي هَتِي ناناڻي، آتِي لائِي ڪپاس
هيڪ پگَ پاگوڙِي، ٻِيجو پگ آڪاس.
(ناني ويئي هئي ناناڻي، آندائين ڪپاهه، هڪڙو پير هئس زمين تي ته ٻيو پير آسمان تي.)

هيرڻ

١٠٠٠. گوڍ جنهن جو گُرنڊيارو، پن جنهن جو پائِي
آڏي منهنجي لاکيڻي، سالڪ ڏيکي سائِي.
(ٿُڙ جنهن جو ڳنڍين وارو ۽ پن ويڪرو، آڏاوت جنهن جي سهڻي، سالڪ ڏِسي سائِي.)

(ب) ڳُوڙها

برسات

١٠٠١. تڳِي مَنڊَڻ، تاسَ رِپَ، بَهُوت اَلٽِي آءِ
بَن سُت ڪا ڀَمرا اَٺاءِ، گرديپڪ جَگاءِ.

(تڳي منڊڻ=رات جو سينگار (ڪنوڻ). تاس رپ=اونداهي رات جي دشمن (ڪنوڻ). بَن سُت=وڻ جو پُٽ يعني ڪٽولو. ديپڪ=ڏيو. يعني ڪِنوڻ ڪنيو بيٺي آهي (۽ برسات اچڻ واري آهي) تنهنڪري ڪٽولو ڪٽي اندر ڪر ۽ ڏيو ٻار.)

تلوار

١٠٠٢. پَٿر سُت ڪِي پُتلِي، وڻ سُت ڪِي واس
آجيا سُت ڪو اوڍڻو، رهي پُرش ڪِي پاس.

(پٿر جو پُٽ=لوهه. وڻ جو پُٽ=ڪاٺ. ٻڪريءَ جو پُٽ=ڇيلو. لوهه جي پُتلي، ڪاٺ جي کوپڙي ۾، ۽ مٿان ڇيلي جي کل جو پوش (مياڻ)، آها ٿي 'تلوار'.)

چنڊ

١٠٠٣. دُڌ سُت ڪِي لِيڪِي، وَسِي تو مَندر ڪِي بِيچ
مانگِي راڌ برڌسين، سام ڪرو بخشيش.

(دُڌ ست=سمنڊ جو پٽ يعني موتي. موتين جهڙن ڪرڻن سان تون مندر ۾ روشني ڪرين ٿو، ۽ توکي جوان توڙي پوڙهو چاهي ٿو ته شِري ڪرشن، مونکي ڏيکار.)

ڏينڀو

١٠٠٤. هيم وَرڻَ، پِيڇِي لڙڻ، ڇهه پير، پَکيُون چار
ڳُوڙهو راجا ڀوج رو، سُرتا ڪرو ويچار.

(هيم ورڻ=سون جهڙو رنگ، پيڇي لڙڻ=پڇ سان وڙهڻي. يعني سونهري رنگ وارو جو پڇ سان وڙهي، ۽ جنهن کي

ڇهه پير ۽ چار کنڀ آهن، هي ڳوڙهو راجا ڀوڄ جو، سگهڙ! ويچار ڪري ٻڌايو.)

سانوڻ مند

١٠٠٥. جڻ رُت کا ڳڙ کڙهلي، ڀوئنگ، ڀَنْوَر، مور مئي مت
اڻ رُت پيهر مَت ميلهي ڪامڻي، ڪَٿَڻ هيٺين را ڪَنْت.

(جنهن مند ۾ وڄون چمڪن، نانگ، ڀؤنر ۽ مور مست ٿي آواز ڪن ٿا، اُن مند ۾ زال کي مائٽن نه موڪلج، اي ڪٺور دل وارا ڪانڌ!)

کِينڪار

١٠٠٦. چار ميلهين، چوسَٺ کُلهين، بيس ميلهين ڪر جوڙ
ڳوڙهو آرجڻ موڪليو، ارٿ ڪري رڻ ڇوڙ.

(چار هٿ ملن، چوهٺ ڏند کُلن، ويهه آڱريون ملن، ۽ هٿ جوڙ ڪجي، ارجڻ ڳوڙهو موڪليو، جيڪو ڀڃي ٻڌايو.)

موتي

١٠٠٧. ڪَر پَر ڪِيرَ، پر پَنْگچ، پَنْگچ ڏوئي پاءُ
سکي! آچنبو ڏيکيو، دُڌ سُت ڏُڌ ۾ جاءِ.

(هٿ تي ڪنجهي جو وٽو، ڪنجهي ۾ پاڻي، پاڻي ٻه پاءَ، سهيلي! عجب ڏٺم جو پاڻيءَ جو پُٽ پاڻيءَ ۾ ويو. هڪ عورت جي نراڙ تي موتي لڳل هو. ڪنجهي جي وٽي ۾ پاڻي پيئندي پاڇي ۾ موتي ڏٺائين. پاڻي پيتائين ته ان سان گڏ موتي به گم ٿي ويو. ان تي پنهنجي ساهيڙيءَ کي اهو ڳوڙهو ڏنائين.)

هرڻ

١٠٠٨. آرهه گهوڙو، مُک ٻڪرو، ڇيپَڪ پڳ چار
اِي ڳوڙهي رو ارٿ ڪَهي، گهڙو آتاري نار.

(ڇاتي گهوڙي جهڙي، مُنهن ٻڪر جهڙو، چار پير چيريل: هن ڳوڙهي جو مطلب ٻڌائي پوءِ عورت دِلو لاهي.)

باب ستون

ڏٺ—پروليون

[ڪا وٿ (شيء) يا ڪو واقعو ڏسي ان بابت ڪا پرولي ڏجي ته اهڙي پروليءَ کي "ڏٺ-پرولي" چئجي ٿو. هن باب هيٺ انهي قسم جون عام فهم "ڏٺ-پروليون" شامل ڪيون ويون آهن.

ڪن سگهڙن پنهنجن 'ڏٺ-پرولين' کي 'پرولي' ڪري ڄاڻايو آهي، مثلاً:

- اها پرولي پڌري، ڀڃندا ڄام چوي ڄاموٽ
- ڀڃ پرولي "ڀٽيءَ" جي، وهلو ڪري ويچار
- اها پرولي پڌري، سالڪ تون سڃاڻ

پر سٽاء جي لحاظ سان اهي مڙيئي 'ڏٺ-پروليون' آهن.]

آگ گاڏي

١٠٠٩. سائين سندي سَر ۾، پيدا ٿي هڪ نار
گهمي سٺ سهيلي سان، سرس ڪري سينگار
هڪڙا ملڻ لئي مشتاق، ٻيا ڀڄي ٿين بيزار
هڪڙا دربان درن تي، ٻيا چؤنڪي لک هزار
ڪيئي گنوايائين ڪيترا، جو ليکي ناهه شمار
جنهن جو ڏيهن ۾ ڏهڪار، سا سمجهي ڏيو "سچو" چوي.

اڪ جي انبڙي ۽ ان جي پشم

١٠١٠. نر مان نر پيدا ٿيا، تنهن نر مان لک هزار
روح بنا "رمضان" چئي، آڏاميو ڪن الغار
جن ڌڙ سسيءَ کان ڌار، سي مينهن وسندي مريو پون.

١٠١٠. چيل فقير رمضان پٽ شهمير، شهميراڻي لاکوواڍي جي، پنجموري تعلقي هالا جو رهاڪو هو. ١٣٣٠ هجري ڌاري وفات ڪيائين.

ڀنڀوري

١٠١١. قَد ڪوتَهُ، پُڇ ڊگهي، نالي چڱي نار
هر ڪنهن پکيءَ پَر ٻَہ، هِن پکيءَ پَرچار
ڪُهِينس تہ رت نہ نڪري، جنهن جو ماس ناهي درڪار
جڏهن چڙهي شوق شڪار، تہ نر ماري ٿي نار.

ٺَهڪڻ (نار جي)

١٠١٢. وير بيهاريو واٽ تي، چاري مٿي چور
وڙهي پيو ويرين جان، زابر رکي زور
مون ڀانيو چور، پر هو ساڌ آ "سيد" چئي.

پِڇڻ ۽ ڪپاهہ

١٠١٣. ڏوري ڏوري ڏيهہ ۾، هڪ آيم نر نگاهہ
ڪامل ڪُنڊي نڪ سان، ٻيو ساڻس آهي سپاهہ
جوان چڙهي ٿو جنگ تي، هو حاضر ڪيو همراه
نرمل ناريءَ تي ڪري، ڪست منجهارئون ڪاهہ
هن جا عضوا پٽيو ڇڏي، خوب وڏي مؤن کاهہ
جڏهن ماري مات ڪياه، تڏهن ميّت کنيو وڃن ماڳ تي.
(نر=پِڇَڻ (اوزار). همراهہ=سڀ اوزار. ناري=ڪپهہ)

پخال

١٠١٤. مُنهن ٻڌي مائيءَ جو، نر تي چاڙهيائون نار
سا سَهڪڻ ۽ ڦٿڪڻ لڳي، جو ڀِڀ ۾ هُئس ٻار
منهن کوليندي نار، سُسي سُکياڻي ٿيئي.

١٠١٢. چيل روشن علي شاه. ٻي روايت ۾ هيءَ ڏٺ "سومري" نالي ڪنهن سگهڙ ڏانهن منسوب آهي تہ:
ماڻهن ليکي مور، پر ساڌ آهي "سومرو" چوي.

١٠١٣. چيل سگهڙ الله بخش لغاري، ويٺل ڳوٺ جعفرخان لغاري تعلقو سنجهورو.

جُتِي

١٠١٥. نڪا ضرورت زوج کي، نڪي گهُرن گهوٽ
مُئن مزا سڀ ڇڏيا، ويئي پساهه جي پالوٽ
ور ڏين ويچارين کي، اِها چمارن جي چوٽ
سڀڪو پنهنجي سُک لاءِ، ناڻو ڏئي ٿو نوٽ
هو هر هر ڏين حاضري، آهن ڪانڌ پنهنجي تان ڪوٽ
وڃيو سامهيون ٿين سيلهن کي، اهڙيون آهن اڻموٽ
اها پرولي پڌري، ڀڃندا "ڄام" چوي ڄاموٽ.

جنڊ

١٠١٦. ڪاروڪڪر گوڙ سان، ٿو ڏهاڙي وَسهي
نڪا ڦُڙي آب جي، نڪو ريج رَسهي
ان جي وس پَسهي، عالم ئي آباد رهي.

چَڪِي (جنڊ)

١٠١٧. پرولي ڏيانءِ پَٽ جي، نُورا! تون نهار
ٻِه پُڙي ٻگهار جهڙي، نالي چڱي نار
ڀَڄ پرولي "ڀٽيءَ" جي، وهلو ڪري ويچار.

چلهه

١٠١٨. ٻاڪو ڦاٽل ٻائي ڏٺم، گهر گهر وسڻ واري
پاڻي تپائي، تپسيا ڪري، شيوا ڪري ساري
بدن ۾ ڀَڀُوتي ڌاري، چمڪي ٿي چوڌاري
واهه جي جوڳڻ، بنا ڀوڳڻ، مَٿن ٽِن واري.

١٠١٥. ڄام خان پٽ رحيم خان چانڊيو، ڳوٺ ٻيدو خان چانڊيو، لڳ ڪيڻ تعلقو بدين. ٩- جون ١٨٩١ع ۾ ڄائو ۽ ٢٣- سپٽمبر ١٩٤٥ع تي وفات ڪيائين.

١٠١٧. چيل اميد علي ڀٽيءَ جي.

چنڊ

١٠١٩. ڏيٺي: ڄمندي تنهن ڄام کي، هئا سڱ سهي
وهيءَ ۾ وير کان، ويا سڱ لَهي
پيريءَ منجهه پهي، مليا ساڳيا سلطان کي.

ڀڃڻي: سهڻو اڀري ٿو سڱن سان، جنهن جي مالڪ ڪري ٿو منڊ
جلد جواني کي وڃو رسي، چوڏهين پنڌرهين چنڊ
هن جي ائين لاڳ لڳيو وڃي، جيئن کير پوي منجهه کنڊ
پنجويهين وڃي پوڙهو ٿئي، هو نازڪ پاڻ نڇنڊ
اٺاويهين "اميدعلي" چئي، ٿئي ويچاري جي ونڊ
وري اهڙي آس اڪنڊ، هو سهڻو اڀري ٿو سڱن سان.

ڇانهين جي وَل

١٠٢٠. ماءُ مُورهين نفيسڙي، سائي چولي ساڻ
پر پُٽ ڄڻي ٿي پدمڻي، رنگارنگي جواڻ
سي سڀاءَ جا سياڻا، ٿڌا مٺا گُڻوان
ماءُ تولا ٽيهه چاليهه، پٽ پاءُ-مڻ کن ڄاڻ
ڏسي هي قدرت جو ڪم ٺاڻ، "کيم" ساراهي سائين کي.

ڏيڏر

١٠٢١. وَهندي چشمي واهي تي، مين خوب ڏٺا هڪ رنگ ها
هڪ ساهدار زوراور ڏٺم، نظر آندا اڙٻنگ ها
گردن جنهن دا فيل وانگون، اتي چنبا شير دي سنگ ها
پاڻي وچ مچائي کڙا، او ول ڏاڍي جنگ ها
گڏهه وانگون آواز جَنهين دا، هرڻان وانگي ٻچنگ ها
وهندي واهي تي مين ڏٺا، اينجها شير نسنگ ها.

١٠١٩. ٻي روايت: ڄمندي تنهن ڄام کي، ٻه سڱ هئا
جوانيءَ ۾ جوان کي لهي سڱ ويا
پيريءَ ۾ پنهل کي وري سڱ ٿيا.

١٠٢٠. چيل کيمچند ويٺل ضلعو ٿرپارڪر.

ڏينڀو ۽ مانارو

١٠٢٢. ڳاڙها ڳانڌو ٻير، ڏٺا مون ڏاريءَ ۾
لڳو واءُ وصال جو، تڏهن ڇڻي ٿيا ڍير
ساڳيا ڳانڌو ٻير، وري ڏٺاسون ڏاريءَ ۾.

(ڳاڙها ڳانڌو ٻير=ڏينڀو، ڏاري=ٽاري وڻ جي، واءُ=آتر جو واءُ، جنهن تي ڏينڀو مانارو ڇڏي وڃن ۽ وري جڏهن سيءُ گهٽجي تڏهن ڏينڀو وري اچي ماناري ۾ ويهن.)

رپيو

١٠٢٣. سورهن آنا سڦرا، نر مان ٿيا نروار
ٻٽيهه ٻچا تنهن جا، چوهٽ هلن هٽ بازار
"ڇتو" چئي "سؤنپار"، مون ڏٺو، آئين وسهو.

سال

١٠٢٤. هڪ هرڻ، ٻارهن پٻير، ٽي سؤ سٺ سڱن
هڪڙي هڪڙي سڱ ۾، پنج پنج گل چئجن
اهڙا ملوڪ هجن، جي ڏاها ڳولين ڏٺ کي.

(ٻير=مهينا. سڱ=ڏينهن. گل=نماز جا وقت.)

سِپَ

١٠٢٥. گهمندي ڦرندي ڏيهه ۾، ڏٺيون سين ٻه ٻايون
مڙس هنن جو ڪونه ڪو، رب ڪيون سايون
ٻئي جو ويايون، ته ٻار ٻنهي جو هڪڙو.

١٠٢٣. شاعر ڇتو سؤنپار بلوچ، ميرپور ساڪري طرف جو ويٺل هو. اندازاً سنه ١٨٨٧ع ڌاري گذاري ويو.

١٠٢٥. ٻي روايت: جان وڃان واٽ وٺيو، ڏٺم ٻه ٻايون
امر ٿيو الله جو، ٿيون ٻئي سايون
گهر اچي ويايون، ٻار ٻنهي جو هڪڙو.

١٠٢٦. ڪئين سال ڪنوار کي، ٿيا جا ليندي جَر ۾
ته به سِڪي پئي سِڪ "علي" چوي، پاڻي جي پَر ۾
جڏهن ترسي وڃي تَر ۾، تڏهن سرس ٿي سون کان.

سج

١٠٢٧. هميشه هسوار، ساعت صبر نه سوار کي
فتح ڪري في‌الحال ۾، مانجهي مُلڪ هزار
ڪر ناظر يار نهار، ته منهن مقابل مينڌرو.

سراڻ

١٠٢٨. ڪوجهيءَ مان "ڪريم بخش" چوي ٿيون پريون لک هزار
مرن انهي مهل پيون، ڪرن نه دير مدار
ڏس آگي جا اسرار، جو لاش نه لڌو تن جو.
(ڪوجهي=سِراڻ. پريون=چڻنگون، جيڪي اتي ئي وسامي ويندیون آهن.)

ڪانءُ

١٠٢٩. چار ڪري ٿو چُست مان، ڪري ٿو ٻه به ٻاجهارا
ڪڏهن ڪڏهن ٽن جا وڄائي وارا
سالڪ سوڀارا، ڳوليو انهي ڳالهه کي.
(ڪانءُ ڪڏهن چار، ڪڏهن ٽي ۽ ڪڏهن ٻه ٻچا ڪري.)

ڪوڙڪِي

١٠٣٠. جيئرو کڻي ويو، مُئِيءَ کي وڃي پوريائين
ٻيو جيئرو آيو، مُئيءَ جو اچي مال کسيائين
مئو جو اٿيو ته کڻي جيئري کي ورتائين.
(جيئرو=ماڻهو. مُئِي=ڪوڙڪي. ٻيو جيئرو=ٻکي. مال=انّ جا داڻا.)

١٠٢٦. چيل "علي" جي.
١٠٢٧. چيل احمد ميمڻ، سجاول، ضلعو ٺٽو.
١٠٢٨. ڪريم بخش لاڙڪ، ويئل ضلعو خيرپور.

ڪُنڀِي

١٠٣١. سسئي ساماڻي صبح جو ٺوڙهي ئي ٺوڙهي
ٻيءَ رات ٻالڪي، ٽينءَ رات ٽوڙهي
چوٿين رات چڳون ٿيس، پنجين رات پوڙهي
اڇن ۾ "احمد" چوي، اچي ڪارن وڪوڙي
ڇهين رات ڇوري، ڪنهن قبولي ڪينڪي.

١٠٣٢. جواني آڇو آڇ، پيريءَ ۾ ڪاراڻ
ڪَچِي تان قيمت ڪري، پَڇِي تان پُراڻ
دانا! ٻڌج دل سان، آهي خاڪ انهيءَ جي کاڻ
ڪماليت کي زواليت، پهچائي رب پاڻ
چارئي پهر "چانڊيا" ڪر تنهن واحد جي واکاڻ
اها پرولي پڌري، سالڪ تون سڃاڻ.

١٠٣٣. ٽوپي پايو ٽيلهي سان، مَر ڪي منجهه ميدان
بيهي وسائي پاڻ تي، تيرن جا طوفان
ڀڄي نه بهادر پڙ تان، توڙي گجن نغارا نيشان
پسي اِن پرولي کي، حاذق ٿيا حيران
پروڙج پهلوان، پر هٿ نه واري هڪڙو.

گهوگهِيتڙو

١٠٣٤. ويندي ئي واٽ سان، هڪ ناقص ڏٺم نر
جوڙي جاءِ زمين ۾، گهوٽ بنائي گهر
ٻاهر نڪري ڪينڪي، ويهي طبقو جهلي تر

١٠٣١. چيل احمد درس جي. ويٺل ڳاڙهو صدر، تعلقو ٽنڊو الهيار.
ٻي روايت موجب پهرين سٽ هن طرح ته:
جان وڃان واٽ وٺيو ته ڏٺم ڇوڪري ڇوري.
١٠٣٢. چيل حاجي ڄام چانڊيو.
١٠٣٣. چيل احمد ميمڻ، سجاول، ضلعي ٺٽي جو ويٺل هو.
١٠٣٤. سگهڙ الله بخش لغاري جي چيل.

روزي رازق تنهن کي ڏي، آڻيو منجهه اندر
مون ڏٺو اهڙيءَ پر، ڪو سالڪ ڳالهه سهي ڪري.

(گهوگهيتڙو هڪ قسم جو جيت آهي، جو ڪلراٺي يا وارياسي زمين ۾ ٻير ٺاهي ويهندو آهي، ڪئلين تي سندس گذران آهي.)

ماچيس

١٠٣٥. ويندي جان واٽ ۾، ڍُڪو ڏٺم هڪ نر
مڙد ڪي ماري آئيا، هُن هلي ڪيو هنر
هن پنهنجا پَر هَرا ڪيا، ڇُٽو سو ڇوڪر
نر ڄڻيون نينگريون، سي ساريائون تان سَنْتر
سڀڪنهن جي سسيءَ تي ويٺو نانگ آ وِيسَر
آهو ڏمرائين ته ڏنگ هڻي، وٺن نيسايو نر
ويرڪري وِيچَر، آن جي ڏج ماهيت "ميٺي" کي.

(ميٺي نالي سگهڙ واٽ تان ويندي هڪڙو ڀَرتُو ماچيس لڌو، جنهن ۾ ڳڻيائين ته ستر تيليون هيون. ان تي ڏٺ جوڙي ٻين کي ڀڃڻ لاءِ ڏنائين.)

١٠٣٦. جان وڃان بازار، ڏٺم هڪ ڪاٺ جو مندر
چاليهه چيليون چاهه مان، رَهن تنهن اندر
هَلن مٿي ڀَر، ڪَم ڏين ڪيترا.

ماڪوڙيون

١٠٣٧. سُڄ ۾ اچي سوڙهيون ٿيون، ناريون هڪڙي ويس
نڪو اوڍين ڪپڙو، نڪو مٿي تي ڪيس
سگهڙ ڏٺيون سهيليون، سي آهن ڏيسان ڏيس.

ماکيءَ جو مانارو

١٠٣٨. قادر جي قدرت جو، هڪڙو شهر ڏٺم شاهي
ماڙي ماڙيءَ ڀرسان، آ جاءِ انهيءَ جائي

١٠٣٥. ميٺو شيخ، لس ٻيلي جو ويٺل هو.
١٠٣٨. چيل روشن شاهه جي.

محبت انهيءَ ملڪ ۾، هيو عقل الاهيي
تڏهي وڃين تنهين جي ته اچين ڪير ڪنڊون ڪائيي
زوري ظلم تن سان، نه هلي هي ڪلفت ڪائيي
مارينس مهل انهيءَ، تنهن جا پائر مڙيو پائيي
سون ميائي سائي، مون روبرو ڏني "روشن شاه" چوي.

مالهم

۱۰۳۹. سَٽ ڏيئيندءِ سُونهٽي، پنجاهم ساڻ پُڻن
ڪاهيو پوي ڪُٽن ۾، هيو ڪانه ڪري ڪَن
تنهن جال گهٽو جر هاريو، پائي منجهه پُڻن
ته نڪا سڪ ساهڙ جي، نڪو ميهار هئس سن
اها سهٽي "سؤنڀار" چئي، الائي منجهه ڪن
ماهيت مذڪور هن، سگهڙ سُلهي ٻڌائيو!

ه ڀ، سير ۽ پاڻ

۱۰۴۰. بانڪو ٻيڙو هو بازار ۾، نانگو هڪڙو نر
چاليهه چيلا هئس چيلهه سان، آڻ ويهون نوڪر
ڪوڙ نه پانڌ "قائم شاه" چئي، ائي ملڪين ڪالهه مشر
هجي ڪو سرت سير، جو ڏاهو ڳولي ڏٺ ڪي.

۱۰۴۱. مرد ڏاڍوسين ملڪ ۾، ڪو نالي نامدار
سو پَڻيءَ هو پيٽ سين، هو سهڻو صورتدار
تنهن چرندي ڦرندي چاليهه چڙيا، ننڍا نينگر ٻار
پنج تن ۾ پڌرا هئا، نالي نامدار
مچون تن جي منهن ۾، هُيون ڪلنگيءَ سر ڪپار
ٻيا پنڇيهه تن ۾ پڌرا هئا، ننڍا نينگر ٻار
سي پيرن چڙن بازار ۾، ڏيل چگيءَ ڏلڪار
تن جا ويرڪري ويچار، واري ڏج ماهيت "ولي محمد" ڪي.

۱۰۳۹. چٽو سؤنڀار (بلوچ)، ميرپور ساڪري طرف جو ويڙل هو.
۱۰۴۰. چيل قائم شاه جي.
۱۰۴۱. چيل ولي محمد ٻُرو، لس ٻيلي جو ويڙل.

نانگ جي کل

١٠٤٢. عورت ڏٺيم آڀري، جنهن جي ڏٺي ٿيئي ڏيا
ڪي ڏينهن ڪائڌ سان هئي سهاڳڻ سيا
ورچي ور ڇڏي ڏني، غريب ريءَ گناهه
ڪري نيرت نگاهه، ڏي ماهيت ان مذڪور جي.

هاري (جيڪو پيراڻي هلائي)

١٠٤٣. عجب ڏٺوسون آدمي، دل جو ڌيان ڌري
ته رزق خاطر راتيان ڏينهان ٿو پيرين پنڌ ڪري
توڙي هلي تڪڙو، توڙي هلي هري
تان "حمل" چئي نه چُري، رهي بيٺو انهي هنڌ تي.

(هيٺاهين پاڻيءَ کي چرخيءَ رستي مٿينءَ زمين تي پهچائڻ واري چرخي کي 'پيراڻي' چوندا آهن، جنهن کي هاري پير سان هلائيندو آهي. ماڻهو جي بار سبب چرخي ڦرندي ته هاري وري قدم وڌائي ٻئي اوڀاري تي رکندو، پر پاڻ ڄڻ ته ساڳئي هنڌ بيٺو هوندو آهي.)

١٠٤٤. هڪ گهوڙي ڍُڪي، ٻيو گهوڙيءَ تي سوار
گهوڙي ۽ سوار، ٻئي ٻيلهه گهوڙيءَ تي.

(هڪڙو منڊو مڙس، ڪاٺ جي گهوڙي پاڻ سان کڻي، ڍُڪي گهوڙيءَ تي چڙهيو پئي ويو. اهو ڏسي ڪنهن سگهڙ ڏٺ ٿاهي.)

١٠٤٥. کنيو بيٺي آ ڪڇ تي پُٽ پرائو
پر منجهانئس ڄائو.

١٠٤٣. حمل فقير ولد رحيم خان لغاري، ڳوٺ ميرخان لغاري، تعلقي سڪرنڊ ۾ ويٺل هو. سنه ١٨٠٩ع ۾ ڄائو ۽ ١٨٧٨ع ۾ وفات ڪيائين.

١٠٤٤ ٻي روايت: هڪ گڏهه ڍڪي، ٻيو گڏهه تي بار،
گهوڙي ۽ سوار، ٻئي ٻٽ گڏهه تي.

(سگهڙ الله بخش لغاري ويٺل ڳوٺ جعفر خان لغاري تعلقو سنجهورو، هڪ ڏينهن رستي تان ويندي ڏٺو ته هڪڙي ٻَيَڙ جي ٽڙ جي ٻيڙ ۾ ڪرڙ ڄايو بيٺو آهي. شايد ڪنهن پکيءَ پڪا کائي اچي ٻير جي پور ۾ وٽ لاٿي هئي، ۽ مينهن تي ڪرڙ ڄمي پيو هو. هن اها حقيقت اچي سگهڙ حيدر خان لغاري جي آڏو پرولي جي صورت ۾ بيان ڪئي، پوءِ حيدر خان کيس ان ڏٺ جي مراد ڪري ٻڌائي.)

١٠٤٦. چور آيو چوريءَ تي، مهينهن ٻڌائين ڍوريءَ تي
نه چور کي ڄنگهان، نه مهينهن کي پڇ.

(هڪڙو نانگ شڪار لاءِ ڍوريءَ تي وڃي ويٺو ۽ وجهه وٺي هڪڙو ڏيڏر جهلي کائي ويو. اهو واقعو ڏسي ڪنهن سگهڙ مٿين ڏٺ ٺاهي.)

١٠٤٧. هئين ته خوش سنڌ ۾، پر ڪاڇي آئين ڪيئن
پاهڻ مان پيدا ٿئين، پر ڳئون مان ڄائيين ڪيئن؟

(ڪاڇي ۾ برسات پوڻ بعد جهنگ جهر سائو ٿي پيو. هڪڙي سگهڙ گهمندي هڪڙي پٿر تي ڇيڻي مان مٽر جو سائو سَلو ڄاول ڏٺو. سهي ڪيائين ته ضرور سنڌ کان آيل ڳئون جي ڇيڻي مان اهو سَلو ڄائو آهي. ان نظاري تي مٿين ڏٺ ٺاهيائين.)

١٠٤٨. جان وڃان واٽ وٺيو ته نار نار کي دسهي
هن کي پورهيو پيٽ جو، هُن کي پئي راحت رسهي
هن جو واهپو وڻن سان، هُوٿي واهڙ ۾ وسهي
سالڪ ڪو ڏَسي، ڏاهو ڳولي هن ڏٺ کي.

(ڪنهن سگهڙ ڏٺو ته هڪڙي ويٺل مينهن جا چچڙ، ڪٻر پٽي رهي هئي. انهيءَ ڪري هڪ طرف مينهن کي آرام پئي آيو ته ٻئي طرف ڪٻر پنهنجو قوت پئي ڪيو. انهيءَ واقعي تي سگهڙ مٿين ڏٺ چئي.)

١٠٤٩. ٺَڙ ٻڙيءَ ۾ ٺڙڪو ٿيو، ٻُڌو ٻن ڄڻن
جن ٻڌو تن نہ ڏٺو، ڏٺو ٻين ٻن ڄڻن
جن ڏٺو سي نہ ويا، ڪيو پنڌ ٻين ٻن ڄڻن
جيڪي ويا تن نہ کنيو، کنيو ٻين ٻن ڄڻن
جن کنيو تن بہ نہ کاڌو، کاڌو ٻين ٻن ڄڻن
جيڪي ماريا سي نہ رُنا، رُنو ٻين ٻن ڄڻن.

(انب ڪرڻ جو کڙڪو، جو ڪنن ٻڌو، اکين انب ڏٺو، پيرن پنڌ ڪيو، هٿن انب کنيو، چپن کاڌو، ڪُٽيا ڳَل، ۽ رُنو اکين، ڇوڪر انب کڻي کاڌو، جنهن تي باغائي کيس چماٽون هنيون.)

١٠٤٩. ٻي روايت: انب ڪريو وڻ مان، ڏٺو ٻن ڄڻن
ڀڳا ٻيا ٻہ ڄڻا، تہ کنيو ٽِيَن ٻن ڄڻن
کاڌو چوٿين ڄڻي تہ مار جهلي پنجن ٻن ڄڻن
ڏسي حال اهو، رُنو پهرين ٻن ڄڻن.

باب اڻون

روايتي ڏڻون

[هن باب ۾ آهي ڏڻ-پرولیون شامل ڪيون ويون آهن، جي ڪن عام روايتي ڪردارن ڏانهن منسوب آهن. جيئن ته: (۱) دارو ۽ خفيف، (۲) انڍو ۽ سڄو، (۳) مامو ۽ پاٽيجو، (۴) ماڪن شاهه جي وسيءَ جو نابين سڳورڙ ابراهيم، (۵) پارو ۽ سڳورڙ، (۶) ولو ۽ جعفر، (۷) ولو ۽ دلشاد، (۸) جُوٽس ۽ ڪامل، (۹) بادشاهه ۽ وزير، ۽ (۱۰) شهزادي ۽ هڪرار.

مٿين ڪردارن مان هرهڪ جوڙي جي نالي سان هڪ ڪان وڌيڪ ڪيترين ئي ڏڻون سڄيءَ سنڌ ۾ مختلف روايتن سان هلندڙ آهن. غالباً پارُو، ولُو ۽ جعفر، يا ولو ۽ دلشاد، جُوٽس (يونس) ۽ ڪامل، ڪي نالي وارا سڳورڙ هٿ، جن بابت اهي روايتون مشهور ٿيون.

روايتي ڏڻن جي سٽاءَ هن طرح آهي ته: هڪڙو سڳورڙ ڪنهن ڏڻل واقعي تي بيت يا مصرع ۾ ڏِئ جوڙي ٻئي سڳورڙ کي ڏئي، ۽ اهو وري بيت ۾ ئي ان جو جواب ڏئي.

روايتي ڏڻن سان منسوب ڪردار ۾ جدا جدا خاصيتن جا مالڪ آهن. مثلاً پهرين چئن عنوانن ("دارو ۽ خفيف"، "انڍو ۽ سڄو"، "مامو ۽ پاٽيجو" ۽ "ماڪن شاهه جي وسيءَ وارو سڳورڙ") وارن ڪردارن مان هڪڙو انڍو ۽ ٻيو سڄو آهي، جنهنڪري ڪن ڪن هنڌن انهن ڪردارن ڏانهن منسوب ڏڻون "انڍي ۽ سڄي" جي نالي سان ۾ رائج آهن.]

دارو ۽ خفيف

[دارو ۽ خفيف ۾ پاڻر هڻا. خفيف وڏو هو ۽ اکين کان نابين هو. بادشاه اعلان کيو ته جيکو شخص منهنجي ڪجهارت پڇندو، تنهن کي ڏيءَ جو سڳ ۽ اڌ راڄ ڏيندس. خفيف انهي شرط پڇڻ لاءِ داري کي ساڻ وٺي بادشاه ڏانهن روانو ٿيو. وات تي آزمودي لهڻ لاءِ داري جيکي ڪجهه ڏنو، ان تي پروليون ٺاهي خفيف کي ڏنيون، جي هن پڇيون. وري بادشاه جي دربار ۾ "چارئي تت مڻا، چارئي تت مڻا" واري ڪجهارت پڇي شرط کٽيائين.

انهيءَ عام مشهور روايت کان سواءِ "داري ۽ خفيف" جون ٻيون روايتون ۽ مختلف نمونن سان سنڌ ۾ هلندڙ آهن. جيئن ته: (۱) بادشاه جو اعلان هو ته جيکو پرولي پڇي نه سگهندو، تنهن کي مارائي ڇڏبو. دارو ۽ خفيف ٻئي پاڻر هڻا. خفيف ڪجهارتن پڇڻ ۾ هوشيار هو. داري جي زال نابين ڏير جي خدمت مان ڪڍي، ڪيس بادشاه ڏانهن ڪجهارت پڇڻ لاءِ موڪليو ته جيئن بادشاه مارائي ڇڏيس. (۲) هڪ شهزاديءَ جو شرط هو ته جيکو منهنجي ڪجهارت پڇندو ان سان شادي ڪنديس. خفيف، شهزاديءَ جي ڪجهارت پڳي. (۳) خفيف نابين هو، ۽ بادشاه جو خاص درباري هو. داري حسد وچان خفيف کي کيائڻ لاءِ ڪجهارتون آڻي ڏنيون، پر هن سڀ پڳيون. (۴) خفيف بادشاه جو خاص درباري هو. ڪنهن شخص جهنگ ۾ رات گذاري، اتي جيکي ڪجهه ڏٺئين ان تي ڪجهارت ٺاهي خفيف کي آڻي ڏنئين، جا هن پڇي ٻڌائي.

داري ۽ خفيف جون اهي روايتون جدا جدا نالن سان پڻ سنڌ ۾ رائج آهن. جيئن ته "ڏارو ۽ خفيف"، "پارو ۽ خفيف"، "ڏارو ۽ حفيظ"، "دارا ۽ ڪفيل" وغيره.]

[۱۰۵۰] داري جي ڏيءَ جو نالو 'گنوار' هو، تنهن ڪپڙا ڏوئي سُڪل ڍنگرن تي پئي وڌا. پري کان اهي ڍنگر سهٽا ڏسجڻ لڳا. تنهن تي خفيف کي چيائين ته:

دارو: دارو چئي خفيف کي، وڻ جي سُکي پاڙ
وڻ ائين ڦُلڦيو، جيئن گل بهار.

—

خفيف: متان سُنڌ مهاران ڍنگهران، هٿي سُڪي گنوار.
(يعني، متان گنوار، ڍنگهرن تي ڪپڙا سُڪائڻ لاءِ پئي وجهي.)

[۱۰۵۱] دارو جهنگ ۾ ويو. هڪڙو توبچي ڏٺائين، جنهن گوڏو کوڙي، هڪڙي اک پوري، مرون پئي ماريا. ان تي خفيف کي چيائين ته:

دارو: دارو چئي خفيف کي، منڌا ڪاٽا ٿا ديوَ مارين.

—

خفيف: ستان توبچي پيا ميرون مارين؟

[۱۰۵۲] داري هڪڙي هنڌ ڦُلا پُڄندي ڏٺا. ان تي پرولي ڏنائين ته:

دارو: دارو چئي خفيف کي، سُٺا ٿا ڪيلن.

—

خفيف: ستان تئيءَ ۾ ڦُلا پيا پُڄن.

[۱۰۵۳] داري، درياءَ جي ڪپ تي ڏٺو ته هڪڙو ماڻهو سيٺهه پيو ڦُوڪي. اهو ڏسي اچي خفيف کي پرولي ڏنائين ته:

دارو: دارو چئي خفيف کي، مونکي عجب لڳو آ
سؤ ورهيه جي سُوڌي ۾ ساه پيو آ.

—

خفيف: ادا! عجب نه ڪاڻ، اِها سيٺهه ڦُوڪي آ.

[١٠٥٤] داري، سج اڀرئي ۽ سج لٿي مهل آسمان ۾ ڳاڙهاڻ ڏسي، ان تي خفيف کي پرولي ڏني ته:

دارو: دارو چئي خفيف کي، اڀ ۾ لڳي باهه.

—

خفيف: ادا! ائين ته ٿيندو آهي سنجهه صباح.

[١٠٥٥] داري جهنگ ۾ هڪڙي هنڌ ڄاهو، نانگ سان وڙهندو ڏٺو. ان تي پرولي ٺاهي خفيف کي ڏنائين ته:

دارو: دارو چئي خفيف کي، کينهُو رَسا ڪپن
کنيو ڍنگهر پُٺيءَ تي وڙهندا واه وتن.

—

خفيف: سُرڪا ڏسي سَپن جا، متان ٻاٻيها ٻَهڪن.

[١٠٥٦] ڍڳيءَ جي ڳچيءَ ۾ پيل چَڙي ۾ لار وڄندي ڏسي، ان تي پرولي ٺاهي خفيف کي چيائين ته:

دارو: دارو چئي خفيف کي، نر ۾ وڄي نار.

—

خفيف: متان ڏٺئي چَڙي ۾ وڄندي لار!

[١٠٥٧] داري هڪ ماڻهوءَ کي مٿي مان جُون ڪڍائيندي ڏٺيون؛ سو پاڻ به مٿو کنهڻ لڳو ۽ خفيف کي چيائين ته:

دارو: جهنگ ڏٺم مُٺ جيترو، جنهن ۾ مرون لک هزار.

—

خفيف: کنيو هلين مٿي تي، ٿيـــنئي نـٿـو بـار.

[١٠٥٨] داري هڪڙو جوڳي ڏٺو، جنهن مُرلي پئي وڄائي ۽ ۽ ان جي آواز تي نانگ ڦڻ ڪڍي پئي نچيو. ان تي پرولي ٺاهي خفيف کي ڏنائين:

١٠٥٥. ٻاٻيهو=ڄاهو.

دارو: ڪدو وڌائين وات ۾، آنڊي ڪيس آلر.

—

خفيف: مُرلي وڌائين وات ۾، ڪنيو ڪاريهر ڪر.

[١٠٥٩] دارو هڪڙي هنڌ ڏسي ته پٻڻ جي مٿان ڀؤنر پيو لامارا ڏئي. اهو ڏسي خفيف کي چيائين ته:

دارو: ادا! هيئن تہ هيئن، هيئن تہ هيئن.

—

خفيف: واهڙ ٿو وِهڪي، پٻڻ پَئي ٻَهڪي
ڀؤنر پيو ڀِرڪي، مٿان هيئن تہ هيئن!

انڌو ۽ سڄو

[١٠٦٠] هڪڙو سگهڙ گهمندي ڦرندي ڪنهن نار تي آيو. ڪنهن فقير کي بہ آڄ لڳي، سو بہ آتي آيو. نار ۾ ٻڌل ڪِنگريءَ جي تري ۾ سوراخ هو جنهن مان پاڻي پئي وهيو. نار گيڙڻ جي فقير ۾ طاقت ڪانہ هئي، سو آن ٺينڊي تي وات رکي پاڻي پيڻ لڳو. اهو ڏسي سگهڙ موٽي آيو ۽ اچي پنهنجي آنڌي سگهڙ دوست کي چيائين ته:

شهر فقير جي وات ۾، ير! شهر فقير جي وات ۾.

تڏهن انڌي سگهڙ جواب ڏنو ته:

واتئون ڌائي هرڪو، هيٺئون ڌائي فقير
ڄاڻي دستگير تہ شهر† فقير جي وات ۾.

مامو ۽ ڀاڻيجو

[مامي ۽ ڀاڻيجي جي پرولين جون روايتون سڄي سنڌ ۾ هلندڙ آهن. جدا جدا هنڌن تي مختلف روايتون هلندڙ آهن، جن ۾ مامي ۽ ڀاڻيجي جي بدران ٻيا نالا پڻ آيل آهن. مثلاً "انڌو ۽ سڄو". اهي روايتون هيٺين طور بيان ڪيون وڃن ٿيون-

† شهر = ڪنگري.

مثلاً: (١) ڀاڻيجي فضول خرچي ڪري مامي جي ملڪيت کائي کپائي ڇڏي. پوءِ ٻئي ڄڻا بادشاه وٽ نوڪريءَ لاءِ ويا. مامو ڳجهارتون ڀڃندو هو، تنهنڪري بادشاه کيس پنهنجو خاص درٻاري مقرر ڪيو، پر ڀاڻيجو ڪوبه ڪم ڪونه ڄاڻندو هو، تنهنڪري ان کي نوڪري ڪانه ملي. اهو ڏسي ڀاڻيجي کي حسد ٿيو، ۽ مامي کي نوڪريءَ مان ڪڍائڻ لاءِ پروليون ٺاهي اچي مامي کي ڏيندو هو. (٢) مامو ۽ ڀاڻيجو سگهڙ هئا، جي هڪٻئي کي پروليون ڏيندا هئا. (٣) ٻه ڀائر هئا، جن مان هڪڙو نابين هو. نابين کي ڌيءَ هئي ۽ سڄي کي پٽ. نابين شرط وڌو ته ڌيءَ اُن کي ڏيندس، جنهن جي ڳجهارت مون کان ڀڳي نه ٿيندي. (٤) ٻه ڀائر هئا، جن مان وڏو نابين هو. ننڍو ڀاءُ وڏي کي ڳجهارتون آڻي ڏيندو هو. ڪن هنڌن تي اهي پروليون "انڌي ۽ سڄي" يا ٻين نالن سان پڻ مشهور آهن.]

[١٠٦١] ڀاڻ جي آرُوڙيءَ کي باهه لڳي. ڀاڻ ۾ ڪو نانگ ويٺو هو، جو باهه جي سيڪ تي نڪري، ڀاڻ جي وچ ۾ کُتل مُنيءَ تي چڙهي ويو. ڀاڻيجو اهو سڀ لقاء ڏسي مامي وٽ آيو ۽ پرولي ٺاهي چيائينس ته:

---

(١) سگهڙ جاڙي خان مري جي روايت. (٢) محمد عمر "معمور" يوسفاڻي جي روايت. (٣) قاضي الهورائي جي روايت ۽ (٤) آتر مان مليل هڪ روايت.

١٠٦١. ٻيون روايتون:

١. ٻپ ڙي ٻپ، ٻپ ڙي ٻپ
چور جهليو چوريءَ ۾، تنهن کي ٿيو آهي ڊپ
متان لوڙهي لڳي باهڙي، مُنيءَ مٿي سَپُ.
٢. ساهه کي وڏو ڊپ، ساهه کي وڏو ڊپ
لڳي باهه ڀاڻ کي، ڪيري چڙهيو سَپَ.


M. AFAQ KHAN
No. 538
Date: 3/7/72
P.o. Ehira D.N. Shah

ڀاڻيجو: ماريو ويٺو مَپُ، ماريو ويٺو مَپُ.

مامو: ڀاڻ پراڻي باهه لڳي، ٿوڻيءَ چڙهيو سَپُ
متان تڏهن ماريو ويٺو آهي مَپُ!

[١٠٦٢] هڪڙي ڏينهن ڀاڻيجو ڀڳڙا کائيندو پئي ويو ته هڪڙي هنڌ ڀيت جي ڏار ۾ ڏينڀن جو مانارو ڏٺائين. جڏهن گهر آيو، تڏهن مامي کي ڏٺ ڏنائين ته:

ڀاڻيجو: گهر ۾ گهر هڪڙو، تنهن ۾ گهر گهڻا
جي ٿو اک کڻان، ته ڪانهي بس بهير کان.

مامو: متان چٻيندي چڻا، ڏينڀو ڏٺا اٿئي ڏار ۾!

[١٠٦٣] هڪڙو ماڻهو جهنگ جي خيال ويو پر پاڻ سان ڀتر ڪين کنيائين. سو جهنگ جو خيال لاهي ڀترن جي ڳولا ۾ اوڪڙو پئي هليو ته دارا جي مٿس نظر پئجي وئي اهو ڏسي پنهنجي ڀاءُ خفيف کي چيائين ته:

ڀاڻيجو: تِتر ٽور ٽِلن، تِتر ٽور ٽِلن.

مامو: جي جاءِ ڏسي نه ويهن سي ڀلي سُور سهن.

[١٠٦٤] ڀاڻيجو ڏسي ته هڪڙي هاريءَ جي هر جي چوني، ٻنيءَ ۾ هر ڏيندي ڪنهن لاهه ۾ اٽڪي پيئي، جيئن ئي سٽ ڏيئي چوني ٿي ڪڍيائين ته هر ڀڄي پيس. پوءِ ويچارو هاري ڍڳا هر مان کولي، هر ڪلهي تي رکي گهر ڏانهن روانو ٿيو. ڀاڻيجي انهي نظاري جي ڏٺ هن طرح مامي کي اچي ڏني ته:

١٠٦٣. ٻي چوڻي: وٽ نه کڻن پاڻ سان، تيلاه سُور سَهن.
ٻيون روايتون: ١. ڏئي ٽپڪي، ڏئي ٽپڪي
متان ڄٽ نه کنيو وٽ، تڏهن ڏئي ٽپڪي.
٢. تتر ٽور ٽلي، تتر ٽور ٽلي
وٽ نه کنيائين پاڻ سان، تڏ ٿو تتر ٽور ٽلي.

ڀاڻيجو: ڇڙيا ڏانـد وڃن، ڇڙيا ڏانـد وڃن.

—

مامو: کيڙيندي کُتن ۾، اکيون جاءِ ڪجن
چوني ڀڄي هيڪڙي، ٽيئي ٽـول کـرن
متان هاريءَ هر ڪُلهي تي، ڇڙيا ڏاند وڃن.

[١٠٦٥] ڀاڻيجو درياءَ جي ڪپ تي بيٺو هو ته هڪڙو واڳون ڏٺائين جنهن جي پٺيءَ تـي نانگ ويٺو هو. وري هڪڙي ڀنڀوري، مڇر کي جهلي، ڦيرا پائيندي اچي نانگ تي ويٺي. نانگ جهٽ ڏئي ڀنڀوريءَ کي کڻي جهليو ۽ ڳڙڪائي ڇڏيائينس. اهو لقاءِ پسي ڀاڻيجو، مامي وٽ آيو ۽ چيائينس ته:

نـر چڙهيو نـر تي، نـر جي مٿان نار
نظر ڪري نهار ته نر ناريءَ جي وات ۾.

مامي يڪدم پروليءَ جي مراد ڪري ٻڌائي.

[١٠٦٦] ڀاڻيجو پاڻي پيئڻ لاءِ نار جي نيسر تي ويٺو ته مالهه ۾ ٻڌل ڪنگرين تي وڃي نظر پيس. ڏسي ته هڪڙي ڪنگري ڀڳي پئي آهي، جنهن مان پاڻيءَ جي تُوتري پئي نڪتي. ان نظاري تي پرولي ٺاهي مامي کي ڏنائين ته:

ڀاڻيجو: ماما! ٺينڊو ڙي ٺينڊو، ٺيـنـڊو ڙي ٺيـنـڊو!

—

مامو: ابا! ڪِني ذات ڪانگ جي، جيئن ڪُتن ۾ وينڊو
اٺ وُڙهو ٿي نار ۾، متان اٽ ڏٺئي ڪِنگر ۾ ٺينڊو.

[١٠٦٧] ڀاڻيجو هڪڙي هنڌ ڏسي ته نار پيو وهي. هارين ويٺي پاڻ ۾ ڪچهري ڪئي. ٿوريءَ دير کان پوءِ هڪڙو هاري گهيٽڙو کڻي آيو، ۽ اهو ڪوٺيءَ جي مٿان کڏ تـي کڻي ڇڏيائين. هڪڙي ٻير جون لامون لڙڪي اچي کڏ تي پيون

١٠٦٦. ڪن روايتن ۾: 'هلڪي ذات حجام جي-الخ'.

هيون ۽ گهيٽو ٻيهي پلڙا ۽ پن چرڻ لڳو. اهو واقعو ڏسي مامي کي ڪجهارت ڏنائين تہ:

پاٽيجو: نہ آسمان تي نہ زمين تي، نہ اوري نہ پري
بکئي پيٽ لاءِ ٻيٽو گاهه چري.

—

مامو: رسو پچي ور تي، ڪجهارت پچي سُر تي
متان گهٽو چرندو ڏٽو اٽي گهر تي!

[۱۰۶۸] پاٽيجي ڏنو تہ هڪڙو جهور پوڙهو لٺ ٽيڪيو، رڙهندو وڃي. اڃان ٿورو اڳتي هليو تہ هڪڙو جوان ٺاهوڪن ڪپڙن پهريل گهوڙي تي سوار ايندو ڏٺائين، جنهن هين کان پڇيو تہ: اڳيان ڪو اڏو ويندي ڏٺئي؟ پاٽيجي جواب ڏنو تہ: ها، اهو اڳيان پيو وڃي. تنهن تي جوان کاوڙ مان چيو تہ: بابي کي ڪيترو جهليم تہ نہ وڃ، پر هليو ويو. پاٽيجي سهي ڪيو تہ اهي ٻئي ٻيءَ پٽ آهن. ان واقعي تي پرولي ٺاهي مامي کي ڏنائين تہ:

پاٽيجو: سال نہ آيو سُٽ، ڪپڙ مان ئي ڪين ٽيو.

—

مامو: هوندو ڪنيءَ ڪُڙهه جو، سو سُوڙهل هوندو سُٽ
ٻيءَ ڏنو هوندئي پيادو، گهوڙي چڙهيل پُٽ
متان ائين آڇاٽو سُٽ، جو ڪپڙ مان ئي ڪين ٽيو!

ماکن شاهه جي وسيءَ جو نابين سگهڙ ابراهيم

[۱۰۶۹] چون ٿا تہ حيدرآباد ـ هالا رستي تي ماکن شاهه جي وسيءَ وٽ هڪڙو نابين سگهڙ ابراهيم نالي وڻ هيٺ ويٺو

۱۰۶۸. ٻيون ڏيٽيون: ۱. سال نہ آيو سٽ، سال نہ آيو سٽ
۲. سٽين نہ آيو سٽ، سٽين نہ آيو سٽ
۳. ڪتيائين ٿوروسٽ، پرڪپڙ مان ئي ڪين ٽيو.

۱۰۶۹. ٻيءَ روايت موجب سگهڙ جو نالو قاضي محمد هو، ۽ هالا جو ويڙل هو.

هوندو هو، جو پرولين ڪولھ جو استاد هو. هڪڙي پيري ڪو سگھڙ (۱) اڏيري لعل جي ميلي تي ويو. ڏٺائين تہ مقبري ۾ اندر چتونءَ جي هڪ ڇڄي ڪي ڪهرين جي ولر اچي ورايو ۽ ٿونگا هٽي ان کي رتو رت ڪري ڇڏيائون. ان واقعي تي پرولي ٺاهي، سگھڙ اچي ان نابين کي ڏني تہ:

ادا! آڏيري لال تي هڪ نافع ڏٺوسون نر
هو سيني پرين سهڻو، ناز پريو نينگر
هيڏانهن هاتڪ هڪڙو، هوڏانهن لنڊين جا لشکر
پٽو ڪنهن سان ڪينڪي، ڪهري پگهائونس ڪر
اهو انگ اکر، ابراهيم ڪولج آن کي.

نابين سگھڙ جواب ڏنو تہ:

گدڙ نہ بگھڙ نہ پولڙو، رڇ نہ راندينگر
هو پيراڻي باغ جو، ڪو آنهي جو آپجر
هو سيني پرين سهڻو، ڪامل هڪ ڪڪر
پوءِ متان طوطو تونگر، ڪهرين ڪنهي ڪڍي ڇڏيو.

پارُو ۽ سگھڙَ

[پارُو پنهنجي وقت جو وڏو سگھڙ هو. ڏٺن ڪولھ ۾ ماهر هو، سگھڙ ڪيس ڏٺون اچي ڏيندا هئا تہ ڇڄي ڇڏيندو هو. پارُو جي پرولين جون ڪي روايتون مليون آهن، جي هيٺ ڏجن ٿيون.]

[۱۰۷۰] ڪنهن ڏنڍ مان 'ڪينڪُر' پکي، ڪا ننڍڙي مڇي جهڙپي ورتي، ۽ وڃي پاڻيءَ مان نڪتل هڪ ڏنگهر جي ڪاڙيءَ تي ويٺو تہ ڪيس ٻي وڏي مڇي جهٽ ڏيئي ڪهي ويئي. آها مڇي وري ملاحن جي ڄن ۾ لڳي. جڏهن مڇيءَ جو پيٽ چيريائون تہ پکي اڃان جيئرو هو، سو ان کي وڃي وڻ تي ويهاريائون تہ وري آڪاس باز جهڙپي ويس. اهو ڏسي ڪنهن سگھڙ هيٺين ڏٺ ٺاهي اچي پارُو کي ڏني تہ:

ڪنڀارڪي قُوت لاءِ، جَر ۾ جُتي جوءِ
وييس گنگا غرق ڪري، ڪا اوڳان اوڳڻ اوءِ
پارُو اٿئي پارکڙو، ڪو چئنچل وڃي چوءِ
جوڙي مڙس موجود ڪري، هن وڻ تي ويهاريو ووءِ
اَتِ پِيرَ وارو پيدا ٿيو، تنهن چِت چاڙهيو هو چوءِ
هاڻي پارُو کڻي پوءِ، ڏي بيان هن بيت جو.

پارو وري ان جو جواب هن طرح ڏنو ته:

ليکيي ليکيان ڪيتريون، جوڙُون جوڙ جبار
اوڳون آنبر وچ ۾، پييون گهمن لک هزار
چِڙيون، چنڊوليون، چِيهُون، جتي آهن هيڙهن جا هزار
هُن ڳِٿو هو ڳاهه ڪري، پنهنجي قوت لائق قرار
تنهن مان هڪ پکيڙو پيدا ڪري، تن وڻ تي ويهاريو وار
تنهن کي لغڙ لُوهه ڏيئي، کنيو باز بِيسيار
"پارو" چئي ٿو پار، متان آهي اهو بيان بيت جو.

[١٠٧١] هڪ سگهڙ ذات جو "ٻَپَڙ" تنهن پارو کي ڏٺ ڏني ته:

سُور واري ۽ ڪنڀار واري، ڪنهن پوکي ڪنهن پاتو
ري يقين، ري يقون، ري فِڪر ڦاٿو
پارو! سَلهي سو، ٻڌائج 'ٻَپَڙ' کي.

پارو اها ڏٺ هيئن ڳولي ته:

ڪاريهر ڪر کڻي، تنهن ڏسي هنيوس ڏنگ
جهَٽيائين جَڙ پَسِي، ٻهڳڻ لهي ٻنگ
هي راسي ٻوليم رنگ، ڪِ اڃان پڇايانس 'پارو' چئي؟

—

ٻليءَ ٻاڻ هڻي، چنچل چٽڪايوس
هي اکر منجهه آيوس، ڪِ اڃان پڇايانس پارو چوي!

١٠٧١. هيءَ روايت صالح محمد سمي (لالو کيت، ڪراچي) کان ملي.

[١٠٧٢] ڪنهن سگهڙ هڪڙي باغ ۾ بڙ ۽ پِپر جي گڏ بيٺل وڻن مان کجيءَ جو هڪ وڻ ڄايل ڏٺو. ان تي پرولي ٺاهي پارُو کي ڏنائين ته:

ناريون ٻيون نر ڄڻين، هي نَرئُون ڄائِي نارِ
ڏسي ديوان دَهليا، هو وڻي ٿي وڻڪار
هاڻي ڏاڍي ٿي درڪار، کڻي پروڙ پارو! هن ڳالهه کي.

پارو جواب ڏنو ته:

اسين ويٺي هت ٽُٻِي هَٽِي وياسُون ڏُور
بڙ پِپر پاڻ ۾، ٿي مورائي کاشي کجور
متان اِهو اٿئي مذڪور، ڪِي اَلوڙِي ڪڍان آرن مان!

وَلُو ۽ جعفر

[وَلُو ۽ جعفر ٻئي سگهڙ هئا ۽ هڪٻئي کي پروليون ڏيندا هئا. وَلُو چاچو هو ۽ جعفر ڀائٽيو هو. گهڻو ڪري جعفر، پنهنجي چاچي وَلُو کي پروليون آڻي ڏيندو هو. سندن پرولين جون مختلف روايتون هيٺ ڏجن ٿيون.]

[١٠٧٣] هڪڙي ڏينهن جعفر مال چاريندي ڍنڍ ۾ ٻن ٻيٽن تي ڪنگ پکي ويٺل ڏٺا، جي هڪڙي ٻيٽ تي چار ۽ ٻئي تي چوڏهن هئا. جڏهن مال چاري موٽيو ته پنهنجي چاچي ولوءَ کي پرولي ٺاهي ڏنائين ته:

چوڏهن ۽ چار، ڏٺم هُوءِ هوا تي
جاما جن جا جلويدار، جوڙيا ڪاريگر چڱي ڪار
سڀئي ڪري سار، مونکي ولو ورجائي ڏي!

ولو اها پرولي هن ريت ڀڳي ته:

چوڏهن ۽ چار، ارڙهن ئي اورنگ
چِت نه جن جو چِلُڙ سان، مور نه ميرا انگ
ڪَرڙا اِهي ڪنگ، متان جعفر ڏٺئي جُوءِ ۾!

[۱۰۷۴] جعفر پنهنجي ڪڙ آنن تي ويهاري هئي، جا ڪٽي ڪٽي ويئي. ان تي پرولي ٺاهي اچي ولوءَ کي ڏنائين تہ:

جُڙي آئي جعفر چئي، ثابت ڳالهه سچي
ڪيئن ڪاڏي وڃ ڪٽيي، سونکي ولُو وينجهائي ڏي.

تڏهن ولو وراڻي ڏني تہ:

ڏهاڙي ڏهاڙي ڏي، وڃي سورهن ٿي سوڙها ٽيا
ويهن ڪان وڌ نہ ٽئي، ايڪيهن آتي
سانڍين ها صندوق ۾ تہ ڪاڏي ڪين ڪتي
ستان آنن وڃ آتي، ڪڙ اٽي ڪانڪا.

ولو ۽ دلشاد

[۱۰۷۵] ولو ۽ دلشاد نالي ۾ سگهڙ هڪٻئي کي پرولیون ڏيندا هٿا. ولو چاچو هو ۽ دلشاد پائٽيو هو. هڪڙي ڏينهن دلشاد رستي تان ويندي، ماکيءَ جو خالي مانارو پٽ تي پيل ڏٺو. سمجهائين تہ ڪنهن ماٺهو مانارو لاهي، ان مان ماکي ڪائي باقي مانارو ڪٽي آڇلايو آهي. ان تي پرولي ٺاهي ولوءَ کي ڏنائين تہ:

گامي گامي گام، ڪا سنڊ ڏٺي هير ملک ۾
۾ مانيون "پروچ" چئي، پڇيي ٽيون تمام
هڪڙي ڪائڻ حرام، ٻي ڏُرس ڪائڻ "دلشاد" چئي.

ولوءَ جواب ڏنس تہ:

گامي گامي گام، وڃ گام گليءَ جو گس
وڃن ۾ "ولو" چئي، ووڙڻ منهنجو وس
ميڙو ماکيءَ رس، متان مانارو مردار ٿئي!

جُوٽس ۽ ڪامل

[۱۰۷۶] جُوٽس ۽ ڪامل ٻئي سگهڙ هٿا، ۽ هڪٻئي کي پرولیون ڏيندا هٿا. هڪڙي ڏينهن ڪامل، "وڃ" تي پرولي ٺاهي، جوٽس ڏانهن ڇڃڻ لاءِ موڪلي تہ:

ڏوريندي ڏِسِن ۾، مِهري ڏٺي مون
هڪڙي ٻُر ٻانهن تي، ٻي لؤڻن مٿي لُون
جوان انهيءَ جوءِ جو، ڏاڍو عجب آئُون
هاڻي ڏوري ڏسج تون، جُوڻس! انهيءَ جوءِ کي.

جوڻس، ان پروليءَ جو جواب ڏياري موڪليو ته:

ڏوريندي ڏِسِين ۾ اٿئي دانَهه ڏٺي ڌِڄ
وَسِي وسڪارا ڪري، ٻِهُون پوکائي ٻِج
ويرا! ڏٺي اٿئي وِڄ، ڪامل! ڪنهن ڪڪر ۾.

بادشاه ۽ وزير

[بادشاه جيڪي ڏسندو هو ان تي پروليون ٺاهي پنهنجي وزير کي ڏيندو هو، ۽ وزير هوشياري ۽ ڏاهپ سان پروليون ڀڃي ٻڌائيندو هو. بادشاه ۽ وزير جي پرولين جون مختلف روايتون هلندڙ آهن جن مان ڪي مشهور هيٺ ڏجن ٿيون.]

[١٠٧٧] بادشاه، وزير کي ساڻ وٺي شڪار تي نڪتو. هڪڙي هنڌ جهنگ مان اوچتو ٻه هرڻ نڪتا. هڪڙي هرڻ جو پيڇو بادشاه ڪيو ۽ ٻئي جو وزير. اهڙيءَ طرح هڪٻئي کان جدا ٿي ويا. بادشاه جنهن هرڻ جي پٺيان هو، سو سندس نظر کان غائب ٿي، جيئن ئي هڪڙي ڍنڍ تي پاڻي پيئڻ لاءِ آيو، ۽ پاڻيءَ ۾ ٻوٿ وڌائين ته هڪڙي موري مڇي پاڻيءَ مان بُل هنيو ۽ وڃي هرڻ جي آر ۾ ڦاٿي. وري هڪڙي باز مٿان اڏامندي مڇي ڏٺي، تنهن لامارو هنيو ته هرڻ جي آر پيٽ ۾ ٽنبجي پيس. اهو به آتي مري ويو ۽ هرڻ وري ڌٻڻ ۾ ڦاسي، آتي بيهي رهيو.

بادشاهه کي به اڄ هلاڪ ڪيو هو، سو پاڻيءَ جي ڳولا ۾ هلندو اچي ساڳيءَ ڍنڍ تي نڪتو. تنهن بندوق جو ڌڪ هڻي هرڻ کي ماري وڌو. ٿوريءَ دير کان پوءِ بادشاه ۽ وزير پاڻ ۾ مليا. بادشاه چيس ته:

نکا ساڳي ذات، نکي هئا جانب يار
ڪامل! ڪهڙيءَ ڪار، ٿيو موت ٿنهي جو هڪڙو!

تڏهن وزير جواب ڏنو تہ:

آهُو ويو آب لاءِ، سو پيو منجهہ پاتار
مڇيءَ سوريءَ ٽپ ڪاڏو، سا ب آنڪي منجهہ آر
پريان باز ب باولي هنئي، سو ب اڏڪيو منجهہ آر
مُٺ ڏيئي ماريا ميندرا، تو سونهارا سردار
ڪامل! انهيءَ ڪار، ٿيو موت ٿنهي جو هڪڙو.

[۱۰۷۸] هڪڙيءَ رات بادشاه پنهنجي محلات جي دريءَ کان باغ جو نظارو ويٺي ڪيو. باغ ۾ ونجهہ وٽي جو وڻ هو، جنهن ۾ وري ڪٽڇيءَ جو آکيرو هو. اوچتو ئي اوچتو ان وڻ کي اچي باهہ لڳي، جنهنڪري ڪٽڇي ويچاري آڏامي وڃي انب جي هڪڙي وڻ تي ويٺي، ۽ پڇن لاءِ سڄي رات لَونڊي رهي. وري پريان ڪنهن هنڌ جهڙ هو، سو ڪينوڻ ب سڄي رات ڪيوندي رهي. محلات جي پر ۾ هڪڙي گهر ۾ شايد ڪو هارڙو بيمار هو، آهو ب ذري ذري پٽي رُنو ۽ ماڻ ب سڄي رات هارڙي کي پرچائيندي رهي. بادشاهہ اهو سمورو لقاءِ ڏسي، ان تي پرولي ٺاهي صبح جو درٻار ۾ آيو ۽ وزير کي چيائين تہ:

چٿني رات وهاٽي، چٿني رات وهاٽي.

وزير جواب ڏنو تہ: تہ سائين، پنجٿئي رات وهاٽي. بادشاه حيران ٿي ويو ۽ چيائين: سو وري ڪيئن؟ تنهن تي وزير چيو تہ:

باهہ لڳي ونجهہ وٽي، ڪٽڇي لنوي آنب وٽي
ڪينوڻ ڪينوي آپ گهٽي، هار روئي ماڻ ٽٽي
پنجون تون ٻاڻ ڇو نہ ڪٽين؟

[۱۰۷۹] هڪڙو ماري شڪار جي سانگي بندوق کڻي، جهنگ ۾ هڪڙي تلاءَ جي ڪپ تي، وڻ جي آڏ ڏيئي لڪي ويٺو. ٿوريءَ دير کان پوءِ هڪڙو هرڻ تلاءَ تي آيو. اڃان پاڻيءَ ۾ هوٺ وڌائين مس تہ هڪڙي مڇي پاڻيءَ مان ٻُل کائي، هرڻ جي سگ ۾ وڃي ڦاٿي. هڪڙي پکيءَ وري مڇيءَ تي لاماروُ ڏنو، ان مهل هرڻ ڪنڌ جي ڏوڻ ڪئي تہ پکي وڃي ٻئي سگ جي چهنب ۾ ٽُنبيو. ماري وري هرڻ کي ٽڪاءَ ڪئي بندوق. مڃاڻ جو ڪو نانگ ماريءَ جي پڻيان ويٺو هو، سو ماري جيئن پوئتي هٽيو تيئن نانگ ٽڪاءَ ڪيس ڏنگ. ماري تہ وڃي ڪريو پر هٿ مان بندوق ڇڏائي ويس ۽ اها وڃي نانگ تي ڪري تہ اهو ٻ اتي جو اتي مري پيو. اهڙيءَ طرح مڇي، پکي، هرڻ، ماري ۽ نانگ، پنجئي جو موت هڪڙي ئي هنڌ ٿيو. بادشاه ٻ اتان اچي لنگهيو، تنهن اهو لقاءَ ڏسي، پنهنجي وزير کي چيو تہ: وزيرا!

پنجئي تيت مُئا، پنجئي تت مئا.

وزير جواب ڏنو تہ:

جر مڇي، جهنگ مرون، پکيڙو آنگاس
ماري ۽ نانگاس، پنجئي تت مئا.

۱۰۷۹. ٻيون روايتون:

۱. پنجئي پاهه، پنجئي پاهه
—
جر مڇي، ٿر هرڻ، مٽان لغڙ ڏنو لاهه
ماري ۽ ناهه، پنجئي پاهه.

۲. پنجئي موت ڪڏ، پنجئي موت ڪڏ
—
هڪ مرندي ٻ مئا، ٻن مرندي ٽي
ٻڪ چوڻون پنجين تي، اهي پنجئي موت ڪڏ.

شهزادي ۽ ٻڪرار

[هڪڙي شهزاديءَ اعلان ڪيو ته ”آءٌ شادي ان شخص سان ڪنديس، جنهن جي پرولي مون کان نه ڀڄندي. جيڪڏهن مون پرولي ڀڳي ته ان کي ڦاسيءَ تي چاڙهيندس.“ هڪ ٻڪرار جهنگ ۾ ڪو واقعو ڏسي، ان تي پرولي ٺاهي اچي شهزاديءَ کي ڏني، جا هُن کان ڀڳي نه ٿي ۽ ٻڪرار سان شادي ڪيائين. ٻڪرار جي ڏنل پرولين بابت هيٺيون مختلف روايتون مليون.]

[١٠٨٠] ٻڪرار صبح جو سوير جهنگ ۾ گهمندي سَر جي هڪڙي ٻُوڙي هيٺان ڪنهن جانور جي کوپريءَ جو هڏو پيل ڏٺو، جنهن جي هڪڙيءَ اک واري سوراخ ۾ اندر وڃي هڪڙي ڦوسڻيءَ آنا لاٿا هئا. مٿان سَر مان ماڪ جا ڦُڙا کوپريءَ تي پئي ٽميا. ٻڪرار اهو لقاء ڏسي، ان تي پرولي ٺاهي آڻي شهزاديءَ کي ڏني ته:

اک ۾ پَکِ ويائي، جَر سُوريءَ ٽنگيو.

شهزاديءَ پرولي نه ڀڳي.

[١٠٨١] ٻڪرار جهنگ ۾ گهمندي ڏٺو ته ڪي ماڻهو گهيٽي جي دُنب ڪپي، ان جي کَل لاهي اَن مان پاڻيءَ لاءِ کَلِي پيا ٺاهين، باقي ماس، کاڌي لاءِ باهه تي پچائڻ لاءِ رکيو اٿن. خيال ڪيائين ته اها پرولي شهزاديءَ جي ڀڃڻ کان زور آهي. سو ٻيو مٽ مائٽ ڪونه هئس، باقي ماءُ کي ساڻ وٺي شهزاديءَ وٽ ويو ۽ ان کي پرولي ڏنائين ته:

ساسُ چرِي، ماس ٻَرِي، کَمڻ هٿ کَلِي
يا هونداسين ٽي ڄڻا، يا تہ رَنڙي هيکلي.

(يعني ساهوارو چَري، ماه پچي، ۽ کَلِي پيا ٺاهين. جي پرولي ڀڳي ته آءٌ، تون ۽ منهنجي ماءُ ٽي ڄڻا ٿينداسين، جي نه ته آءٌ ڦاهي چڙهندس، باقي وڃي منهنجي ماءُ اڪيلي رهندي.) شهزادي پرولي ڀڃي نه سگهي ۽ ٻڪرار سان شادي ڪيائين.

باب نائون

معمائون

[’معما‘ سٽاءَ جي لحاظ سان ’ڏٺ-پرولي‘ توڙي ’ڏٺ‘ کان ڳوڙهي آهي. ڏٺ پرولي يا ڏٺ لازمي طور ڪنهن ڏٺل شيءَ يا واقعي تي ٻڌل هوندي آهي يا سٽاءَ جي لحاظ سان پڻ سولي سوڌي هوندي آهي. معما ڪنهن ڏٺل شيءَ توڙي ڪنهن حقيقت (جا هتي ڏسي نہ سگهجي، مثلاً ”اسرافيل جي صور“) بابت ٿي سگهي ٿي، ۽ سٽاءَ ۾ اڪثر اها زياده ڳري ڳوڙهي هوندي آهي. انهيءَ ڪري ئي ان کي ’مام‘ يعني ’معما‘ سڏيو وڃي ٿو.

سنڌ جي ڪن سڃاڻ سگهڙن، ڪن شين، واقعن يا حقيقتن تي معمائون ٻڌيون، يا هڪٻئي کي سڏڻ لاءِ ڏنيون، انهن مان کي چونڊ ۽ مشهور معمائون هن باب ۾ شامل ڪيون ويون آهن.]

[۱۰۸۴] انسان جو جسم

شاعر وريو گدو لس ٻيلي جو ويڙل هو. هن انسان جي جسم، عضون، حواسن، خيالن وغيره جو بيان هيٺين معما ۾ سمايو آهي:

ڪسبي قابل ڪم جو، رازو آهي رنگدار
تنهن ۾ انجڻ گاڏيون آتهين، آهي ڪل جوڙي ڪمدار
تنهن ۾ ڪيئي سٽون سڳريون، وڏيون تنهن وينجهار
آب آتش ان ۾، آهي جربدي جروار
ڪيئي ڪاسورا ڪيترا، آهنس امر منجهه اپار
سي پرپايو، پريت سين، ٿا جهلين جونجهار

کل خوشي خنڪ سين، ٿا ڏين رضا رانديار
هو به تيز تڪڙي، آهي هلڻ منجهه هوشيار
تنهن سين ڪانهي پهچ پڄڻ جي، پَوَن جهڙس پار
برهه ماڙيون بنگلا، اڏيا منجهس اپار
گلم غاليچا گل رنگيون، ٻيا زيلا زينتدار
ابريشمي پاڪ پردا، ٿا چمڪن چوڌار
لک ڪروڙيون واگهه "وريو" چئي، آهنس ماڳ موچار
سالڪ سمجهدار، ڏي تون ماهيت هن مذڪور جي.

[١٠٨٣] بندي جو بت

شاعر نم پٽ ڪنڊو مگٽهار (وفات ١٨٩٣/١٨٩٦ع) لس ٻيلي جي شهر اٿل جو ويٺل هو. لس ٻيلي جي ڄامن جو مٿس گهڻو راض هو. هڪ دفعي لس ٻيلي جي ڄام ميرخان وٽ ڪي علم وارا ۽ سمجهو ماڻهو آيا. ڄام جو 'نم' تي تمام گهڻو راض ڏسي چيائون ته: تون جو پنهنجي شاعر کي ايترو ويٺو ساراهين ۽ کارائين سو اڄ اسين کيس هڪ پرولي ٿا ڏيون سا ته وڃي سَلي اچي. تڏهن نم چيو ته: آءٌ ڪو علم گهر رکي ڪونه آيو آهيان، جو پرولي وڃي سَلي اچان. اوهان کي جيڪي پڇڻو هجي سو پڇو ته آءٌ اتيئي ان جو جواب ڏيندس. تڏهن چيائونس ته:

ناري نرت نگاهه ڪري، جانُ ديکي ڪيم ديدار
تان سُونگو سُنگين سڦرو، جوڙيو پاڻ جبار
سو بنائي برحال ڪيو، قدرت سان ڪلتار
آرڙ، بلبل آن ۾، گويا ڪن گفتار
گرگ، ٻڪرو گڏ اچي، دوئي سان ڌڻوار
سي پنجئي آهن پاڻ ۾، هڪ جڳهه هيڪار
پر مصلحت ان جي من جي، آهي ڌُرئون ڌار ڌار
اي سالڪ سمجهدار! ڏي مائيت ان مذڪور جي.

(يعني تہ پنج متضاد شيون، ارڙ بلا، بلبل، گرگ، ٻڪري ۽ ڌراڙ، هڪ سونگي ۾ هڪ ئي جاءِ تي جمع آهن. حالانڪ هرهڪ جي مصلحت جدا جدا آهي.)

معما ٻڌي، شاعر نم اتي جو اتي جواب ڏنو تہ:

اهو بُت بندي جو، بنيو سُونگيءَ جي صفتا
'آرڙ' نفس آن ۾، 'بلبل' زبانا
'گرگ' شيطان شومتي، 'ٻڪرو' ايمانا
عقل 'ڌراڙ' ان جو، آهي درس ڌُراءِ
چوءِ چڱيون ڳالهيون، ڪري منع مَٺانْياءِ
پر عشق اٽانگو آڪرو، زوراتو زبرا
سو جي ڪيهر شيهن ڪُٽاڪ ڏئي، تہ ٻيا مڙئي محتاجا
اچي وڃي ان ۾، واءِ مڙيوئي واءِ
سو جي بيهي بند ٿئي، تہ سونگي ساهہ نہ ڪاءِ
آهي عاقل ڳالهہ اهاءِ، ڪي اڃان نهاريانس "نم" چئي؟

[١٠٨٤] بلا، جيڪا ڀاڻ جي ڍڳ سان گڏ سڙي مئي.

شيخ سائينداد لس ٻيلي ۾ لاکڙيہي جو ويٺل هو. هڪڙي ڏينهن واڙ جي ڍنگهرن کي باهہ ڏنائين. باهہ ڍنگهرن تان وڃي ڀاڻ جي ڍڳ کي لڳي. ڀاڻ ۾ ڪا بلا وٺل هئي. جڏهن ڀاڻ کي پوريءَ طرح باهہ وڪوڙي ويئي، تڏهن سيڪ تي ڪا بلا ٻاهر نڪتي، پر چوڌاري باهہ ڏسي، ڀاڻ جي وچ ۾ کتل منيءَ تي چڙهي ويئي. نيٺ باهہ آن منيءَ کي بہ اچي لڳي ۽ بلا اتيئي سڙي مُئي. شيخ سائينداد انهيءَ واقعي تي هيٺين معما لس ٻيلي جي ٻئي هڪ سگهڙ دوست مٺي ڏانهن موڪلي:

ڦاٿي هيڪ فڪر سين، نرتئون چڱي نار
ڪانهي واٽ وڃڻ جي، جان ٻهڳڻ پوي ٻَهار
سا ٿي دسي دشمن جهلي، چؤمُکي چوڌار

ساهہ ڪارڻ ثابت ڪيا، وڏا وس وينجهار
پوءِ ماڳن سان مري رهي، پُنا تنهن پرمار
سالڪ! مونکي سڻاءِ، عقل سين "الله ڏنو" چوي (١).

مٺي ان جو جواب موڪليو تہ:

عاقل چوانءِ ٿو الله ڏنا! اها بيشڪ آهي بلا
بيٺڪ تنهن جي بنڊ ۾، ڪا هئي هردم هميشا
سا ڪاٺ مٿي ٿي ڪش ڏئي، تنهن کي آيو موت مٿاءِ
چئني پاسي چِت چُري، تنهن کي آڳ ڪيو آهاءِ
ڦرندي تنهن ڦُونڻي ۾، تنهن ثابت ڏنو ساهہ
آهي ڳالهہ اِها، ڪِ اڃان سڻايانو "شَڪر" چئي(٢).

[١٠٨٥] بيماري

سگهڙ روشن شاهہ، پهريائين نورڪيٽي جو ويٺل هو، ۽ پوءِ لڏي اچي هالن لڳ ويٺو. چار پنج سال ٿيا جو گذاري ويو. وڏي بيماريءَ تي هيٺ ڏنل معما چيائين:

مُنڌ سُڄي ٿي ملڪ ۾، ڏاڍي زور زبر
تنهن ڪامڻ کي آهن ڪيترا، هزارين هنر
ملڪن ۾ مشهور آهي، خونياڻيءَ جي خبر
ري هٿيار "روشن" چوي، لڙيو پوي لشڪر
اها آٿَوَ خان خبر، قادر جي قدرت جي.

[١٠٨٦] تِتري ۽ سگهڙ

شاعر سليمان شيخ لس ٻيلي جو، هڪڙي ڏينهن گهوڙي تي چڙهيو پئي آيو تہ واٽ تي گاهہ ۾ ڪا تِتري ڇَپيل هئي. گهوڙي اچي مٿان سُنب هنيس، تتري زخمجي پيئي ۽ ڦٿڪڻ لڳي. سليمان يڪدم گهوڙي تان لهي تِتريءَ کي ڪٺو ۽ پوءِ انهيءَ واقعي تي هيٺين معما چيائين:

(١) شيخ سائينداد معما ۾ پنهنجي ڀاءُ "الله ڏني" جو نالو وڌو.
(٢) مٺي وري آن جي ڀڃڻي ۾ "شڪر واهُري" جو نالو وڌو.

ويندي ڪنهن وڻراهه، عجب ڏٺيم اها
نار ويٺي هئي ناز ڪري، ڪنهن اوچي هنڌ اعلىٰ
مڙد ماري آئيا، تنهن جو پيو نه هن کي سُڌ سماء
تن ائين هيبت هاڪ ڪي، جيئن سرڻ هُوڙهي بازاء
ان هاتڪ ماري هٿ سين، ڪيائينس پٺي ٿي پرزا
نر لهي نار کنئي، ان جي آهي ڳالهه اها
پوءِ ماڳهين سا مري رهي، پُنا تنهن پساء
سالڪ مونکي سڻاءِ، سمجهي ڳالهه "سليمان" چئي.

[١٠٨٧] تسبيح

تسبيح ۾ سؤ داڻا ٿين، ۽ ڪن تسبيحن ۾ ڏهن ڏهن داڻن تي سَنڌو ٿئي. گهڻو ڪري اڌ رات کان پوءِ نمازي اٿي تسبيح ڦيرين. ڪنهن سگهڙ تسبيح تي معما چئي آهي:

هيءَ جا سهڻي ساڻيهه ۾، جُڙي منجهه جهان
سؤ پٽ، ڏهه ڏهٽا، ڦِري فقيرن ساڻ
سنجهي وِيل سُمهي، آڌيءَ ڪري اوٿاڻ
سو ڪو سگهڙ آڻ، جو ڏي ماهيت ان مذڪور جي.

[١٠٨٨] ٽن ٽَنگن واري ٻڪري

سگهڙ ولي محمد ذات ٻُرو، رهندڙ لس ٻيلو، هڪڙي ڏينهن مال جي پِڙيءَ وٽان اچي لنگهيو. ڏسي ته ٽن ٽَنگن واري هڪڙي پَٺ (ٻڪري)، ٻن ٻَڪرن سان پئي وڙهي. نيٺ پَٺ انهن ٻڪرن کي ماري ڀڄايو. ان بعد سندس ڌڻيءَ سڏ ڪيو، جنهن تي اوڏانهن هلي ويئي. ولي محمد انهي واقعي کي هيٺين معما ۾ نروار ڪيو آهي:

زال ڏٺياسين زور اتي، سفيد رنگ سندوس
سا ٽِلي ڦِري ٿي ٽن ٽنگن تي، امر ائين ئي هوس
نار وڙهي ٿي نرن سين، منهن نه ڪنهن موڙيوس

سا جنگ ڪٽي جواڻ وري، پير نہ پوئتي پيوس
جڏهن سائين سڏ ڪيوس، تڏهن اچي بيٺي امر ۽.

[۱۰۸۹] ٽي ٽول

شيخ حمر ولد ابراهيم (وفات ۱۷۷۶-۱۷۵۰ع) لس‌پيلي جو مشهور درويش ۽ شاعر هو. هڪڙي دفعي ڪنهن ملان ڪي معما ڏنائين، جنهن ۽ هن ڪان انهن ٽن شين جا نالا پڇيائين، جن جي اڃان تائين ڪنهن ڪي خبر نہ پئي هجي. ملان ب ڪيس بيت ۽ ئي معما جو جواب ڏنو. شيخ حمر ۽ ملان جي وچ ۽ ٽيل سوال جواب هن ريت آهي:

شيخ حمر: ڏوئين ڏوري نہ لڌا، ٽول سڏيئي ٽي
ملان! مائيت ڏي، هڪيو "شيخ حمر" چئي.

—

ملان: آپين ۽ ڪپين جي، آهي خبر خالق ڪي
موت مٽي آهي، اصل آدم جي
ٽول اهيئي ٽي، معافي ٿو ملو گهري.

[۱۰۹۰] پگهر

شاعر مٺو شيخ ب لس‌پيلي جو مشهور شاعر هو. سندس ۽ شيخ سائينداد جي وچ ۽ هروڻين جي ڏي وٺ هلي هئي. شيخ سائينداد مٺي ڏانهن معما موڪلي، جا هن پگهر. مٽان وري مٺي شيخ ب ڏانهس "پگهر" تي معما جوڙي موڪلي، جا هن ريت آهي:

ان جي ڏيج مائيت "مٺي" ڪي، پر هن جو ب ڪريج سڙت سماء
تہ نڪي آيو آسمان مان، نڪي ٽيو ظاهر زمين‌اء
نڪي آيو ٻيءَ جي ٻڻيءَ مان، نڪي مرڪڻ چٽيو ماڻ
سو سڙي جيئي "مٺو" چئي، پر ڪونهي سورهيه منجهه ساهه
اهو سڙي چڙي ساهه ري، تنهن جو عجب مونکي آهه
سالڪ سون سڻاء، آن جي مائيت ڏي "مٺو" چئي.

[١٠٩١] چَڪُ (ڪنڀارڪي ڪم جو)

ڏني نالي هڪ سگهڙ شاعر گهمندي ڦرندي ڪنڀار جي دڪان ۾ چَڪ ڏسي ان تي ممما ٺاهي وري پنهنجي ٻئي ساٿي سگهڙ کي سلڻ لاءِ ڏني ته:

جان وڃان واٽ وٺيو، تہ ڏٺم نالي چڱو نر
جان پيو هايُون ڪري هلڻ سان، جانُ پيو آ پاسي ڀر
جي ويامي وڏاندرو، تہ لکين ڄڻي لشڪر
انهيءَ جي اولاد جو، آهي گهر گهر سان گذر
سالڪ سو سڌر، جو "ڏنا" ڳولي ڏٺ کي†.

ٻئي سگهڙ جواب ڏنو ته:

دلو، دانگي، لوٽو، وڃي ٿيو مَلاحن مَٽ
ڪنڀر سندي گهر ۾، متان تو ڦرندي ڏٺو چَڪ!

[١٠٩٢] چَڪِي (انّ پيهڻ جي)

سگهڙ ڪريم بخش ذات لاڙڪ، ضلعي خيرپور جي ويٺل، چَڪيءَ تي هيٺ ڏنل معما چئي، جنهن ۾ چڪيءَ جي عضون ۽ ڪم بابت هي اشارا ڏنا اٿس: ٻہ سڳا ڀائر=چَڪِي جا ٻہ پُڙ. مُنڌ=چڪي. معصوم=آنّ جا ڪٽا. ڪامڻ=چڪي. ۽ چون چڱي پيا يعني تہ سڀئي ماڻهو ان کي چڱو ٿا چون.

---

† ٻي روايت: مولىٰ جي ملڪ ۾، مون هڪڙو نافع ڏٺو نر
وهيو ٿي وقوف سان، ڪامل رکيو ڪر
ويائيو، ويڌيو گهڻو، ٻيو لکين ڄڻيائين لشڪر
ان جي اولاد جو، آهي گهر گهر سان گذر
عالم وڃو عيدون ڪن، هو نٿو ڇڏي گهر
وري پَٺي جو پاڻي ۾، تہ رهيس ڪونہ ڀِنْجهَر
اٿئي مدد مهيسر، اهو مونکي سالڪ سمجهائي ڏيو.

ٻہ سڳا ڀائر پاڻ ۾، ملي منڌ ٿيا
ماري معصومن کي، ڪامڻ قهر ڪيا
چون چڱي پيا، لائين ناهي "لاڙڪ" چوي.

[١٠٩٣] چلم

ڏنو نالي هڪڙو سگهڙ ڪنهن ڪچهري ۾ ويو. ڇا ڏسي ته چلم بلغار تيار آهي. هڪڙو همراهه ڦوڪون ڀري چلم ڦيرايو ٻئي کي ڏئي، ته ٽيون وري اکيون کُپايو ويٺو آهي ته مونکي ڪيڏي مهل ٿو وارو ملي. آخر جڏهن ٽيئي ڄڻا چلم ڇڪي ڍاوا، تڏهن نڙ، چلم جي گرڻ تي رکي هليا ويا. پوءِ اها سڄي روئداد معما جي بيت ۾ بيان ڪيائين. ٻئي هڪ سگهڙ پڻ چلم تي معما جوڙي، جنهن ۾ چلم جي بناوت ۽ عضون جا اهڃاڻ ڏنا اٿس. جيئن ته ٽي مايون=چلم، گوءِ ۽ ٽوپي، جيڪي هڪٻئي مٿان رکجن. آمُلهه=پاڻي، جنهن جي سڄي جهان کي گهرج آهي. ٻي پهاڄ=گوءِ، جيڪا چلم ۽ ٽوپي جي وچ ۾ ٿئي. ٻہ ٻار=هڪڙو تماڪ، ٻيو ٽانڊو. ٽيو مٿي تي=ٽوپيءَ کي ڍڪڻ جو ڊول. مڙس=نَڙ. اهي ٻئي معمائون هيٺ ڏجن ٿيون:

١. ظلم ٿيو آهي زال سان، جنهن تي ٽپي چڙهيا ٽي
هڪڙو لوڌيس، ٻيو چوڪيس، ٽيو سمهڻ نٿو ڏي
ڏاڍو ڏک اٿم "ڏنو" چئي، ته بہ ڏيهہ مان نٿي لڏي
پوءِ بہ تنهن هوندي، ڪانڌ سمهاريو پئي آهي ڪڇ ۾.

—

٢. ٽپي چڙهيون ٽي ڄڻيون، مايون هڪٻئي تي
هڪڙي کي آهي آمُلهه پيٽ ۾، تنهن لاءِ سارو جڳ سڪي
ٻي پهاڄ وچ تي، ٿي ٻنهي کي منهن ڏي
ٽيءَ کي ٻہ ٻار پيٽ ۾، ٽيو مٿي تي
مڙس تني جو هڪڙو، جو ٽنهي کي منهن ڏي.

[١٠٩٤] ڇلو، جو ڌٻڻ ۾ ڪري غائب ٿي ويو

ميون شاهه عنات (وفات. ١١٢٠ هه-١١٢٥ هه) سنڌ جو هڪ اعلیٰ شاعر ٿي گذريو آهي. پيرو کٽي سندس رفيق ۽ هڪ سڄاڻ سگهڙ هو. ميون شاهه عنات ۽ ٻيا رفيق ساڳري درياء جي ڪنڌيءَ تي ويٺا هئا ته پيروءَ جي سگهڙپائي جي ڳالهه نڪتي. ان وقت ڪو ماڻهو پيرو جي ڳوٺ ڏانهن ٿي ويو ۽ ميين شاهه عنات، پيرو ڏانهن سلام موڪليا. ان ماڻهو چيو ته: سائين، اڄ ته اوهين به ڪا پرولي ڏيو ته سلامن سان گڏ اها پيرو کي پهچايان. انهن ڳالهين ۾ هئا جو ڇوڪرن ڪنڌيءَ تي راند پئي ڪئي، ۽ راند ڪندي اتي ڌُٻڻ ٿي پئي. اتفاق سان هڪ ڇلو وڃي ڌٻڻ واري جاءِ تي ڪريو ۽ جيئن ان کي هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائون تيئن اندر گچڻ ۾ قابو ٿي ويو. ميين شاهه عنات چيو ته: ادا! اها پرولي وڃي پيروءَ کي ڏجان ته:

گهُمِر منجهه گهڙي ويو، گهمر منجهه گهڙي ويو.

ان ماڻهو وڃي پيرو کي ميين شاهه عنات جا سلام پهچايا ۽ ان سان گڏ پرولي به ڏني. پيرو ٻڌي چيو ته: ادا!

شاهه اسان ڏانهن موڪلي، سا واهه اسان کي وڻي
اسين شاهه عنات جي، آهيون پيرن جي پڻي
راند ڪُڏندي ريل ۾، متان ڪو ڇلو پيو ڇڻي؟

[١٠٩٥] حضرت آدم عليه السلام

مِيْنهَنِ ولد بادل مگٽهار (وفات اندازاً ١٩٣٠ع) لس ٻيلي ۾ پهريائين اٿل ۾ رهندو هو ۽ پوءِ لڏي اچي وندر ۾ ويٺو. مِينْهَنِ سگهڙ ۽ شاعر هو. ٻئي ڪنهن سگهڙ کيس حضرت آدم جي باري ۾ معما ڏني ته:

سَتِينْ مائين پُٽڙو، هو ايٺِهوڙِيءَ وياءُ(١)
نڪي لوڏيو پينگهڙي، نڪي سانڍيو ماءُ
ڄاڻي هيڪ الله، اهو لکيو آهي ڪتاب ۾.

(١) ايٺِهوڙي = پهريات، پهريون پيٽ ويائل.

مِينْهَنَ آن جو جواب ڏنو تہ:

سَتہين مائين پُٽڙو، اهو هو اِينهينءَ جو وياءِ
تنهن جو پيءُ پيدا ئي ڪونہ هو، نڪو ڄڻيو ماءُ
مولہي تنهن مٽيءَ ۾، سو سائينءَ وڌو ساهہ
سو مائٽ سڀڪنهن جو "مينهَن" چئي، ڪيو پاڻ ڌڻي پيدا
ڄاڻي هيڪ الله، اهو لکيو لوح محفوظ ۾.

[١٠٩٦] حقو ۽ ان مان ڦُٽل سَلو

شاعر نم مگڻهار ۽ شيخ صديق، ٻئي لس ٻيلي جا ويٺل هئا. هڪ دفعي جي ڳالهہ آهي تہ جيئن تہ ڪي ڪاريگر حقہي جي ڪرئہي مٿان ٻيءَ ديوار جو ڍڪ رکندا آهن، ۽ ان ۾ ڳڙ کيون بہ ڪري ڇڏيندا آهن. انهيءَ لاءِ تہ ڪرئہي جو پاڻي ٿڌو رهي. اهڙي هڪ حقي جي ڳڙ کيءَ مان ڪو ٻج جو داڻو وڃي اندر پيو ۽ ڦُٽي پيو ۽ اهو سَلو اڀري سوراخ مان نڪري ٻاهر بيٺو. انهيءَ واقعي تي شيخ صديق معما ٻَڌي، شاعر نم ڏانهن ڏياري موڪلي تہ:

باهہ مٽيءَ جي ڀر مان، سَلو موريو سچ
ڳولي هيئون ڳچ، ڪر پرولي پڌري.

شاعر نم ان جي مراد هن طرح ڪئي:

قابو قلعي ڪوٽ کي، ڳڙ کيون آهن ڳچ
آڻيو اوتين آب جو، تنهن منجهہ رمز چڱيءَ سين رڇ
تت سَلو ڪنهن سوراخ مان، ثابت موريو سچ
عالم آڇين ان کي، ڪوڙو ڪُجسو ڪچ
پر حقو جنهن جي هٿ ۾، سو وٺي ويٺو وچ
سا مون "نم" چئي نروار ڪئي، تون عاقل اوري اچ
ٻيو جو مناري تي مچ، سو ٽوپيءَ تي ٽانڊو ٻري.

[۱۰۹۷] ڏاند (جيڪو زمين کنيو ويٺو آهي)

پراڻي ڏندڪٿا موجب هيءَ ڌرتي هڪڙو ڏانڊ پنهنجي سڱ تي کنيو ويٺو آهي. اهو ڏاند حضرت آدم کان به اڳ قدرت پيدا ڪيو. چون ٿا ته جڏهن ٽڪجي ٽو ۾ زمين سمائي ٻئي سڱ تي رکي ٽو، تڏهن ڌرتي ڏهي ٽي. پاڻ هوا تي بيٺل آهي. سگهڙ سالار مانجهند، ويٺل لڳ سن، ضلعي دادو جي، انهي مذڪور تي معما ٻڌي ته:

اڳ پيدا ٿيو آدم کان، ٿو نالي نَرُ چائي
اپو آهي آتهين، لاڳاپا لاهي
ڪر موڙيندي ڪانڌ ٿو، ڏيهه به ڏکائي
پيرن هيٺ پرس ڪي، هڪ عورت به آهي
"سالار" تون سمجهائي، ڏي ماهيت ان مذڪور جي.

[۱۰۹۸] ڏهه چٽيون

ڪاري طرف جي سگهڙن ۾ هلندڙ معمائن ۾ "ڏهن چٽين" جي مذڪور واريون معمائون مشهور آهن. اتي جي شاعرن مان "ناڻن جت" ٽي گذريو آهي، جو ونگائي جتن مان هو ۽ ڪاري چاڻ مٿان ويٺل هو. هن پنهنجي ٻن همعصرن شاعرن چگي جت ۽ هوت خان صوپاٽي ڏانهن معما ۾ سوالنامون موڪليو ته "ڏهه چٽيون ڏيهه ۾، هيي جيي هت هيون" سي مري ويون يا اڃان جيئريون آهن؟ چگو جت مٿاڻي جتن مان هو، ۽ ڪچ جو ويٺل هو، ۽ هوت خان صوپاٽي مڪان ٻاٻيهو، تعلقي گهوڙاباري جو ويٺل، تن ٻنهي سگهڙن، ڪيس ٻيتن ۾ جدا جدا خيال وارا جواب ڏياري موڪليا. سندن سوال جواب ۾ معمائن جون ٻئي روايتون هيٺ ڏجن ٿيون:

۱- ناڻن جت ۽ چگو جت

ناڻن: ڏهه چٽيون ڏيهه ۾، هيي جيي هت هيون
سرتين جي سينگار ۾، سيٽي ٽي سيون

سي شرع شفيع ڄام جي، گهڻيون گُهر هيون
سي مڙيئي مُيون، ڪِ ڪا جيئري آهي "جت" چئي؟

—

چڱو: سي ناهن جيئريون "جت" چئي، تن جو ميان سڻ مذڪور
هڪ شرع شفيع جام جي، جنهن ۾ ڪٿ نہ آهي ڪوڙ
ٻي ڪرڻ ڪمائي ڪوڏ سين، ٽِي طلب تني جي تُورَ
چوٿين چڱائي تہ "چڱو" چئي، پنجئين حيا ئي حضور
ڇهين سخا شاهہ مردان جي، پتڻ آڪاري پور
ستيئن لڄ سؤنسار جي، جنهن سان من معمور
اٺئين امانت ايمان جي، جنهن سين پريون پنڌ پروڙ
نَوئين هدايت حق جي، جا نسوروئي نُور
ڏهين محبت ماڻهن مان، لڏي ٿي لهغور
سي جهيڻيون ٿيون "جت" چئي، هُئي ڏِسا جن جي ڏور
اڳئين دم دستور، متان اڄ نہ ڏٺئي ڪڏهن.

٢- ناٿن جت ۽ هوت خان صوڀاڻي

ناٿن: ڏهہ ڄڻيون ڏيهہ ۾، حاضر هت هيون
سرتين جي سنسار ۾، سڀئي ٿي سُيون
ننگ نِپيلون "ناٿن" چئي، ڪِ خانن ري کُهيون
ڪِ پوبون پهر پيونِ، ڪِ اوءِ ويچاريون ويون
آوءِ مڙيئي مُيون، ڪِ ان مان جيئري آهي "جت" چئي؟

—

هوت خان: جوڙي سامهيون جت کي، مون چهيٺي آهن چيون
سرت، صحبت، ساڃاهہ سا لنگهي ويئي لڄ ليون (ڪذا)
اميد، آسرو، انسانيت، آني کان وڻ ڏيئي ويون
پت، مت، پريت، ان جون گتون سڀ گيون
... ...
تنين مان ڪانهي جيئري جَتَ! سي مڙيئي مُيون
تو ڏنو ڏس ڏهن جو، مون چوڏهن آهن چيون

هٿ جا اکر "هوت خان" چئي، مون کان وٺ
سڀن جو صحيون
هاڻي چاڙي(١) چغلي، چوري، ڪلفت، ٻيون
ڪوڙيون وڻن ڪهيون
گلا، غيبت، گار گهڻي، ڪري راڄ رهيون
اوءِ تڏهن حياتي هُيون، ڪو هُئن جانب جوءِ ۾.

[١٠٩٩] رپيو

سگهڙ طاهر پٽ رتو، ذات ٻير (عمر ٥٠ ورهيه) پهريائين ڳوٺ گولي ٻير جو ويٺل هو، جتان پوءِ لڏي اچي شهر ٽنڊي الهيار ۾ ويٺو. سن ١٩٦٢ع کان اڳ ۾ هلندڙ رپئي جي وچور جا اهڃاڻ هن طرح ڏنا اٿس: سفيد رنگ وارا پکي=رپيا. ٻه کنيڙاڻيون=رپئي ۾ آڌيا. چار پير=پائليون. سورهن آنا=آنڪون. ٻٽيهه نر=ٽڪا. چوهٽ=پئسا. ٽي ٽي= هڪ هڪ پئسي ۾ پايون. هڪ سؤ ٻيانوي=رپئي ۾ پايون. اهو بيت هيٺينءَ طرح آهي:

خاوند پکي خلقيا، سفيد رنگ سندن
ٻه کنيڙاڻيون کنڀن تي، چئن پيرن چلن
صاف آنا جنهن جا، سورهن ٿي سرجن
ٻٽيهه نر وڏا هئا، چوهٽ ٿيو چڳن
هڪ هڪ جي پيٽ مان، ٽي ٽي ٿي ٽلن
سي هڪ سؤ ٻيانوي ٿيا، گهٽ وڌ ڪين چون
اچن وڃن سڀڪنهن وٽ، ديسان ديس گهمن
"طاهر" چئي تن، مچايو آهي ملڪ کي.

[١١٠٠] سال، ورهيه

هن عنوان تي ٻن سگهڙن جون ٺاهيل معمائون مليون آهن. پهرين معما 'براد' لس ٻيلي جي مشهور سگهڙ شاعر جي چيل

(١) چاڙي=چائي.

آهي، جنهن ۾ سال جي ڀاڱن جا ٽاڻا هن طرح ڏنا اٿس: سڱ=ٻارهن مهينا. پِتا=اٺيتاليهه هفتا يا جمعا. کڙڪيون=ٽي سؤ سٺ ڏينهن. پنج ٽول=ڏينهن ۾ پنج وقت نماز جا. اڇا ۽ ڪارا=ڏينهن ۽ راتيون. آوِي ۽ جاوِي=ڏينهن ۽ رات هڪٻئي جي پٺيان اچن ۽ وڃن.

ٻي معما ٻئي ڪنهن سگهڙ چئي، جنهن وري سال جي ڀاڱن جا اهڃاڻ هن طرح بيان ڪيا آهن: دهدون (ٻارهن)=مهينا. اٺيتاليهه=هفتا. پنج پن=پنج وقت نماز جا. ٽي پن ڇانٽوَ ۾=ٽي وقت نماز رات جا. ٻه وقت سج کي سامهون=ٻه وقت نماز ڏينهن جا. هيٺ اهي ٻئي معمائون ڏجن ٿيون:

١- هڪڙو دُنبو جنهن ٻارهن سڱ، اٺيتاليهه پتا تنهن ۾ ٽي سؤ سٺ کڙڪين جي، کڙڪيءَ کڙڪيءَ پنج ٽول سي سؤ سٺ اڇين جي، ٽي سؤ سٺ ڪارا هڪ آوِي ٻيو جاوِي، ڪل ڪنهن کي نا ثابت سڀ سچا، ڏي باب "براد" چئي.

—

٢- دهه-دون حصا پيدا ڪيئين، سُل اسم ڪهڙو آ اٺيتاليهه شاخون ان کي، ڏنيون ڏاتارا پن تنهن جا پنج آهن، منجهه ملڪ مشهورا ٽي پن تنهن جا ڇانٽئين ۾، ٻن کي سج سامهون آ ماهه سالڪ ڪو ملاءِ، ڏي مايت ان مذڪور جي.

[١١٠١] ست ڏينهن هفتي جا

سگهڙ ميهار مانجهند ويٺل لڳ مانجهند جو، هڪڙي ڀيري مانجهندن جي شهر ۾ جمعي نماز پڙهڻ ويو. اتي وڏيري موسي سان ملاقات ٿيس، ان کي هفتي جي ستن ڏينهن مان جمعي جي ڀلاري ڏينهن هئڻ تي معما ٺاهي ٻڌايئين. پنهنجي بيت ۾ ٽاڻا ڏنئين ته: آدمي=ست ڏينهن هفتي جا، جن جا

نالا مقرر ٿيا. نياڻيون نماڻيون=اربعا ۽ خميس. هڪڙي کي پڳ ٻڌائي=جمعي ڏينهن کي ڀلارو ڪيائون. اها معما هيٺينءَ طرح آهي:

ست آدمي سگهڙ چئي، آيا لطف ساڻ لهي
تن ۾ ٻه نياڻيون نماڻيون، سي اچي ويٺا راڄ رهي
ستنئي پاڻ ۾ صلاح ڪري، هڪڙي ٻڌائي پڳ پهي
ساري ڄمار سهي، اهي مرندا ڪين "ميهار" چئي.

[١١٠٢] سِپ

سگهڙ لالُو لوهار سِپ تي معما جوڙي ٻئي ڪنهن سگهڙ کي سَلڻ لاءِ ڏني ته:

ڏِٺي سون سِيٺ سَتُر ۾، جنهن نه گاذر آڏايو گهر
نڪي واءُ لوڏيو هو وينگس کي، نڪي ڏنائين پاسن هيٺ پٿر
نڪي ستي سيج تي، نڪي ڏٺائين شمس قمر
تنهين سندا ڦر، تون لهي ڏي "لالو لوهار" چئي.

ٻئي سگهڙ هيٺيون جواب ڏيئي معما ڀڃي ٻڌائي:

اچن سوداگر ساٿ جا، ڏيئي ناڻو گهيڙين منجهه گوءِ
ڪي بحرن ۾ برجاءِ اچن، ڪي ولهيون وتن ٿيون ووءِ
ڦر تنين جا پوءِ، متان ماڻڪ اٿئي ملڪ ۾.

[١١٠٣] سُونگي (ناس جي دٻلي)

هڪڙي دفعي لس ٻيلي جي هڪڙي سگهڙ ڪريمڏني ناس جي هڪ سهڻي دٻلي ڏٺي، جا گنبذ وانگر ٺهيل هئي ۽ مٿس چوٽيءَ تي ميربحر جي ڄار وانگر ٽُنگن ٽُنگن سان نقش چٽيل هو. سو ان تي معما ٺاهي اچي شاعر نم کي ڏنائين ته:

ڀوڻندي بازار ۾، جان ديکيم ديدارو
تان گنبذ چڱي گت سين، ڏٺم جڙيو جنسارو

پائجي پهمال ڪري، تنهن منجهه نشو نروارو
سو چُري نہ چپٽي جيترو، جي ثابت هوءِ سارو
جيئن ڪارڻ کڻي قوت جي، مٿي مڇيءَ مارو
آو پڻ آهي ان تي، ٻيو مٿس منارو
ڪر ويهي ويچارو، ڏي ان جي ڪل "ڪريمنو" چئي.

انهي معما جي مراد شاعر نم هن طرح نروار ڪئي تہ:

اها سُونگي سنگين سڦري، جڙي ٿي جنسار
وجهجي گهڻي وقوف سين، تنهن منجهه ناس چڱي نروار
سا سُنگهبي سُرت سماءُ ۾، ٿي ڪري پُر مغز موچار
ٻي جا فهم چڱي سين ڦُلڙي، تنهن تي واڻي ڪنهن وينجهار
اهي پورا ڏيانءِ پار، ڪي اڃان نهاريانس "نم" چئي.

[١١٠٤] صور اسرافيل

حضرت آدم کان اڳ ڌڻي تعالىٰ ٻين ملائڪن سان گڏ 'اسرافيل' کي بہ پيدا ڪيو. مٿس اهو ڪم مقرر ٿيو تہ جڏهن کيس خدا جو امر ٿئي تڏهن صور وڄائي. صور جي ڌڪاءُ سان هيءَ دنيا فنا ٿي ويندي. انهي مذڪور تي کاري طرف جي هڪ سگهڙ حاجي مکڻ جت هيٺين معما ٻڌي:

اڳ پيدا ٿي آدم کان، نالي چڱي نار
نڪي وڏي وڏپڻ ۾، نڪي ٻالڪ ٻار
نڪي مئي، نہ جيئري، نڪي پاڻيءَ پار
ڪندي جوڀن "جت" چوي، آخر منجهه اپار
پاڻهي ٿيندي پڌري، ڀيڙي ساڻ ڀتار
سُٽي هڪل هن جي، ٿيندا گم گهينوار
سالڪ ڳالهه سنڀار، تہ هي مائي ڪهڙي ملڪ جي.

[١١٠٥] قدرت جو انت

سنگر شيخ، لس ٻيلي جي حمراڻي شيخن مان هڪ بيت ڏيندڙ راوي هو. جنهن جي آڏو سنڌ جي "ختنگ" نالي هڪ ڀٽ

قدرت جي انت جو سماء لهڻ بابت کيس هڪڙي معما آڻي پيش ڪئي. شيخ سنگر وري اها معما آڻي شاعر نم کي ڏني. نم چيو ته: ختنگ ڪوڙ ٿو وڍي ۽ ڳجهه ٿو ڳولي، ڳجهه جي وٽس ڪهڙي خبر هوندي. کيس هي جواب چوائي موڪل. ائين چئي نم بيت ڏنو، جو شيخ سنگر، ختنگ ڀٽ کي ڏياري موڪليو. سندن سوال جواب اها روايت هن طرح آهي:

ختنگ: الله جي الک جو، مونکي سنگر ڏي سماء
ته ڪٿي سيءُ سپجي، ڪٿي وهي واءِ
ڪيترا سير زمين جا، ڪيترا پاڻي پاءِ.

—

نم: الله جي الک جي، ختنگ ناه خبر
اهي آهن واءُ سيءُ وجود جا، سندا هٺ هنر
تون ٿو ڳولين ڳالهيون ڳجهه جون، حرص رکيو هر هر
ناري ناري "نم" چوي، جي وڻ وڻ ڏئين ور†
ته به ادا انهيءَ پنڌ کي، ڪنڌي ناهي ڪر
پڙهي ڪنهن نه پڄائيا، اي علم سڀ اکر
مون تو ڪنان سکر، مٿا هڻي موٽيا.

[١١٠٦] قران شريف

قران شريف ۾ سڀني سورتن جي منڍ ۾ 'بسم الله الرحمٰن الرحيم' واري آيت آيل آهي. مگر هڪڙي سورة 'توبه' اهڙي آهي، جنهن جي منڍ ۾ 'بسم الله' هجڻ بدران، سورة جي وچ ۾ آيل آهي. انهيءَ مذڪور تي ڪنهن سگهڙ معما ٻڌي جا هيٺ ڏجي ٿي. معما ۾ آيل خاص اهڃاڻ هن ريت آهن: ٽيهه ڄڻا ٽوليءَ ۾=قرآن شريف ۾ ٽيهه سيپارا. ڇهه ويهون=هڪ سؤ ويهه ايميون. ڪپيو سر ڪنوار جو- الخ=سورة 'توبه' جي منڍ ۾ 'بسم الله' اچڻ بدران وچ ۾ آيل آهي.

† ناري ناري=نهاري نهاري.

ٽيهه ڄڻا ٽولي ۽ ۾، هيڪاندا به هلن
ڇهه ويهون ڇوڪرين جون، وٺيو وڳ گهمن
ڪپيو سِر ڪنوار جو، ٿا اڌ ۾ اڙائن
اهڙا ئي آهن، جي سالڪ سمجهن ڳالهڙي.

[١١٠٧] قلم

احمد ميمڻ، سجاول جي فارسي مدرسي هاشميه ۾ استاد هو، پنجاهه-سٺ سال اڳ وفات ڪيائين. ڪيتريون ئي معمائون جوڙيائين، جن مان 'قلم' تي معما هيٺ ڏني ويئي آهي. جيئن ته قلم هميشه ٽن آڱرين ۾ جهلي پوءِ لکبو آهي، تنهنڪري ان کي 'ٽن گهوڙن تي سوار' جي ٽاڻي سان نروار ڪيو اٿس. اها معما هن طرح آهي ته:

چڙهي جو چالاڪ، ٽن گهوڙن تي گهوٽيو
پاڻ پيادو ٿو هلي، خوشدل مٿي خاڪ
عاقل ڪر ادراڪ، سڌ ڏي اِن سوار جي.

[١١٠٨] ڪڇئون (جيڪو سمنڊ جي وير ۾ لڙهي آيو)

سگهڙ يوسف عرف جوسب پٽ جمال ذات موندرو (وفات ١٩٤٣ع) کارڙي ناڪي (لس ٻيلي) جو ويٺل هو. هڪ ڀيري سمنڊ جي ڪناري تي پاڻيءَ کان گهڻو پري سُڪيءَ تي هڪڙو ڪڇئون پيل ڏٺائين، جو وير جي چاڙهه ۾ کڄي آيو هو، ۽ وير لهڻ وقت سمنڊ کيس ڇڏي ويو هو. ڪڇئون تمام وڏو هو ۽ چُري ڦُري به نٿي سگهيو، انهيءَ ڪري هڪڙي هنڌ پيو هو. وري جڏهن وير چڙهي تڏهن ڪڇئون سمنڊ ۾ هليو ويو. جوسب موندري ڪڇئون جي انهيءَ بيان تي هيٺين معما ٻڌي:

جان ڀُوڻندي ڀُونءَ ۾، ڪيم ناري نرت نگاهه
تان مئل جيوَڏ مردي جيئن، ٿو سُتو کڻي ساهه
سو ٿلهو متارو مضبوط گهڻو، سٽ اهڙي شڪلاءِ

تنهن کي هٿ نہ پير حشمت، ڪانهي طاقت هلڻ جي ڪا
سوز وراور زبون ڪيو، ڪنهن جنهن قهر منجهاءِ
سو ڦوڙائي فراق ۽، پيو ساري سانبيئڙا
هو انهيءَ حالت ۽، توءِ پُڃاس ڪونہ پساهه
سو ٻ-ڻي پهر پيو هو، سڙد تنهن ماڳاءِ
پوءِ وري واهرو وٺس ويجهڙو، جڏهن اچي ٽيو هلي يارهه واهه
ننهن دلاسيو دلگير کي، ڪري دهشت ۽ ڏڪا
تڏهن هن پي پاڻ سنپاليو پٽيءَ تان، ٽيس ان پر اميدا
اهڙيون جوڙون "جُوسب" چئي، ٿو خلقي پاڻ خدا
ڪو هجي سالڪ سمجهڻا، جو ڏئي سائت هن مذڪور جي.

[۱۱۰۹] ڪکر

سگهڙ حاجي محمدعلي ذات ٻهر (سال ۱۹۵۵ع ۽ ۸۰ ورهين جي جمار ۽ وفات ڪيائين.) ارباب عمر جي ڪوٽ جو ويڙل هو. آسمان ۽ جهڙ ۽ ڪکر ڏسي، انهن تي ٻه معمائون جوڙيائين. پهرين معما ۽ ڪکرن بابت هي ٽاٽا ڏنا اٿس: ساڪو=جهڙ. آڪ=ڪکر. مٽن مڏيون مال= وڇون ۽ مينهن. هيرا جنهور جال=مينهن جون ڦڙيون. خدا جي امر سان اهو جهڙ سال ٻ سال موٽيو اچي. ۽ پي معما جا اهڃاڻ هن طرح آهن: ويڙ=آسمان. سُنگ ٻ سامهڙن= ڪکرن جو ميڙ يعني جهڙ. سي وڇون ڪندا مينهن وسائيندا وتن.

۱- ڪهي آيم ڪالهه، ساڪو سات ڏٺين جو
تن آڪ ناهي اپرو، آهن مَيا سي متوال
ري پلاڻ پٽين تي، مٽن مڏيون مال
پيتين پرو ناهه ڪو، آهن هيرا جنهور جال
ماڻڪ موتي سهر سندا، آهي لک لک سندين لعل
اهو ساڪو سال ٻ سال، ٿو آري چام آڻائي.

—

٢- وهندو ڏٺم وير مٿي، هڪ سُنگ بہ ساميڙن
چڪر چمڙا چيلھ ٿي، ڳُتا ساڻ ڳلن
نانگا پنهنجي ناني کي، پيا سارو ڏينهن سجدا ڪن
ڀريا ڀرپور ٿيو، هيڪاندا هلن
هنڌ سڀني جو هيڪڙو، جت لاهوتي لٽين
ان جي ٻاجھ ٻين تي، ڪئي ڏاتر ڏيھ ڌڻين
چڱا ڪي چئجن، جي ڏاها لهن هن ڏور کي.

[١١١٠] ڪڪڙ جا آنا ۽ ٻچا

سگهڙ روشن شاھ، هڪڙي ڏينهن مادي ڪڪڙ کي آري تي ويٺل ڏٺو، جنهن آنا پئي ڦوڙيا. ڪجھ دير کان پوءِ ٻچا آنن مان نڪري اٿي هلڻ لڳا. تڏهن انهيءَ نظاري تي هيٺين معما ڏنائين:

مارن جا ملير ۾، گهر ڏٺم گهاٽا
نڪا ڳلي ڳوٺ کي، نڪا وڃڻ جي واٽا
منڌ وِهي محلات ۾، مٽ ڀڳا ماٽا
پوءِ ڳاٽ کڻي ڳاٽا، رڙهيا "روشن شاھ" ڏي.

[١١١١] ڪنڊيءَ جي ٿڙ ۾ ٿوهر جو وڻ

سگهڙ جوسب موندري، هڪ دفعي ڪَنڊي جي ٿُڙ ۾ ٿُوهر جو وڻ بيٺل ڏٺو، جيڪو مڙس جي قد کان بہ مٿي مورجي نڪتو هو. ان واقعي تي هيءَ معما ٺاهيائين:

ٻٽ ڏٺام ٻہ ڄڻا، ڪي جوڙي جاڳھ تي
هڪ ٻئي مان اظهار ٿيا، امر آگي جي
نر منجهان نر پيدا ٿيو، صحي ڏٺام سي
سي پيا گڏ گذارين پاڻ ۾ حال مڙئي هڪڙي
تن جو اسم جدا، جسم جدا، جدا جاتيون "جوسب" چئي

عجب رنگ آگي پيدا ڪيا، قدرت منجهان ڪي
مونکي سانئر سَلوي ڏي مائت ان مذڪور جي.

[١١١٢] ڪنڊي ۽ کٻڙ جو وڻ

آڳاٽي وقت ۾ 'مٺي' ۽ 'نبي سر' جي رستي تي هڪ هنڌ ڪنڊي ۽ کٻڙ جا وڻ گڏ بيٺل هئا. انهن جون ٽاريون پاڻ ۾ اهڙيءَ طرح ڳنيل هيون جو ڄڻ ته هڪڙي وڻ جي ٽاري ٻئي تي اڀري آهي. اتان سگهڙ 'ملهو' (ٿرپارڪر ضلعي جو) اچي لانگهائو ٿيو، جنهن اهو لقاءُ ڏسي هيٺين معما ٺاهي "پراڳي" نالي هڪ ٻئي سگهڙ کي موڪلي ڏني.

'مٺي' 'نبي سر' جي گهاڙو تي، نالي سجهي نار
بيٺل هئي گهاڙو تي، زمين کان آ ڌار
وجهي ڀاڪر ڀيڻ کي، وڏي ڪوڏ ڪنوار
مرڪ آهي مينهن جو، تڙ جو تونڏ نهار
ڦڳڻ ۾ ٿي ڦرجي، ڏڪارن جي ڏاتار
گهڻي کپي هوم ۾، چونري ۾ چتار
لک پرولي "ملهو" چوي، "پراڳي" کي پهچاءِ
"پراڳا" هي پرولي، سال ڪري سڻاءِ.

[١١١٣] ڪُوڙِي (ڇانهين)

هڪڙي ڀيري وس ٿي، جنهن ۾ شيخ سائينداد آرڻ پوکيو. ان ۾ هڪ ڪوڙي (ڇانهين) ڪنهن ڍڪي ڇڏي. کيٽ ڀيلجي ويا، پر اها پوريل ڇانهين وسري ويئي جا اتيئي وڏي ٿي. ان جي مٿان ڪنهن جانور جو پير اچي ويو، جنهنڪري چگهه ٿي پيس. ان ۾ وري اندران ٻج موريو. شيخ آيو، کوٽائي ڇانهين کنيائين. ڪُوڙي سڄي سربستي نڪتي. رڳو سَلهي ۽ چگهه وارو ٽڪر ڪَڙو، باقي ٻي سڄي مٺي هئي. شيخ سائينداد ان واقعي جي هيٺين معما مٺي شيخ ڏانهن ڏياري موڪلي:

ڪامڻ هڪڙي قدرت سين، خاوند خلقي آهه
تنهن پوريا ٿي پيٽ ۾، پنهنجا ٻار ٻچا
آني مان آت هيڪڙي، ڪنهن ورنهه ڄڻيو وياءُ
قوت تنهن جو ڪڙو، ٻيا هئا مٺا ماکي ماءُ
عجب جهڙي آهه، ڏيج ان سهڻي جي سُڌ "سائينداد" کي.

مٺي اها معما هن طرح سَلي:

ڪُوڙيون، ڪرٽ، گدرا، چڀڙ پوڄ سيئن (١).

[١١١٤] گُگُرين جا ست وڻ

لس ٻيلي جو هڪ سگهڙ ولي محمد ٻرو هڪڙي ڏينهن ڪنهن باغ وٽان اچي لنگهيو ته باغ ۾ گگرين جا ست وڻ گڏ بيٺل ڏٺائين. جن مان هڪ ۾ گگر زياده هو ۽ باقي ٻين ۾ ٿورو هو. ان تان معما ٺاهي اچي پنهنجي دوستن کي ڏنائين ته:

ست ڏٺيوسين ساهيڙيون، جن سڀني هڪ صلاح
تن جو پاڙو هئو پاڻ ۾، پيءُ نه تن کي ماءُ
سي اڻ ڦَريون آهيون، نڪو پيو هون نڪاح
پٽيءَ هيون پيٽ سَين، وڏيءَ ٿيو وياءُ
هاڻي اچي ڳالهه اها، ڪو سالڪ سلهي ڏي.

[١١١٥] ماڪ

ڪنهن سگهڙ 'ماڪ' تي معما جوڙي، ماڪ بابت هي ٽاٽا نروار ڪيائين: سوين پکي=وڻ ٽڻ ۽ ٻوٽا. سمنڊ=ماڪ. پسائي هليا پر=ماڪ جا ڦُڙا وڻن جي پنن تي پيا هئا. ڪيترا پکي وڻ تي اچي ويٺا، ۽ ماڪ ۾ وهنجي ويا، پر اتان پاڻي پي نه سگهيا. اها معما هيٺ ڏجي ٿي:

(١) اسان کي هن بيت جي فقط هڪ مصرع ملي آهي.

سوين پکي سمنڊ مان، پُسائي هليا پر
هنجھ هيڙا ڪيترا، تاسيا رهيا تتر
توڙي رهيا منجھ جر، چڪون مليو تن ڪي.

[۱۱۱۶] ماکي جون مکيون

ماکي جون مکيون گلن ڦلن جو رس چوسي وڃي ماناري ۽ گڏ ڪن. پوءِ ماڻهو ماکي لاهي ان مان فائدو وٺن. انهيءَ مذڪور تي ڪنهن سگهڙ هيٺين معما ٻڌي:

مينهون آيون ملير ڏهون، چهيڪ چنائون
سوپاري تنهن تڙ جو، پاٽي پيتائون
جڏهن ڏُڏائون، تہ عالم آسودا ٿيا.

[۱۱۱۷] ماءُ جي ٽچ

ماءُ جي ٽچ جو تلاءُ يا تڙ ڪونہ ٿئي. گهٽو ڪري هرڪو ساهوارو ماءُ جي ٽچ تي پلجي، پر رڳو پکي آهن جيڪي ماءُ جي ٽچ ڪونہ پين. انهيءَ بيان تي ڪنهن سگهڙ هيٺين معما ٺاهي:

نہ آهي تڙ، نہ ڪنهن ماڳ تلاءُ
ميرون مانگر سڀ پين، پٽي پاتشاهہ
پر انهيءَ تڙ مٽاءُ، پکين پيتوئي ڪينڪي.

[۱۱۱۸] مڇر

سگهڙ مٺي شيخ (لس پيلي جو)، مڇر تي معما چئي، جنهن ۽ هن مڇر جي انهيءَ خاصيت جو خاص طرح اهڃاڻ ڏنو آهي تہ مڇر اچي چڪ هٽندو، ۽ جي نہ هڪلبس تہ ايترو رت پيئندو جو اتيئي ڪري پوندو ۽ مري ويندو. مٺي جي اها معما هن ريت آهي.

جيوت هڪڙو جهان ۽، خاوند خلقيو آهہ
سو چلي وتي چوغان ۽، لنگهن پيو ليلاءُ

جڏهن خوشي ٿيس کاڄ جي، کاڄ تڏهن ٿو کاءِ
کيَندي ان کاڄ مان، ٿو اچيس موت مٿاءُ
جوڙي جلد ٻُڌاءِ، ماهيت ان جي "مٺو" چئي.

[١١١٩] مسجد

مسجد سڳوري سڪي زمين تي ماڻهن سان آباد رهي. چون ٿا ته آخرت ۾ مسجد نمازين کي کڻي بهشت ۾ رسائيندي. انهيءَ مذڪور تي ڪنهن سگهڙ هيٺين معما ٻَڌي آهي:

آءٌ سهڻي سا چوان، جا سُڪي ۾ سائي
نڪي ڀري ڀونءِ تي، نڪي تڙ مٿي آئي
سَتي سوائي، ثابت لنگهندي سير مان(١).

[١١٢٠] مور ۽ ڊيل

مور پکين ۾ سهڻو پکي آهي. چون ٿا ته جڏهن ڊيل سان آر ڪري، تڏهن نچندو آهي، پوءِ سندس اکين مان لُڙڪ وهن، اهي ڊيل جهٽي ۽ ان مان پيٽ ٿئيس. ان بيان تي سگهڙ مٺي شيخ هيٺين معما چئي:

جيوت هڪڙو جهان ۾، آهي گُل چڱو گهينور
ان کي جڏهن اچي آنٽ عشق جو، تڏهن هوءَ ڪامڻ رکيس ڪر
هو آب پياري عينن مان، جال تنهين کي جر
هوءَ تنهن مان حامله ٿئي، تنهن کي فائق ڏئي ٿو ڦَر
وير ڪري ويچَر، تن جي ڏيج ماهيت "مٺي" کي.

[١١٢١] ميڻ بتي

شاعر احمد ميمڻ، هيٺ ڏنل معما ۾ 'ميڻ بتي' جو هن طرح بيان ڪيو آهي ته: هڪ ميڻ بَتي سهڻي ٺهيل

(١) ٻي روايت (ڪوهستان):
اسين سهڻي سا چئون، جا آهي سڪي مٿي سائي
نه گهڙي ڪنهن گهير ۾، نه ڪنهن تڙ مٿي آئي
هاڻي سالڪ ڏيو سائي، نالو انهيءَ نار جو.

هوندي آهي، ٻيو ٻَري سهائو ڪري. ان جي روشنيءَ تي ڪئين پتنگ ۽ جيت اڇيو ٻيرا ڏين، ۽ لاٽ ۾ سڙي وڃن، پر هوءَ بيپرواهيءَ سان ٻرندي رهندي آهي.

صورت ٺاهي سهڻي، ڪئي ڪاريگر ڪمال
اونچي ڪنڈ عجيب سا، جلوي سان جمال
عاشق ان جي عشق ۾، ڪن پنهنجو حال زوال
مرڻ تي مشتاقن جي، رکي نہ خاص خيال
پڇي نہ بيپرواهي کان، ان جو حال احوال
ايءَ عجب جا افعال، هر جاءِ ٿين حسن کي.

[۱۱۲۲] نار جي ٺهڪ ۽ ڦرهيون

نار جي چڪر ۾ چوڏهن ڦَرهيون ٿين، ۽ ٺهڪ انهن سان ٻڌي لهڪندي آهي. هڪڙي سگهڙ اهو ڏسي پنهنجي هڪ دوست سگهڙ کي معما ڏني تہ:

وائڙيو ٻيلو آ واٽ تي، سينسي کي ساهيو
انهيءَ کي سمجهايو، جو هرڪنهن کي ٿو هٽ وجهي.

انهيءَ تي ٻئي سگهڙ ٺهڪ جو اشارو سمجهي، نار جي چوڏهن ڦرهين جو اهڃاڻ ڏنو تہ:

چوڏهن چٽيون چاهه مان، ٽيون واري تي ورن
سي سيئي اڇيو سهٽيون، ڏولي ٻي وٽ ڏرن.

[۱۱۲۳] وڻ گيدوڙي جو (ندي‌ءَ ڪناري تي ٻئي وڻ مان ڦٽل)

هڪ دفعي نم شاعر ڪنهن ندي‌ءَ جي ڪپ تان ٻڌي ويو تہ واٽ تي ڪرڙ جي هڪ وڻ جي پاڙ ۾ گيدوڙي جو وڻ ٻيٽل ڏٺائين. شايد ڪنهن پکيءَ گيدوڙو کائي ان جو ٻج اتي ڪٽي ڦيٽو ڪيو هو، جنهن مان گيدوڙي جو وڻ پيدا ٿي پيو هو. سو انهيءَ نظاري تي معما ٺاهي حيدر سگهڙ (لس ٻيلي جو) ڏانهن ڏياري موڪلي تہ:

ديکيم ڪنهن ديدار سين، ڪونديءَ پاسي نر
ٻيو جو نرنانءُ نالي تنهن نر مان، اُڀري ٿيو ازگر
سو بنان ڦُول فڪر جي، ڦُٽيو جهلي ڦَر
ٽي تنهن جي نسبان نروار، اچي ڪامڻ ڪڍيو ڪر
تنهن جو ميوو موچارو گهڻو، جنهن ۾ حڪمت ۽ هنر
سا پدمڻي پيدا ٿي، جنهن ۾ ڪونهي زور زهر
ڪو هوءَ عاقل اڪابر، ته ڪري نهار اُن جي "نم" چئي.

تڏهن سگهڙ حيدر به اُن معما جو جواب ڏياري موڪليو ته:

ڀُوڻندي باغات ۾، جي تو ٽول ڏٺا ٽيئي
ندي، نياڻ نڪونج جي، ٿي وهندي تيان ويئي
تِتي نيڻ ڪيا تو نِم جي، ٻاجهه منجهان ٻيئي
پيڙ جو پيدا ٿيو، تنهن مان تِتي ئي
سو ٽڙي نگيو ٽانگ مان، ڪار ڪري ڪيهي
ٽِي ڀَري تنهن جي ڀرسان، جا ننڍڙي نِگيئي
سا گيدوڙي ڪنهن گت سين، پڌري ٿي پيئي
آهن ٽول اهي ٽيئي، ڪي اڃان پڇايانس پيچرو؟

باب ڏهون

پولن واريون روايتي منظوم معمائون

[هن باب ۾ معمائن جو اهو مواد شامل ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ اڪثر هڪڙو سگهڙ شاعر ڪنهن ڏنل واقعي بابت هڪ مصرع ٻول طور ڏئي، ۽ ٻيو سگهڙ مختلف مضمون وارا بيت يا ٻول چئي، معما کي کولي. اهي معمائون مڙيئي منظوم آهن ۽ مصراعن ۽ بيتن جي صورت ۾ چيل آهن. ان قسم جون معمائون ڪن شاعرن پاڻ سيڻيون پر کي بنا نالي سڃيءَ سنڌ ۾ روايتي طور هلندڙ آهن. اهڙين پولن وارين عام روايتي معمائن ۾ "اڃان ويڻي ڪنيون ڪٽي"، "پاڻيءَ ۾ پڙلاءُ"، ۽ "ماس مٿي ٽوڪاءُ" وغيره عام رائج آهن. سنڌ جي ڪن پاڳن ۾ اهي معمائون "مامو ۽ ڀاڻيجو" جي نالي سان عام مشهور آهن. شاعرن مان شيخ حمر، شيخ ابراهيم، صابر موچي، حاصل فقير وسائي پوڻي ۽ ٻين معمائون ٻڌيون، جن مان کي کين ٻين سگهڙن يا شاعرن کان کولڻ لاءِ مليون، ۽ کي معمائون وندر ۽ ورونهه خاطر ڏنائون يا پاڻ تہ کوليائون يا پاڻ. مثلاً شيخ ابراهيم جي جوڙيل معما "جاد مڙيئي جنڊ".

هن باب جي آخر ۾ ڏنل ٽي روايتون "ڪوهه مٿي ٽي ڪڙن ڪڙن"، "روئهي لڙڪ لوئي" ۽ "ويٺو دونهان جهٽي" موجوده وقت جي سگهڙن، آکاڻين روايتي معمائن جي نموني تي جوڙيون آهن.]

[۱۱۲۴] اڃان ڪُنيون ڪُٽي، سا ويڻي ڪنيون ڪٽي

هڪڙي مائي پنهنجي مڙس کي روزانو ٻنيءَ تي مانيءَ رسائڻ ويندي هئي. هڪڙي ڏينهن خيال ڪيائين تہ چو نہ

اڄ مڙس کي ڪُٽِي ڪُٽِي کارايان. سو ميدي جون مانيون پچائي، ان ۾ جهجهو گيهه، کنڊ ۽ جيرو وجهي، ڪُٽِي ڪٽيائين. پوءِ مٿان مکڻ جو چاڻو رکي، ڪُٽِي ڪپڙي سان ڍڪي، مٿي تي کڻي مڙس ڏانهن رواني ٿي. وڃڻ واري گس سان هڪڙي گهٽيءَ ۾ ڪو ڏاڙهڻو ڪارو ڪُتو ويٺو هو. مائيءَ جو به آتان لنگهڻ ۽ ڪتي جو جهٽ هڻڻ. مائِي وڃي ڊَٺِي. ڪيڏانهن وئي ڪُٽِي ته ڪيڏانهن ويو مکڻ. مائي ويچاري ڪپڙا لَٽا ڦاڙائي، جيئن تيئن ڪُتي کان جند ڇڏائي اچي گهر ڀيڙي ٿي، ۽ مڙس لاءِ ٻيهر ويهي ڪُٽِي ڪُٽڻ لڳي.

ڪنهن سگهڙ اهو سمورو لقاءُ پئي ڏٺو، تنهن معما جوڙي ٻئي ساٿي سگهڙ* کي ڏني ته: ”اڃان ڪُٽيون ڪُٽِي، سا ويٺي ڪُٽيون ڪُٽِي!“ سگهڙ ويچار ڪري انهيءَ معما سَلڻ لاءِ جدا جدا خيالن تي بيت ڏيندو ويو. پر معما ڏيندڙ سگهڙ چئيس ته: نه ادا، اڃان ڪُٽيون ڪُٽِي. آخر جڏهن مائيءَ جي ڪُٽين ڪُٽڻ جو بيت ڏنائين، تڏهن سگهڙ چيو ته: ها ادا، اِها ٿي ڪُٽيون ڪُٽِي.

سنڌ جي مختلف حصن مان مليل روايتن ۾ معما جي ڏيڻي مختلف آهي. جيئن ته:

١. مون جا ڏٺي مهري، سا ٿي ڪُٽيون ڪٽي.

—

٢. اڃان ڪُٽيون ويٺي ڪُٽِي.

—

٣. ويٺي ڪٽيون ڪٽي، اڃان ٿي ڪُٽيون ڪُٽي.

هن باب ۾ جدا جدا هنڌن تان روايتون قلمبند ڪيون ويون، جي هيٺ ڏجن ٿيون.

---

* ٻين روايتن موجب هي معما (١) ڀاڻيجي، مامي کي ڏني، (٢) احمد، ولو کي ڏني يا (٣) شاگرد، استاد کي ڏني.

روايت -١

مون جا ڏٺي مهري، سا ٿي ڪٽيون ڪٽي.

١- متان مڪر مليدا ڪري، هُوءَ ڍُٽي کائي ڍَڪي
سا گود ڏٺي "گاد" چوي، چري لَڪي چَٽي
سو سڀ گنوائي ٿي گدلي، ٿو جيڪي مڙس کَٽي
خرچ جنهن جا کپت جهڙا، هٽ ڏهاڙي پَٽي
در اڳيان جو اچي ويٺس، ڪِراڙ ڪاغذ پَٽي
تنهن سَنهيءَ سُئي سؤ ڪڍيائينس، ڪوڏي آتي ڪَٽي
سا مَڪر دُلي، بي قُربي، هَڏ نه رهي هتي
تنهن ڪُرَ ڪميڻيءَ ڪانئر وڌس، لٻر لوٺيءَ لُٽي
سو ڏينهن ڏمر آيو ڏم کي، تنهن سوڙهي ڪئي آهي سَٽي
متان تيلانه ٿي ڪٽيون ڪٽي؟

٢- متان لڄ ڀري هئي لَڄڻي، سا ڪَٽو گهر نه ڪَتي
پر مُنڌ پرائي مارڪي ٿي نار اڀيو نچي
سو آيس ڪانڌ ڪم لاءِ، تنهن ڏٺس اچي آتي
تڏهن ماڻهن ۾ ڪين ڪڇيائين، اندر ۾ ٿو پچي
تنهن ڪوٺي گهر ڪُٽ ڪڍيائينس، دٻڙ دَونس دَسي
متان تيلانه ٿي ڪٽيون ڪٽي؟

٣- متان ٻج پرائيءَ ٻنيءَ ۾، ڪنهن ڇَهل وڌو ڇَٽي
سو هاڙٻ سَلو سر ٿيو، هو ڦلارجي پيو ڦُٽي
سو اصل ويندو اپني هو طرح ته به نه مَٽي
سو چُري لڳو آهي چوريءَ کي ٿو گهر پنهنجو پَٽي
سو جهليو پليو نه رهي، هوءَ ٿي پنهنجو ڪَرم پِٽي
متان تيلانه ٿي ڪٽيون ڪٽي؟

روايت -١: هيءَ روايت حيدرآباد مان مرحوم مرزا گل حسن "احسن" ڪربلائي کان مليل قلمي بياض تان آتاري وئي.

٤- متان مڙس مَئي ماڻ ڏنس، آنّ ڏهاڙي کُٽي
سو چؤپهرو چاري ٿيو، پير لڳڙو وَتي
هن کي هير هرکر هئي هڏ ۾، سا طرح ته به نه مٽي
هن جو اوٿڪ هو به عجيب، سو لالن پاسي تي
هن به سِري سِري هٿ وڌس، گهوڙي وڌي آهي گهُٽي
متان تيلانه ٿي ڪُٽيون ڪُٽي؟

٥- متان ٿي پلڪ پٽي، ته ڪونهي هوت هنڌن تي
سا جاڳي هوند جتن لاءِ ته صبح نه ويس سُتي
سا مدي ڏيرن من ۾، آيس ڪيچئون ڪيچي ڪَٿي
سو ور وٺي وڻڪار ويس، هئي آهوري هتي
سو لڳس ٻاڻ ٻروچ جو، ٿيس اورڻ جتي تتي
متان تيلانه ٿي ڪُٽيون ڪُٽي؟

٦- متان رُڪ پٿري راند وڌائين پاڻ ماڙيءَ مَٿي
سا هاتڪ هزارين کڻي ٿي کوهه اندر گهتي
سو ڪل ڀڃي ڪاهي ويڙس، تر ڪيائينس تِتي
سا سُومل سُتي مومل ڀرسان، ڊوهه ويس وٺي
متان مومل آتان مينڌرو، ويو اها محبت مَٽي
متان تيلانه ٿي ڪُٽيون ڪُٽي؟

٧- چارڻ سندي چِت هئي ڪا مدي من منگتي
سو ريجهايائين راوَ کي، ڪنهن سرندي جي سُر تي
توڻي ڏينم پهل پٽولا، توڙي ڏينم لک لُٽي
آءٌ آهيان سوالي سِر جو پرجهي آءُ پِڙ تي
تنهن ڪُڏي نام ڪريم جي، ڏنو ڪوٺي سِر ڪُسندي
سو گردئون گرنار جي هو سؤ راڻين سُتي
سُتي سورٺ سٽيائون، مورهون وڌي ٻائي ٻاڪر ٻُٽي
سا آهون آلاپون ڪري، متان اها روئي پِٽي
متان تيلانه ٿي ڪُٽيون ڪُٽي؟

٨- متان جنهن کي سڪ ساهڙ جي سا آڌيءَ رات اٿي
سا دلو کڻي دل سان، آئي درست درياهه مٿي
جت ڪُنن ڪڙڪا ڪيا ٿي، لهرين مٿان لٿي
آتي ڪاريءَ رات ڪچي گهڙي تي سينو رکيائين سٿي
تڏهن واگهن وات پئي، آت سيسر وڌس سٽي
۽ موج متي مهراڻ تي ڇَرين وڌيس ڇٽي
آتي ڀڳس ڀيلو ڀر ۾، وڌي فراق ڦٽي
متان تيلانه ٿي ڪُٽيون ڪُٽي؟

٩- عمر آندي مارئي، ڪا مٿان جهنگؤن جهٽي
سا پياڪ ناهي پيالن جي، واقف آهي وَٽي
سا سُمهي ڪيئن سيجن تي، جنهن کي ساءُ نه اچي سُٽي
سا مارن ڪارڻ مارئي قيد ڏهاڙا ڪٽي
آڻ تڻ هيس انهن سان، جنم جن سان جِٽي
سا پٽ پٽيهر بافتن تي، لوئي مور نه مَٽي
جنهن جو مکڻي، موٺ، مُنگهن تان هينئون هڏ نه هَٽي
سا ساري گهڻو، سڪيس هينئون، ماڳ مينهن اٿي
متان تيلانه ٿي ڪُٽيون ڪُٽي؟

١٠- ليلىٰ خاطر مجنون ٿو سُڄ بر ۾ سُڪي
سو نينهن نهوڙي ناڙ ڪيو، آتي بيٺو بَڪي
سو رڻ ۾ راتيون، ڏکيا ڏينهن، طلب سان پيو تَڪي
ڪو دايو گهميو ٿي ديهه ۾، تنهن ڌَميل ڏٺو ڌڪي
متان تيلانه ٿي ڪُٽيون ڪُٽي؟

١١- هير کيڙي کان ڀڄي، جهل پل ماءُ چُڪي
سا اچيو ڪانهن چيريو وڃي، ڪنهن جهوڪ ضرور جهُڪي
ناهي ڪو دارون دل لڳيءَ جو، هن کي ساءُ نه اچي سُتي
سا تن ۾ تار تنهن جي لهي هيٺ ڇڙهي مٿي
سا لَنءُ رانجهي جي لعل ڪئي، ٿي پلپل پيرا پُڇي

سا مِڙي سهيلين جهلي آهي، هوءَ تَتي لوهئون تِتهي
متان تيلانه ٿي ڪُٽيون ڪُٽهي؟

١٢- متان بديعل ٿي بناءُ ڪري، تنهن سيفل ڪارڻ سِڪهي
سو سعد وزير ساڻ کڻي، لوڪئون پيو لِڪهي
سو تخت هزاري ترڪ ڪري، ڇپر ڏي پيو ڇِڪهي
سو پاڻ پتوڙي پرزا ڪيو ڌوم مچايو ڌڪي
سو لڳو پهه پرين جي ڪنهن هاءِ هار مُٺهي
متان تيلانه ٿي ڪُٽيون ڪُٽهي؟

١٣- جِيرو وجهي جُنگ پڪائين، ڪانڌ ڪارڻ مِٺهي
سا سَتي هلي سَٽون ڏيئي، ور ڳوليندي وَتهي
سا سَتياوان، سِيل سنڀالي، سانول ڪارڻ سِڪهي
سَنهيءَ گهٽيءَ سَٽ ڏنائين، دَسِي ڪاري ڪُتهي
سچو نانءُ ڌڻيءَ جو سچ، ڀڳي پرولي هتهي
متان تيلانه ٿي ڪُٽيون ڪُٽهي؟

روايت -٢

ويٺي ڪُٽيون ڪُٽهي، سا اڃان ڪُٽيون ڪُٽهي.

١- گاج گڏهه گاڏري، چري هِرِي چَٽهي
ميو، تاريو، مڙس ڏئي، انّ ڏهاڙي کُٽهي
آيس واڻيو اوچتو، سو ويٺو وهي پَٽهي
ساري کڻي سؤ ٻڌائين، چانئٺ مٿي چَٽهي
هو نيڻ ٽمايو ناز مان، ويٺي روئي پِٽهي
متان اها ٿي ڪُٽيون ڪُٽهي؟

٢- ٻج پرائي ٻنيءَ ۾، ڪنهن ڇاهل وڌو ڇَٽهي
هاڙپ ٻوڙو آڏ اتي، ڦُلهارجو ٿو ڦُٽهي
متان اها ٿي ڪُٽيون ڪُٽهي؟

روايت -٢: ماهنامو "نئين زندگي" فيبروري، ١٩٥٥ع تان ورتل.

٣- مَنَهن پرائي مارڪهي نار بيٺي نچي
مڙس تنهن جو ٻاهر هو، تنهن اچي ڏٺي تِتهي(١)
ماڻهن جي ملاحظي کان، هو پَرَ ۾ بيٺو پچهي
سڏي نيئي گهر ڏنائين ڌوڪ ڌٻر ڌَچهي
هُوءَ نيڻ ٽمايو ناز مان، ويٺي روئي پِٽهي
متان اها ٿي ڪُٽيون ڪُٽهي؟

٤- چوري ٿي چڱي جي، جنهن کي لوفر ويا لُٽهي
مونجهاري ۾ مُکي سو وڌو غريب گهُٽهي
ڏيو اوڇنگارون آزي ڪري، ٿو پنهنجو ڪرم ڪُٽهي
متان اها ٿي ڪُٽيون ڪُٽهي؟

٥- وال سَموڙي، ٻَنْهَنْ چوڙي، پَن مهيندي ڪَڪهي
ٻانهن اوري، چُوڙا چاڙهي، نَٿ هزارڻ گهتهي
ٽانڊي دا بهانا ڪِيتي، يار ڳوليندي وتهي
متان اها ٿي ڪُٽيون ڪُٽهي؟

٦- چپ چٽڻي، چُلهه ٽَپڻي، لوٽي لچي، منهن چَڙهي مَٽهي
مڙس آيس سؤنٽو کڻي، تنهن وڌس مٿو ڦٽهي
سا موچڙن جي مار کان هت ويٺي ڪرم ڪُٽهي
متان اها ٿي ڪرم ڪُٽهي؟

٧- زال مڙس جي محبت گهڻي، پر ڪال وڌا ڪَٽهي
وڃن سي ولين تي، اچن سُکائون سِٽهي
ڪن عرض الله کي تہ من ڪو اسان کي بَچهي
لوڙهه تن کي لوهه ڪيو، پنهنجي لاءِ ٻَچهي
ازل آيو اوچتو، جو مڙس کي ويو مَٽهي
متان اها ٿي ڪُٽيون ڪُٽهي؟

٨- ٽوئي جيڏو جُنگ پچائي، چاڻو مکڻ وَٽهي
سوڙهي گهٽي سپريان جي، ڪاري جهليس ڪُٽهي

(١) ٻي روايت: ڪانڌ بہ آيس ڪم تان، وڌئينس دٻڙ دسي.

سا ڌڙ هيٺ ٽنگون مٿي، وٽو هٿ مان ڇُٽي
متان اها ٿي ڪُٽيون ڪُٽي؟

روايت -٣

اڃان ڪُٽيون پئي ڪُٽي، ويٺي ڪُٽيون ڪُٽي

١- ساز سُرندا سَر ڪري، ڳڙهه جي پاسي ڳُٽي
وڍي سر راوَ ڏياچ جو، چانئٺ مٿي چُٽي
متان تيلانه ٿي ڪُٽيون ڪُٽي!

٢- مومل کؤن جو مينڌرو، ويو محبت مَٽي
راڻو ريڌو رَءِ سان، جو رنگ محل ۾ رچي
متان تيلانه ٿي ڪُٽيون ڪُٽي!

٣- ليلىٰ خاطر مجنو، ٿو ٿر بر ۾ سُڪي
نِنڌي نيئڙي ناڙ ڪري، اندر ۾ ٿو بَکي
آيس دايو دِهه ۾، جنهن وڌو ڌمالي ڌڪي
متان تيلانه ٿي ڪُٽيون ڪُٽي!

٤- ساهڙ ڪارڻ سهڻي، واهڙ ترندي وتي
ڀيلو ڀڳس ڀر ۾، جا لُڙهي لوڪ سُتي
متان تيلانه ٿي ڪُٽيون ڪُٽي!

٥- پنهل ڪارڻ سسئي ماندي، جبل جهاڳيندي وَتي
ساهه ڪيائين صدقو، پنهنجو ڏاگهن ڏيرن تي
هُو به ڇڏي ويس هيڪلو، ڪري ڇوري ڇپر آتي
متان تيلانه ٿي ڪُٽيون ڪُٽي!

٦- رن گدلي "گادُ" چئي، جنهن کي ٻار هئا ٻه-ٽي
چنبو چَٽو هُن کي هڻي، ڪنهن گهورئي وڌا گهُٽي
متان تيلانه ٿي ڪُٽيون ڪُٽي!

روايت -٣: هيءَ روايت اتر (تعلقي روهڙي) مان عبدالرزاق ميمڻ کان ملي.

۷- ڪاري ٻوريءَ آنّ ڪيڏائين، ويڻي ٻيءَ پَنھُ ٻُڌي
چڙي چنڊي جنڊ تي رکيائين، ڳاري آتي ڳُٽي
سنھو آنو سير پيڻائين، وڃي منجھ وڌي
ڪٽي هلي سا خوش ٿي، شوقئون ڪُٽي ڪُٽي
سوڙهي گھڻيءَ سَٽ ڏيئي، سا دَسي ڪاري ڪُٽي
هَل ڙي ڪُتا، سائين مُڙا، آءٌ جيٽر پھچان آتي
متان تيلانه ٿي ڪُٽيون ڪُٽي!

[۱۱۲۵] پاڻيءَ ۾ پڙلاءُ، ٻڏم پاڻيءَ ۾ پڙلاءُ

روايت ـ ۱ : هڪڙي مائي دِلو ڪٽي، پاڻي ٻرڻ لاءِ هَرلي تي آئي. مائيءَ دلو آڻي نيسر تي رکيو ۽ نيسر جي منھن وٽان وڻيءَ سان پاڻي ڀري، دلهي ۾ وڃڻ لڳي. نيسر جي منھن ۾ پاڻيءَ جي ڪاڏ سبب ڪَڏ هئي، ۽ ان ۾ پاڻيءَ جو گھيرو هو. اتفاق سان مائيءَ جي هٿ مان وڻي ڇڏائجي، پاڻيءَ جي گھيري ۾ ڦيرڻ لڳي. مائيءَ وڻيي ڪيڏ لاءِ پاڻيءَ ۾ هٿ وڌو، پر جيئن تہ وڻي پاڻي ڦيري، سو مائيءَ جي پانھن ۾ پيل ڪَنگڻ سان لڳي "ٽَٽُون ٽَٽُون" جو آواز ڪرڻ لڳي.

ڪو سگھڙ ٻ آن مھل آڇائجي، پاڻي پيڻ لاءِ هَرلي تي اچي نڪتو. تنھن اهو نظارو ڏسي، ان تي معما جوڙي، ۽ موڻي اچي پنھنجي ٻڌي سائي سگھڙ* کي ڏنائين، جنھن هيٺين طرح بيت چئي معما پڇي ٻڌائي:

روايت ۱ـ: هيءَ روايت سگھڙ جاڙي خان مري، ويڻل لڳ ٻوٻي، تعلقي سانگھڙ جي زباني قلمبند ڪئي ويئي.

ڪن ھنڌن اِها روايت "مامي ۽ پاڻيجي" ڏانھن منسوب آھي.

پاڻيءَ ۾ پڙلاءُ، ٻڌم پاڻيءَ ۾ پڙلاءُ

—

١- مينهون تن ميهارن جون، پَهريُون ساجهر سويرا
ٻُريون ٿي ٻيلي ۾، جِت ڪَچا ڪانهَن هئا
ڏيئي ڦوڪون فرحت جون، آيون منجهه اوڙاهه
اچي پيون پُور پاڻي ۾، اَت ڪنهن ڪُنڍيءَ ڪيو ڪَٽڪاءُ
متان اهو ٻڌئي پاڻيءَ ۾ پڙلاءُ؟

٢- ڳئون تن ڳنوارن جون، وريون چري پَٽ چريا
ساوا گاهه سانوڻ جا، جت مينهن مانڊاڻا ڪيا
آيون ڀَٽاريون ڀاڻ تي، جِت هئا دونهان ڌراڙن جا
ڪڍي ڦَر ڦِٽا ڪيئون، جي مِڙيا مائُن کان
ٿيا ٿي اَت ٿانءُ ۾، مٿان گهوگهٽ گُوهن جا
متان اهو ٻڌئي پاڻيءَ ۾ پڙلاءُ؟

٣- نُورا هئڙا نار کي، جا گهڙي گهيڙ منجهاءُ
تنهن پير پڇنڊيا پاڻيءَ ۾، ڪنهن ڪڙيءَ ڪيو ڪڙڪاءُ
متان اهو ٻڌئي پاڻيءَ ۾ پڙلاءُ؟

٤- قادر ڪنگ اَپائيا، رکن چڀڙ ساڻ چاءُ
هڻن ڀَن ڀَڙڪا ڪريو، ڪڍن ڪُرڙن کي ڪستاءُ
متان اهو ٻڌئي پاڻيءَ ۾ پڙلاءُ؟

٥- چلم چڱيري چس سان، هئي اميرن اڳياءُ
ڪڍن ڦوڪ فڪر جي، هُو پئي ڪري ٺڙ ٺڙ ٺڪاءُ
متان اهو ٻڌئي پاڻيءَ ۾ پڙلاءُ؟

٦- ڪِن ڇِڊو پاڍو چاڙهيو، ڪيئون گذر غاريبا
ڀريو ڏئي هو ڀاتين کي، پيالا پرت منجهاءِ
تنهن ڏوئي ڏيهاڻي ڪيا، پئي ڪُني ۾ ڪڙڪاءُ
متان اهو ٻڌئي پاڻيءَ ۾ پڙلاءُ؟

٧- وَٽِي وَٽُوڙي هٿ ۾، هئي عجيبن اڳياءُ
پاڻي ڀريئون ٿي پِرت مان، سا ڇُٽڪي ڇوهه منجهاءُ
ڪڙڪِي ڪنگڻ تي لڳي، پئي ٺڙ ٺڙ ڪري ٺڪاءُ
متان اهو ٻڌئي پاڻيءَ ۾ پڙلاءُ؟

روايت -٢

ڪنهن سگهڙ وٽو، مَٽ ۾ وڌو. اتفاق سان وٽو هٿ مان ڇڏائي ويس، ۽ 'بڙ بڙ' ڪندو وڃي مَٽ جي تري ۾ پيو. ان تي معما جوڙيائين ته: "پاڻيءَ ۾ پڙلاءُ، ٻڌم پاڻيءَ ۾ پڙلاءُ". ٻئي سگهڙ وري جدا جدا بيت چئي معما سڄي ڪئي. اها روايت هيٺين طور آهي:

پاڻيءَ ۾ پڙلاءُ، ٻڌم پاڻيءَ ۾ پڙلاءُ.

١- آڌي رات اٿي، سا ٿِي مائي ولوڙي مَنڌِي
منڌي ڪِري پيئي ڌؤنري ۾، ڌؤنري ڪيا بُڙڪا
تو ڀانيو پاڻيءَ ۾ پڙلاءُ!

٢- اٿيون هُيون ڏَڙ ٿَنڀ سان، مَيو پيو مٿانُ
نِير هُئا پيرن ۾، ڪَڙِين سان لڳي ٿيو ٺڪاءُ
تو ڀانيو پاڻيءَ ۾ پڙلاءُ!

٣- مينهون هيون ڪُنڊڙيون، سي ويٺيون ٻيٽ مٿانُ
شينهن ڪئي گوڙ، مينهون ڀڳيون، جن جي کُرن ڪيا کڙڪا
تو ڀانيو پاڻيءَ ۾ پڙلاءُ!

٤- پاڻي ڀرڻ هلي پاڻهياري، سَٽون ڏيئي سانڌهور ۾
ڀُوڻِ ڪري پيو تَڙ ۾، تنهن تڙ ڪيا ڪَڙڪا
تو ڀانيو پاڻيءَ ۾ پڙلاءُ!

روايت -٢: هي روايت ٿرپارڪر (تعلقي ڇاڇري) مان رائچند کان ملي.

۵- مڇي هلي ٿي جر ۾، ۽ ڪينگرو آپ منجهان
ڪينگرو ڪري پيو ڪَن ۾، تڏهن ڪَن ڪيا ڪڙڪا
تو پانيو پاڻيءَ ۾ پڙلاءُ!

۶- ٽيهه سُڪايو جيءُ کي، سو آيو مٽ مٽاءُ
وڻو ڪري پيو مَٽ ۾، وڻپي ڪيا بَڙڪا
تڏهن پاڻيءَ ۾ پڙلاءُ.

[۱۱۲۶] ماس مڇي ٿو کاءِ، هڏ ڦڳايو هيٺ ڇڏي

هڪڙي پيري کو سگهڙ درياءَ جي ڪپ تان پئي آيو. آڇ ۾ ڏاڍي لڳي هيس، سو درياءَ ۾ کو سٽائو گهيڙ جاچڻ لڳو. اڳيان هڪڙو گهيڙ نظر آيس، ان گهيڙ تي هڪڙو واڳون هوندو هو، جو ڪيترن ئي ساهوارن کي ڪٽي ويو هو. هيءُ همراهه جڏهن گهيڙ کي ويجهو پهتو، تہ مينهن جي قَر جي ڪُنڪ ٻڌائين، جو ٻڙ پاڻي ٻڙ لاءِ گهيڙ تي پئي آيو. پاڏو اڃان گهيڙ وٽ پهتو ئي مس تہ جان ڪٽي نهاري، ڏسي تہ ٻئي پاسي کان هڪڙو شينهن ۾ پاڏي کي تکيو، آهستي آهستي پيو اڇي. اتي سگهڙ کي ۾ اڇي ڊپ ورايو، سو ڊوڙي هڪڙي وڻ تي چڙهي ويهي رهيو. پاڏي اڃان پاڻيءَ ۾ منهن ئي مس وڌو تہ شينهن ۾ ٽپ ڏيئي اڇي مٿس چنبا کوڙيا. اتي واڳون ۾ وجهه ڏسي، پاڏي کي وات وجهي وڏي پاڻي ۾ گهلي ويو. ان وقت هڪ گرڙ پکي، جنهن مٿان لامارا پئي ڏنا، تنهن ۾ لامارو ڏيئي شينهن کي چنبن ۾ ڪٽي ڪنيو، تہ شينهن سان گڏ ان جي وات ۾ پيل پاڏو ۽ واڳون ۾ ڪڇي مٿي ٽيا. واڳون جڏهن مٿي ٽيو، تڏهن يڪدم ڪٽي شينهن ۽ پاڏي مان وات ڪيڙائين تہ ڏُو وڃي درياءَ ۾ ڪيريو، پر پاڏو ۽ شينهن گرڙ پکيءَ جي چنبن ۾ ئي رهجي ويا. سگهڙ اهو ڏسي ڊپ ۾ ولي پڳو. هلندي هلندي ڪنهن مهل اوچتو هڪڙو هڏو اڇي سندس اڳيان ڪيريو، جنهن تي ماس جو ذروئي

ڪونہ هو. جاچي ڏنائين تہ اهو هڏو پاڏي جو هو. وري اڃان ٿورو اڳتي هليو تہ ٻيو هڏو سندس اڳيان اچي ڪريو، جو جاچي ڏنائين تہ شينهن جو هڏو هو، پر ان تي ٻہ ماس جو ذروئي ڪونہ هو. اهو لقاءَ ڏسي هي سمجهي ويو تہ گرڙ پکي مٿي ئي مٿي ٻنهي جو ماس کائيندو وڃي، ۽ هڏا هيٺ آڇلائيندو وڃي. سگهڙ انهي واقعي تي معما ٻڌي، پنهنجي ٻئي دوست سگهڙ کي ڏني، جنهن پڇي ٻڌائي. هيٺ اها سموري روايت ڏجي ٿي.

روايت -۱

هو ماس مٿي ٿو کائي، هڏ آڇليو ٿو هيٺ ڇڏي.

—

۱- ٽيڙو شوق شڪار جو، تهتان توٻچي آ
راهي ٽيڙو رچ ۽، سو موڙي مٿهارا
هرڻ ماريئين آت هيڪلي، پي وسڻ نڪا هئي واهر
سيخيون پچائي شوق مان، ڪڙيائين ڪنج ڪسا
چڙهي چانگي تي هليو، موٽيو آن ماڳاءَ
خان کي تنهن جي کائڻ جي، ڪئي طلب رکيو هو تاءَ
اهو ماس مٿي ٿو کاءِ، متان هڏ آڇليو ٿو هيٺ ڇڏي؟

۲- ميهريءَ ماس رڌو هو، تنهن ڪامڻ قرب منجها
پرين تنهنجو ٻيهي تي، هو ڪڙمي ڪوڏ منجها
ڪٽي هلي هئي خوشيءَ مان، سا پائي پاڻوڙا
ڏيئي پير ٻيهي ٽي، ويئي چڙهي چاڙهيءَ تان
اهو ماس مٿي ٻيو کاءِ، متان هڏ اڇليو ٿو هيٺ ڇڏي؟

روايت -۱: هيءَ روايت سگهڙ جاڙي خان مري ويئل ٻوبي، تعلقي سانگهڙ جي زباني قلمبند ڪئي ويئي. ڪن هنڌن هيءَ روايت "مامي ۽ ڀاڻيجي" ڏانهن منسوب آهي.

٣- دنيادار ٿي دور ڪيا، پنهنجي مال مٿا
تنهن لئي طعام تيار ٿيا، ۽ ڀُڳا ڀوڳهڙا
بيشڪ کڻي ويو بورچي، هو ڍَڪي ڍاڪونٺا
سو ماس مٿي پيو کاءِ، متان هڏ اڇليو ٿو هيٺ ڇڏي؟

٤- ڪُٽڪي ڪُونٺهون نڪتو هو، متان ٻهڪي ٻيلي مانُ
ڪيهر شينهن ڪباب لاءِ، ڪو چوري رکيس چاهه
وِرگهه وَرُ وڌو ويڙهه ۾، هُو جوڙيو ويٺو جاءِ
وَرُ ڏيئي واڳُو ورتا، سو ٿي آيو ڏانهن اوڙاهه
اچي نڪتو هو اوچتو، اَت ڪري گُرڙ گُجا
سو چائي چنبن ۾ هليو، اَڏاٽو عرشا
دٻائي تنهن دستن سان، ڀڃي ڪيئين ڀُڪا
سو ماس مٿي ٿو کاءِ، ۽ هڏ اَڇليو ٿو هيٺ ڇڏي!*

روايت -٢

درياءَ جي ڪنهن گهيڙ وٽ هڪڙو ڪيهر شينهن شڪار لاءِ ڇَپ هنيو ويٺو هو. ڪو هاٿي بہ اَڃائجي اَنهيءَ گهيڙ تان پاڻي پيئڻ آيو، وري اَنهي گهيڙ ۾ واڳون بہ شڪار لاءِ واجهايو ويٺو هو. هاٿي درياءَ ۾ گهڙي اڃا پاڻي پيتو ئي مس تہ واڳون کڻي ٽنگ ۾ وات وڌس. مٿان وري شينهن بہ آڻي

---

* ٻي روايت:

ڪيهر ڪست ڪباب لاءِ، جوڙي بيٺو جاءِ
مٿان هاٿي هليو آيو، پاڻي پيئڻ لاءِ
اهو گج ماري غرق ڪري، دستڀنُ ساڻ دٻاءِ
اَتي ورڏيئي هو واڳو ورتو، راڳو ران منجهاءِ
اَٿلي پيو آسمان تان، ڏسي گُرڙ غذا
اهو ٽيئي پيرن پاءِ، ٿو ماهه مٿي ئي کاءِ
سو ماهه مٿي ئي کاءِ، متان هڏ ڦڳايو هيٺ ڇڏي!

هاڻي جي پٽن ۾ چنبا کوڙيا. آن مهل هڪڙو گرڙ پکي ۽ ڪو شڪار جي گولا ۾ هو، سو لامارو ڏيئي ٽنهي جانورن کي چنبن ۾ ڪٽي وڌي آڏاٽو. گرڙ پکي آڏامندي آڏامندي جانورن جو ماس کائيندو، ۽ هڏا هيٺ آڇليندو ويو. انهيءَ واقعي تي ڪنهن سگهڙ معما ٻڌي ٿ:

آهو ماه متي ٽو کاءِ، هڏ ڦيڪايو هيٺ ڇڏي.

[۱۱۲۷] معما مريد پالاري* هيٺينءَ ريت پڇي:

ڪيهر شينهن ويٺو هو ڪٽن تي، هٿي پربت پاڻي
هاڻي هلي آئيو، وڏي وڪ ڪٽي
ڪيهر شينهن کيرائي وڏو، هاڻي هٽ هٽي
واڳون وڙڪي آئيو، آن ۾ ۽ کي آڻي
تڏهن گرڙ گاج کي، ڪري گاج گهٽي
سو ٽيئي ٽڏائي ويو، منجهان ڪاه ڪٽي
تنهن مست ڪان "مريد" چئي، سگهن ڪيئن چٽي
اهو ماس کائي متي، ڦيري هڏ ڦٽا ڪري.

[۱۱۲۷] ڪيئن پيو ڪٽيءَ ڇيٽ، ڪيئن پيو ڪٽيءَ ڇيٽ؟

ڪبير شاهه، شيخ ابراهيم سان مارکي لاءِ سنڌ سان ڪٿي، لس پيلي ڏانهن روانو ٿيو. شيخ ابراهيم سان ملاقات ڪان هڪڙي رات اڳ ڪبير شاهه ڪنهن ٻئي ڳوٺ ۾ مهمان

*مريد پٽ وريو پالاري، پاڙو موندرپوٽا، ڪٽهي ڪان چار ڪوهه آلهندي، ٽڪ مڪان جو ويڙل هو ۽ آتي ٿي دفن ٿيل آهي. مينهون هوندڙيون هئس. سال ۾ ڇهن وٽ مال ڪاهي ايندو هو ۽ وَس ۾ وري پنهنجي مڪان ڏانهن موٽندو هو. فاقيرو نمونو هوس. سٺ ستر سال اڳ وفات ڪيائين.

۱۱۲۷. "ٻيلاين جا ٻول" مطبوع الوحيد پريس ڪراچي، سنه ۱۹۵۰ع تان ورتل.

ٿي ترسيو هو. آتي سمهڻ وقت کيس مهينهن جو ڪڙهيل کير، ميٺاڻ پيل پياريو هئائون. ڪبير شاهه، شيخ ابراهيم جي پرک لهڻ لاءِ انهيءَ تي معما جوڙي ته "ڪيئن پيو ڪَتيءَ چيٽ، ڪيئن پيو ڪَتيءَ چيٽ". ٻئي ڏينهن ڪبير شاهه جڏهن اتي وڃي پهتو ته شيخ ابراهيم وؤڻن جي پوک کي لوڙهو بيٺي ڏنو. شاهه، شيخ ابراهيم جو پڇيو. شيخ اول اوطاق تي وٺي آيس ۽ چيائين ته: هڪڙو شيخ ابراهيم، شيخ حمر جو پٽ آءٌ آهيان. تنهن تي ڪبير شاهه يڪدم چيو ته:

ڪيئن پيو ڪَتيءَ چيٽ، ڪيئن پيو ڪَتيءَ چيٽ!

شيخ ابراهيم جواب ڏنس ته:

ڪڙهيل کير ڪُنهي ۾، ٿو مهينهن جو ڪري مهيٺ
ائين پيو ڪَتيءَ چهيٽ، ائين پيو ڪَتيءَ چيٽ.

[١١٢٨] جاد مڙيئي جنڊ، مونکي جيڏيون جنڊ نه وسري

شيخ ابراهيم (وفات ١٧٧٦-١٨١٨ع) لس ٻيلي جو مشهور شاعر ٿي گذريو آهي. مجاز جي مضمون تي هيٺ ڏنل معما جوڙيائين به پاڻ ته ڀڳائين به پاڻ. سندس معما جي اها روايت هن طرح آهي:

جاد مڙيئي جنڊ، مونکي جيڏيون جنڊ نه وسري!

١- ڏيرن ڪارڻ ڏونگر ڏوري، ساڻس ثمر نڪو سَنڊ،
تڏهن جاد مڙيئي جنڊ؟

٢- اطلس آڇي عمر مارئي، کاڄ کنڊون آوکَنڊ،
تڏهن جاد مڙيئي جنڊ؟

٣- ڦل وڌوئي فقير جو، مَت ڪو لڳوس مَنڊ،
تڏهن جاد مڙيئي جنڊ؟

١١٢٨. "ٻيلاين جا ٻول" تان ورتل.

٤- ميهار ڪارڻ سهڻي، مَت ڪو گهُمي ٻُڌو هو گهَنڊ،
تڏهن جاد مڙيئي جنڊ؟

٥- ليلىٰ ڪارڻ مجني، مَت ڪو ڏيهان کنيو هو ڏنڊ،
تڏهن جاد مڙيئي جنڊ؟

٦- مُومل، سُومل، سهنج، سليمت، ساڏَنْه، صالحان،
تن جو پيءُ هو راجا نند،
تڏهن جاد مڙيئي جنڊ؟

٧- مومل ڪارڻ مينڌرو، ڏيندو هو راڻو روز سويلي رند،
تڏهن جاد مڙيئي جنڊ؟

٨- ڪري پئڙو هنج ۾، مَت ڪو چوڏهينءَ ماهه جو چنڊ،
آهو جاد مونکي آهي جنڊ، وهواهه جاد مونکي آهي جنڊ،
جيڏيون! جنڊ نه وسري.

[١١٢٩] پڇيو پوڻيءَ کان، ته توکي واءُ نه لوڏيو؟

روايت آهي ته حضرت نوح عليه السلام جي قوم تي خدا تعالىٰ طوفان جو عذاب نازل ڪيو. حضرت نوح خدا جي حڪم سان وڏو ٻيڙو ٺهرائي، ان ۾ اهي سڀئي ماڻهو جن مٿس ايمان آندو هو، ۽ سڀني ساهوارن مان جوڙو جوڙو کنيو. مومنن مان هڪڙي پوڙهي عورت جهنگ ۾ رڍون چاريندي هئي، حضرت نوح کي اها پوڙهي ٻيڙي ۾ چاڙهڻ وسري ويئي. جڏهن طوفان ختم ٿيو ۽ سُڪي ظاهر ٿي، تڏهن حضرت نوح کي اها پوڙهي پنهنجي ماڳ تي رڍون چاريندي سلامت نظر آئي. جڏهن پوڙهيءَ کان پڇيائين ته: طوفان مان تون ڪيئن بچئين؟ تڏهن پوڙهيءَ جواب ڏنو ته: طوفان جي ته مونکي خبر ڪانهي، باقي ڌُنڌ آسمان تي ڇانيل هو. چون ٿا ته قدرت سان پاڻيءَ ۾ ڦوٽو ٿيو، جو مائيءَ ۽ رڍن جي مٿان اچي ويو، جنهنڪري پاڻيءَ کان محفوظ رهيون. انهيءَ مذڪور

تي شاعر صابر موچي معما ٻڌي، ٻئي هڪ شاعر صادق ڏانهن ڏياري موڪلي ته: ”اها ڪهڙي پوڻي، جنهن کي واءُ نه لوڏيو!“ صادق اها معما ڀڃي ٻڌائي. معما جي ڏيڻي ۽ ڀڃڻيءَ جي روايت هيٺين طرح آهي:

ڪا جا گهُلي واءُ، ڌرتي سڀ ڌُڏي ويئي،
پُوڻي پيئي آهي پڙ ۾، پُوڻي بيپرواهه،
پڇيو پُوڻيءَ کانءُ، ته توکي واءُ نه لوڏيو؟

١- ساراهيان سچو ڌڻي، ڏس هاديءَ جي حڪمت
آٺ، آٺارنهن، نَوَ، ڏَهَ، چار چونڪيون لنگهي،
روئي پسي رحمت
نمرود ٻيو آ ننڊ ۾، متان ٿئي تڙئي تي تهمت
ورنهه دل پنهنجيءَ کي، ڏني آذر اِشارت
اتي پيران مرد پيدا ٿيو، جنهن سيف جهلي صورت
ورتائين ور پنهنجي کان، اها آمانت
ته خاني پنهنجي خوش ٿي، درس وٺي دُولت
ٿي عالم کي عبرت، ته هيءَ پوڻي واءُ نه لوڏي.

٢- ڪوڙن اچي ڪوڙ جي، ڪئي ساڳي اها مصلحت
نمايان نمرود سان، ڪيائون خوب اها خلوت
جيڪو آڻيندءِ دين تي، آهي اها آمانت
تُخمائين تاثير ڪيا، هُل پَسي هيبت
داين تنهن جي داٻ کان، اٿلائي البت
هن جو خس خيانت نه ٿيو، نه ڪيو خاوند خيانت
بُرين کي بيت ۾، هئي واحد جي وحدت
ٿي عالم کي عبرت، هيءَ به پُوڻي واءُ نه لوڏي.

٣- ساڀيائين سَرتاج کي، بعضي منجهه بحر
ڪِري پاسي پليتن کان ٽاري منجهه ٽڪر
ڏکئي ڏاگهه جوڙائيو، ڏاڍي ساڻ ڏمر

تنهن ۾ ڪک ڪنڊا ڪيترا، ڪوهين پيا ڪهڄر
تنهن ۾ ڪِروڙين ڪپاهون پيون، ٻرن تيل تجر
پينگهي چاڙهي پرينءَ کي، آندو لعنتي لاغر
هو لوڏن لڏي ڪينڪي، اچي لک مڙيا لشڪر
بَٺ آندائون بگريون، مُنهن چڱي موچر
اچي بي رنگيون بيهي رهيون، ٿيا پاسي نيڪ نظر
حضرت ابراهيم کي آڙاهه ۾، اڇلارايائين ابتر
باهه وساڻي باغ ٿيو، کليا گل گوهر
بيبي ساران سيگهه ۾، آئي اسهي آلاهر
اچي ويٺي وٽ نبيءَ جي، گهوري سڀئي گهر
تون آن سرتاج سڀن جو، ديوانو دفتر
نڪاح اَت نرمل جو، پڙهيو ڀلي رات سڀر
ٿي ملڪن منجهه خبر، هيءَ پُوڻي واءُ نه لوڏي.
٤- آٺ، آٺارنهن عالم، خلقيا خلقڻهار
انس کان آدمي، ڪيائين حسابن هزار
ليکو ناهي لکن جو، ڇا نِيل ڪَيان نروار
عاد نبي جي قوم هئي، ڦري ڏانهن سردار
آين غضبو واءُ جو، ٿيا منجهه انهيءَ ۾ گار
اوڀر ڏانهن ٿي اڀري، دَهه دن جي ڌُوڪار
محلي اندر مستور هُئي، جنهن کي تن اندر ۾ تار
ٿي ملڪن منجهه پچار، هيءَ پُوڻي واءُ نه لوڏي.
٥- رڍون تنهن ريڍار جون، ڦوٽي منجهه ڦِرن
ڇَٻر، ڀَتر، ساوڙي، چونڊيو گاهه چَرن
ٻولي پئي ته ٻوڏ جي، ڪامڻ کي ڪا ڪن
هيٺئون موج مهراڻ ڪئي، ٽيڪ چڙهيون ٽڪرن
جيڪي دشمن دين جا، ٻُڏي شال مرن
گذري اوريڪ نوح نبيءَ جي، ٿيون مبارڪون مومنن
پئي ڀلي ڏانهن ڀلن، هيءَ پُوڻي واءُ نه لوڏي.

[١١٣٠] کَل جاکَرِي ماڙ ۾، سا ڪهڙي رنگ رچي؟

گنهگار انسان ڪيئن نيڪ بندو ليکجڻ ۾ اچي ۽ آخرت ۾ ڪيئن سرخرو ٿئي؟ ڪنهن سگهڙ اهو سوال معما جي صورت ۾ سگهڙ صابر موچيءَ کي ڏنو ته: "کَل جاکَرِي ماڙ ۾، سا ڪهڙي رنگ رچي؟" جنهن جي جواب ۾ صابر توبهه ۽ رياضت جي تلقين ڪندي معما پڌري ڪئي، ۽ مثال طور 'نصوحي' جو ذڪر ڪيائين. اها روايت هيٺينءَ طور شامل ڪجي ٿي:

کَل جاکَري ماڙ ۾، سا ڪهڙي رنگ رچي؟

ڏيئي چَٽَ چُونهي کار جي، وڃي گڏيس ڪُن ڪَچي
گهُمائي رَنْبي راحت جي، بار لاهيس ته بچي
سيبو سِبي "صابر" چئي، سَڳي ساڻ سچي
ٽُکڙ تي چاڙهي ڀريس ڀَرڻو اِستغفار جو ته پار وڃي پهچي
نصوحي پئي ناحق ڪيا، جو ڪفن لاهيو خرچي
وٺيو تان مُلهه مائي کان، ڦِريو اَلْحَد منجهه اچي
آيس ضرب زبون مؤن، جيڪو اَلٽيو آهي ته آچي
اهڙي رنگ رَچي، جيڪا کَل کرِي آهي ماڙ ۾.

[١١٣١] گهمن سي ويجهو، ڇا گهمن سي ويجهو!

هيڪل ڪوريءَ جي ڏهر مان ڪو سگهڙ اچي لنگهيو.

١١٣١. هيءَ روايت ٿرپارڪر (تعلقي عمرڪوٽ) مان محمد عمر "معمور" يوسفاڻي کان ملي. ٢. مال جا سوداگر سانگي لاءِ "ڀَڪي" جي تلاءَ تي (ننگر کان اتر-اولهه) منزل ڪندا آهن. ٣. گِرامڙي جو ڳوٺ: "رڻ گرامڙو" ننگر ۽ ٿر جي وچ ۾ ميل ويڪرو. ٤. "ڀاڪي" ۾ وڻ گهڻا. ٥. "جهانگرو": اسلام ڪوٽ کان ويهه ميل پرتي. وِهڻ=جهنگ جو خيال. ٦. ڪُرِڻ: ڳوٺ ٻُجهڙي کان چار ڪوهه پريان سَما ويٺل (آڪن جا ڪايا اڏڻ لاءِ). ٧. ڪاٽڻ ڳوٺ. ٨. گوڙاڻي: ڪِهڙيءَ جي پريان ٻه ڪوهه (مُرٽ جو ڏٽ ڇاڻين).

اتي هڪ ته هرڻ گهڻا هئا ۽ ٻيو ته شڪار جي لاءِ ويجهو اچي ٿي بُل ڏنائون. هرڻن جو اهو لقاءُ ڏسي هن معما ٻَڌي، سگهڙ حاصل فقير وسائڻي پوٽڻي کي آڻي ڏني ته:

گهمن سي ويجهو، ڇا گهمن سي ويجهو!

حاصل فقير اها معما هيٺينءَ ريت ڳولي سڄي ڪري ڏني:

١- جبل ڪارونجهر جو ننگر کي ويجهو
تڏهن گهمن سي ويجهو؟

٢- تَراءِ ڀَڪڻي جو وڇاتن کي ويجهو
تڏهن گهمن سي ويجهو؟

٣- رِڻ گِرامڙي جو آڪرڻ کي ويجهو
تڏهن گهمن سي ويجهو؟

٤- وڻ ڀاڪڻي جو وڍڻ کي ويجهو
تڏهن گهمن سي ويجهو؟

٥- جهنگ جهانگري جو وِهڻ کي ويجهو
تڏهن گهمن سي ويجهو؟

٦- آڪ ڪُرِڻ جو آجها کي ويجهو
تڏهن گهمن سي ويجهو؟

٧- ٻير، ٻائري، ڪِرڙ ڪانَڻ جو، چرڻ کي ويجهو
تڏهن گهمن سي ويجهو؟

٨- مُرٽ گوڙاڻي جو ڇاڻڻ کي ويجهو
تڏهن گهمن سي ويجهو؟

٩- پَهَڻ ڪِهڙي جو مقام کي ويجهو
تڏهن گهمن سي ويجهو؟

١٠- گاهه موڙاڻي جو چَرڻ کي ويجهو
تڏهن گهمن سي ويجهو؟

---

١٠. موڙاڻي: ڪِهڙي کان ٻه ڪوهه اورتي.

١١- لُنب لِٻي جو گابن کي ويجهو
تڏهن گهمن سي ويجهو؟

١٢- کٻڙ کاکڻهار جو وهٽن کي ويجهو
تڏهن گهمن سي ويجهو؟

١٣- تَڙَ راڌي بجير جو واڃاڻين کي ويجهو
تڏهن گهمن سي ويجهو؟

١٤- مقام جوڳي مڙهي جو وارثن کي ويجهو
تڏهن گهمن سي ويجهو؟

١٥- ٻُوهه مُنهن تار جو واڙين کي ويجهو
تڏهن گهمن سي ويجهو؟

١٦- متان هرڻ هيڪل ڪوريءَ جا گهمن سي ويجهو
تڏهن گهمن سي ويجهو؟

[١١٣٢] کوهه مٿي ٿي کَڙن کَڙن، کُوهه مٿي ٿي کَڙن کَڙن

هڪ دفعي ڪو سگهڙ ٻنپهرن جي مهل هڪڙي کوهه وٽان اچي لنگهيو. ڏٺائين ته هڪڙي زال دِلو کڻي کوهه تي آئي ۽ هيڏانهن هوڏانهن ڏسي دلو ڀري ويهي رهي. ڪچ دير کان پوءِ وري هيڏانهن هوڏانهن ڏسي دلو هاري ٻيو دفعو ڀريائين. اهڙيءَ طرح ڪيترائي ڀيرا دلو ڀري وري هاريائين. آخر ٺلهو دلو کڻي مٿي تي رکي اُٿي بيٺي، ۽ وري به هيڏانهن هوڏانهن ڏسي دلو کڻي پَٽ سان هنيائين، ۽

١١. لِٻو: کاکڻهار کان هڪ ڪوهه پريان. ١٢. کاکڻهار: حاصل فقير جو ڳوٺ. ١٤. جوڳي جي مڙهي: ڳوٺ، جتي پهڻن جي ٺهيل جوڳي جي مڙهي. ١٥. منهن تار: ڳوٺ.

١١٣٢: هيءَ روايت ٿرپارڪر (تعلقو عمرڪوٽ) مان محمد عمر "معمور" يوسفاڻي کان ملي.

رواني ٿي وئي. دلو پَٽ ۾ ڪِرڻ سان ڀڄي پيو. ٺِڪريون کوهه جي سِرن سان لڳنديون 'ٺڙ ٺڙ' ڪنديون وڃي پاڻيءَ ۾ پيون. سگهڙ اهو نظارو ڏسي ٻئي سگهڙ وٽ موٽي آيو ۽ ان کي چيائين ته:

ڪُوهه مٿي ٿي کَڙن کَڙن، کُوهه مٿي ٿي کَڙن کَڙن

اهو ٻڌي سگهڙ جواب ڏنو ته:

١- ٻارهن پٽ يعقوب نبي جا، تن ۾ يوسف حُسن جو شاهه
يوسف آڏو ڪير اچي، جو اُن تي هئو پيءُ جو چاهه
ڀائن کي ٿيو دل ۾ ساڙو، ٺاهيائون ڪو ويهي ٺاهه
موڪل گهريائون پيءُ کان، چاهه چَپَن ۾، دل ۾ کاهه
هليا هٿيارن سان سنبهي، ويا لتاڙي گس ۽ گاهه
اهڙي هنڌ سي پهتا، جِتَهين ويجهي ڪانه هئي وڻراهه
کوهه ڏٺائون اونهون هڪڙو، اُن ۾ اُڇليائون عاليجاهه
پيءَ کي آکيائون، هاءِ آلاڙي! بگهڙن کاڌو ننڍڙو ڀاءُ
هوڏانهن هُت هو يوسف ماندو، بک ۾ ٿئڙو پاهه
ڪيئن ڪري ۽ ڪنهن کي آکي، هُئو نه وسيلو ۽ ڪا واهه
سوال ڪيائين سائينءَ کي، اچي آجهو ٿي يا الله
انهيءَ ويلي اُتهين آيو، اُڃ مري ڪو ڪاهي ڪاهه
ٻوڪو واريائين اندر اُن دم، بدوءَ ٻُڌي اُت بسم الله
ڇرڪ پيس ڪِريو پرانهون، کاڌو مال سموري ٽاهه
مال ٽَٺو تان هڪدم گڏجي چڙين ملي ڪئي چَڙن چَڙن
متان اتي اها ٿي کَڙن کَڙن، متان اتي اها ٿي کَڙن کَڙن.

٢- پاڳ ملي وئي دودي کي، جو ڀائن کي اِيءَ ڳالهه وڻي
راءُ چنيسر چِڙي اُٿيو، دِلِيءَ ويو سو دانهن کڻي
آيو عالادين جو لشڪر، لکن کان هئي فوج گهڻي
'ڍڪڻ' 'ڍومڻ' واٽ ۾ پهتا، هڻي ڪيائون پُرس پڻي
اڳتي سامهون سورهيه آيو 'هانسو سوڍو' هام هڻي

’ننگر‘ پنهنجو نانءُ ڇڏي ويو، ’ڀونگر‘ جي پڻ بات بڻي
ماريا جڏهن مرد مڙيئي، آيو ’دودو‘ ڌُر ڌڻي
لشڪر سڀ لاچار ڪيائين، هڪڙي حملي ساڻ هڻي
راءِ چنيسر، راءِ ڏني، تڏهن واٽ ۾ ويٺا کوهه کڻي
گهوڙو ڦاٿو گُرزن ۾، ۽ پئڙو ڇَٽ ڇُڳير ڇڻي
دودي کي آنبُور آڙي پيو، نڪتي آروپار آڻي
ڪيهر سامهون ڪير اچي، پر واحد کي اِيءَ ڳالهه وڻي
واحد کي اِيءَ ڳالهه وڻي، نه ته چئو چنيسر ڪيئن چڙهن
متان آتي آها ٿي کَڙن کَڙن، متان آتي آها ٿي کَڙن کَڙن.

٣- ڦوڳ اچي هو روڳ ڪيو، ويا آٿي ڪئين هُل هگام
هرکي هليو مير عمر آت، مارن جا جت مَڙهه مقام
آڌ ۾ سارو ننگر هو ۽ آڌ ۾ هو آڌيگام
ويراواءُ جي وائي سڀڪنهن، توڙي خاص ڪِ توڙي عام
تڙ تي نار اڪيلي بيٺل، ڏسي ڪيائينِ اچي سلام
پريان بيهي پاڻي گهريائين، مارئي ڪينَ پروڙي مام
پاڻي پيئندي جهٽ هنيائين، ڪشي هنيائين آٺ کي ڪام
وٽو ڪريو ويچاري هٿ مان، گهڙي لڳو ٿي گهَڙن گهَڙن
متان آتي اها ٿي کَڙن کَڙن، متان اتي اها ٿي کَڙن کَڙن.

٤- ڪاڪ تي مومل رنگ رچايا، قابو ڪيائين ڪيئي راڄ
حاڪم حشمتدار هزارين، بيهي نه سگهيا کاڌئون ڀاڄ
جن ٿي پاڻ پڏايا پهرين، روئي تن ڪيا ڪِنا ڪاڄ
مير همير به موٽيو پوئتي، ساٿين سوڌو کائي کاڄ
آخر سوڍو سنڀري هليو، سُرخي تي رکي سهڻا ساڄ
پاڻي تار پريان کان آيو، ٻيا ٻُڌائين هُل هڳاڄ
سوپاريءَ سان راز پروڙي وڻ وڄائي ڇڏيئين واڄ
واڄ وڄي ويا، ڪائو کڙڪيو، ٺاٺا ٺڙڪا ٺَڙَن ٺَڙَن
متان آتي اها ٿي کَڙن کَڙن، متان آتي اها ٿي کَڙن کَڙن.

٥- ڏينهن تتهي جو گهڙو کنيائين، تَڙ تي بيٺي اچي تيار
گهڙو ڀريو ٿي اونڌو ڪري، نيڻ کنيو ٿي ڪري نهار
آهڙيءَ ريت آتي هئي بيٺي، لڳيءَ کڻي ڪئي هئي لاچار
راهون ڏسندي اکڙيون ٿڪيون، دل تي چڙهيا غم غبار
جوش ۾ آئي هوش آڏاڻو، ويا ڇڏائي سڀ ويچار
دلو مٿي تان کڻي هنيائين پٽ ۾، ڏاڍو کائي خار
هنيون هَڄي ويو، اکڙيون آليون، گهَڙو ڀڳو ٿي
گهَڙَن گهَڙَن
متان اتي اها ٿي کَڙَن کَڙَن، متان آتي اها ٿي کَڙَن کَڙَن.

[١١٣٣] روئي لُڙڪ لوئي، لُڙڪن سان مُنهن ڌوئي ڙي.

هڪ دفعي ڪو سگهڙ ڳوٺ 'مودري' تعلقي ٺنگرپارڪر مان اچي لنگهيو، جتي هڪڙي سُهڻي نينگريءَ کي راهه تي رُئندو ڏٺائين. پڇا ڳاڇا مان معلوم ٿيس ته ڪجهه وقت اڳ ناري جو مشهور سگهڙ "صابر" هتان لنگهيو. اوچتو سندس نظر وڃي هن ڇوڪريءَ نُوران تي پئي، ۽ هو مٿس عاشق ٿي بيهي رهيو. نُوران آن وقت پيهي تي بيٺي جهار هڪلي. نُوران به صابر کي ڏٺو، ٻنهي جي پاڻ ۾ پريت ٿي وئي. پوءِ صابر، نُوران سان ملڻ لاءِ لِڪ ڇِپ ۾ پيو ايندو هو. نيٺ اها خبر ڳوٺ وارن کي پئجي وئي، جن صابر ۽ نُوران کي ڏاڍيون تڪليفون ڏنيون، پر هو باز نه آيا. نيٺ ڳوٺ جي ڪن ماڻهن قران پاڪ ميڙ ڪري صابر وٽ آندو ۽ کيس چيائون ته آئيندي هيڏانهن مُنهن نه ڪري. صابر قران پاڪ جي عزت رکندي جيئن ويو تيئن وري نه آيو ۽ نُوران آن جي فراق ۾ رُئندي وَتهي.

١١٣٣. هيءَ روايت ٿرپارڪر (تعلقي عمرڪوٽ) مان محمد عمر "معمور" يوسفاڻي کان ملي.

سگھڑ اهو ذکر ڪڍي ڳوٺ پهتو ۽ ان بيان تي معما ٺاهيائين تہ:

روئي لڙڪ لوئي، لڙڪن سان مُنهن ڏوئي ڙي!
لڙڪن سان مُنهن ڏوئي ڙي!

—

١- مارئيءَ جي ملير ۾، هئي ڪچالهه گهٽي
قضا قلم وهائيو، هيءَ واحد ڪالهه وٽي
آندي سَڏر سُومري، مٽان ڪوهه ڪٽي
قابو ڪيائين ڪوٽ ۾، هٽي هڪ ڇٽي
هزارين حيلا ڪيائين، پر بازي ڪين بٽي
هوءَ ماندي هئي محلن ۾، آندر آگ آٽي
محبت ماروئڙن جي، پوهي ڪيس پَٽي
ڏٺائين پئي ڏيهه ڏي، هُيس حُب گهٽي
سوگهي هيس سَرير ۾، فراقن ڦٽي
پُڪاريائين پهه ڪري، تہ ڏڻ سان ميل ڏٽي
ويس ڇوهه ڇٽي، هئي راتو ڏينهن راڙهي ۾
سا راتو ڏينهن راڙهي ۾، ٿي زارو زار روئي
روئي لُڙڪ لوئي، متان آتي ٿي مُنهن ڏوئي؟

٢- ليلان بٽي لاڏلي، پر هائي بنيو هار
مٽي تي موهه ڪري ٿي خطا ڪائي خوار
لُڇي پيئي لوهه ۾، ڪونروءَ مليو قرار
دل ڪٽي ويو داسڙو، پڇي من پتار
اڙيءَ ڪي هو آسرو تہ مهر ڪندو موچار
پر چنيسر ويو چاهه ڪٽي، پورو ٿيو پيار
پوءِ ڪامڻ پٽي ڪوڪون ڪيون تہ ماري ويو منڌار
چڏي ويو ڇيهه ڪري، آجهو ۽ آڌار
ڏيئي ويو ڏُکن جو ميهڻو مٽيادار
پوءِ روئي زارو زار، ليلان پئي ليلائيو

ليلان پئي ليلائيو تہ ڪو چنيسر چوئي
چوئي لڙڪ لوئي، متان آتي ٿي مُنهن ڏوئي؟

۳- سُومل جي محلات جو، هو پري پَسارو
شاهن اچي شوق ٿيو، اندر آمارو
آيا ڪيئي آڪير مان، ٿي نَر هٽيو نارو
پسنديئي پاڻي ٿيا، ناتر نظارو
ڪي ڪُسي ويا ڪاڪ تي، ڪن واپس ڪيو وارو
راڻو بہ اچي رَسيو، سوڍو سوپارو
سومل ماڻي مرد ويو، ٿيو هرهنڊ هاڪارو
سو ايندو هو آڌ رات جو، هو مڙس موچارو
قضا ڪم ڪري وئي، پيو سومل تي مارو
سُتل ڏسي سُومل کي، هو ڪڙهي ٿيو ڪارو
پوءِ سُور نہ آيو ميندرو، هُو ويو پڇي وارو
سومل هلي ميڙ ڪري، سات چڏي سارو
پوءِ راڻو ريڏو ڪينکي، هو رهيو ريسارو
پوءِ ڪامڻ ڏکي ڪارو، رُني پئي راڻي اڳيان
رُني پئي راڻي اڳيان، من ترس تنهين کي پوئي
پوئي لڙڪ لوئي، متان آتي ٿي مُنهن ڏوئي؟

۴- سُهڻي گهڙي سير ۾ ڪري الله تُهار
ڪچو ڪٽي ڪچ ۾، ملڻ لئي ميهار
ٿي رواني راهہ تي، وَهم چڏي ويچار
ويئي پئي ويرہ ۾، لڳيءَ جي لاچار
آئي قضا ڪريم جي، تنهن دِلو هڻي ڪيو ڏار
لڙهي هلي لهرين ۾ درياءَ جي دڏکار
واڪون ويڙهي آئيا، مانگرمڇ هزار
لڏڙا، ڪڇون، ڪُميون، سَوين ٻيا سينسار
مارا ٿي مڙيا اچي، چڪ هٽي چوڏار

ٿيا آرَ آجل جا، ويچاريءَ تي وار
ويو سَت سرير مان، نيڻن وهيا نار
پُڪاريائين پريت مان آندر انڌوڪار
تہ مِهر ڪري ميهار، ساڻي ٿِجان سِير ۾
ساڻي ٿجان سِير ۾، سيءَ وڌو سوئي
سوئي لُڙڪ لوئي، متان آتي ئي مُنهن ڌوئي؟

٥- آيا ڏير ڏَمر جي، پڪڙي پنهون نيائون
سسئي ڪين سمجهيو، جا ڪيرت ڪيائون
ڇڏي نماڻي ننڊ ۾، ڇوهئون ڇڪيائون
مُنهن ڪري مڪران ڏي، ڪرها ڪاهيائون
سَسُئي کي سُڃو ڪري، رڻ ۾ راهيائون
ڪيا هِن ڪَئين ڪُوڪرا، پر سڏ نہ سُئائون
وييون وڄائون، وِلهيءَ جون وَڻڪار ۾
وِلهيءَ ڪَئِي وڻڪار ۾، ووءِ ڙي ووءِ
ووءِ لُڙڪ لوئي، متان آتي ٿي مُنهن ڌوئي؟

٦- صابر سَنْبهي سيگهہ مان، هو هوڪاري هليو
وٺي واٽ واريءَ جي، تنهن هيجئون هوڪاريو
مودري جي ملڪ ۾، تنهن عجب رنگ ڏٺو
پري هئي پيهي مٿي، جنهن ٿي جهار کي جهڻڪيو
نُوريءَ سين نيڻ مليا، صابر صبر ويو
پوءِ تہ اچي پريت جو، ماڳَهين مينهن وٺو
ٿيون روح رهاڻيون، ويڇو سڀ ويو
عشق لڪيو ڪينڪي، پڌرو ٿي پيو
روڪڻ وارن روڪ ڪئي، پر بره نہ بيٺو
آخر آنهن عاشق وٽ مصحف ميڙ مُڪو
تہ وري نہ اچج ويڙهہ ۾، آٿئي سُنْهُن اِهو
صابر ويو سَڀڙيءَ ڏي، سو وري ڪين وريو

نوران نُور ويو، ساريندي صابر کي
ساري ٿي صابر کي، اَها نِير نچوئي
چوئي لُڙڪ لوئي، متان اَتي ٿي منهن ڌوئي؟

[١١٣٤] ويٺو دونهان جهٽي، چاچا، ويٺو دونهان جهٽي

دلشاد هڪ دفعي گهمندي گهمندي هڪ شخص ڏٺو، جنهن ماني پئي پچائي. مينهن جي موسم هئڻ سبب ڪاٺيون پُسي پيون هيون، سو رڳو دونهون پئي ڪيائون. اهو حال ڏسي اچي وَلوءَ کي چيائين ته:

ويٺو دونهان جهٽي، چاچا، ويٺو دونهان جهٽي.

وَلوءَ اها معما هن طرح ڀڳي ته:

١- زال پرڻيو زور ڏيئي، ٻنهنجا پراوا پَٽي
سا مسڪين مري ويئي، ٻار ڇڏي ٻَه-ٽي
غربت ۾ اڳئي غرق هو، مٿان لاچار ڪيو لَٽي
ويتر ڪڪن ڪيون ڪيهون، جي سيءَ وڌا سَٽي
اوڇڻ جي آڻ-هوند کان، ڪاٺيون آيو ڪَٽي
متان مچ ڪرڻ لاءِ مرد سو، ويٺو دُونهان جهَٽي؟

٢- عورت پرڻيو آڻ پلي، سا چَري ڪئي چَٽي
سا کايو سڀ کپايو ڇڏي، جيڪي خان کَٽي
هاڻ داڻو ناهه دلي ۾، ڇِتي وڌا آهن ڇَٽي
ٻچا ويٺا ٻاڪارين، ٿو گِرَهه جڏهن گهَٽي
ويتر هاڻ وڻواند سا، ويٺي مڙس کان مُنهن مٽي
متان انهيءَ اڻبڻت کان، ويٺو دونهان جهَٽي؟

٣- مرض ۾ مبتلا، سا ڪنوار ڪيئن ڪَٽي
هي پڻ حڪيمن لاءِ، پيو پٽي سَٽي
ڪمائي وڃي قُوت ۾، لاڙي وڌو لَٽي

١١٣٤. "نئين زندگي" فبروري ١٩٥٥ع تان ورتل.

علم بنان آڌين سو، عاجز ڪيو آٽي
پنڻ مان پوري نہ ٿئي، ائين ٻيا بہ چئي ويا ٻَہ-ٽي
متان انهيءَ اوسيڙي ۾، ويٺو دونهان جهَٽي؟

٣- اُستاد سڀني آفيسرن جو، ڏُڪار وڌو ڏَٽي
آڪهہ وڏي، آنّ مهانگو، پيٽ وڌو پَٽي
پئسو ناهہ، پوشاڪ جي جهوريءَ وڌو جهَٽي
پگهار ٿورو پورت ناهہ، قرض وڌو ڪَٽي
بدلي ڏور، ڀاڙو وڏو، قافن ۾ ڪيئن ڪَٽي
متان مسافريءَ ۾ ماستر، سو ويٺو دونهان جهَٽي!

باب يارهون

گُرو چيلو

['گرو چيلي جا سوال جواب' بهراڙيءَ جي سگهڙن وٽ عام مقبول آهن. ڪچهريءَ ۾ هڪ سگهڙ 'گروءَ جو سوال' پيش ڪندو ۽ ٻيا ان کي ويچارينداَ ۽ ان جو جواب ڪوليندا.

هنن پرولين مان هرهڪ جون سنڌ جي جدا جدا پاڳن مان هڪ کان وڌيڪ روايتون مليون، جن کي پيٽي ۽ سُوڌي سَنواري متن ۾ رکيو ويو آهي، ۽ مکيه اختلافي روايتون هيٺ حاشيه ۾ ڏنيون ويون آهن. باقي ٻيون روايتون، جن ۾ جزوي يا محض ٻولي يا لفظن جو فرق هو، آهي نه ڏنيون ويون آهن، ڇاڪاڻ ته سَتن واري روايت انهن جو ڇڻ جامع عڪس آهي.

هنن پرولين ۾ 'گُرو' جي سوال واري ٻي ست جدا جدا نمونن سان ملي آهي، مثلاً:

ڪهه چيلا ڪيس ٻاڌ

—

ڪهه چيلا ڪيس بات

—

ڪهه چيلا ڪيس ناهه

—

ڪهه چيلا ڪين ناهه

—

ڪهه چيلا ڪيس پر

—

ڪهه چيلا ڪيا بات

—

ڪهه چيلا ڪم ٿاءِ

پر مَتن ۾ اها وراڻي هيٺين ٻن نمونن واري قائم رکي وئي آهي:

ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ

—

۽، ڪهو چيلا ڪس ٿاهه

سنڌ ۾ گُرو چهيلي جي سوال جواب واريون پروليون آڳاٽي وقت کان دلچسپي جو باعث رهيون آهن. انهن کان متاثر ٿي پوءِ انهيءَ طرز تي سنڌ جي ڪن سڄاڻ سگهڙن ۽ شاعرن به پنهنجون پروليون جوڙيون، جن مان رمضان واڍي، چاڪرخان ۽ لعلڻ خان لغاري جون پروليون مشهور آهن. لعلڻ خان لغاري جون جوڙيل پروليون، هوبهو گُرو چهيلي جي روايتي پرولين وانگر آهن، ۽ انهن جي وراڻي پڻ ساڳي "ڪهو چيلا ڪِس ڀاءِ" آهي. رمضان واڍي ۽ چاڪرخان جون پروليون انهي طرز تي ضرور ٺهيل آهن، مگر آهي گُرو چهيلي جي درميان سوال جواب جي بدران محض پروليون ڪري چيون ويون آهن. رمضان واڍي جي پروليءَ ۾ پهريون ٻه سِٽون مقصد واريون آهن، ۽ ٽي سٽ محض وراڻي طور هن طرح آهي ته: "رمضان واڍا، رحمان بنان ٻي تاري ناهه." چاڪرخان جي پروليءَ جي وراڻي هن طرح آهي ته:

چئي پرولي چاڪرخان
ڀلي ڀڃي ڪو سُرت سجان

هن قسم جي پرولي ۾ سٽاءِ جي لحاظ سان سوال هميشه 'گُرو' جي طرفان 'چهيلي' کي ٿئي، ۽ چهيلو انهيءَ جو جواب نه هجڻ (نهين) واري انڪاري جواب سان ڏئي، مگر هڪ پرولي "ها" جي جواب سان پڻ ملي آهي.

هن باب ۾ اول گُرو چيلي جي سوال جواب واريون آڳاٽيون عام مروج روايتون ۽ ان کان پوءِ شاعرن جون ساڳيءَ طرز تي جوڙيل پروليون ڏنيون ويون آهن.]

(الف) گرو چيلي جون روايتي پروليون

[١١٣٥]

گرو: چَرکي چَڪر لائيا، ڀؤڻ اَڀيڙا کاءِ
وَهُو ويچاري ڦِري، ڪهو چيلا ڪِس ڀاءِ؟
چيلو: گروجي آڻ نهين.

(جنڊ جي مڪڙيءَ ۾ آڻ (لوهي ڇلو) پيل ناهي ان ڪري رينگٽ پيو ڪري، ڀؤڻ ۾ به آڻ (تيل جو ٻُڙو) پيل ناهي تنهنڪري چيچاٽ ٿي ڪري، ۽ زال به هيڏانهن هوڏانهن پئي ڦِري جو کيس آڻ (جهل پل) ڪانهي.)

[١١٣٦]

گرو: اوٻاسي آنٽ گهڻي، ڀيٺي سُڪي جاءِ
تيل چڙهي ڪامڻي، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟
چيلو: گروجي آيا نهين.

(اوٻاسيون گهڻيون آهن جو آمل آيو ناهي، رِجيل زمين به سُڪي پئي جو هرن ڪاهڻ لاءِ هاري آيو ناهي، ۽ ڪنوار (ڪامڻي) به ونواهه ۾ ويٺي آهي جو گهوٽ اڃان آيو ناهي.)

[١١٣٧]

گرو: گَجڻا نه وسڻا، ڦُوڪڻا سپ نه کاءِ
عاشق سڄي رات ٻيٺا، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟

[١١٣٦] ٻي روايت: ڪهو چيلا ڪس ٺاهه؟
[١١٣٧] ٻي روايت:
جهڙ گجدا وسدا نهين، عاشق معشوق ملدا نهين
نانگ پيران وچ ڦِردا ڏنگدا نهين، ڪهه چيلا ڪسي بات؟

چيلو: گروجي **آمر** نهين.

(گجي ٿو پر وَسي نٿو جو خدا جو آمر ناهي، ڦُوڪون ڏيندڙ نانگ به ڏنگي نٿو، جو ان کي آمُتر ناهي، ۽ عاشق به سڄي رات معشوق جي انتظار ۾ ويٺو رهيو جو کين ملڻ جو امر نه هو.)

[١١٣٨]

گرو: ٻيڙي پار نه آڪري، جنڊ رکيو جاءِ
عورت ميٽ نه مَليا، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي **اولاد** نهين.

(ٻيڙي پار نٿي آڪري جَو اولو (ڳن) ڪونهي، جنڊ اٽو نٿو پيهي جو هوا کان اولو ڪونهي، ۽ عورت به ميٽ نٿي مَلهي جو وهنجڻ لاءِ اولو ڪونهي.)

[١١٣٩]

گرو: ڍڳي ڦِردي رهه ڳَئي، واهي وَهي جاءِ
راڄ رُٺا رهه ڳيا، ڪهو چيلا ڪس ٺاهه؟

چيلو: گروجي **ٻڌي** نهين.

(واهي وهندي رهي جو ڪنهن ٻَڌِي ناهي، ڍڳي به رُلندي رهي جو ڪنهن ٻَڌِي ناهي ۽ راڄ به رُٺو رهيو جو راڄ ۾ ٻَڌِي ناهي.)

[١١٣٨] ٻيون روايتون:

١. مهري وهنجندي نهين، ماني پڪدي نهين
معشوق مليا نهين، ڪهه چيلا ڪس بات؟

—

٢. چَڪِي والي غم ڪيتا، پارا بهت پوندا
ڪَشتي پار نه چَلڻا، ڪهه چيلا ڪيا بات؟

—

٣. باهه سهاءِ نه ڏئي، جنڊ آٽو نه ڏئي
سَنڊ درياءِ نه ٽپي، ڪهه چيلا ڪس بات؟

[١١٤٠]

گرو: ڌڻي ٻڪري نہ سُڃاڻي، اَٺ کٻڙ نہ کاء
هاري جهار نہ هڪلي، ڪَهو چيلا ڪس ٺاهہ؟

چيلو: گروجي **ٻوري** نهين.

(ٻڪرار ٻڪري نٿو سُڃاڻي جو ٻُورِي (ٻڪري جو قسم) ناهي، يعني ٻئي رنگ جي آهي، ڪُڙمي بہ جهار نٿو هڪلي جو پوک ٻُورِي (سنگن پچڻ وقت، مٿان ٻوري يا ٻُرٻُر) نہ آهي، ۽ کٻڙ کي بہ ٻُورِي (ٻُور) ڪانهي، تڏهن اَٺ نٿو کائي.)

[١١٤١]

گرو: جَت اَٺ تي نهين چڙهدا، پٽڪا سِر تي نهين ٺهدا
بادشاهہ فرياد نهين سُڻدا، ڪهو چيلا ڪس بات؟

چيلو: گرو **ٻيٺا** نهين.

(اَٺ تي جت نٿو چڙهي جو اَٺ ويٺو ناهي، پٽڪو بہ سِر تي نٿو ٺهي جو پوريءَ طرح ويٺو ناهي، بادشاهہ بہ فرياد نٿو ٻُڌي جو اڃان تخت تي ويٺو ناهي.)

[١١٤٢]

گرو: ڪوٺي چڙهي ڪامڻي، ڀُون-پَٽ ساٿ چڙهيا
ڀاڳيا اول نہ ڏيوي، ڪهو چيلا ڪس ڀاء؟

چيلو: گروجي **ڀؤ** نهين.

(زال کُڏ تي چڙهي بيٺي آهي جو مڙس جو ڊپ ڪونهيس، قافلي برپٽ واري سُڃِي واٽ ورتي آهي جو ڦورن جو ڊپ ڪونهي، ۽ مال وارو ڀاڳيو واڙ کي لوڙهي جي پناهہ نٿو ڏئي ڇاڪاڻ تہ چورن جو ڊپ ڪونهيس.)

[١١٤٢] ٻي روايت:

ڪوٺي چڙهي ڪامني، ٻُولٽ چڙهيا ساڌ
ڀاڳيا آرلي نہ ڏيوي، ڪهہ چيلا ڪس بات؟

[١١٤٣]

گرو: ساڻ سويلا آئيا، ڪاهي انّ نہ پاءِ
ٻَهُون ٻولي هَسْتَني، ڪهو چيلا ڪس پاءِ؟

چيلو: گروجي **پؤ** نهين.

(قافلو جلدي آيو آهي جو واٽ تي ڦُر جو پؤ نہ هوس، ڪاهيءَ ۾ آنّ نڪو پوي جو ڪاهي پرجي وئي آهي ۽ وڌيڪ جاءِ ناهيس، ۽ عورت ۽ گهٽو تي ڳالهائي جو مڙس جو پؤ ناهيس.)

[١١٤٤]

گرو: ٻيڙي جر ۾ نہ هلي، گاڏي چَلي نہ جاءِ
دوست محبت نہ ڪري، ڪهو چيلا ڪس پاءِ؟

چيلو: گروجي **تار** نهين.

(ٻيڙي نڪي هلي جو پاڻي تار نہ آهي، ريل گاڏي ۽ نڪي هلي جو ٻيءَ اسٽيشن تان تار نہ پُهتي آهي، ۽ معشوق کي ۽ دوست نڪو ملي جو عشق جي تار ناهيس.)

[١١٤٥]

گرو: چلهِ رسيلي نہ رهي، تُري ٽپ نہ ڪاءِ
ڪُتا هرڻين نہ پُڄي، ڪهو چيلا ڪس پاءِ؟

چيلو: گروجي **تازي** نهين.

(چلهِ رسيلي ناهي جو پاڻي وڃي تازي ڪيل ناهي، گهوڙي ۽ ٽپ نڪي ڏئي جو تازي ناهي، ۽ ڪُتو ۽ هرڻ کي نڪو پُڄي جو تازي ناهي.)

[١١٤٦]

گرو: بيل گاڏي بند رهي، چور نہ چوري جاءِ
ڪڙي راڳ نہ راسيا، ڪهو چيلا ڪس پاءِ؟

چيلو: گروجي **تاڙي** نهين.

(گاڏي کي تاڙي ڪانهي تڏهن بند رهي، چور چوري نٿو ڪري جو تاڙي (جاچي) ڪانهيس، ۽ کدڙي جو راڳ به رس نٿو ڪري جو ساڻس تاڙي وڄائڻ وارو ڪونهي.)

[١١٤٧]

گرو: واڍا نار نه چاڙهي، مهمان ٻيٺا نه جاءِ
دشمن هر هر آوي، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي **تڏا** نهين.

(واڍو نار نٿو چاڙهي جو تڏو (کوهاڏو، پڙاڏو) ڪونهي، مهمان ويهي نٿو جو تڏو ڪونهي، دشمن به وري وري ٿو هلان ڪري جو تَڏيل (هٽايل) ڪونهي.)

[١١٤٨]

گرو: ڪام ڪوٺي نا چڙهي، اٺ نه جت سين جاءِ
نديا پار نه وڃڻا، ڪهو چيلا ڪِس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي **تري** نهين.

(گهر تي ڪام نٿي چڙهي، جو تَرِي (گهڙيل) ناهي، اٺ جت سان نٿو هلي جو اٺ کي به تَرِي (نَڪ جي سوراخ ۾ ڌاڳو ٻڌل) لڳل ناهي، ندي به تَرِي نه اٿس تنهنڪري پار نٿو وڃي.)

[١١٤٩]

گرو: ول وڻ تي نه چڙهي، مَڇِي دَٻِي جاءِ
بيمار بُکيا رهه ڳيا، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي **تور** نهين.

(ول وڻ تي نٿي چڙهي جو ول جي موسم ناهي، مڇي به گهڻي ناهي جو تُور نه ڪيو اٿس، ۽ بيمار به ٻکيو ان ڪري رهيو جو تُوري ڀاڄي ناهي، جنهن سان ماني کائي.)

[١١٥٠]

گرو: چرخا چيچٽ ڪري، لٽ لڙڪا جاءِ
ٽهه ٽهه ڪري ڪامڻي، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي **ٺوڪيا** نهين.

(نار چيچٽ ٿو ڪري جو واڍي ٺوڪيو ناهي، نار جي لٽ به پئي لڏي جو چڱيءَ طرح ٺوڪيل ناهي، ۽ عورت به وڏي آواز سان ٿي کيلي جو ان کي مڙس سيکت نه ڏني آهي.)

[١١٥١]

گرو: بڙا موتي مُلهه ٿورڙا، ڪري نه ڪٽاري گهاءِ
تلاءُ سُڪا رهه گيا، ڪهو چيلا ڪِس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي **پاڻي** نهين.

(موتي وڏو پر قيمت ٿوري اٿس جو آبدار (پاڻي وارو) ناهي، ڪٽاري گهاءُ نٿي ڪري جو ان کي پاڻي آيل ناهي، ۽ تلاءُ به سُڪو پيو آهي، جو ان ۾ پاڻي ناهي.)

[١١٥٢]

گرو: ڪِرڙ وڻ نه وڻي، اوڏ نه مِٽي چاءِ
بيمار سُتِي نه پِيئي، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي **پسي** نهين.

[١١٥١] ٻيون روايتون:

١. جمل جلدي نه ڪري، ڪانٽا ڪري نه گهاءِ
زمين ڦِر ڦِر ٽڪا، سبزي نه ديکا ساءِ
ڪهه چيلا ڪيسي بات؟

٢. موتي بڙا، ملهه ٿورڙا، ڪنا ڪري نه گهاءِ
رڻ گهڙيا رجپوت لڙيا نهين، ڪهه چيلا ڪس ٺاهه؟

(ڪرڙ وڻ نٿو وڻي جو منجهس پُسِي ڪانهي، اوڏ مٽي نٿو کڻي جو مِٽي پُسِي (ڀِنل) ڪانهي، ۽ بيمار سُتِي نٿو پيئي، جو آها پُسِي ڪانهي.)

[١١٥٣]

گرو: مرد درياءُ نہ گهڙي، گوري هار نہ پاءِ
جهُونا راجا راڄ ڪري، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي **پوتيا** نهين.

(مرد درياءِ ۾ نٿو گهڙي جو وٽس گوڏ ٻڌڻ لاءِ پوتيو (پوتڙو) ناهي، عورت بہ هار نٿي پائي جو آهو پُوتو ناهي، ۽ پيرسن راجا اڃان راڄ پيو هلائي جو کيس پُٽ ناهي.)

[١١٥٤]

گرو: پُرس سُونهان نہ پُرِي، اک نہ ڇُٽي جاءِ
ڪچهري رس نہ ڪري، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي **پها** نهين.

(پُرس سونهين کان سواءِ نٿو هلي جو پَهو يعني پيچرو ناهي، اک بہ نٿي ڇُٽي جو پهو ٻڌل ناهي، ۽ ڪچهري بہ رس تڏهن نٿي ڪري جو پَهُہ يعني ارادو يا خيال هڪ جاءِ ناهي.)

[١١٥٥]

گرو: دُونهِي دُونهن نہ سِنجرِي، محل نہ جهٽي واءِ
مِيهہ نہ ماري مڇلي، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي **جاري** نهين.

(دونهيءَ مان دونهون نٿو نڪري جو ان کي کولي جاري نہ ڪيو ويو آهي، محل ۾ بہ واءُ نٿو اچي جو ڪٿان جاري

[١١٥٣] ٻيون روايتون: ١. هندو گنگا نہ گهڙي-الخ.
٢. جهونا راجا جُڳ ڪري-الخ.

[١١٥٥] سِنجري=نڪري.

يعني ڪڙڪي نہ اٿس، ۽ مهاڻو بہ سچي نڪو ماري جو وڻس چاري ڪانهي.)

[۱۱۵۶]

گرو: راڄ رسيلا نا رهيا، مُردا مقام نہ جاءِ
حاڪم عدالت ناڪري، ڪهو چيلا ڪس ناهم؟

چيلو: گروجي **جوڙي** نهين.

(راڄ رس نڪو ڪري جو جوڙي (ڳانڍي جو جوڙ) ناهي، ميت بہ مقام پيڙو نڪو ٿئي جو جوڙي (ڪفن) ناهي، ۽ حاڪم عدالت نڪو ڪري جو ڪورٽ جوڙي (ويهاري) نہ اٿس.)

[۱۱۵۷]

گرو: پاري اڪ نہ ساڙيا، مائي نہ گهوگهاءِ
ڪامڻ گهر هال نہ رويا، ڪهو چيلا ڪس پاءِ؟

چيلو: گروجي **چاوا** نهين.

(پارو آڪ نڪو ساڙي جو ڇاڏو ناهي، مائي ولوڙجي نڪي جو ڪير بہ ڇاڏو ناهي، ۽ گهر مان هارڙي جي روئڻ جو آواز نڪو اچي جو ڇاڏو ناهي.)

[۱۱۵۸]

گرو: عورت اوڏي تي چڙهي، چور چوري ڪُونہ جاءِ
مرد ميڙي ۽ بُڪ مري، ڪهو چيلا ڪس پاءِ؟

چيلو: گروجي **روڪ** نهين.

(عورت ٽلهي تي چڙهي ٿي جو ڪيس روڪ (منع) ڪانهي، چور بہ چوري پيو ڪري جو ڪيس روڪ (جهلَ) ڪانهي، ۽ مرد بہ ميڙي ۽ بُڪ پيو مري جو وڻس روڪ (نقد) ناهي.)

[۱۱۵۹]

گرو: هيلي پيو بُڪ مري، ٻني وڻي ويو گاهم
لشڪر سپاهم نہ وڙهي، ڪهو چيلا ڪس ناهم؟

چيلو: گروجي **ساهي** نهين.

(سيٺ جَت کي پهچ نٿو ڏئي جو ساهي (واندڪائي) نہ اٿس، ٻني ۾ بہ گاهہ گهڻو ٿيو آهي جو کيس ساهي (آرو) ڏنل ناهي، ۽ لشڪر بہ دشمن سان نٿو وڙهي جو اُن کي بہ ساهي (موڪل) ڪانہ ملي آهي.)

[١١٦٠]

گرو: رُٺا عاشق آپہي پَرتا، چَڪر ڦِري نہ جاءِ
ڳوري ڳهڻا نہ ڪري، ڪهو چيلا ڪيا ڀاءِ؟

چيلو: گروجي **سري** نهين.

(عاشق ازخود اچي معشوق سان مليو جو ان کان سواءِ سَرِي نہ سگهيس، چڪر (نار) بہ ڦِري نٿو، جو اُن کي سَري (سرائي) ڪانهي، ۽ عورت بہ ڳهہ نٿي پائي جو سَرَ (ڏانوڻي) ڪانهيس.)

[١١٦١]

گرو: ڀَينْس دوها نہ ڀريا، ٻورا ٽُوٽا جاءِ
نَفر سڏ ديا نهين، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي **سوئا** نهين.

(مينهن کير سان ساڙهو نٿي ڀري جو سُوئا ناهي، ٻورو بہ انهي ڪري ڦاٽل آهي جو سبڻ لاءِ سوئو ڪونهي، ۽ نوڪر بہ سڏ نٿو ڏئي جو سُئو يعني ٻُڌو ناهيس.)

[١١٦١] ٻيون روايتون:

١. مينهن ماٽا نہ ڀري، ٻانهي سڏ نہ اَناءِ
ٻوري رہ ڳئي جاءِ، ڪهہ چيلا ڪس ڀاءِ؟

٢. ڀينس دوها نہ ڀري، ٻوري کُٿي جاءِ

[١١٦٢]

گرو: ڏُونُ ڏاندين هَر نہ هلي، ڌڌڪا ڪري نہ درياه
پَهرُو کائڻ پاپ هي، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي **سير** نهين.

(ٻن ڏاندن هوندي بہ هر نٿو هلي جو ڍڳن کي هلائڻ واري سير (نوڙي) ناهي، درياء بہ گاج نٿو ڪري جو اڃان سير نہ ڪئي اٿس، ۽ پَهرُو کائڻ بہ پاپ آهي جو سير (تڪبير) پيل ناهي.)

[١١٦٣]

گرو: بينگ ڀؤنڪڻ بين نہ رهي، گهوڙا گاهہ نہ کاءِ
مرد نہ آوي ڀاڪرينُ، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي **سينڌا** نهين.

(ڪتو ڀؤنڪڻ نٿو ڇڏي جو ماڻهو سهينڌو (واقف) ناهي، گهوڙو گاهہ نٿو کائي جو سهينڌو (تازو) ناهي، ۽ مرد بہ کيڪر ۾ ڀاڪر نٿو پائي جو سهينڌو (واقفڪار) ناهي.)

[١١٦٤]

گرو: مُلانُ نڪاح نہ پڙهيا، حاڪم عدالت نہ جاءِ
چور چوري نہ ڏَسي، ڪهو چيلا ڪس ٺاهہ؟

چيلو: گروجي **شاهد** نهين.

(ملان نڪاح نٿو پڙهي جو شاهد نہ آهن، حاڪم بہ عدالت نٿو ڪري جو شاهد ڪونهن، ۽ چور چوري موٽائي نٿو ڏئي جو ان جا شاهد ناهن.)

[١١٦٢] ٻي روايت:
ڏونُ ڏاندين هر نہ هلي، ڌُڌڙ نہ ڪري درياء.

[١١٦٥]

گرو: پان سڙي، گهوڙو آڙي، وِديا وِسرجاءِ
روٽي سڙي آڱاريهين، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي **ڦيريا** نهين.

(پان رکئي رکئي سڙي پيو، جو ان کي ڪنهن ڦيرايو (اٿلايو) ناهي، گهوڙو به هلندي هلندي آڙي ٿو ڪري، جو اهو ڦيرايل (چڙهي گهمايل) ناهي، علم به وسريو وڃي، جو ان کي اٿلايو (دؤرڪيو) ناهي، ۽ ٽانڊن تي به ماني پئي سڙِي جو اها به ڪنهن اٿلائي ڪانه ٿي.)

[١١٦٦]

گرو: آگ تماڪُو نه لڳي، مرد مِهري نا ٺاهه
راجا جهونا، رعيت ديواني، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي **ڪانڊا** نهين.

(تماڪ کي باهه نٿي لڳي جو ٽانڊو ڪانڊو (ٻير يا ڪنڊي وڻ جو) ناهي، زال ۽ مڙس جو ٺاهه ڪونهي جو مڙس سخت طبع ناهي، ۽ رعيت ديواني ان ڪري آهي جو راجا پيرسن هئڻ سبب ڪنڊي وارو (ڏَکي وارو) ناهي.)

[١١٦٧]

گرو: ڦَڪِي فرق نه ڪري، روٽِي پَڪِي نه جاءِ
کجور کائِي نه جائِي، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟

[١١٦٥] ٻيون روايتون:

١. پن سڙي، گهوڙو اڙي، وديا وسرجاءِ
ڪِر پر روٽي جل رهي، ڪهو چيلا ڪس بات؟
٢. پاڻ سڙي، گهوڙو آڙي، وِڄا وِسرجاءِ
روٽو سڙي راک ۾، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟

[١١٦٧] ٻي روايت: ڪَلُوَتُ کجور نه کاڌي، پوپا پڪا نه جاءِ
ڪَلُوَتُ = گدڙ. ڦڪِي فَرق نه ڪري، ڪهه چيلا ڪس ٺاهه؟

چيلو: گروجي **ڪري** نهين.

(دوا فائدو نٿي ڪري جو اَن جي ڪِرِي (پرهيز) ناهي، ماني به نٿي پچي جو ڪِرِ (ڦُلهيار) ناهي، ۽ کجور به کائي نٿي سگهجي جو وڻ مان ڪِرِي ناهي.)

[١١٦٨]

گرو: بر ۾ بيل سينگاريا، ري آرلهين مال جاءِ
ٽَهه ٽَهه ڪري ڪامڻي، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي **ڪوڏر** (ڪو+ڏر) نهين.

(بر ۾ ڏاند سينگاريو پيو گهمي جو ڪوبه ڏر (ڀؤ، ڊپ) ناهي، مال کي به بند ڪرڻ لاءِ آرليون (ڪاٺيون) ڏنل ناهن جو ڪوبه ڏر ناهي، ۽ عورت به زور سان ٿي کِلهي جو کيس ڪوبه ڏر (ڊپ) ڪونهي.)

[١١٦٩]

گرو: کَٽ تي رَلي نه ٺهي، دايا مٽي نه چاءِ
نينگر گهر وچ رو رَهي، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي **گڏي** نهين.

(کٽ تي پيل رَليءَ تي گُڏِي (ٽُڪَ) ڪانهي ان ڪري سونهي نٿي، دايو مِٽي نٿو کڻي جو هُن گُڏِي (ڪُٽِي) ڪانهي، ۽ ڇوڪر کي به گُڏِي (رانديڪو) ڪانهي جا ڏسي ماٺ ڪري.)

[١١٧٠]

گرو: مهمان مانِي نه ملي، جوان جُتِي نا پاءِ
آسٽِي پاڻي نا ڀري، ڪهو چيلا ڪس ٺاهه؟

[١١٦٩] ٻي روايت:
ڇوڪري بس ڪريندي نهين، اوڏ مِٽي چائيندا نهين
رلِي کَٽ تي ٺهدي نهين، ڪهو چيلا ڪس بات؟

چيلو: گروجي **گهڙي** نهين.

(مهمان کي ماني نٿي ملي جو ماني گهَڙِي (ٺاهي) ناهي، جوان به جُتِي نٿو پائي جو جُتِي اڃان گهَڙِي (ٺهي) ناهي، ۽ عورت به پاڻي نٿي ڀري جو اَن وٽ گهَڙِي (دِلي) ڪانهي.)

[١١٧١]

گرو: ڪوٺي چڙهي ڪامڻي، ٻيڙي کُوها نه چاءِ
هوندي ثمر صدا هڻي، ڪهو چيلا ڪس ٺاهه؟

چيلو: گروجي **لاجو** نهين.

(عورت جاءِ تي چڙهي ٿي جو کيس لڄ ناهي، ٻيڙيءَ جو کوهو به نٿو کڄي جو لاڄُو (سڙهه) ٻڌل ناهي، ثمر هوندي پِني ٿو جو کيس لڄ ڪانهي.)

[١١٧٢]

گرو: عاشق معشوق نه مليا، قاصد کڙا اَناءِ
واڻيا پَٽي وَهِي ڪُونْ، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي **لکيا** نهين.

(عاشق معشوق نه مليا جو سندن لِکيو نه هو، قاصد لاءِ به خط لِکيو ناهي جو کڻي وڃي، ۽ واڻيو منجهي پيو آهي جو وٽس لِکيو (حساب) ڪونهي.)

[١١٧٣]

گرو: برجلوٽ باز نه ماري، ڀَڙڪا ڪري نه باهه
معشوق منهن موڙ ڳيا، ڪهو چيلا ڪِس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي **لڳي** نهين.

(برجلوٽ بندوق باز کي نٿي ماري جو لڳِي (ڇُٽي) ناهي، باهه به ڀڙڪو نٿي ڪري جو اها به لڳِي (دُکي) ناهي، ۽ معشوق مُنهن موڙي ويو جو ان جي به دل لڳِي ناهي.)

[١١٧٤]

گرو: ڍڳي ڍُڪي نہ رهي، عاشق ڪري نہ آهہ
آگ اُلا نہ ڪري، ڪهو چيلا ڪس ٺاهہ؟

چيلو: گروجي لڳي نهين.

(ڍڳي ڍُڪي نہ آهي جو لڳي ناهي، عاشق معشوق بہ پاڻ ۾ نٿا ملن جو دل لڳي ناهي، ۽ باهہ اُلا نٿي ڪري جو پوريءَ طرح دُکي ناهي.)

[١١٧٥]

گرو: آڌوتي اُس مري، ڍولڪ ڪري نہ ٺاهہ
ٻانهي ٻَهُون حاج ڪري، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي مڙهي نهين.

(ٻائو اُس ۾ پيو مري جو کيس رهڻ لاءِ مڙهي ڪانهي، ڍولڪ بہ پوريءَ طرح آواز نٿي ڪري جو مڙهيل ناهي، ٻانهي بہ گهڻو ڪم ٿي ڪري جو مڙهي (پوڙهي) ناهي، يعني جوانَ آهي.)

[١١٧٦]

گرو: اُٺ وِرک نہ کائيي، مرد آيا نہ ڪچهري جاءِ
مِهري نٿ نہ پاوي، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي مور نهين.

[١١٧٦] ٻيون روايتون:

١. آهُو وڻ نهين چرندا، مرد ڪچهري نهين ٻهندا
مِهري لٿ نهين پاوندي، ڪهو چيلا ڪيا بات؟

٢. اُٺ گاهہ نہ چري، سهاڳڻ زال نَٿ نہ ڪري
نانگ گهر ۾ هرهر گهڙي، چئو چيلا ڪهڙي بات؟

(اَٽ گاهه نٿو کائي جو گاهه ۾ مورَ (گؤنچ) ڪانهي، مرد به ڪچهريءَ ۾ نه آيو جو ڪچهريءَ جي ويهڻ جو ڏانءُ ڪونهيس، ۽ عورت به نَٿ نٿي پائي، جو نَٿ ۾ مورُ (ڇٽ) ڪونهيس.)

[١١٧٧]

گرو: مَڙهي آڏي ڍينگهري، ڳوڌا ناٺا جاءِ
ڳوري مُک سُونهي نهين، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي **ناٿ** نهين.

(مڙهي جي دروازي کي ڍنگري آيل يعني دروازو پوريل آهي جو مڙهي ۾ ناٿ (فقير) ڪونهي، ڍڳو ڀڳو وڃي، جو نڪ ۾ نَٿ لڳل ڪانهيس، عورت جو مُنهن به سهڻو نٿو لڳي جو نَٿ پيل ڪانهيس.)

[١١٧٨]

گرو: بَڙ موٽائي ڏِنگا، مُئا مڻ ورجاءِ
لکيا خط پيڇي وَلهي، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي **وانچيا** نهين.

(بڙ جو وڻ ڏنگو آهي جو ڪنهن سنڀال نه لڌي، مَڻ به نانگ جي ڏنگ تي نٿي لڳي جو گوڳي چهواڻ جي واچا (قَسم) پيل ناهي، ۽ خط موٽيو اچي جو ڪنهن پڙهيو ناهي.)

[١١٧٩]

گرو: مرد کٽولي نه بيٺا، کُوها گِرگِر جاءِ
هَٽِي سودا نه مِلي، ڪهو چيلا ڪيا ڀاءِ؟

چيلو: گروجي **واڻيا** نهين.

[١١٧٨] ٻي روايت: بڙ موٽا ڏِنگا کڙا، سَپ ڏلگيا جاءِ
ڀيجيا خط وليا نهين، ڪهو چيلا ڪس ٺاهه؟

(مرد کٽولي تي نہ ويٺو جو واڻيل ڪونهي، کوهہ بہ هرهر ڊهي ٿو پوي جو واڻيل (لئي جي ورن سان ٻَڌل) ناهي، ۽ هٽ تان سودو نٿو ملي جو واڻيو ڪونهي.)

[١١٨٠]

گرو: ڪَنڊِي واٽ رَنڊِي، سِپَر ٺهينڪا کاء
حاڪم عدالت نہ ڪري، ڪهو چيلا ڪس ڀاء؟

چيلو: گروجي **وڍي** نهين.

(ڪنڊيءَ جو وڻ واٽ ٿو رنڊِي جو وڍيل ناهي، ڍال پئي لچڪا کائي جو چم جي وَڍِي يعني (ڪشو) پيل نہ اٿس، ۽ حاڪم بہ غور نٿو ڪري جو وَڍِي يعني (رشوت) نہ ملي اٿس.)

[١١٨١]

گرو: پانڌيڙو پنڌ نہ اُڄهي، گهايل ڪري نہ گهاء
واڻيا هٽي مونجهہ رهيا، ڪهو چيلا ڪس ڀاء؟

چيلو: گروجي **وهي** نهين.

(پانڌيڙي جي وَهِي يعني جواني ناهي جو پنڌ ڪري سگهي، گهايل بہ گهاءُ نٿي ڪري جو اڃان وَهِي يعني اُڙهي ناهي، ۽ واڻيو بہ هَٽ تي مُنجهيو ويٺو آهي جو وهِي يعني بَنڊِي هٿ نٿي اچيس.)

[١١٨٢]

گرو: سُئي وچ سڳا نہ پيا، چنڊ نہ ڪيتا شعاع
مهمان گهر نہ ٽِڪيا، ڪهو چيلا ڪس ڀاء؟

[١١٨٠] ٻي روايت:
ڪلهي ڍال نہ اٽڪي، ڪنڊي ڏئي نہ راهہ
حاڪم عدالت نا ڪري، ڪهو چيلا ڪس ڀاء؟

چيلو: گروجي لڙ هين.

(سُئيءَ ۾ سڳو نہ پيو جو اکين ۾ ڌنڌ آهي، چنڊ بہ سُهائو نٿو ڪري جو آسمان ۾ لُڙ (ڌُنڌ) آهي، ۽ مهمان بہ گهر ۾ نہ ٽِڪيو جو گهر ۾ لُڙ (جهيڙو) آهي.)

[١١٨٣]

گرو: سُئيءَ ۾ ڌاڳو پوي ڇو نہ
طعام ۾ پاڻي وجهي ڇو نہ
مرد گهر ۾ رهي ڇو نہ؟

چيلو: گروجي لڙ آهي.

(سُئيءَ ۾ ڌاڳو نٿو پوي جو اکين ۾ لُڙ آهي، تنهنڪري نظر نٿو اچي، پاڻي بہ طعام ۾ نٿو وجهي جو پاڻي لُڙاٽيل آهي، ۽ مرد بہ گهر ۾ نٿو ويهي جو گهر ۾ بہ لُڙ (جهيڙو) آهي.)

(ب) شاعرن جون جوڙيل پروليون

١. رمضان واڍي جون چيل پروليون

[١١٨٤]

ترڪاري پاڻي نہ وهي، پاڻي جهنگل جاءِ
ڪاٺي بَچِي باهہ کان، رُپي لُسري ناهہ
"رمضان واڍا" رحمان بنان ڪا تاري ناهہ؟

جواب: ٻاري ناهي.

(پاڻي نٿو اچي جو ٻارا ٻڌل ناهن، پاڻي بہ جهنگل ۾ وَهيو وڃي جو ان کي ٻَنو ٻڌل ڪونهي، ڪاٺي ٻرڻ کان بچي وئي آهي جو ٻارِي ڪانهي، ۽ رُپو (چاندي) بہ اڃان لُسري نہ ٿيو آهي جو اَن کي رجايو ناهي.)

[١١٨٥]

مالڪيٽ مڇي نہ ڍُڪي، دوا سَنڌ سُڪاءِ
زال مڙس تي قابو آهي، چور چوري کاءِ
"رمضان واڍي" رحمان بنان ڪا تاري ناهہ؟

جواب: ماري ناهي.

(مڇي مارڪيٽ ۾ نٿي اچي جو مارِي ناهي، دوا بہ کائڻ سان سَنڌ سُڪائي وڌا آهن جو پوريءَ طرح ماريل ڪانهي، زال مڙس تي قابض آهي جو ماريل ڪانهي، ۽ چور بہ چوري کايو وڃي جو اُن تي مار ڪانهي.)

[١١٨٦]

گُندي وَڌائي ناهي، مڇي پَلِي اغيار
جنگ وارن خوشي منهن ۾، پوک کائي پئي جهار
"رمضان واڍا" رحمان بنان ڪا تاري ناهہ؟

جواب: هاري ناهي.

(گُندي ڀريل آهي جو اُن مان اَنّ ڪڍيو ناهي، مڇي خريدار نہ ورتي جو اُن جي بہ هارِي ناهي، جنگ وارا خوش آهن جو جنگ هارِي نہ اٿن، ۽ پوک کي جهار کائي ٿي وڃي جو هارِي ڪونهي.)

[١١٨٥] ٻيون روايتون:

١. مڇي مالڪيٽ نہ اچي، عورت اجايو ڳالهاءِ
دوا فرق نہ ڪري، چئو چيلا ڪهڙي بات؟

٢. تيلي آگ نہ لائي، زال ٿي مڙس کي دٻائي
مرون پوک ٿو کائي، ڪهہ چيلا ڪِس بات؟

[١١٨٦] وَڌائڻ = هارڻ، خالي ڪرڻ. مڇِي پَلِي = موٽائي.

٢. چاڪر خان جون پروليون

[١١٨٧]

راڳي راڳ نہ ڳائي ٿو
ٻيڙو پار نہ جائي ٿو
شرم ڪنان ڪنڌ چائي ٿو
چئي پرولي "چاڪر خان"
ڀلي ڀڃي ڪو سُرت سجان؟

جواب: **تار** ناهي.

(راڳي راڳ نٿو ڳائي جو يڪتاري ۾ تارَ نہ اٿس، ٻيڙو بہ پَتڻ پار نٿو وڃي جو پاڻي تار ناهي، ڪنڌ کڻندڙ کي ۽ شرم هوندي بہ ڪنڌ کنيو هلي، جو شرم (گهڻو) تار ناهيس.)

[١١٨٨]

ماڻهو واهڙ مان اچن وڃن ٿا
ساز سُرندا ڪين وڄن ٿا
عاشق معشوق ڪين ملن ٿا
چوي پرولي "چاڪر خان"
سمجهائي ڪو سُرت سجان؟

جواب: **تار** ناهي.

(ماڻهو واهڙ مان پيا اچن وڃن جو پاڻي تار ناهي، ساز سُرندا بہ نٿا وڄن جو انهن ۾ وڄت جي تارَ پيل ناهي، ۽ عاشق معشوق بہ پاڻ ۾ نٿا ملن جو عشق جي تارَ نہ اٿن.)

[١١٨٩]

١. قدر لُنگيءَ جو ڪين ڌري ٿو
ڪام صُفي تي ڪين چڙهي ٿو
گهوڙو ميدان تي ڪين هلي ٿو

زخم ڇُريءَ جو ڪين ڇُٽي ٿو
واهي 'ڪُؤڙي' سان ڪين هلي ٿو
چئي پرولي "چاڪر خان"
ويهي ڀڃي ڪو سُرت سجان؟

جواب: پٽ ناهي.

(لونگيءَ جو قدر نٿو ٿئي جو پَٽُ يعني ريشم ناهي، صفي تي به ڪام نٿي چڙهي جو ان کي پَٽُ يعني گند لڳل ناهي، يعني ننڍي آهي، گهوڙي کي به پَٽ (هلڻ لاءِ) ڪونهي، تڏهن ميدان نٿو هلي، زخم نٿو ڇُٽي جو پَٽي ٻڌل ناهي، ۽ ڪُوڙي سان واهي نٿو هلي جو تاڃي پيٽي پَٽ يعني سچو ناهي.)

٢. واهي وسوڙو وڃي ٿو
قدر لنگيءَ جو ڪين ڪري ٿو
گهوڙو ڏاڍيان ڪين ڀڄي ٿو
ڪاٺ جاءِ تي ڪين ٺهي ٿو
آزار چريءَ جو ڪين لهي ٿو
چئي پرولي "چاڪر خان"
سمجهائي ڪو سُرت سجان؟

جواب: پٽ ناهي.

(واهي وسوڙو ٿو وڃي جو پاڻ سان پَٽ (پٽو) نه کنيو اٿس، لونگيءَ جو قدر نٿو ٿئي جو پَٽَ جي ناهي، گهوڙو ڊوڙي نٿو جو پَٽ (ميدان) ڪونهي، ڪاٺ به جاءِ تي نٿو چڙهي جو ننڍو آهي ۽ پَٽ لڳل ڪونهيس، چريءَ جو آزار نٿو لهي جو ڦٽ تي (پَٽي) ٻڌل ناهي.)

[١١٩٠]

روز وڙهن ٿا پيءُ پُٽ پاڻ
گهوڙا بک ۾ هڪڙي ٿاڻ
تڙ تي اڄيا پاڻيءَ ڪاڻ
چئي پرولي "چاڪر خان"
ڀلي ڀڃي ڪو سُرت سُجان؟

جواب: رس ناهي.

(پيءُ ۽ پٽ پاڻ ۾ روز وڙهن ٿا جو رَسُ (صلح) نه اٿن، گهوڙا به هڪڙي ٿاڻ تي بک پيا مَرن جو رَسُ (کاڌو) ڪونه اٿن، ۽ تڙ تي مسافر اڄ پيا مرن جو رَسو نه اٿن جو تڙ مان پاڻي ڪڍن.)

[١١٩١]

توف لشڪر سان ڪين وڙهي ٿو
اٺِ جت سان ڪين مڙي ٿو

[١١٩٠] ٻيون روايتون:

١. پئي پُٽ پاڻ ۾ جهيڙو لايو
ماڻهو تڙ تان اچن دلا موٽايو
ڳئون کي وڃي پيو گابو ڌايو
ڪهو چيلا ڪس بات؟
گروجي رس نهين.

٢. پيءُ پٽ روز وڙهن ٿا، مزمان کوهه تي اڄ مرن ٿا
گهوڙا ڪانا ڪين چَرن ٿا، ڪهه چيلا ڪِس بات؟
گُروجي رس نهين.

[١١٩١] ٻي روايت: بندوق هرڻ نه ماري، بادامي بازار نه وڪامي
ڪورٽ انصاف نه ڪري؟

حاڪم ڪورٽ ڪين ڪري ٿو
چئي پرولي "چاڪر خان"
ويهي ڀڃي ڪو سُرت سجان؟

جواب: **گورو** ناهي.

(توف لشڪر سان نٿي وڙهي جو توف ۾ گورو يعني گولو ناهي، اٺڻ به نٿي مڙي جو گؤنرو ناهي، حاڪم به انصاف نٿو ڪري جو گورو يعني انگريز ڪونهي.)

[١١٩٢]

ٻولي سنڌي سمجهي ڪونه
جت ليڙي کي لڏي ڇو نه
هيردو هندوءَ جو پاڻي پيو نه
چئي پرولي "چاڪر خان"
ڀلي ڀڃي ڪو سُرت سُجان؟

جواب: **گورو** آهي.

(سنڌي نٿو سمجهي جو گورو (انگريز) آهي، جَت به اٺ تي بار نٿو لڏي جو اڃان گورو آهي، ۽ هندوءَ جون هڏيون پاڻيءَ ۾ نه پيون آهن، جو اڃان گورو (هَڏ) آهي، يعني سڙي رک نه ٿيو آهي.)

٣. لعلڻ خان جون چيل پروليون

[١١٩٣]

گرو: عاشق معشوق نه ملي، بازي چَلي نه جاءِ
روٽي پڪي نه رهي، ڪهه چيلا ڪس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي **آگ** نهين.

(عاشق معشوق نه مليا جو دل ۾ محبت جي آگ لڳي نه اٿن، راند به زور نٿي وٺي جو اڃان آگ (جوش) پيدا نه ٿي آهي،

۽ ماني بہ نٿي پچي جو دانگيءَ هيٺان پوري طرح آگ ٻَري نہ آهي.)

[١١٩٤]

گرو: ڍنڍ ٻيلا نہ ٻوڙيا، ملي نہ سردار سودا
روٽي نہ ڪري ٺاهہ، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي **اٿلي** نهين.

(ڍنڍ ٻيلو نہ ٻوڙيو آهي جو اٿلي ناهي، سوداگر کي بہ سودو نٿو ملي جو ڪنهن سان اٿل يعني ڏيتي ليتي ڪانهيس، ۽ دانگيءَ تي ماني نٿي پچي جو اٿلي ڪانهي.)

[١١٩٥]

گرو: ڌرتي ڌُوڙ نہ ڇوڙي، ڪامڻ ڪم نہ لاهہ
توڏي رِنگي رات ڪون، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي **اٺي** نهين.

(زمين ڊُسڙ واري آهي، جو اٺي (برسات) ڪانهي، ڪامڻ ڪم نہ لاٿو آهي جو اڃان اٺي (اٺي) ڪانهي، ۽ توڏي بہ پئي رِنگي جو اٺي (اٺڻ) ڪانهي.)

[١١٩٦]

گرو: ليکا مور نہ مُنجهيا، فقير نہ پِني گهر
کُٿابي خوش رهيا، ڪهہ چيلا ڪِس پر؟

چيلو: گروجي **ڀولو** نهين.

(ليکو منجهي نٿو جو ڀولو ناهي، فقير بہ پِني نٿو جو وٽس ڀولو (ڀولڙو) ناهي، ۽ کٿابي بہ خوش رهيو جو پڙهڻ ۾ ڀولو نہ پيو اٿس.)

[١١٩٧]

گرو: ٻَڪري ٻيڪي رُهي، ڪاٺي ڪري نہ ٺاهہ
چور چوري ڪر ڳيا، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي **پوري** نهين.

(ٻڪري ٻيڪندي رهي جو واڙ ۾ پُورِي ناهي، ڪاٺي بہ ٺهي نٿي جو پُورِي (برابر) ناهي، ۽ چور بہ چوري ڪري ويو جو ڀاڳئي کڙهہ پُورِي نہ ڏني آهي.)

[١١٩٨]

گرو: سَرِي سُونهن نہ ڪري، ٻيٽ نہ ڪري درياءِ
عورت سِر اگهاڙي، ڪهو چيلا ڪِس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي **پهريا** نهين.

(سَرِي (ڳهہ) بہ سونهن نٿي ڪري جو اڃان پاتي ناهي، درياءِ بہ ٻيٽ نٿو ڪري جو اڃان پاتو نہ اٿس، ۽ عورت جو بہ مٿو اگهاڙو آهي جو اڃان ڪپڙو پَهريو نہ اٿس.)

[١١٩٩]

گرو: مينهن ماٽا نہ ڀري، مِهْري مُنهن نہ وِکاءِ
روٽي ٺاهہ نہ ڪري، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي **چري** نهين.

(مينهن کير جو ماٽو نٿي ڀري جو جهنگ چَرِي ناهي، مِهري بہ منهن نٿي ڏيکاري جو چَرِي ڪانهي، ۽ ماني بہ رڌي ناهي جو چَرِي يعني چَرَئي نہ ٺهي آهي.)

[١٢٠٠]

گرو: مُردا مَسڻ ۾ رهيا، ٻني ٻج نہ لاهہ
ڪپڙا ڪَترِي هو رهيا، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي **ڌوپ** نهين.

(مردو مساڻ ۾ رکيو آهي ۽ ساڙيو ناهي جو اڃان ڌُوپ يعني واس نہ ٿيو آهي، ٻَني بہ ڪانہ ٿي پَچي جو ڌُپَ ڪانهي، ۽ ڪپڙو بہ جيتن کائي ٽُڪي ڇڏيو آهي جو ڌُوپ ڏيئي نہ رکيل آهي.)

[١٢٠١]

گرو: ڪوٺي چڙهي ڪامِڻي، ڪوتَهہ ٿيا ڪپڙا
نانگ نہ ڇَپهي ڪٿهين، ڪهو چيلا ڪس بات؟

چيلو: گروجي ڏر نهين.

(ڪامڻي بہ کُڏ تي چڙهي آهي، جو ڊپ ڪونهيس، ڪپڙو بہ ڇوٽو ٿي پيو آهي جو پورو ڏر ڪونهي، ۽ نانگ بہ لڪي نٿو جو زمين ۾ ڏر ڪونهي.)

[١٢٠٢]

گرو: چوپڻ چاهہ نہ ڪري، هاري هَر نہ جاءِ
ٻني ٻج نہ لاهيا، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي رتي نهين.

(چوپڻ راند ۾ چاهہ نٿو ٿئي، جو ڪا ساري رُتِي (رَچي) ڪانهي، هاري بہ هَر نٿو ٻڌي جو رُت (موسم) ڪانهي، ۽ ٻني بہ ٻج يا انّ نٿي ڪري جو رُتِي (پڪي) ئي ڪانهي.)

[١٢٠٣]

گرو: راڳ نہ رس وِ کائيا، واڻيا ڪري ويچار
ڪنڀر ڪم نہ راس ڪري، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي ڪٽ نهين.

(راڳ رس نٿو ڪري جو ڳائڻي کي ڳائڻ جي ڪَٽ ناهي، واڻيو بہ ويچار ۾ ويٺو آهي جو اڳڙيل رقم بنديءَ مان نہ

ڪَٽي اٿس، ۽ ڪنڀر بہ ڪم جلدي پورو نٿو ڪري جو ٿانون جي ڪَٽ يعني گهاڙيٽو ڏانءُ نہ آيو اٿس.)

[١٢٠٤]

گرو: ڌرتي اوپر ڌُپ پڙي، ڪانٽا ڪري گهاء
ڀاڳيا ڀُل رهيا، ڪهو چيلا ڪس ڀاء؟
چيلو گروجي **ڪڪر** نهين.

(ڌرتيءَ تي اُس آهي جو سج کي آڏو ڪَڪر ڪونهي، ڪانٽو يعني هٿيار بہ تکو ٿو وهي جو ڪڪر پيل نہ اٿس، ۽ ڀاڳيو بہ ڀلجي پيو جو مال کي سڃاڻپ جو ڪڪر ڪونهي.)

[١٢٠٥]

گرو: سوداگر سودا نہ ملي، ٿُوڻي جهلي نہ بار
بٽئي زميندار نہ ڪري، ڪهہ چيلا ڪِس بات؟
چيلو: گروجي **کوڙي** نهين.

(سوداگر کي سؤدو نٿو ملي جو مال جي کوڙِي ناهي، ٿُوڻي بہ بار نٿي جهلي جو کوڙِي (زمين ۾) ناهي، ۽ زميندار بہ بَٽئي نٿو ڪري جو آنّ جي کوڙِي ٿيل ناهي.)

[١٢٠٦]

گرو: پاڻي پَٽ آڀاميا، عاشق اُداس رهيا
گهوڙا پار نہ هلي، ڪهو چيلا ڪس ڀاء؟
چيلو: گروجي **گهٽي** نهين.

(پاڻي ميدان ۾ پلٽجي پيو آهي جو وَهڻ جي گهٽِي ناهي، عاشق بہ اُداس رهيو جو محبوب سان ملڻ جي ڪا گهٽِي ڪانہ اٿس، ۽ گهوڙو پار نٿو وڃي جو وڃڻ جو گهٽ ناهي.)

[١٢٠٧]

گرو: ڪوهه پاڻي نه ڏيوٺي، عاشق معشوق نه وسريا
دريـاءَ دؤر ڪري، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي لٿا نهين.

(ڪوهه پاڻي نٿو ڏئي جو دلو ڪوهه ۾ پاڻيءَ تائين لٿو ناهي، عاشق کي به معشوق نه وسريو آهي جو دل تان لٿو نه اٿس، ۽ درياءَ به پيو دؤر ڪري جو لٿو ناهي.)

[١٢٠٨]

گرو: ٻڪري ڦَر نه ڏيوٺي، روٽي پڪي نـه جاءِ
ٻنـي ٻـج نـه لاهه، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي لڳي نهين.

(ٻڪري ڦَر نٿي ڏي جو لڳي ناهي، ماني به نٿي پچي جو تَئي تي لڳي ناهي، ۽ ٻني به ٻج نٿي ڏئي جو چڱيءَ طرح لڳي ناهي.)

[١٢٠٩]

گرو: سالڪ راڳ نه سَمجهي، 'سُهڻي' پَٽي نه ساهه
ڪاٺي ڪيُون بيڪار هي، ڪهو چيلا ڪِس ٺاهه؟

چيلو: گروجي ماٺار نهين.

(راڳ سمجهه ۾ نٿو اچي جو ڪچهريءَ ۾ گوڙ آهي، 'سُهڻي' به ساهي نٿي پَٽي جو پاڻي ۾ ماٺار ڪانهي، ۽ ڪاٺي به سُٺي ڏسڻ ۾ نٿي اچي جو ڪاٺيءَ کي ماٺار (رندو) آيل ناهي.)

[١٢١٠]

گرو: روٽي رُوکي رَهه گئي، جُتي ڪري نه ٺاهه
بندوق مار نه ڪري، ڪهو چيلا ڪِس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي هڪ نهين.

(ماني رُکي آهي جو گيهه جو مَسَک نه آيو اٿس، جُتي به پير ۾ نٿي ٺهي جو تيل جو مَسَک ناهيس، ۽ بندوق به مار نٿي ڪري جو نشان وٺڻ لاءِ بندوق جي ناليءَ تي مَسَکِ ڪانهي.)

باب بارهون

سگهڙپائيءَ جا ٻول

[هن باب هيٺ آيل مواد معنوي لحاظ سان جن 'سوال جواب' واري سٽاءَ ۾ سمايل آهي. شروعاتي ٻول جن هڪ سوال آهي. مثلاً:

- ڪنهي مان ٽوٽو، ڪنهي مان ٽوٽو

—

- چارئي لچڻ چٽ، چارئي لچڻ چٽ

—

- پنجئي اپاڳ، پنجئي اپاڳ

يعني ته ڪهڙين ڪن شين مان هميشه نقصان آهي؟ ڪهڙا چار لچڻ خراب آهن؟ ۽ ڪهڙيون پنج شيون نپاڳ جون نشانيون آهن؟

شروع ۾ هڪ سگهڙ ان قسم جا سوال پڇيا ۽ ٻئي ان جا جواب ڏنا، پر پوءِ سگهڙپائيءَ جي ٻولن جي هيءَ جنس عام ٿي وئي ۽ ساڳئي سگهڙ شروعاتي سوال توڙي جواب وارا ٻول جوڙيا. اهي سوال جواب عموماً ماٺهن ۽ سندن لچڻ، شين ۽ انهن جي خاصيتن جي خوبين ۽ خامين جي بيان ۾ آهن.

هن باب جي سٽاءَ عددن جي ڳاٽيٽي موجب هڪ کان ڏهن تائين سلسليوار رکي وئي آهي، ان بعد بارهن ۽ ويهن عددن جا ٻول ڏنا ويا آهن. هرهڪ ٻول جون سڃيءَ سنڌ مان اڪثر هڪ کان وڌيڪ روايتون مليون، جي پيٽي، درست ڪري متن ۾ شامل ڪيون ويون آهن.]

هڪ جو عدد

[۱۲۱۱] هڪ ڇٽي کي ننڊ پياري، هڪ ڇٽي کي ننڊ پياري.
نڪو گھر نڪو ترُ، نڪا گھرواري
هڪ ڇٽي کي ننڊ پياري.
(جنھن کي گھر نہ ترُ ۽ نڪا زال، اھو اڪيلو سڙس پلي تہ ٻيو ننڊون ڪري.)

ٻن جو عدد

[۱۲۱۲] ٻئي نہ ٽين، ٻئي نہ ٽين.
ٻَرو ٻيلو نہ ٽئي، گولو ٻيلاڙو
گڏھ گھوڙو نہ ٽئي، ڪري گنگا جھيلاڙو
اھي ٻئي نہ ٽين.
(غلام ۽ ٻيل قوم جي ماڻھن مان ڪڏھن ب ڇگائي نہ ٽيندي، ۽ نہ وري خراب، سُٽو ٽيندو، گڏھ ڪڏھن بہ گھوڙو نہ ٽيندو توڙي ڪٽي گنگا ندي۽ ۾ وھنجي.)

[۱۲۱۳] ٻئي نہ ھوءِ، ٻئي نہ ھوءِ.
ڇنل جُتي پير ۾، گھُر جھُر ڪئي جوءِ
اھي ٻئي نہ ھوءِ.
(ڇنل جُتي ۽ زال جي گھُرگھُر، اھي ٻئي نہ ھجن تہ چگو آھي.)

[۱۲۱۴] ٻئي وٽواند، ٻئي وٽواند.
ڏُھرو ڏاند، پوک جو پاند، اھي ٻئي وٽواند.
(اپرو ڏيکو ۽ پوک جو پاڇاڻو حصو، اھي ٻئي ھاريءَ لاءِ آزار.)

[۱۲۱۵] ٻئي ھڪ آچار، ٻئي ھڪ آچار.
۱. ٻاکرو ڦر ۽ چورو ٻار، ٻئي ھڪ آچار.
۲. انڊو ۽ اڻ سُونھون، ٻئي ھڪ آچار.

ٽن جو عدد

[١٢١٦] تيني رکجين جوئا، تيني رکجين جوئا.
(ٽيئي رکجن جدا، ٽيئي رکجن جدا).
ڀلو نہ ڀاڻيجو، ڀيڙي نہ رکجي ٻوئا
اِستري نون آنٽ نہ ڏيجي، تيني رکجين جوئا.

(نڪي ڀاڻيجو گڏ چڱو آهي، نڪي پڦيءَ کي پاڻ سان گڏ رهائجي، ۽ نڪي وري زال کي پنهنجو منجهہ ڏجي، انهن کي پاڻ کان جدا رکجي.)

[١٢١٧] تيني روڳ ري ماسي، تيني روڳ ري ماسي.
(ٽيئي مرض جون ماسيون، ٽيئي مرض جون ماسيون)
آونگهہ، آرَسُ، اوٻاسي، تيني روڳ ري ماسي.
(ننڊ، سُستي ۽ اوٻاسي ي ٽيئي مرض جون ماسيون آهن.)

[١٢١٨] ٽنهي مان ٽوٽو، ٽنهي مان ٽوٽو.
١. وڙهڻ ويريءَ سان، کڻي آڪ سؤنٽو
عورت ساماڻل کي، وَر ڏيڻ ڇوٽو
ڏيئي رقم ٿورڙي، ڳَهہ ڳنهڻ کوٽو
"احمد" اڳي پوءِ اٿوَ، ٽنهي مان ٽوٽو.†

—

٢. سمند گهوڙو، شيرو ماڻهو ۽ ڪمذات
ٽنهي مان ٽوٽو.

[١٢١٩] ٽيئي ٽول ڏکيا، ٽيئي ٽول ڏکيا.
ڏيڻ، روئڻ، ڏيهہ ڇڏڻ، ٽيئي ٽول ڏکيا
سي قادر پنهنجي قدرت سين، هيئين هيٺ رکيا.

[١٢١٨] چيل احمد مري.
† ٻي روايت: واڻئي جي هٿ تي هجي وٽ کوٽو.

[١٢٢٠] ٽيئي پيٽ ٻارا، ٽيئي پيٽ ٻارا.
ڏند ڀڳا، ڏاڙهي اڇي، وَهن گِگن نارا
اِهي ٽيئي پيٽ ٻارا.

[١٢٢١] ٽيئي سي ٽَرڙيون، ٽيئي سي ٽَرڙيون.
لوڏي ٻانهن لاڏ مان، هلي ٿي هَرڙيون
مڙس ڇڏي سِٺڙي تي، سڏي ساهيڙيون سَرڙيون
گهڻو ڳالهائي گهوٽ سان، پهرين رات پرڻيُون
ٽيئي سي ٽرڙيون.

[١٢٢٢] ٽيئي گهٽ نہ ڄاڻ، ٽيئي گهٽ نہ ڄاڻ.
حاڪم، باهہ ۽ پاڻي، اهي ٽيئي گهٽ نہ ڄاڻ.

[١٢٢٣] ٽيئي ليکيانُ لاهہ، ٽيئي ليکيانُ لاهہ.
تُرِي چَلندي آکُڙي، ٺِڪر لِڪِيُ کاءِ
مِهري پَرگهر هَنڍِڻي، اِهي ٽيئي ليکيانُ لاهہ.
(گهوڙي هلندي ٿاٻو کائي، ڪتو ٿانءُ لَڪي، ۽ پرائي گهر گهاريندڙ عورت، اهي ٽيئي ليکي تان لٿا، يعني ڪم جا نہ آهن.)

چئن جو عدد

[١٢٢٤] چارئي ٻوڙين، چارئي ٻوڙين.
مِڪو ماڻهو، گونگو مينهن، بيٺل پاڻي، جهُڙ جو ڏينهن
اهي چارئي ٻوڙين.

[١٢٢٥] چارئي تباهہ، چارئي تباهہ.
گهر نينگر ٻوجهہ گهڻو، ڪَچِي ڦُلِي ڏُوئو واءُ
ڀائيان وڇوڙو ماهيلِي، مِيٺهانُ آگتيو واءُ.

[١٢٢٠] چيل خليفو حاجي شيرمحمد، ويٺل خليفن واري مِٺي، تعلقو ٽنڊو باگو، عمر اٽڪل ٥٠ ورهيہ.
[١٢٢٤] مِڪو=اندر کوٽو.

(گهر ناٺي ۽ اَن تي بار گهڻو، ڪچي پوک ۽ خراب واءُ، ڀيڻ کي ڀائرن جو وڇوڙو، ۽ مينهن سان گڏ هوا، اهي چارئي ڄڻ ته تباهه ٿيا.)

[١٢٢٦] چارئي چَٽُ، چارئي چَٽُ.

عورت ڇڏي گهر کي، جيڪا گهمي گهَٽ
راس بنان، روڪڙ سوا، جيڪو کولي هَٽ
ٽيون کارو کوهه ۽ چوٿون کوٽو وَٽ
اِهي چارئي چَٽ.

[١٢٢٧] چارئي ڏَهَنت، چارئي ڏَهَنت.

آڌ سِکي وِديا ڏَهي، ڏَهي ڪُٻُڌي وِير
ڪُل هيڻ ڪامڻي ڏهي، چنتا ڏهي سرِيرُ.

(اڻپوري سِکيا، بيعقلائي، دشمني، خراب گهر جي عورت ۽ جسم لاءِ ڳڻتي، اهي چارئي خراب آهن.)

[١٢٢٨] چارئي ڍَڪ، چارئي ڍِڪ.

ڪُوئا ڍاڪَڻ ڍاڪڻو، کيتَرُ ڍاڪَڻ واڙَ
ٻاپ ڍاڪڻ ٻيٽڙو، گهر ڍاڪڻ نار.

(ڪُئن جو بچاءُ ڍَڪڻ، ٻنيءَ جو ڍِڪ واڙ، پيءُ جو ڍِڪ پُٽ ۽ گهر جو ڍِڪ زال، اِهي چارئي ڍِڪ آهن.)

[١٢٢٩] چارئي ساکِي، چارئي ساکِي.
(چارئي شاهد، چارئي شاهد)

مِينهانُ ساکِي مارگُو، سِيئانُ ساکي آڪ
ڏاتار ساکي منگتا، سُورانُ ساکي ڌَڪ.

(مِينهَن جا ساکي يا شاهد واٽهڙو، سيءُ جا شاهد سڙيل آڪ، سخيءَ جا شاهد منگتا ۽ سُورن جا شاهد ڌَڪ.)

[١٢٣٠] چارئي سڌارين، چارئي سڌارين.

مينهن سڌاري بجلين، سَرووَر سڌاري پار
ٻيٽو سڌاري ٻاپ نان، گهر سڌاري نار.

(مينهن مچائي کينوڻ، ۽ تلاءُ کي ڀري نئن، پُٽ اوجاري پيءُ کي ۽ گهر اوجاري زال.)

[١٢٣١] چارئي سُک، چارئي سُک.

پَهلا سُک نِروڳي ڪايا، دوسرا سُک گهر ۾ مايا
تيسرا سُک سَيُوتر ناري، چوٿا سُک پُوتر آگيا ڪاري.

(تندرست جسم، گهر ۾ دولت، سُلڇڻي عورت ۽ چئيوان پُٽ، اهي چارئي سُک.)

[١٢٣٢] چارئي عقلان چُور، چارئي عقلان چُور.

سُر منڊل جي ساز جو، سانڊي ڪهڙو سُور
راڻي جي راڳ تي، رڍ نه ريجهي مُور
ڪهڙو قدر ڪافر کي، سندو نبيءَ نُور
ڄٽ نه ڄاڻي ڳالهه کي، پر ٺوڪي رکندو ٺُور
اهي چارئي چُور، عقل کان "علي بخش" چئي.

[١٢٣٣] چارئي لڇڻ چَٽ، چارئي لڇڻ چَٽ.

رَن گهڻيئي آگلي، جنهن جي ڪُنهي مٿي ڪَٽ
ڪٽا کٿي ۾ ٿورڙا، لُٽهي ڏئهي مَٽ
ڪار نه ڪري گهر جي، اولاڻيو ڇڏي آرٽ
چَنگلايون ڪري چگهه سان، بيهي مٿي هٽ
اهي چارئي لڇڻ چَٽ.

[١٢٣٤] چارئي مَ وِسهاءِ، چارئي مَ وِسهاءِ.

وِيڄا روڳي، ٻُڍا جوڳي، سُورهيان پُٺي گهاءِ
ڌات ماري بِکيا مانگي، اهي چارئي مَ وِسهاءِ.

(بيمار حڪيم، پوڙهو جوڳي، سورهيه جي پٺيءَ ۾ لڳل ڌڪ، ۽ جو ڌاتُو ماري پر پنهي، انهن چئني تي اعتبار نه ڪر.)

[١٢٣٥] چارئي موجود، چارئي موجود.

داتا اَت مَنگتا، سَرووَر اَت هنس
راجا اَت رهاڻيون، مورک اَت بحث.

(سخي وٽ سوالي، تلاءُ تي هنجهه، راجا وٽ ڪچهريون ۽ مورک وٽ اجايو بحث، اهي چارئي موجود هوندا.)

[١٢٣٦] چارئي نه رکجن، چارئي نه رکجن.

ڄيٺو گهر گِهي نه رکيئي، ڀادُو رو ڪپاس
ڌِيئانْ گهر، بَهوئانْ پِيهَر، اتني رکئي وڻاس.

(ڄيٺ واري مهيني جو گيهه، بڊي مهيني جي ڪپهه، ڪنواري ڌيءَ گهر ۾، ۽ ڪنوار پيءُ گهر ۾، اهي چارئي نه رکجن.)

[١٢٣٧] چارئي نه ڪجن، چارئي نه ڪجن.

نه ڪَسِيئي ڪَماڻ، نه پَڙِيئي جَماڻ
نه ٽِپِيئي کُوئا، نه رَمِيئي جُوئا.

(ڪمان ڪشڻ، ضامن پوڻ، کوهه ٽِپڻ، جُوئا رهڻ، اهي چارئي ڪم نه ڪجن.)

[١٢٣٨] چارئي نه وسرن، چارئي نه وسرن.

موران مِينْهنْ نه وسري، مَنگت نانْ ڏاتار
ماهيلي نَانْ پِيهَر نه وسري، هاري نانْ ڀَتوهار.

(مورن کي مينهن، سوالين کي ڏاتار، عورت کي پٻيڪا ۽ هاريءَ کي ٻنيءَ تي ماني پهچائيندڙ زال نه وسري.)

[١٢٣٩] چارئي هوڏِي، چارئي هوڏِي.

واڻيو هٽيءَ تي، ميربحر مَڏيءَ تي
هاري آڏيءَ تي، ڪميڻو ڪُڏيءَ تي.

[١٢٤٠] چئني ڪجي جتن، چئني ڪجي جتن.
ڪاچ ڪٽورو، گيهه گهڙو، موتي ۽ مَن
ڀڳا وري نه ٺهن، تن جو ڪجي جتن.
(شيشي جو پيالو، گيهه جو گهڙو: موتي ۽ من، اهي چارئي ڀڳا ته وري سڄا نه ٿيندا، تنهنڪري انهن جي سنڀال ڪجي.)

[١٢٤١] چئني وڃي هانءُ، چئني وڃي هانءُ.
ڪوري، ڪنڀر، ڪڪڙ ۽ ڪانءُ
اٺي مينهن چئني جو وڃي هانءُ.

[١٢٤٢] نرڳ نشانيون چار، نرڳ نشانيون چار.
رُوکا ڀوڄن، ڀُونءَ پوڍڻ، ڪرهه ڪميڻي نار
چوٿا مهيلي ڪپڙي، نرڳ نشانيون چار.
(اڻيو کاڌو، زمين تي سمهڻ، جهيڙاڪار عورت ۽ ميرا ڪپڙا، اهي چارئي نرڳ جون نشانيون.)

پنجن جو عدد

[١٢٤٣] پنجن ڍئو نه ٿئي، پنجن ڍئو نه ٿئي.
ڪاٺين کي باهه مان، مِرُوءَ کي ماه مان
بخيل کي مال مان، عالم کي علم مان
سائل کي خيرات مان.

[١٢٤٤] پانڄي ڏَهت سرير، پانچي ڏهت سرير.
(پنجئي جيءُ کپائُو، پنجئي جيءُ کپائُو)

[١٢٤٢] ٻي روايت:
موت نشانيون چار، موت نشانيون چار.
ميرا لَٽا، رُکا کاوَڻ، بُنهُنْ سُمهڻي، ٽِڪ ٽِڪ ڪري نار
اِهي موت نشانيون چار.

آپت اوپر خرچ ڪرڻا، پيچ ۾ ٻولڻا، ندي کارو نير
گهر ۾ نار ڪُنار، ڪلڇڻو ٻيلي، پانڻچي ڏهت سرير.

(آپت کان وڌيڪ خرچ، ٻن جي وچ ۾ ڳالهائڻ، کاري پاڻي وارو درياءَ، گهر ۾ ڪُلڇڻي زال ۽ بدافعالو ٻيلي، اهي پنجئي جيءُ جو ڳاراڻو آهن.)

[١٢٤٥] پنجئي آزار، پنجئي آزار.

آڪ ٻارڻ، جَوَ تَوَڻ، ڪِرڪِريو ڀتار
چُنجهي زال، ٽِمڻو گهر، اهي پنجئي آزار.

[١٢٤٦] پنجئي آڀاڳ، پنجئي آڀاڳ.

کَڙڳ پُراڻي کِپَ ۾، گهوڙي ٽُٽي واڳ
جوءِ پُراڻو ڪنجرو، پُرس پُراڻي پاڳ
ساجهر ڪُنو نہ چڙهي، اهي پنجئي آڀاڳ.

[١٢٤٥] ٻين روايتن موجب عنوان تہ "پنجئي نڪار، پنجئي نڪار" "پنجئي سُور، پنجئي سور" يا "پنجئي اهنج، پنجئي اهنج" هيٺ چوڻي تہ:

آڪ ٻارڻ، جَوَ تَوَڻ، چُنجهي جوءِ
کٽر ڳئون در تي، ڪِرڪِريو ڀتار
اهي پنجئي نڪار، يا پنجئي اهنج.

[١٢٤٦] ٻيون روايتون:

١. زال پراڻي ڪنجري، مڙس پراڻي پاڳ
کُٿو کيڙو کِپ ري، گهوڙي ٽُٽل واڳ
هڙ بہ چيو نہ ڪري، اهي پنجئي اوراڳ.
اوراڳ=نڀاڳ، اڀاڳ.

٢. کنو کيپ نہ آسري، پُرس پراڻي پاڳ
استري ميرا ڪپڙا، گهوڙي ٽُٽل واڳ
گهر ڪُنوئي نہ چڙهي، اهي پنجئي اڀاڳ.

٣. کنو وڙلو کپ ۾، پُرس پراڻي پاڳ
ساجهر هنڍي نہ چڙهي، گهوڙي ڇِني واڳ
سَٿ ويٺي سُمهي رهي، اهي پنجئي نڀاڳ.
وڙلو=ڍرو.

(تلوار پراڻي يا کٿل ۾، گهوڙي جي واڳ ٽُٽل، زال کي پراڻو ڪنجرو، مڙس کي پراڻي پاڳ ۽ گهر ۾ سوير سانجهڻ نه ٿئي، اهي پنجئي آڀاڳ آهن.)

[١٢٤٧] پنجئي بدنام، پنجئي بدنام.

گابو ڪَپڙ چٻڻو، نر گهوڙو کٽگام
ڪَرهه ڪري ڪامڻي، گهر آئي مزمان
ڪانئر ڀڄي جنگ ۾، گهر هڻي شغان
راجا جُوٺ ٻولڻو، اهي پنجئي بدنام.

(گابو ڪپڙو کائي، چڪِر يا ويڙهاڪ گهوڙو، گهر ۾ آيل مزمان آڏو جهيڙو ڪندڙ عورت، ڪانئر جيڪو گهر مان ڀڄي گهر ۾ اچي لاف هڻي، ۽ ڪُوڙ ڳالهائيندڙ راجا، اهي پنجئي بدنام.)

[١٢٤٨] پنجئي بهي پير، پنجئي بهي پير.

ڪُوڙو ڍڳو سَٻرو ساڄو، گهوڙو پڻ گَهَه گِير
رَن ڪميڻي مُور نه مُڙي، توڙي لڳنس تِير
ماڻهن منجهه مَڄُو مڙس، مِرن منجهه خنزير
اهي پنجئي بهي پير.

[١٢٤٩] پنجئي بيڪار، پنجئي بيڪار.

نيچ ڪَنڌيو ٻَڙڌيو، اوُچ ڪَنڌي نار
راهه رَڙڻو ڏاگهو، کُٽل زميندار
هيڪل هٽ واڻيو، اهي پنجئي بيڪار.

(ڪنڌ هيٺ ڪري هلندڙ ڍڳو، ڳاٽ مٿي ڪري هلندڙ زال،

[١٢٤٧] ٻيون روايتون:

١. سپاهي رڻ نه چڙهي، گهر هڻي شغان. شغان=ٻٽاڪ، لاف.

٢. چاڪر رڻ نه چلڻا، گهر ڪري ڪلام.

راهه ۾ رڙندڙ آٺ، کُٽل زميندار ۽ سُڄ ۾ هٽ وارو واڻيو، اهي پنجئي بيڪار.)

[١٢٥٠] پنجئي بي ميار، پنجئي بي ميار.
هڪ انڌو، ٻيو پوڙهو، ٽيون ٻوڙو، چوٿون ٻار
پنجون بيمار، اهي پنجئي بي ميار.

[١٢٥١] پنجئي ٻڌا چڱا، پنجئي ٻڌا چڱا.
هٽ، ڄٽ، ڦٽ، سَر، سُوئر
پنجئي ٻڌا چڱا.

[١٢٥٢] پنجئي ٻهڪن، پنجئي ٻهڪن.
جوان مڙس، گهڻو حرص، ٻيا چيلهه ٽَڪا ڇِڻڪن
سُوڻهيون سنگهارن کوڙيون، وڄُن مينهن وَسن
اهي پنجئي ٻهڪن.

[١٢٥٣] پنجئي ڀاڙي، پنجئي ڀاڙي.
پاڻ اڇا ڪپڙا ڪري، گهر ۾ جوءِ اگهاڙي
ڪم پئي هڪل ڪجي، تڏهن کنهي ڪياڙي
آڻ ڪوٺيو آتي وڃي، هڻي دُهل تي تاڙي
عقل جو ايلپهنوار، گهڻي هڻي ڄاڙي
پنهنجي ڊاهي جهوپڙي، پرائي ڏسي ماڙي
اهي پنجئي ڀاڙي.

[١٢٥١] ٻي روايت: ٽيئي ٻڌا چڱا، ٽيئي ٻڌا چڱا.
ڄٽ، ڦٽ، وهٽ، ٽيئي ٻڌا چڱا.

[١٢٥٣] ٻيون روايتون:
١- ري سڏيو پرائي دهل تي، نچي ۽ هڻي تاڙي
ڳالهه ڏانءِ نه اچيس، هڻي سکڻي ڄاڙي
(ڏسو حاشيه صفحو ٢٥٢)

[١٢٥٤] پنجئي ٽهڪنت، ٽهڪنت.

آنڌاريءَ ڏيو ٻري، اَڀ ۾ وڄ کيوَنْت
آهر ڦُلاري ٻيٽئينْ، سانْولڙي مُک ڏَنْت
پٻڻ پسارا ڪيا، اِهي پنجئي ٽَهڪنت.

(انڌاري رات ۾ ڏيو، اَڀ ۾ وڄ جو چمڪو، ٻيٽ تي آهُر ڦُولارجي، سُهڻي جا کِلڻ وقت ڏند ٽِڙن، ۽ پٻڻ لهرا ڏئي، اهي پنجئي پيا کِلن.)

[١٢٥٥] پنجئي پاسي هُونِ، پنجئي پاسي هُونِ.

کُهيو واڻيو، ڀِت پُراڻي، دَٻْڪر دُکَڻُ چُونِ
وڻ ٻاٻرو، کر ماڻهو، اهي پنجئي پاسي هُونِ.

(کُهيو واڻيو=(شاهوڪار جو ضد) جو ٻين کي پَٽي کائي کُٽائي. ڀِت پُراڻي=جا اوچتو مٿان ڪِري. دَٻْڪرِ دُکڻ= چمڙي واري جو دُڪان، جنهن جي ڀرسان آڌوڙن جي بدبُوءِ هجي. (چُونِ=چَوَنِ). وڻ ٻاٻرو=نهايت قيمتي، پر سنڀاليندڙ

دوستارن جي گهر اڳيان، هلي پوکي واڙي
پاڻ ڪري گنديون ڪپڙا، پر زال هجيس اگهاڙي
مزمان آئي ڪنڌ هيٺ ڪري، ويهي کنهي ڪياڙي
اِهي پنجئي ڀاڙي.

٢- ٻـ وڙهن پاڻ ۾، ٽيو پٽائي ڏاڙهي
ٻڌي دُهل ڌارين جو، گهر وڄائي تاڙي
گهر آيو ڏسي مهمان کي، کَنهي ڪياڙي
بنانْ پئسي بانْولو، آڏائي ماڙي
جوف پرائي جوءِ لاءِ، آڏي وهي واڙي
اِهي پنجئي ڀاڙي.

[١٢٥٤] ٻي روايت: آهُر ڦلاري ٻيٽئين، سانولڙي مُک ڏند
پٻڻ پاسارا ڪيا، جهُڙ ۾ وڄ کيوَنْد
انڌاري ۾ ڏِيو ٻري، اهي پنجئي ٽهڪند.

کي ٻه ڪنڊا سُور ڏين. کَر ماڻهو=بي افعالو ماڻهو جو ٻين کي کاري.)

[١٢٥٦] پنجئي پَڙْسِي هٿ مئا، پنجئي پَڙْسِي هٿ مئا.
ڪيهر مُونڇ، ڀَوَنگ مُڻ، سَرڻا گَت سوئا
سَتِي پَهْوَر، ڌن ڪَرپڻ، پنجئي پَڙسِي هٿ مئا.

(شينهن جي مڇ، نانگ جي مڻ، سورهيه وٽ پيل سام، عورت جي ڇاتي ۽ موذي جي ڌن کي هٿ لڳو ته مئا.)

[١٢٥٧] پنجئي پيٽ ٻارا، پنجئي پيٽ ٻارا.
رات انڌاري، ٻَڙڌ ڪارا، کهيٽ آجهوري، پيرن ۾ وارا
نار ڪُلڪٽي، پاڙي ۾ ساهرا، اهي پنجئي پيٽ ٻارا.

(اونداهي رات، ڪارو ڍڳو، ڀيل واري ٻني، پيرن ۾ ڇَلڻا، ڪُلڇڻي زال ۽ پاڙي ۾ ساهرا، اهي پنجئي جيءُ جو ڳاراڻو آهن.)

[١٢٥٧] ٻيون روايتون:

پنجئي پيٽ ٻارا، پنجئي پيٽ ٻارا.

١- رات انڌاري، ٻڙڌ ڪارا، گوچريو کيتر، پگان ۾ وارا
ڏوسي ڪوهر ۽ ساهراڻا پاڙا، پنجئي پيٽ ٻارا.

(اونداهي رات، ڪارو ڍڳو، ڳوٺ جي ڀرسان ٻني، پيرن ۾ بيماري، زال واتراڌي ۽ پاڙي ۾ ساهرا.)

پنجئي پيٽ ساڙا، پنجئي پيٽ ساڙا.

٢- ڪُوڙو ڏاند، نافرمان لينگر، عورت گهمي پاڙا
ٻني ٻج نه لاهي، لَٽي لِڳ آگهاڙا، اهي پنجئي پيٽ ساڙا.

٣- رات اونداهي، ٻڙڌ ڪارا، پوک جي ڪپ تي ڪانبن وارا
ٻار ننڍا مٿان پون پارا، زال ننڍي ساهراڻا پاڙا
رستو تَتو پير اگهاڙا، اهي پنجئي پيٽ ساڙا.

[١٢٥٨] پنجئي جڳائي مرڻا، پنجئي جڳائي مرڻا.
دوست دشمن ڪُون نہ پرکڻا
وڏي مرتبي سنگت نہ سُڃاڻڻا
مايا هٿ آئي، ڏُکئي ڏينهن ڀُولڻا
ڪچهري وچ وڏي ننڍي ڪُون نہ ڏيکڻا
وديا پاوڻ سُون، وڏي ڪُون مورک سمجهڻا
اهي پنجئي جڳائي مرڻا.

[١٢٥٩] پنجئي چريا، پنجئي چريا.
هڪ چريا شينهن گهمن، ٻيا چريا وَرن واءُ
ٽيا چريا جوڀن ڏينهڙا، چوٿان چريا آهن درياءَ
ڪڪر بنا مينهن اُڀ ۾، اهي پنجئي چريا.

[١٢٦٠] پنجئي ڏسي لُڇ، پنجئي ڏسي لُڇ.
چَنڊو ڇوڪر، چري جوءِ، ڏاڙهي هيڙهي پُڇ
داڻا دلي ۾ ديهہ گهڻي، مينهن مُور نہ ڪري وڇ
اهي پنجئي ڏسي لُڇ.

(نياڳو ڇوڪر، چري زال، ڏاڙهي هيڙهي (پکي) جي پُڇ جهڙي سنهي ۽ ڊگهي (ٻُچي)، اڻ هوند تي آڪڙ گهڻي ۽ مينهن وڇ نہ ڪري، اهي پنجئي ڏسي اندر سڙي.)

[١٢٦١] پنجئي ڏک جا ڏار، پنجئي ڏک جا ڏار.
واريءَ سندو پنڌڙو، مَٿي مٿي بار
تيرڪريا سڄي پنڌ ۾، اٺ مٿي هسوار
مڙس هجي پيرمرد، ننڍي هجي نار
کيٽ ڀُرٽن وارو، تنهن ۾ پوکَ گوار
اهي پنجئي ڏک جا ڏار.

[١٢٦٢] پنجئي رهن مئا، پنجئي رهن مئا.

آمل رَس، ڏاڪڻ منڊ، چوري ۽ جوا
پَرگهر هينڊي ڪامڻي، اِهي پنجئي رهن مُئا.

(آمل جو نشو، ڏائڻ جو جادو، چوري ۽ جوا، اهي چارئي مرد کي مارين، ۽ پنجين ٻاهر پيري عورت، اهي پنجئي مئا ڀلا.)

[١٢٦٣] پنجئي سرڳ دُوار، پنجئي سرڳ دُوار.

کٽ ويهڻ، گهوڙي چڙهڻ، گهر ۾ لَڄَونْتِي نار
پُراڻي ڪڻڪ، نئون گيهه، پنجئي سرڳ دُوار.

[١٢٦٢] ٻيون روايتون:

١- تُرڪ تجاري واڻيو، چوري ۽ جوا
پرگهر هنڊڻي ڪامڻي، پنجئي رهن مئا.

٢- پنجئي مئا، پنجئي مئا.

ڪشڻ ڪمان، پوڻ ضمان، ڪرڻ زناء
ٽپڻ کوها، رهڻ جوا، اهي پنجئي مئا.

[١٢٦٣] (بهشت برابر يا سُک ۽ خوشي جون نشانيون.)

ٻيون روايتون:

١- ڪڻڪ پراڻي، گِهه نوان، ٽِي لڄاونتي نار
تُري ٽپاوڻ، سيج لهڻ، پنجئي سرڳ دُوار.

٢- بهشت نشانيون چار، بهشت نشانيون چار.

اڇا ڪپڙا، تازو گيهه، ڪڻڪ پُراڻي، گهر ۾ سُئَڪِي نار
اِهي بهشت نشانيون چار.

[١٢٦٤] پنجئي سهنج، پنجئي سهنج.

١. گهر ڌِيڻو، ٻُنڀِ ٻاجهري، گاهه ڪاٺي، گهر گنج
ڀائر، پُٽَ چئي ۾، اهي پنجئي سهنج.

—

٢. گهر نديءَ ڪناري، ڪاٺيون سوڙهيءَ منجهه
نار سُلڪڻي گهر ۾، ٻيٽا هُجنس هنج
تازي هجي تُرِي، مٿس سونا سنج
اهي پنجئي سهنج.

[١٢٦٥] پنجئي ڪُٽيي ڪن ٺاهه، پنجئي ڪُٽيي ڪن ٺاهه.
پنجئي ڪُٽيا ڀلا، جي نه ڪُٽبا ته وِڻاهه (١)

گڏهه، گولو، ڍول، ڪاڳر ۽ ڪپاهه
اهي پنجئي ڪُٽيي ڪن ٺاهه.

[١٢٦٤] (١) ٻيون روايتون:

١- اول ندي آب جي، گاهه ڪاٺي، گهر گنج
وٽ کيتي، گهر ولوڙو، اِهي پنجئي سهنج.

٢- گهر ندي، ٻُنڀي گاهه، ڪاٺي ڦانگو گنج
سُوئا مينهن در تي، سندر ناري ٻيٽو هنج
اهي پنجئي سهنج.

٣- در اڳيئون کيتي، ٻُنڀي اندر کوهه
تُري تازي هيٺئون، جا ريجهائي روح
گاهه ڪاٺيون گهر گنج، اِهي پنجئي سهنج.

(٢) ٻي روايت: گهر ندي ڪناري، ڪاٺي پاڻي گنج
ڇٽيهه لکڻي ڪامڻي، ٻيٽو سُونهيس هنج
ڀلو گهوڙو چڙهي هيٺ، اِهي پنجئي سهنج.

[١٢٦٥] ٻي روايت: پنجئي ڪُٽيا ڀلا.
گولو ۽ گڏهه، ڪاغذ، مُڃ، ڪپاس
تن ۾ ڪر تپاس، ته اهي پنجئي ڪُٽيا ڀلا.

(١) وڻاهه = نقصان. ڍول = دُهل.

[١٢٦٦] پنجئي ڪڍ پري، پنجئي ڪڍ پري.

ٿڌو گهوڙو، ڪٽر ڏُجهڻو، ٽِيو جو منهن تي ڪوڙ ڪري
چوٿين چنڊي رن چاڳلي، جا تيرهن تال ڌري
پنجون پُرس پليت، جو گانڊو گلا ڪري
اهي پنجئي ڪڍ پري.

[١٢٦٧] پنجئي ڪم قُوّتَ، پنجئي ڪم قُوّتَ.

ڪوٽ پراڻو، ڀُتي ڪِستي، لوهه ڀَڄي سِر لت
واريءَ پنڌ، ڪُراڙي زال، پنجئي ڪم قوّت.

[١٢٦٨] پنجئي گردن بار، پنجئي گردن بار.

پُڇ مروڙيو ڍڳو، دُن آگهاڙي نار
چَت ڇنوڙي موچڙي، مٿي وارو بار
واريءَ سندو پنڌڙو، اهي پنجئي گردن بار.

(ڍڳو جيڪو پڇ مروڙڻ کان سواءِ نه هلي، پاڻ نه ڍڪيندڙ عورت، چتين لڳل ۽ ڇنل جُتي، مٿي تي ڀري ۽ واريءَ جو پنڌ، اهي پنجئي سِر تي بار آهن.)

[١٢٦٩] پنجئي گردن ٽوڙ، پنجئي گردن ٽوڙ.

مرد ڪراڙو، عورت ڳيرو، هي به نه جُڙندو جوڙ
حيلا هزارين ڪبا، ته به بُهه جو نه ٻڌبو نوڙ
چوٿون ماني جَوَن جي، ۽ پنجون ٿيلهيءَ ٻوڙ
اهي پنجئي گردن ٽوڙ.

[١٢٧٠] پنجئي گگَن گور، پنجئي گگَن گور.

پتنگ ۽ پروانو، ڪن آگ مٿي اور
جيئن ڀؤنر ڦِري گُل لاءِ، چنڊ آتي چڪور

[١٢٧٠] گگن گور=ڪڪر وانگر آزاد ڦرن يا سانوڻ جي مند ۾ مست ڦرن.

تاڙو تنواري، تنهن جي تڪ نہ آهي تور
اهي پنجئي گگن گور.

[١٢٧١] پنجئي گهينوار، پنجئي گهينوار.
ڇَلو مِرون ڏينهن پَڇِري، ڪُڪڙ سانجهيءَ وار
جوءِ پرائي پکڙين، مرد نہ لهي سار*
پُرس پراوا قرض کڻي، هڻي وڏا اَپڪار
جو ويٺي سٿ سمهي رهي، اهي پنجئي گهينوار.
(ڇَلو=هڪ قسم جو جانور. پَڇَرڻ=پرڀرو ٿي گهمڻ. اَپڪار=ٻٽاڪون. گينوار=مست، چريا.)

[١٢٧٢] پنجئي گهنگهر گهور، پنجئي گهنگهر گهور.
ڪَنٺ ناهي راڳ ڪري، مَت پکيڻو چور
ڪاڻي اک ڪجل پائي، بنهي نڪ ڏئي تَنبور
ڏور کيٽ پوکڻ، اهي پنجئي گهنگهر گهور.

[١٢٧١] ٻي روايت:
ڏيهان ڇلو مرون، راتيان ڪڪڙ وار
نار پرائي ڪاڄ ۾، وڃي ڪُران ڌار
قرض کڻي ڪاوڙ ڪري، ايڏي سان اختيار
ويٺي سٿ سمهي رهي، اهي پنجئي گينوار.
* ٻي چوڻي: "پراون پاڙن ۾، جا نِت نِت وڃي نار."
[١٢٧٢] ٻيون روايتون:
١- ڪنٺ ناهي راڳ ڪري، مت ناهي چور
ڪاڻي اک ڪجل پائي، بنان نڪ طنبور
ٻُچي ڏاڙهي هٿ هڻي، ۽ ڏئي مُڇ مروڙ.

—

٢- ڪاڻي اک ڪجل پائي، بني نڪ نٿ پائي ڀنڀور
ڪَٺ ٻاهران راڳ ڪري، چت ٻاهران چور
خُسرو ڏاڙهيءَ هٿ هڻي، شوق وجهيو منجهان شور.

(ڪنڌ = گلو (آواز) - ستت پڪيٽو = ٽوري عقل وارو- ڏئي تنبور = چوڻيءَ تي هٿ هڻي.)

[۱۲۷۳] پنجئي گھوچائيي، پنجئي گھوچائي.

۱- ري ڪوڏر ہٿيي ولهي، ري ڏانڌي گاهيي
ري ناڻي شهر گهمي، ڏئي آڻ پڇيي اوگاهيي
نيچي وهي، اوچيي ٽوڙهي، اهي پنجئي گھوچائي.

—

۲- ہي ڪنڌا راڳ ڪري، ڪائي آمل ڏئي اوگاهيي
اڻ سوچيو ڪلام ڪري، مورک مت نہ ڪائيي
دشمن کي ڏئي سڌ سيکائيي، اهي پنجئي گھوچائي.

[۱۲۷۴] پنجئي لڇوَنت، پنجئي لڇوَنت.

پهريون پاڙو جو رکي، ہيو ہڏي هيٺن سان همت
ڏيون سورهيہ سير جو، چوڻون پاري پت
پنجون لڙي ڪڪ ۽، جو ڏي هٿ رعيت
اهي پنجئي لڇوَنت.

(پهريون جيڪو پاڙي جي پت رکي ۽ پاڙي سان رهائي، ہيو جيڪو هيٺن جو همراهہ ٿئي، ڏيون سرويچ هجي، چوڻون

[۱۲۷۳] ہيون روايتون:

۱- ريءَ ڪوڏر ڪاڻي ڪٽي، ريءَ ڏاڻي لائيي
پريءَ سٽ سمهي رهي، ڏي اڻ ڏئي اوگاهي
جنهن مڙس جي گاله نہ هري، اهي پنجئي گھوچائي.

۲- ريءَ ڪوڏر ڪُڙمي، ريءَ رَنڌي گاهيي
جيڪو سٽ ويئي سمهي، ڏئي اڻ ڏئي اوگاهي
پنجون نيچي وهي پاڻ ۽ اوچاڪري راهيي
اهي پنجئي گھوچائي.

جيڪو ڪارپت رکي، پنجون راجا لشڪر ۾ وڙهي ۽ رعيت کي سنڀالي، اهي پنجئي شرم وارا آهن.)

[١٢٧٥] پنجئي مَ ڄاءِ، پنجئي مَ ڄاءِ.

١- کٽر ڳئون، سڙهه ڍڳو، آڻ پليو وياءِ
تِر گهاٽو، ڳيهُون ڇِٽو، اهي پنجئي مَ ڄاءِ.

٢- هُڙهه ڏاند، کٽر ڍڳي، اڻ پليو وياءِ
گهاٽا تِر، ڇِڊِي ڪڻڪ، اهي پنجئي نه ڄاءِ*

(آهنڊ ڳئون، ٽاهڙ ڍڳو، بي چيو اولاد، گهاٽا پوکيل تِرَ ۽ ڇِڊي پوکيل ڪڻڪ، اهي ڄڻ ته پنجئي نه ڄاوا.)

[١٢٧٦] پنجئي مار، پنجئي مار.

کٽر ڍڳي، چڪِر گهوڙو، اٺ نه کڻي بار
ڪُتو وڃائي ٿانءُ کي، نِهائين اگهاڙي نار
اهي پنجئي مار.

[١٢٧٧] پنجئي مرد نه مُور، پنجئي مرد نه مُور.

مذهب کان محروم رهيا، دين ڪنئون دور
چوريءَ سين چاهه لڳائي، ڪم ڪنئون وهلور
عمر ساري نفعا ڍونڍي، نت ڪري ڪلور
چغلين تي عزت وڌائي، سچ کان ٿئي سُور
اهي پنجئي مرد نه مُور.

[١٢٧٥] *ٻين روايتن ۾: 'جوئر گهاٽي' يا 'مڱ گهاٽا'.

[١٢٧٦] ٻي روايت:

ٺِڪر چٽڻو ڪُتو، اٺ نه کڻي بار
کٽر ڳئون، لتر گهوڙو، نهائين اگهاڙي نار
اهي پنجئي نيئي مار.

[١٢٧٨] پنجئي مسڪين، پنجئي مسڪين.

نار پُراڻي ڪَنْجري، گهوڙي ٽُٽل زين
وَڏوَر ڌيءَ گهر ۾، جهڙي ماٺ زمين
جن سنجهي چاڙهيو ڪينڪي، سي پنجئي مسڪين.

[١٢٧٩] پنجئي مئي مت، پنجئي مئي مت.

١- سوئر سنگها ڪڍيا، ڪيهر جهليو گهٽ
آرهه چڙهي استري، پانْچاريو ڪَهْڪَٽ
مَسِ گهيرَندو گهوٽيو، اهي پنجئي مئي مت.

(مِرُون سَنْگها ڪڍي، شينهن جي ڳچيءَ جا وار نڪرن، زال جا آرهه نڪرن، گهوڙو جوان ٿئي، ۽ مڙس کي ڏاڙهي مُنهن ۾ اچي (اهي جوانيءَ جون نشانيون) اهي پنجئي مست آهن.)

٢- مرد نڪرندي مَسْڙِي، آسْٽِي آرهه سَٽ
سوئر سنگها ڪڍيا، سِينْهان پَهرين سَٽ
تازي طبيلانْ ڇُٽي، اهي پنجئي مئي مَت.

[١٢٧٨] ٻيون روايتون:

١- ري سازين چارڻ هليو، ڪوريءَ ڇني سِيڻ
ڳوريءَ جوڀن ڇڏيو، گهوڙي ناهي زين
نڪتو راجا راڄ مان، اهي پنجئي مسڪين.

—

٢- چارڻ بنان ساز جي، ڪوريءَ ڇنل سِيڻ
سُر بگڙيو ڪلوتيهينْ، ڳوري جوڀن هِيڻ
راجا نڪري راڄ مان، اهي پنجئي مسڪين.

[١٢٧٩] ٻي روايت:

سُوئر سنگيون کوڙيون، شينهن به ڦُڙي رَت
مڙد به مَسانْ لٿيون، مهريءَ مِينڍيءَ ڳُت
تازي طبيلن ڇُڙيا، اهي پنجئي مئي مَت.

(مرد کي ڏاڙهي اچي، زال بالغ ٿئي، سُوئر سنگها ڪڍي، شينهن پهريون ڇال ڏئي، ۽ گهوڙو طبيلي مان نڪري، اها انهن پنجنئي جي مستيءَ جي وهي آهي.)

[١٢٨٠] پنجئي نه ٿيا، پنجئي نه ٿيا.

جُوٺا پرين، کوٽا ٻَرَڌ، ٽِي کٽر گاءِ
ڇِڊا گِيهُون، گهاٽا تِرَ، اهي پنجئي نه ٿيا.

(بيوفا دوست، ڪُوڙو ڍِڳو، کَٽر ڍِڳي، ڇڊي پوکيل ڪٽڪ ۽ گهاٽا تِر، اهي پنجئي نه ٿيا.)

[١٢٨١] پنجئي نه جيا، پنجئي نه جيا.

سڙِيل گهوڙو، مِيرو مِرُونْ، سورهيه ڪلام ڪيا
سَتِي چڙهي سَت تي، پَنْجئِينْ پِيَڻَ پيا
اهي پنجئي نه جيا.

(ساڙ جي مرض ۾ ورتل گهوڙو، نقصانڪار جانور، سورهيه جو قول، سَتِي ڏاگهه چڙهي، ۽ پِيَڻ بلا جو کاڌل، اهي ڄڻ ته جيئرا ناهن.)

[١٢٨٢] پنجئي نه ڌار، پنجئي نه ڌار.

آلَڙ ڪُتو، ڍُڪِي گهوڙي، پوليس وارو يار
چوٿين سُئا سِينْڌِي، پنجين بندوق نوڙي دار
اهي پنجئي نه ڌار.

(اڻ ويڙهايل ڪُتو، ڍُڪي گهوڙي، کير پياڪ ٻار واري زال سان دوستي ۽ جامڪيدار بندوق، اهي پنجئي نه ڌارجن.)

[١٢٨٠] ٻيون روايتون:

١- گهاٽا تِرَ، ڇِڊا گِيهُون، اڻ پليو وياءِ
سڙيو گهوڙو، کر ماڻهو، اهي پنجئي نه ٿيا.

٢- ڏُچَر گهوڙي، سُچر زال، آڌارو وِهاءُ
گهاٽا تِر، ڇِڊي ڪٽڪ، پنجئي نه ٿيا.

[١٢٨٣] پنجئي نہ وسرن، پنجئي نہ وسرن.

مِينْهَنْ موران، بَن ڪُونْجران، آنْبان ڏار سوئان
وِيڻ سڄڻ، جنم ڀَومِي، وسرسي مُوئان.

(مورن کي مِينْهَنْ، ڪونجن کي سُڄراهہ، طوطي کي انبن جو ڏار، سڄڻ جو طعنو ۽ پنهنجو وطن مُئي وسرن.)

[١٢٨٤] پنجئي هڪوار، پنجئي هڪوار.

شاهہ وَچن، شِينْهَڻ گَمن، ڪيلو ڦَرِي ايڪ وار
تِران تيل، حَمير هَٿ، چڙهي نہ ڏُوجهي وار.

(شاهوڪار جو وعدو، شينهڻ جو ڦَرجڻ، ڪيوڙي جو ڦَر جهلڻ، تِرن کي پِيڙِي تيل ڪڍڻ ۽ بادشاهہ جو هٿ (يعني بادشاهہ بہ هڪ دفعو جنهن هٿ تي چڙهيو تہ ٻِي نہ قبوليندو) اهي پنجئي ڳالهيون هڪ ڀيرو ٿين.)

ڇهن جو عدد

[١٢٨٥] ڇَهئي ڪُٽيي بنان نہ ٿاهہ، ڇَهئي ڪُٽيي بنان نہ ٿاهہ.

ڍولان، گولان، گاڏهان، ڪَپَڙُ، مُڃَ، ڪپاهہ
ڇهني جو گُرُ هيڪ، ڪُٽئي بنان نہ ٿاهہ.

(دهل، نوڪر، گڏهہ، ڪپڙا، مُڃَ ۽ ڪپهہ، ڇهئي جنسون ڪُٽڻ کان سواءِ نہ ٿهنديون.)

ستن جو عدد

[١٢٨٦] ستئي بُکيا سنسار، ستئي بُکيا سنسار.

ڌرتي ميگهہ نہ رَجِيئي، آگ نہ رجيئي ساڙ

[١٢٨٦] ٻي روايت:

ڇهئي بکيا سنسار، ڇهئي بکيا سنسار.
عزرائيل ڍؤ نہ ٿئي، توڙي ماري مير هزار
(ڏسو حاشيہ صفحو ٢٦٤)

راجا راج نہ رجيئي، موت نہ رجيئي مار
عيشئون نفس نہ رجيئي، پُرش نہ رجيئي نار
دو نينان نہ رجيئي، ڏٺي سڄڻ ڪلتار.

(ڌرتي مينهن مان نہ ڍاپي، باهہ ساڙڻ مان نہ ڍاپي، راجا، راجائي مان نہ ڍاپي، موت مارڻ مان نہ ڍاپي، نفس عيش مان نہ ڍاپي ۽ نيڻ دوست جي ديدار مان ڍؤ نہ ڪن، اهي ستئي سدائين بکيا رهن.)

[١٢٨٧] ستئي سُور، ستئي سُور.

رَن جهاپي، مڙس ٻوڙو، بي چيو پُٽ، چُٽر گهوڙو
چَلُوڪو ڪُتو، جڏو جوڙو، پري جي مائٽي، وڏو وڇوڙو.

آٺن جو عدد

[١٢٨٨] آٺئي آلهُوٽ، اٺئي الهُوٽ.

جهُونِي مَنْڌ، بادِڻ ڀنگ، گانجي پهرين سُوٽ
گهوڙو سَرميدان ۾، آٺ بہ واڳين ڇُوٽ
پهرين رات پرڻي جي، پرهہ هندوري جهُوٽ
عشق اول جو لڳي، اهي اٺئي الهوٽ.

اکين ڍؤ نہ ٿئي، ڏسڻ ڪنان ديدار
لالچيءَ ڍؤ نہ ٿئي، توڙي ميڙي مال خُرار
باهہ ڍؤ نہ ٿئي، توڙي ساڙي ڪاٺ انبار
عورت ڍؤ نہ ٿئي، توڙي گڏجي روز ڀتار
ڌرتي ڍؤ نہ ٿئي، توڙي مينهن پون بسيار
اهي ڇهئي بکيا سنسار.

[١٢٨٧] چَلُوڪو ڪُتو=ڊڄڻو ڪتو، جيڪو بڇ تي بہ نہ وڙهي.

[١٢٨٨] ٻيون روايتون:

١- بادي ڀنگ، نالگن منڊ، گانجي پهرين سُوٽ
گهوڙو پُور ميدان ۾، ٻَرِي گاڏئين سُوٽ
(ڏسو حاشيه صفحو ٢٦٥)

(الهوٽ=مست ۽ خطا، جهوني منڌ=پُراڻو سَنڌيل شراب، باڊڻ ڀنگ=بڊي جي مهني ۾ پوکيل ڀنگ، جنهن ۾ ٺشو گهڻو ٿئي، گانجي جو پهريون سُوٽو.)

نَو عدد

[١٢٨٩] نَوَئي نِڪار، نَوَئي نِڪار.

مولىٰ جي مُلڪ ۾، چريون پنج ۽ چار
هِڪ کِلِي ٻِي کِجڪِي، ٽِينُ ڪري نہ گهر جي ڪار
چوٿين مگيِي ڳالهائي گهوٽ سان، سا بہ آهي ڪَچ ڪُنوار
پنجين ريجهي رَڪَن سان، جيڪا بِيهِي منجهہ بازار
ڇهين پنهنجو ڪڍي ٻئن کي ڏي، سا بہ چڱي نہ گهر ۾ نار
ستين کڻي خرار کيٽ تؤن، تہ بہ رکي ٻوري ۾ ٻار
آٺين سُونهِينُ سرڪار جي ٿئي، دانهين منجهہ درٻار
نائين ڪري عرض الله کي تہ مڙس منهنجو مار
پوءِ اهڙن ئي پارن سان ٿيون سڏجن نَوئي نِڪار.

پهرين رات جو پرڻو، پِپِر پينگهن جهُوٽ
اوائل عشق جو، اهي اٺئي الهوٽ.
(ٻَرِي گاڏئين سُوٽ=تپ سان گڏ پاسي جو سُور.)

—

٢- بادي ڀنگ، جهونا منڊ، تازي طويلهين ڇُٽا، گانجي پهرين سُوٽ
اول مان عشق لڳو، سِينهِينُ پهرين سُوٽ
پهرين رات پرڻي جي، پِرهہ هندوري جهُوٽ
اِهي اٺئي الهوٽ.

٣- پنجئي الوٽ، پنجئي الوٽ.
پرڻو پهرين رات جو، گانجي پوئين سُوٽ
حاڪم حڪم جو ڌڻي، جهجها پُٽ سَپُوٽ
عشق اول کان لڳي، اِهي پنجئي آلُوٽ.

ڏهن جو عدد

[١٢٩٠] ڏهه ئي ڏُئار، ڏهه ئي ڏُئار.

ديس ڌڻي ديوانو نه ٿئي، هاٿي نه ٿئي هڙهيار
چڪِر گهوڙو در اڳيان، بد نظر و يار
ڪچهريءَ ۾ ڪو م ويهي، ادا! ايڻ پهنوار
پَڇَ ڍائي کان قرض نه کڻجي، توڙي هوءِ تجار
حال ڏسي ڀال نه ڪندو، اچي ٻانهن جهليندو ٻار
مرد مئي کان پوءِ ڪري، جوءِ وري سينگار
سوڙهي جُتي پير ۾، ڊُونڊي ٻيڙيءَ بار
ڪميڻي مان ڪين ٿئي، جو حاصل ٿئي هزار.

(چريو بادشاهه، اڻهيرايل هاٿي، چڪر گهوڙو، تاڪائو دوست، بيوقوف جو ڪچهريءَ ۾ ويهڻ، پوءِ ڍائي کان قرض کڻڻ، مڙس مرڻ کان پوءِ به هار سينگار ڪندڙ عورت، سوڙهي جُتي، ننڍي ٻيڙيءَ ۾ بار گهڻو ۽ ڪميڻو ماڻهو، اهي ڏهئي نقصانڪار آهن.)

[١٢٩١] ڏهه ئي ويري انسان، ڏهه ئي ويري انسان.

ڏهن ويرين وچ ۾، آيو آهي انسان
پهريون ويري پنهنجو آهي، نفس نحس نادان

[١٢٩١] ٻي روايت:

اول هن جهان ۾، هڪ آيو آهه انسان
پهريون ويري پيٽ ٿيس، جيڪو نِت نِت گهُري نان
ٻيو تان ويري تنهن سان، شرڪ آهي شيطان
ٽيون تان ويري تنهن سان، آ نفس جڙيو نادان
چوٿون ويري پٽ آهيس، بيٽو بي فرمان
پنجون ويري تڪبر آهه، تهمت جو طولان
(ڏسو حاشيه صفحو ٢٦٧)

ٻيو ويري تنهن سان، شامل آهي شيطان
ٽيون ويري وِترو، صحبت زال زيان
چوٿون ويري ٿا چون، ٻيٽو بي فرمان
پنجون ويري پيٽ آ، جو نِت نِت گهُنري نان
ڇهون ويري اَڄ آ، جو بِن پاڻي پريشان
ستون ويري شهوت آ، جنهن ڪيا هزارين حيران
اٺون ويري اڳرو، تڪبّر جو طوفان
نائون ويري ننڊ آه، غفلت جو گذران
ڏهون ويري ڏَمر آه، جَهَل وڏو جولان
ڏهن ويرين وچ مان، ڪو کٽي جنگ جوان
آءٌ تنهن تان قربان، ڪريان سِر "شاهُو" چوي.

ٻارهن جو عدد

[١٢٩٢] ٻارهن ئي ٻن پيا، ٻارهن ئي ٻن پيا.
١. بادشاهه ديوانو ٿئي، هاٿي ٿئي هَڙ هار
ڪلر ويري ڪوٽ جو، مڇي ويري ڄار

ڇهون ويري شهوت آهه، جنهن ڪيا هزارين حيران
ستون ويري اَڄ آهه، ڪري ري پاڻي پريشان
اٺون ويري عورت آهه، صحبت زال زيان
نائون ويري ننڊ آهه، غفلت جو گذران
ڏهون ويري ڪاوڙ آهه، جِهِلُ وڏو جولان
اِنهن ويرين وچ مؤن، جيڪو جنگ کٽي اڇي جوان
تنهن سورهيه تؤن قربان، لک ڀيرا "لطيف" چئي.

[١٢٩٢] ٻي روايت:
مرد ويرياڻي نِنڊڙي، زال ويري سينگار
واريءَ سندي پنڌ تي، گهڻو نه کڻجي بار
کُهِ چيلهه ڇنڙو موچڙو، کُهِ ڊونڊيءَ جيڏو بار
(ڏسو حاشيه صفحو ٢٦٨)

مرد ويرياڻي نِنڊڙي، زال ويري سينگار
لاٻڙ پُونڇو ٻڙڌيو، نُک اگهاڙي نار
سُڄو هاري سکڻو، کوهيءَ کارو نار
ڪميڻو ڪچهريءَ ۾، ڀري ڏيندو گار
پَڇ ڍائي کان قرض نہ کڻجي، توڙي هجي تجار
اهي هجن ستار، تہ بہ ٻارهن ئي ٻن پيا.

٢. دل اڇو ويري ڀلو، کوءِ مَن کُنڊو يار
جو صلاح ۾ ساڙي، کوءِ دورنگو دوست دار
ڪَره ڪري ڪامڻي، کوءِ آراڙو ٻار
چڪِر گهوڙو گهر ۾ ٻي پاسي ناهہ قرار
سوڙهي جُتي پير ۾ آهي مڙس لئي آزار
ڪلر ويري ڪوٽ جو، آهي مڇيءَ ويري ڄار
مڙس ويرياڻي ننڊڙي، زال ويري سينگار
دِهہ ڌڻي ديوانو نہ ٿئي، هاٿي ٿئي نہ هڙهيار
"خاناڻي" چوي خلقت ۾، ساڳي ياري نڪا يار
ٿين حاصل لک هزار، تہ بہ اهي ٻارهن ئي ٽول ٻن پيا.

ويهن جو عدد

[١٢٩٣] ويهہ ئي نادان، ويهہ ئي نادان.

پهريون عمل نہ ڪري، پڙهي ڪتاب قرآن
ٻيو جو امانت ۾، ڪري خر خيان

ڳوٺ وڏيرو مَ مري، جنهن تي سڀ مدار
هاٿي هاڙهيارو مَ ٿئي، سڄو مَ ٿئي سردار
پوڙهي زال پاسي ۾، گهر ۾ ناهي قرار
ڪلر ويري ڪوٽ جو، مڇيءَ ويري ڄار
ٻير سُونهين نہ گهر ۾، گهر ۾ سُونهين ٻار
انهن مان حاصل ٿئي هزار، تہ بہ ٻارهن ئي ٽول ٻَن پيا.

[١٢٩٣] چيل جُمن چارڻ جو.

ٽيون پوي پرائي باهه ۾، ذرو نه رکي ڌيان
چوٿون اڏي دائرو، نه ماني ڏئي مهمان
پنجون سخي سڏائي پاڻ کي، درم نه بخشي دان
ڇهون ڪمينو اصيل سان، ڪري شِد شيطان
ستون سڀڪنهن تي ڪري، زبر ساڻ زيان
اٺون اثر نه ڪري، نصيحت کي نادان
نائون نائيءَ سان ڪري، گهر آئي گهمسان
ڏهون پري کان پرواز پئي، جاهل منجهه جهان
ڪارهون قِلعي تي وڃي، ڀڳِي کَڻِي ڪَمان
ٻارهون ٻَهُون رنجاڻي، هندو مسلمان
تيرهون تنهن ڀئي ڀر ڊڄجي، جنهن کي شرم نه ڪو شان
چوڏهون ڀيد رکي بيراڳ جو، مُڙي کؤن ميدان
پندرهون پيءَ سان بحث ڪري، ناقابل نادان
سورهون ويندي واٽ سان، ڪُڏائي ڪيڪان
سترهون سڀڪنهن جو پوي، آٿَڻ ٻانهه ضمان
مُخنثي مذڪور ڪري، ارڙهون سان الحان
اوڻويهون ائين چئي، ته قيامت ايندي ڪان
ويهون وڏي سُر در تي، ڪري ترانا تانَ
اهي ويهه ئي وڏا نادان، "جُمن" ليکيا جهان ۾.

باب تيرهون

عاقلاڻا قول

[هن باب ۾ شامل مواد سگهڙن جي عقل ۽ دانائيءَ وارن قولن تي مشتمل آهي. مثلاً، پلن جا پار ڪهڙا؟ ڇا تي ڀروسو نہ ڪجي؟ ڪهڙي شيءَ ڪهڙي ڳُن سان سونهي؟

انهن قولن ۾ عاقل سگهڙن پنهنجي ڄاڻ موجب نصيحت‌آميز نڪتا نروار ڪيا آهن، جن ۾ دانائي توڙي ظرافت سمايل آهي. هن قسم جا قول ڪافي وقت ڪان ڀهراڙين جي ڪچهرين ذريعي عام رائج آهن. ڪي قول ڪن سگهڙن پوءِ ٺاهيا آهن، جن مان دادن، جمالي ۽ پريُوءَ جا گفتا هن مواد ۾ شامل آهن.]

[۱۲۹۴] پلن جا پار، ڪهڙا؟

اول ۾ الله پلو — پٽيئون محمد شاهه پلو
مديني جو راهه پلو — نهڪَنِ جو نگاهه پلو.

اول ۾ الله پلو — سائينءَ وڏو ساهه پلو
وڏو پير ويساهه پلو — سنڌ ۾ درياهه پلو.

دين آ اسلام پلو — محمد جو آ نام پلو
شرع جو احڪام پلو — سيڪنهن تي سلام پلو.

مهينو رمضان پلو — نازل ٿيو قرآن پلو
مومن جو ايمان پلو — ڙيل تان شيطان پلو.

وچ جنگ جي غازي پلو — مسجد ۾ نمازي پلو
شرع تي قاضي پلو — ڪهوڙو هجي تازي پلو.

تنڙ ساڻ تَنُ پلو — خوشيءَ ساڻ من پلو
شريعت ڏي ڪن پلو — سخاوت سان ڏن پلو.

گهوڙو تہ ڪميت ڀلو تنهن تي ڪارو کيس ڀلو
مڙس سونهي ويس ڀلو ملڪ پنهنجو ديس ڀلو(١).

گهوڙو تان سمند ڀلو ڪلر تان ڪمند ڀلو
درياءُ تان بند ڀلو پيار تان پيوند ڀلو.

گهوڙي لاءِ ڪِلو ڀلو پاڻيءَ لاءِ دِلو ڀلو
ڪُوئي لاءِ ٻِلو ڀلو پوڙهي لاءِ چِلو ڀلو.

گهوڙي سندو تنگ ڀلو مرد جو ٻنگ ڀلو
پوک جو تہ سنگ ڀلو ملهہ ۾ آ انگ ڀلو.

گهوڙي کي لغام ڀلو سهڻن جو سلام ڀلو
قرب جو ڪلام ڀلو دلبر سندو دام ڀلو.

جاءِ جو آ ٿَنڀ ڀلو گهوڙي سندو سُنب ڀلو
گهٽي جو تہ دُنب ڀلو ڀَت لاءِ آ انب ڀلو
غريب لئي گَنب ڀلو.

گهر جو تان ڪوٺو ڀلو مال سو تان اوٺو ڀلو
هٿ ۾ تہ سوٽو ڀلو ڀڄڻ لاءِ پوٺو ڀلو.

چونئري اڳيان اوٽو ڀلو ٻنيءَ لاءِ لوٽو ڀلو(٢)
هٿ ۾ آ سوٽو ڀلو ياردوست ڪوٺيو ڀلو(٣).

---

(١) ٻي روايت تہ: گهوڙو تہ ڪميد ڀلو:
ڪپڙو سفيد ڀلو گهوڙو ڪميد ڀلو
مٿس ڪارو کيس ڀلو ديس کان پرديس ڀلو.

(٢) يعني چونئري جي آڏو ٿلهو ڀلو آهي ۽ ٻنيءَ لاءِ هرلي يا نار جو لوٽو ڀلو آهي جو پاڻي ڪڍي.

(٣) ٻين روايتن موجب هن سلسلي جون ٻيون تُڪون تہ:
مڙس تہ ڇوٽو ڀلو- پُٽ تہ پاڻيٺو ڀلو- پوڙهو گهر ويٺو ڀلو.

جاءِ جو تہ ڪَڙو ڀلو مال جو تہ چَڙو ڀلو
پوک جو تہ دَڙو ڀلو زال لاءِ پَڙو ڀلو.

ٻنيءَ کي تان هَر ڀلو هَر کي تان تَر ڀلو
زال کي تان وَر ڀلو وَر کي تان گهر ڀلو.

اٺ جو تان ٿُوهو ڀلو مينهن سندو گُوهو ڀلو
ٻاجهريءَ جو ٻُوهو ڀلو سورٺي جو ڏُهو ڀلو.

اٺ کي تہ لاڻو ڀلو گهوڙي کي تہ داڻو ڀلو
مرد کي تہ ناڻو ڀلو(١) معشوق جو ماڻو ڀلو.

ٽانڊو تہ ڪانڊو ڀلو وڻ چڙهيو سانڊو ڀلو
اٺ سو تان ٻانڊو ڀلو ڪَکيهي لاءِ مانڊو ڀلو(٢).

آنّ جو تہ ڀانڊو ڀلو چلهہ ۾ تہ ٽانڊو ڀلو
ڀَٽون گهر ۾ ٻانڊو ڀلو ڪِني رن کان وانڊو ڀلو.

ناڻو سو جو روڪ ڀلو مانيءَ ٽُڪر سوڪ ڀلو
بي گِلائو لوڪ ڀلو ڀائن جو تہ طوق ڀلو.

ڇيٺ جو آ مينهن ڀلو سياري سندو ڏينهن ڀلو
ننڍپڻ سندو نينهن ڀلو پڇري ۾ آ شينهن ڀلو.

مندائتو آ مينهن ڀلو مِرن منجهہ شينهن ڀلو
دوستي تہ نينهن ڀلو جمعي سندو ڏينهن ڀلو.

پکين ۾ تہ قاز ڀلو راڳ لئي ساز ڀلو
ساز لئي آواز ڀلو دلبر جو آ راز ڀلو.

---

(١) ٻي روايت موجب: ڏکيءَ وير ناڻو ڀلو.

(٢) ڪنڊي جو ٽانڊو تيز. لوهار، لوهہ کي تاءُ ڏيندا تہ کوري ۾ ڪنڊي جا ڪوئلا ٻاريندا. سانوڻ ۾ رنگارنگي سانڊو وڻ تي سهڻو لڳي. اٺ جو پُڇ ننڍو هوندو تہ پُڇ هڻي گاشي کي خراب نہ ڪندو. بلا جي کاڌل لاءِ جهاڙن وارو سانڊو ڀلو. ٻين روايتن ۾: ڏاند تہ ٻانڊو ڀلو.

وڻ جو تان جُوهو ڀلو ڪماند جو چُوهو ڀلو
ٻيڙيءَ کي تہ کُوهو ڀلو مينهن جو ڇوهو ڀلو(١).

ڪپڙي جو آ بَرُ ڀلو پوک جو آ تَر ڀلو
زال جو آ وَر ڀلو مِرگهہ کي آ ٿَر ڀلو.

هٽ تي لُهاڻو ڀلو ٻيڙيءَ تي مهاڻو ڀلو
محبت وارو ماڻو ڀلو سونهي چيلهہ ناڻو ڀلو.

پلهي جو تہ پاسو ڀلو جاءِ جو تہ داسو ڀلو
دوست جو دلاسو ڀلو مڙس هجي خاصو ڀلو.

ڪُنڀارَ جو چَڪ ڀلو پٻهُونٺين جو ڦَڪ ڀلو*
زال کي آ حق ڀلو دشمن کي تان ڌَڪ ڀلو.

ڪُنو کيرهاڻو ڀلو هٿ وارو ناڻو ڀلو
موتيءَ جو آ داڻو ڀلو محبوبن جو ماڻو ڀلو.

سون جو تان ماسو ڀلو انّ جو تان ڪاسو ڀلو
دوست جو دلاسو ڀلو ڪميڻي کان پاسو ڀلو.

ڪُلهي آتي ريٽو ڀلو ٻاپ کي تہ ٻيٽو ڀلو
مرد کي تہ کيٽو ڀلو هٿ ۾ تہ نيٽو ڀلو.

هاٿيءَ ڪنان شير ڀلو مڙس تہ دلير ڀلو
ڀَلن جو آ ڀير ڀلو پِرت وارو پٻير ڀلو.

مِهريءَ جو آ سِير ڀلو مينهن جو آ کِير ڀلو
جنڊ ۾ آ ڪِير ڀلو اتر وارو پِير ڀلو
داتا دستگير ڀلو.

---

(١) ٻين روايتن موجب وڌيڪ تُڪون تہ:
اوڏڙو تہ کوهو ڀلو- قطاريي کي سُوئو ڀلو.

* پٻهُونٺين = پٻهُون، کاڌي جو هڪ قسم.

حج ويندا حاجي ڀلا نُوڙَنْدا نمازي ڀلا
شرع آتي قاضي ڀلا ماءُ پيءُ راضي ڀلا (١).

انّ جا تہ کوڙا ڀلا سواريءَ جي لئي گهوڙا ڀلا
دشمن انڌا ٻوڙا ڀلا جوانن جا تہ جوڙا ڀلا.

کجيءَ سندا ڏوڪا ڀلا مَشڪ سندا ٻوڪا ڀلا
وئي شيءِ جا هوڪا ڀلا لُچي کَلا ٺوڪيا ڀلا (٢).

گَڙِينگَ آٺ جا گوڏا ڀلا سِر کَڻ وڻ جا ڇوڏا ڀلا (٣)
ننڍڙي ٻار جا لوڏا ڀلا مِٺا ماڻهو اوڏا ڀلا.

گهوڙي تہ ٻِهاڻ ڀلي آٺِ تہ ٽِهاڻ ڀلي
جوءِ تہ جواڻ ڀلي مرد جي رهاڻ ڀلي (٤).

مهينهن تہ نانگيل ڀلي ڍُرڪندي تہ ڊيل ڀلي
درياهہ جي ريل ڀلي ٻانهياري کي ٻيل ڀلي.

مينهن سا جا ڪُنڍي ڀلي ونئڻ جي آ مُنڍي ڀلي
گوشت جي تان سُنڍي ڀلي مرد جي تہ گهُنڊي ڀلي.

مينهن جي تہ مُني ڀلي زال جي تہ چُني ڀلي
مُڙس جي تہ وَني ڀلي پير جي تہ ڪُني ڀلي.

مرد جي تہ گهور ڀلي مينهن تہ ڀنڀور ڀلي (٥)
جوئر سندي اور ڀلي شاهوڪاري تور ڀلي.

---

(١) ٻي روايت: زال مڙس راضي ڀلا.
(٢) ٻي روايت سرائڪي زبان ۾ تہ:
کجي دا تہ ڏوڪا ڀلا مَشڪ دا تہ ٻوڪا ڀلا
ڳَئِي شيءِ دا هوڪا ڀلا لُچ ڪُون کَلا ٺوڪيا ڀلا.
(٣) گَڙِينگَ = اوچو.
(٤) ٻين روايتن موجب هي تُڪون تہ:
مسجد جي سِهاڻ ڀلي - سائڍ تہ ٻِهاڻ ڀلي.
(٥) ڀنڀور = ڪاري.

واھ کي تہ کاڻي ڀلي ڏڌ کي تہ ماڻي ڀلي
اٺ کي تہ لاڻي ڀلي ٻُکئي کي تہ ٻاڻي ڀلي.

رت جي تہ رتي ڀلي ريجھ آھي متي ڀلي
زال سا جا ستي ڀلي پوک جي تہ ڪتي ڀلي.

ٻني سا جا ٻنہين ڀلي پوک سا جا پنہين ڀلي
گھوڙي سا جا ھنہي ڀلي عورت سا جا ونہي ڀلي.

ڪاري بادل گوڙ ڀلي ھٿ ۾ تان لوڙھ ڀلي
سياري لاءِ سوڙ ڀلي ٻني جي تہ اوڙ ڀلي.

واڍي کي وھولي ڀلي ٻار کي آ لولي ڀلي
پاڻيءَ جي تہ ڇولي ڀلي عربي تہ ٻولي ڀلي.

ڪپڙي کي اوڻي ڀلي ڀاڄيءَ ساڻ روڻي ڀلي
ھٿ ۾ آ سوڻي ڀلي واڻئي کي تہ چوڻي ڀلي.

ملان کي مسيت ڀلي راھڪ سندي ريت ڀلي
نوڪري تہ نيت ڀلي دوستي پريت ڀلي.

انڌي کي تہ ڏانگ ڀلي ملان کي تہ بانگ ڀلي
کٽ کي آ تانگھ ڀلي درياءَ جي اڇلانگ ڀلي.

چرخي جي تہ پُوڻي ڀلي منھ کي تہ ٿُوڻي ڀلي
مڇي سا جا لوڻي ڀلي ڳالھ تان سلوڻي ڀلي.

وَھندِي سا نِڪَ ڀلي مُنڊيءَ مٿي ٽِڪ ڀلي
سڄڻ سندي سِڪ ڀلي ڳالھ سا جا ھِڪ ڀلي(١).

پکين ۾ تان ھاڙھي ڀلي مروئن ۾ تہ ڦاڙھي ڀلي(٢)
مڙس کي تان ڏاڙھي ڀلي شھر جي تان ماڙي ڀلي.

---

(١) ٻيون روايتون: 'نار وھندي نِڪ ڀلي'؛ 'کوھ جي تہ نِڪَ ڀلي'؛ 'پاڻي جي تہ نِڪَ ڀلي'؛ نئن وھندي نِڪَ ڀلي'.
(٢) ھاڙھي=اڙي.

فقير جي لوئي ڀلي پاڻيءَ جي ته اوئي ڀلي
لسيءَ کي تان روهي ڀلي ڪُنهي کي تان ڏوئي ڀلي(١).

صفا سُڪ کان ٻوڏ ڀلي وار وٻيرِي روڏَ ڀلي
پوڙهي اٺ کان توڏ ڀلي ڦاٽل ڪانچئان گوڏ ڀلي.

سونهن ۾ سوناري ڀلي بيٺ ۾ ڪٽاري ڀلي
مٿي سِينڌ ڪاري ڀلي کوهه تي واري ڀلي.

مرد جي آ ماني ڀلي ڪجل جي آ ڪاني ڀلي
پلي جي آ آني ڀلي ٻار لاءِ ناني ڀلي.

ڪنگورٻي جي ڪاني ڀلي ڇورٻي پُٽَ ناني ڀلي
مکڻ سان ماني ڀلي راڻيءَ جي ٻانهي ڀلي.

ڪانهن جي ته ڪاني ڀلي حجم کي ته ڀاني ڀلي
ڪڻڪ جي ته ماني ڀلي ٻار لئي ته ناني ڀلي.

سرائيءَ کي ڪاني ڀلي ننڍي ٻار جي ناني ڀلي
ٻٺيءَ مٿي ماني ڀلي حجام جي ڀاني ڀلي.

سڄڻ جي سنڀار ڀلي ماکيءَ سندي آر ڀلي
پوک آهي تار ڀلي موذيءَ کي آ مار ڀلي.

هاريءَ سندي هاڪ ڀلي ٻنيءَ ۾ ته ماڪ ڀلي
وڍئي وڻ جي ڏاڪَ ڀلي عورت پوتي-پاڪ ڀلي(٢).

وَسڪارٻي جي ماڪ ڀلي مرد جي ته هاڪ ڀلي
ڍول جي ته ڏهاڪ ڀلي پير جي ته خاڪ ڀلي(٣).

حلم ساڻ هاڪ ڀلي مرد جي اوطاق ڀلي
عورت پوتي-پاڪ ڀلي مديني جي خاڪ ڀلي.

---

(١) لَسِي=ڏانٽو. (٢) ڏاڪ=وڄائڻ جي دهلڙي. (٣) ڍول=دهل؛ ڏهاڪ=آواز.

مَئي اها جا ماري ڀلي ڳالهه سا جا پاري ڀلي
ميويدار ٽاري ڀلي گهڙي سڄڻ گهاري ڀلي.

ڏيهه سان آ ڏيٺ ڀلي شيء اها جا نيٺ ڀلي
منهن ڪڙي کان ميٺ ڀلي حبيبن جي هيٺ ڀلي.

ٿر جي سگهڙ پرڀوءَ جا چيل گفتا*

پوک کي ته ڀاڻ ڀلو کٽ کي ته واڻ ڀلو
اٺ کي ته ڏاڻ ڀلو پڪو پختو ماڻ ڀلو.

روهيڙي جو وڻ ڀلو نانگ جو ته مڻ ڀلو
ڳئون جو ته ٿڻ ڀلو ٻڪرين جو ته ڌڻ ڀلو.

'سنڌ' ۾ ته سَر ڀلو هاري کي ته هَر ڀلو
جاءِ کي ته در ڀلو "پرڀو" کي ته ٿر ڀلو.

ماءُ کي ته ٻار ڀلو ڪپڙن کي ته کار ڀلو
'سنڌ' ۾ ته نار ڀلو ٻار کي ته پيار ڀلو.

ٿاڌل لاءِ گهوٽو ڀلو اڱڻ مٿي اوٽو ڀلو
تَهريءَ ۾ ڦوٽو ڀلو دشمن کي سوٽو ڀلو.

شاعر کي ته شاهه ڀلو مال لاءِ گاهه ڀلو
وهندو ته واهه ڀلو اٺ کي ته پاهه ڀلو.

جهنگ ۾ ته ٻيلو ڀلو ڪارو ته ڇيلو ڀلو
گروءَ کي ته چيلو ڀلو شاهه جو ته ميلو ڀلو.

گهوڙي جي ته ڊوڙ ڀلي هٿ ۾ ته لوڙهه ڀلي
سانوڻ جي ته گوڙ ڀلي هَر جي ته اوڙ ڀلي.

---

* پرڀداس پٽ رائچند، ويٺل چيلهار، ضلعو ٿرپارڪر.

بندوق ۾ ٽوٽي ڀلي موچي لاءِ کوٽي ڀلي
ڪپڙي کي ته اوٽي ڀلي دشمن کي ته سوٽي ڀلي.

زال کي ته شال ڀلي لڙائي ۾ ته ڍال ڀلي
گهر ۾ ته زال ڀلي غريب لاءِ ته دال ڀلي.

چانڊوڪيون ته راتيون ڀليون رُڪ جون ته ڪاتيون ڀليون
پکين جون ته لاتيون ڀليون ساجن جون ته باتيون ڀليون.

[١٢٩٥] ڀروسو نه ڪجي، ڇا تي؟

درياهه جي آر تي گلن جي هار تي
ڪچي سٽ جي تار تي کُٽل سرڪار تي.

درياءَ جي ٻيٽ تي واريءَ جي ريٽ تي
اِڪَڙ جهي نيٽ تي گڏهه جي پيٽ تي.

حاڪم جي چاهه تي چور جي ويساهه تي
ڪنوالي جي گاهه تي سدائين ساهه تي.

ڊڀن جي نوڙي تي گهٽي سوڙهي تي
ڍُڪي گهوڙي تي زال پوڙهي تي.

آڪ جي سوٽي تي پاڻيءَ جي ڦوٽي تي
دل جي کوٽي تي قد جي ڇوٽي تي.

آڪن جي لوڙهي تي گَهَگِير گهوڙي تي
آمَل جي روڙهي تي ماڻهوءَ ٻوڙي تي.

گدرن جي واڙي تي مٽيءَ جي ماڙي تي
مڙس ڀاڙيءَ تي زال آناڙيءَ تي.

جُوا جي داءَ تي ٺڳ جي ٺاهه تي
پنهنجي ساهه تي درياءَ جي لاهه تي.

سانوڻ جي مينهن تي سياري جي ڏينهن تي(١)
نوچيءُ جهي نينهن تي پاليل شينهن تي(٢).
ڏُهري سواري تي ڪُتهي بازاري تي
نوڪر جواري تي بي همت هاري تي.
فقير جي ڍارن تي ننڍڙن ٻارن تي
ڪارن وارن تي درياءَ جي آرن تي(٣).
ڪاڇي جي دڳ تي آڪاري جي پڳ تي
جهنگ چَرندي وڳ تي لَلهيجي ٺڳ تي.
ناچوءَ جي راڳ تي ماڻهوءَ جي ڀاڳ تي
گهوڙي جي واڳ تي زال جي سُهاڳ تي.
ڀَٽونءَ جي ڏنگ تي گهوڙي جي تنگ تي
سپاهي جي سنگ تي زماني جي رنگ تي.
ڪائي جي گلاس تي ولين جي واس تي
پرديسي جي پياس تي لُچ جي لباس تي(٤).
سوداگر جي ساٿ تي مسخري جي وات تي
ڏٻي جي ڪات تي ڪميني جي ذات تي.
ڪلر جي ڀِت تي انڌي جي رِٿ تي
ڪکن جي ڇِت تي چريي جي چِت تي.
پلال جي نوڙ تي دال جي ٻوڙ تي
بازاري سوڙ تي چور جي ووڙ تي.

---

(١) ٻي روايت: سانوڻ جي مينهَن تي لئين لڳل نينهن تي
(٢) ٻي روايت: ڪاغذ جي سُونهن تي پاليل شينهَن تي.
(٣) ٻي روايت: فقير جي ڍارن تي ماٽيجي ڀائرن تي
ڪارن وارن تي ننڍڙن ٻارن تي.
(٤) ٻي روايت: نجومي جي آس تي پرديسي جي پياس تي.

ڪُتي جي ڏاڙ تي ڪڌڙي جي تاڙ تي
آٺ جي راڙ تي وڇونءَ جي جهاڙ تي.
ڍاري وال فقير تي رشوتي امير تي
پينوءَ پير تي گهوڙي گَهِ-گِير تي.
ڪاري سور تي هراڙي ڍور تي
چاپلوس چور تي بندوق جي ڏور تي.
واڻيي جي تور تي پوک جي اور تي
ڪاٺ جي پور تي مڇيءَ جي گهور تي.
زال جي مَڪر تي آسمان جي ڪڪر تي
مِٽي جي ٺِڪر تي ڀاڄي جي بَڪر تي.
پاڻي جي ڇر تي لئي جي هَر تي(١)
نانگ جي ڏر تي درياهه جي ڀر تي.
کدڙي جي گار تي ننڍڙي ٻار تي
پوليس واري يار تي مُڏي اوزار تي.

---

*دادن فقير جا گفتا

پوليس جي ياري تي نالي واري ناريءَ تي.
جواني جي جوش تي پرائي گوش تي.
آڪ جي سوٽي تي پاڻي جي ڦوٽي تي.
سپاهي جي سنگ تي زماني جي رنگ تي.
ڪچي سُٽ جي تار تي رنگيليءَ جي ٻار تي.
رشوتي آمين تي آٺي جي زمين تي.

---

(١) ٻي روايت: پاڻيءَ جي ڇر تي سُڄي جي گهر تي.
*سگهڙ دادن سونارو، محمد فقير هيسباڻي جو پاڙو، ويٺل نصيرآباد، ضلعو لاڙڪاڻو.

رنڊيءَ جي انجام تي ڪميني غلام تي.
پرائي مال تي زناني ڳالهه تي.
نوڪري نيچ تي براج جي ويچ تي.
حاڪم جي چاهه تي چور جي ويساهه تي.
سدائين ساهه تي ڪنوالي جي گاهه تي.
ننڍڙن هارن تي ڪارن وارن تي.
خيراتي خوراڪ تي سڄي جي اوطاق تي.
آڌاري سؤ تي پٽ جي ڏؤ تي.
درياهه جي آر تي ڪٻيءَ سرڪار تي.
جهڙ جي ڇانوَ تي ٽيڪر جي ٽانوَ تي.
سوداگر ميٽ تي گهوڙيءَ جي چيٽ تي.
ڪاڇي جي ڏڪ تي آڪاري جي پڳ تي.
"دادن" چوي دم تي ڪوڙي دنيا جي ڪم تي.

* جمالي جا گفتا

ناڙيءَ جي ڦنگ تي چوڏيءَ جي رنگ تي
ساوڙيءَ جي سنگ تي جت جي چنگ تي
ڏينهن جي ڏنگ تي گڏهه جي تنگ تي.
وڻ جي ڇانوَ تي شيشي جي ٽانوَ تي
ڪروڏي جي وهانوَ تي ٽاڪرو ڪانوَ تي.
پرائي ڏَن تي آڌاري آنّ تي
اڇوڪي سَن تي بي حيا رَن تي
ڪَڪائين چَن تي ٻڪي جي ڪَن تي.
موذيءَ جي مال تي آڪاري جي شال تي
خواب جي خيال تي زناني تال تي.
پاروٽي آڻي تي جست جي وڻي تي
وڪيل جي ڏڻي تي رن جي ڪٽڻي تي.

* ڪيهر فقير جمالي ويڙل لڳ ڪُنب ليمان، تعلقو شهدادپور. الدازاً سنہ ۱۸۸۰ع ڌاري ڄائو.

ڪانڊيري جي باهه تي پنندڙ شاهه تي.
هندو جي هٽ تي آڪ جي ڪَٽ تي.
ڪاٺ جي ترار تي رشوتي عملدار تي
ظالم زميندار تي ڪڇريءَ جي پيار تي
زال جي سينگار تي حراميءَ ٻار تي.
ٻيلي جي گس تي ٽامي جي ڪس تي.
ڄٽ جي ڄاڙي تي جبل جي چاڙهي تي
واڻڪي ڏاڙهي تي کدڙي جي تاڙي تي.
آرسي هاريءَ تي يار جُواري تي.
گڏهه جي گام تي ڪوڙي جي انجام تي
ماري جي دام تي دشمن جي طعام تي.
ماٽيجي ماء تي واچوڙي جي واء تي.
ڇِتي ڪتيءَ تي پراڻي جُتيءَ تي.
محبوب جي مجاز تي ناچوءَ جي ناز تي.
سوناري جي ڦوڪ تي گدڙ جي ڪوڪ تي.
ساڳ جي داڳ تي سُڄي جي ڀاڳ تي.
سوال جي مانيءَ تي "جمالي" چوي جاني تي.

ڪهڙي شيءِ ڪهڙي گڻ سان سونهي؟

[١٢٩٦] هڪ سگهڙ چيو ته:

گاوڙ لِي تو سِيڱ وَتي، رُوپ وَتِي گورِي
پُرکڙو تو پاڳ وَتو، ڦِينچَ وَتي گهوڙِي.

[١٢٩٦] هيءَ روايت ٿرپارڪر (تعلقي ڇاڇري) مان رائچند کان ملي. ٻي روايت موجب پهريون گفتو بادشاهه چيو جنهن کي ٻيو گفتو ٻڪرار جواب طور چيو.

ٻي روايت: سِينگ وَنڪِي گانءِ ڀلي، ڪانَ وَنڪِي گهوڙيان
پاڳ وَنڪو مرد ڀلو، حُسن وَنتِي گوريان.

—

سِيڙهه وَنڪي گانءِ ڀلي، تيج وَنتي گهوڙيان
گَڙِڪَ وَنڪو مرد ڀلو، سِيل وَنتي گوريان.

(يعني: ڍڳي سڱن سان سونهي، زال حُسن سان سونهي، مرد پڳ سان سُونهي ۽ گهوڙي ٿُلهين رانن سان سونهي.)

ٻئي سگهڙ چيو ته، نه:

گاوڙلي تو ڏُوڌ وَتي، سيل وَتي گوري
پُرکڙو تو سَمَجهه وَتي، تيج وَتي گهوڙي.

(يعني: ڍڳي کير سان سونهي، عورت سيل سان سونهي، مرد سمجهه سان سُونهي ۽ گهوڙي پاڻياڻي (تيز) سونهي.)

[١٢٩٧] هڪ سگهڙ چيو ته:

ڳائيلڙي ته شينهن ڪُنڍي، ڦينچ وَنڪي گهوڙيان
مرد ته پڳ وڏو، رُوپ وَنتي گوريان.

(ڍڳي آها سٺي جنهن جا سڱ ڪُنڍا وريل هجن، گهوڙي آها سٺي جنهن جا پويان پير ڦڍا هجن، مرد اهو ڀلو جنهن کي پٽڪو وڏو ٻڌل هجي، ۽ عورت آها سٺي جيڪا شڪل جي سهڻي هجي.)

ٻئي سگهڙ جواب ڏنو ته:

ڳائيلڙي تو ڏُوڌ ڀلي، تيز وَنتي گهوڙيان
مرد تو پَت پُورو، سيل وَنتي گوريان.

(يعني ڍڳيءَ جا سڱ ڪُنڍا وريل هوندا ۽ کير نه هوندس ته ڪهڙي ڪم جي! تنهنڪري ڍڳي کير واري سُٺي، گهوڙيءَ جا به پير ڦڍا هوندا ۽ پنڌ نه هوندس ته ڇا ٿيو! تنهنڪري گهوڙي تيز ڀلي، مرد کي به جيڪڏهن رڳو پٽڪو وڏو هوندو ۽ ڪارپت نه هونديس ته پڳ ڪهڙي ڪم جي! تنهنڪري چئو ته مرد پَت وارو چڱو، ۽ جي زال شڪل جي

[١٢٩٧] ڪن روايتن ۾ هي سوال جواب گنگ ڀٽ ۽ راجا بيربل جي وچ ۾ ٿيو.

سهڻي هجي، مگر سَت سِيلُ نہ هجيس تہ اها زال نہ چئبي، تنهنڪري زال لڄ شرم واري سُٺِي.)

[١٢٩٨] هڪ سگهڙ چيو تہ:

ڏِئِي جهڙو لعل ڪونهي، انب جهڙو سواد ڪونهي
پڳ جهڙو شان ڪونهي.
ڳوري ڳَهِينْ ڀَلِي، مِينْهِن ڪُنْڍِي ڀَلِي.

ٻئي سگهڙ چيو تہ، نہ:

اک جهڙو لعل ڪونهي، آنّ جهڙو سواد ڪونهي
پَتِ جهڙو شان ڪونهي.
ڳوري لَڄ ڀَلِي، مِينهن کِير ڀَلِي.

[١٢٩٩] هڪ سگهڙ چيو تہ:

جَر تہ نديان جَر، ٻانْهُن جهڙو ناهي ٻَرُ،
چنڊ جهڙي ناهي جوت.

ٻئي سگهڙ چيو تہ، نہ:

جَر تہ مِيگهان جَر، ڀائرن جهڙو ناهي ٻَرُ،
اکين جهڙي ناهي جوت.

[١٣٠٠] هڪ سگهڙ چيو تہ:

ڪُهاڙو آهو جو ڳاڙهي ڳِن، مڙس آهو جو آڇي وَن
زال آها جا گهر سينگاري، حاڪم آهو جو آڻ پُڇيا ماري.

تڏهن ٻئي سگهڙ چيو تہ، نہ:

ڪُهاڙو آهو جو ڪاٺ ڏاري، مڙس آهو جو ٻول پاري
زال آها جا ننگ سنڀاري، حاڪم آهو جو پُڇي ماري.

[١٢٩٩] هيءَ روايت وچولي (تعلقي ٽنڊي الهيار) مان ولي محمد طاهرزادي کان ملي.

[١٣٠١] هڪ سگهڙ چيو ته:

جويون سي جي ڄڻين جاڙا، گهوڙيون سي جي هڻن ڌاڙا
مينهون سي جي ڀرين واڙا، مڙس سي جي ڳڻين پاڙا.

ٻئي سگهڙ چيو ته، نه:

جويون آهي جن جا ڪم موچارا
گهوڙيون آهي جي وارين ڌاڙا
مينهون آهي جي ڀرين ساڙها
مڙس آهي جي رکن پاڙا.

[١٣٠٢] هڪ سگهڙ چيو ته:

گانْيان جوڀن گاس هئي، تُريانْ جوڀن آنّ
ماهيليءَ جوڀن مرد هئي، مرد جوڀن ڌنّ.

(يعني: ڍڳين جو جوڀن (جواني) گاهه، گهوڙين جو جوڀن داڻو، زال جو جوڀَن مَرد ۽ مرد جو جوڀن ڌَنّ آهي.)

ٻئي سگهڙ چيو ته، نه:

گانْيان جوڀن برسات هئي، تُريانْ جوڀن ڏِئَتَ
ماهيلي جوڀن مانُ هئي، مرد جوڀن ڇَتَ.

(يعني: ڍڳين جو جوڀن سانْوڻ، گهوڙين جو جوڀن ڍَؤ، زال جو جوڀن عزت ۽ مرد جو جوڀن ايمان آهي.)

[١٣٠٣] هڪ سگهڙ چيو ته:

ڪانْچ سڀ ڪپڙو، ڪاتي ٻک هٿيار
اگهاڙو آهو جنهن جي پير ناهي پيجار.

(هڪڙي سگهڙ چيو ته: رڳو ڪانچ پيل اٿس ته ڄڻ ڪپڙا پهريل آهي، ڇو ته اوگهڙ ڍڪيل ته رهندي، ڪاتي بيٺ سان ٻڌل آهي ته انهي جهڙو ٻيو هٿيار ڪونهي، ۽ اگهاڙو اهو آهي جنهن کي پيرن ۾ جُتي ڪانهي.)

ٻئي سگهڙ چيو ته، نه:

شرم سڀ ڪپڙو، همٿ سڀ هٿيار
اگهاڙو اهو جيڪو ڀائرن کان آهي ڌار.

(يعني ته: شرم نه هوندس، ته ڪيترا به ڪپڙا پائي ته به اگهاڙي جو اگهاڙو، تنهنڪري شرم جهڙو ٻيو سَتُر ڪونهي، همٿ نه هونديس ته ڪاتي جهڙي آهي تهڙي ناهي، تنهنڪري همٿ جهڙو هٿيار ڪونهي، ۽ پير به اگهاڙا هوندا ته اهو اگهاڙو ڪونه ليکبو، پر اگهاڙو اهو آهي جيڪو ڀائرن کان ڌار آهي.)

[١٣٠٤] هڪ سگهڙ چيو ته:

اوچي ماڙي سُهڻي، جنهن ۾ ڳاڙهي کَٽ
تَڏ مڙئي گهَہ-گهٽ†

(يعني: اوچي ۽ ڪشادي ماڙي هُجي، اُن ۾ ڳاڙهي رنگ جي کَٽ پيل هُجي، اُن تي ويهي دوستن سان رهاڻ ڪجي، پوءِ ڄڻڪ دنيا جي هر لذت حاصل ٿي وئي.)

ٻئي سگهڙ چيو ته، نه:

ڳَئون هُوَن ڳوڌريان، تنهن مان ڏوڌجن مَٽَ،
تَڏ مڙئي گهَہ-گهَٽ.

(يعني: مارواڙ جي پاسي جون ڳئون هجن جن مان کِير جا مَٽَ ڏُوهجَن. اُن کِير جي پيئڻ ۽ ولوڙڻ مان جيڪو سُرور حاصل ٿيندو، اُن جهڙو ٻيو ڪو به سواد يا مزو ناهي.)

[١٣٠٤] هيءَ روايت اُتر (تعلقي اُٻاوڙي) مان محمد حسن "مشتاق" کان ملي.

†گهہ-گهٽ = منڊل ۽ رنگ، ميڙا متل. "ٿيا گاهن جا گهہ گهٽ" (سانوڻ).

ٽيئين سگهڙ چيو تہ، نہ:

پنج ماڻهو، ڏهن واهرُو، وڃي تن جي پٺ،
تڏ مڙئي گهڙ-گهٽ.

(يعني: پنج چور چوري ڪري وڃن، اسان ڏهه واهرُو سندن پيڇو ڪريون، اهڙي لذت اصل هٿ ڪانہ ايندي.)

چوٿين سگهڙ چيو تہ، نہ:

ڪاڇي ڪُڪڙ ڪنڊيا، هُوَن آفيم جا ڪٽ،
تڏ مڙئي گهڙ-گهٽ.

(يعني: ڪُڪڙ جي ڪچين وانگر ڏگهين سهٽين ڪچين وارن ڄڻ جي سواري ۽ آفيم جا ڪوڙها هجن، تہ اهڙي ٻي ڪابہ لذت ڪانهي.)

[۱۳۰۵] هڪ سگهڙ چيو تہ:

سون پرکجي ڪسوٽي، رُپو پرکجي باهہ،
ماڻهو تڏهن پرکجي، جڏهن ڪي ڳالهاءِ.

ٻئي سگهڙ چيو تہ، نہ:

سون پرکجي ڪسوٽي، رُپو پرکجي باهہ،
ماڻهو تڏهن پرکجي، جڏهن يار مٺس آچلاءِ.

ٽئين سگهڙ چيو تہ، نہ:

سون پرکجي ڪسوٽي، رُپو پرکجي باهہ،
ماڻهو تڏهن پرکجي، جڏهن پاڙو پاڙي سان لاءِ.

[۱۳۰۵] هيءَ روايت ڪراچي مان صالح محمد سمي ڪان ملي.

صحت نامو

صفحو / سٽ	غلط	صحيح
٦ / ١١	ٽيٽهر	ٽِيٽِهر
٨ / ١٤	اوڳاڙي	اوڳاري
١١ / ٦	ڪُسٻي،	ڪُسٻي.
١٥ / ١٦	نجمل	بخمل
٢٣ / ١٣	جهنڊُلو	جهنڊِ ولو
٢٨ / حاشيه	مِثال	مِٺال
٣٠ / ١٤	تنهنجو	تنهن جو
٣٦ / ٩	ٻيرُ	ٻيرَ
٣٦ / ٢١	لڀندي	لَڀدي
٣٧ / حاشيه	پعني	يعني
٣٨ / ٥	هيئان	هيٺان
٣٩ / ٢٤	ڏور،	ڏور.
٤٠ / ١١	ڏيکار	ڏِکال
٤١ / ٦	ڀڄندا	ڀڃندا
٤١ / ١٤	سڄڻ سان	سڄڻن سان
٤٤ / ١١، ١٢	ٺاهن	ٺاهين
٤٥ / ١٩	، ڪين ٻن.	، ڪري ڪين ٻن.
٤٧ / ١٣	مانڙي.	مانڙي،
٤٧ / ٢٢	نِيرّ	نِيرَ
٤٨ / ٢٠	گرانهه	×
٥١ / ١٨	ويٺو	وٺيو
٥٥ / ٦	ليٽندا	ليٽدا

٥٥ / ٦	ڏيکندا	ڏيکدا
٦٣ / ١٨	لاهڻ ڏيو	لاهي ڏيو
٦٣ / ٢٦	توهي پاڏي پيٽي ڏُجهي، تہ ہ پاڏي پيٽي ڏُجهي	توهي پاڏي پيٽي ڏُجهي [تہ ہ پاڏي پيٽي ڏُجهي]
٦٤ / ٣	ڪيڻ	ڪيائي ڏيو
٦٤ / ١٦	پينڊيو	پينڊو
٦٥ / ١١	سمهارڻ	سمهاري ڏيو
٦٧ / ١٧	ڏيڻ	ڏيو
٦٧ / ٢١	گندڻ گندي، ہ نچائڻ	گندڻ گندي، ہ نچائي ڏيو
٦٨ / ١	ڏيڻ.	ڏيو.
٧٠ / ١	ڏيريا.	ڏيو.
٧٠ / ٦	ڏيو؟	ڏيو.
٧٠ / ١٠	ڏيو؟	ڏيو.
٧١ / ٨	ٻي چڙهيو	ٻي چڙهيو
٧٣ / ٥،٤	ڏُهو ڏاند	ڏَهو ڏاند
٧٤ / ٢١	پيارڻ	پياري ڏيو
٧٦ / ١٠	٠١	×
٧٦ / ١١	٠٢	×
٧٧ / ٧	ڪارائڻ	ڪارائي ڏيو
٧٨ / ٤	ٽيٽيهاري	ٽيٽيهاري
٧٨ / ٦	ٽيٽيهر	ٽيٽيهر
٨٤ / ١٠	ڏينهن جو	ڏينهن جو رهي
٩٣ / ٨	اڻ ڄاڻ آهي.	اڻ ڄاڻ آهي.)
٩٦ / ٢٢	تو رنگ	تو رَنگ
١٠٠ / ٩	ٻُڇ ٻُسهي	ٻُڇ ٻُسجهي
١٠٢ / ١٠	ٽيڪا ٽين.	ٽيڪا ٽين.)

١٠٢ / ٢٥	ڈاہورو	ڈاہورو
١٠٧ / ١٣	ٹیس ٹھیا ٹھیا	ٹیس ٹھیا
١٠٨ / ١٧	ہاھیڑ میرَ	ہاھَڑ مہیڑ
١٢٣ / ١٠	رنکڑو	رُونکڑو
١٢٧ / ٣	پَرچار	پَرَ چار
١٢٧ / ٢١	ٹیٹی	ٹُئي
١٢٨ / ١٩	ہاٹي	ہاٹ
١٣٠ / ٢	ڈنا مون	ڈناسون
١٣١ / ١	ٹیا جا لیندي	ٹیا جالیندي
١٤٨ / ١٣	بیسیار	بي سار
١٥٢ / ٥	آنکي	آنکیي
١٥٧ / ٢٠	تي کا بَلا	تي بَلا
١٦١ / ٣	معما	معما
١٦٦ / ٨	ستیٹن	سَتَئِين
١٦٨ / ٢٠	ماھ	مان
١٧١ / ٦	سوال جواب	سوال جواب واري
١٧٢ / ٢١	چُري قُري	چُري ہُري
١٧٣ / ٢	سوز وراور	سو زوراور
١٧٣ / ٢٣	تن آٹ	تن ہِ آٹ
١٧٦ / ١٤	ڈنیوسین	ڈنیونسین
١٧٦ / ١٧	سَبن	سِين
١٧٨ / ١	ٹیس	ٹئیس
١٧٩ / ٢	اچیو	اچو
١٨٠ / ١	کوندیء	کو ندیء
١٨٧ / ١٨	کرہِ کُٹہي	کُٹیون کُٹہي
١٨٩ / حاشیه	کن ھنڈن ...	*کن ھنڈن
١٩٢ / ١٤	نھاري، ڈسي	نھاري

١٩٢ / ٢٣	شينهن ۽ پاڏي	پاڏي
١٩٣ / ٢١	ٿي،	تي،
١٩٨ / ١٥	دُولت	دولت
١٩٩ / ٧	آڙاهه	آڙاهه
٢٠٠ / ١	کهڙي	کهڙي
٢٠٤ / ٦	آٽي	آٽي
٢٠٥ / ١٦	ٻيهي	ٻيهي۽
٢٠٨ / ٧	ڏمرجي	ڏَمرجي
٢١٤ / ٨	اولاد نهين	اولا نهين
٢١٥ / ١٢	گرو	گروجي
٢٢٢ / ١	[١١٦٢]	[١٢٦٢]
٢٢٩ / ١	هجن	هَي
٢٣٢ / ٧	گند	گندِ
٢٣٢ / ٢٣	(ٻَڌي)	ٻَڌي
٢٣٨ / ٦	چيلو	چيلو:
٢٤٦ / ٨	سَيُوتر	سَهُوتر
٢٤٨ / ٤	گهڙو:	گهڙو،
٢٤٨ / ١٤	پجنن	پنجن
٢٤٩ / ١	ٻچ	ٻيچ
٢٥٣ / ٤	مسّ	مَسّ
٢٥٩ / حاشيه	آڻ ڏني	آڻ ڏني
٢٦٢ / ٤	ک ن	کونجن
٢٦٦ / ٤	بد نظر و	بدنظرو
٢٦٧ / ١٤	هڙ هار	هڙهار
٢٧٢ / ٦	ڏُهو	ڏُوهو
٢٧٣ / حاشيه	کاڏي جو	کاڏي جو
٢٨٠ / ١	کڏڙي	کَڏڙي

CONTENTS

		Page
Chapter I	Simple Riddles	3—17
Chapter II	Versified Simple Riddles	18—30
Chapter III	Versified Complex Riddles	31—55
Chapter IV	Riddles with Solutions in Traditional Doggerel Rhymes	56—80
Chapter V	*Dustag* Puzzles	81—88
Chapter VI	Hemaree and Goorho (Metaphorical) Puzzles.	89—125
Chapter VII	*Ditthoon* or Situational Riddles ..	126—137
Chapter VIII	Transmitted Situational Riddles ..	138—154
Chapter IX	The Enigmas	155—180
Chapter X	Transmitted Enigmas	181—210
Chapter XI	The Guru-Chelo Puzzles	211—240
Chapter XII	Numeral Propositions	241—269
Chapter XIII	Qualitative Propositions	270—287

Proposition: *One* fellow enjoys a sound sleep
One fellow enjoys a sound sleep
Solution: Yes, the *one* who has neither a wife nor a home to keep
He does enjoy a sound sleep.

Proposition: The *Two* are just alike
The *Two* are just alike
Solution: Yes, the young one of a goat and a neglected child
These *Two* are just alike (*i.e.*, they know no discipline).

Proposition: Do not under-estimate the *Three*
Do not under-estimate the *Three*
Solution: The ruler, the fire and the flood water free
Do not under-estimate the *Three*.

These propositions are composed on numerals ranging from one to twenty, there being a number of propositions on each numeral.

Chapter XIII pertains to what may be called the 'qualitative or value propositions'. The questions involved are something like this: What are the good qualities of different things, animals, persons etc.? Which things or situations should not be relied upon? What characteristics make different things (animals, men etc.) meaningful, useful or beautiful? The propositions are in simple question form but the answers to them are to be in a rhymed form.

Under the present survey, about 6000 riddles of the above categories were collected from all over the country, and after collation and critical evaluation, 1305 were finally selected for inclusion in this volume.

University of Sind,
Hyderabad.
August 10, 1965.

N.A. BALOCH,
Director, Folklore Project.

background of the influence of the '*Hutt-Yogi*' or '*Yogi Panth*' (Yogi sect of the Nath Gurus in the 14th century or earlier. Machhandar Nath is said to be the founder of this sect. His disciple Gorakh Nath became famous throughout the sub-continent. These Yogis had their place of pilgrimage called 'Hinglaj' (in the present Las Bela district) on the bank of the Hingol river some 150 miles west of Karachi. They used to pass through Sind and the people of Sind became acquainted with them.

The *Chela* (the disciple) used to be trained by his teacher-guide, the Nath or the Guru. He used to put some test questions to him. Originally these questions must have pertained to the sectarian discipline, but this idea of test questions gave birth to this type of riddle which was developed by the professional Sindhi bards. For want of a better name, it is now called the 'Guru-Chelo'.

The *Guru-Chelo* denotes a puzzling question composed in double verse form (*doha*). Usually, it contains three propositions, the solutions of which invariably depend upon a single word. In this sense, it resembles a logogriph, though no addition, subtraction or transposition of letter is involved in the single word for the purpose of solutions. Rather the word, as such, is capable of giving three different meanings providing solutions appropriate to the three propositions.

Example:

Question: The owner does not recognize the goat, and the camel does not eat the *khabbar* leaves

The farmer does not scare away the birds, say why oh *Chela* please?

Answer: Oh Guru! (because) *boori* is not there.

(*a*) *Boori*, is the kind of goat with very small ears. Since his *boori* goat is not among the many goats shown to him, he does not recognize the one belonging to him.

(*b*) *Boori* means blossom of the *khabbar* tree. The camel eats the leaves of this tree when it blossoms and becomes sweeter. Since there is no *boori* (blossom), the camel does not eat it.

(*c*) *Boori* means the raw grain of the ears (of *bajhra* or *jawari* crops). The birds are not scared away until the ears begin to have the raw grains. Since the ears have no *boori* (raw grains), the farmer does not bother to scare away the birds.

The *Guru-Chelo* riddles are compiled under Chapter XI.

VIII. PROPOSITION ROOTED IN CULTURE. The last two chapters, XI and XII, pertain to the type of versified propositions, the solutions of which depend not so much on the exercise of intelligence as on acquaintance with the social mores and cultural values.

The propositions under Chapter XII are in the 'numerical form'. For example:

in a volley of wits and demonstrating their ingenuity—the one composing and presenting one riddle after another and the other solving each one in verse instantly or after suggesting more than one solution. These are termed as the *Rivayati Ditthoon, i.e.*, the transmitted situational riddles which are brought together under Chapter VIII.

VI. MU'AMMA OR MAM. It literally means an enigma. It can be conveniently described by comparing it to the *ditth*. While the *ditth* is based on an object or situation actually seen or visualized, the *mu'amma* may be based on an imagery or idea. In *ditth*, the description is comparatively simpler and so also are the similes and the metaphors. The *mu'amma*, even when pertaining to a single object, employs a series of similes and metaphors based on the detailed characteristics and qualities of the object.

The style and the diction of the verse are also comparatively superior in the *mu'amma* than in the *ditth*. Both the *mu'amma* and the *ditth* are composed in verse, but the former is more lengthy than the latter. The nature of the puzzle involved in the *mu'amma* is also much more complicated than in the *ditth*.

Examples:

1. Please explain it to Mittho,* and give it your thought
   It neither came from earth, nor from the sky was it brought
   It was neither born of father, nor from the mother begot
   Says Mittho, it has birth and death, but alive it is not
   It moves without life, in wonder I am caught
   Oh intelligent fellow! tell Mittho, it is what?
   (Perspiration).
2. I looked and saw and observed with care—
   The nature made this beautiful ware
   With God's will so fine and fair
   The python and the nightingale both live there
   The wolf and the goat in the same lair
   The fifth is the goat-herd, together they fare
   But each in its own way does and dare
   Oh intelligent man! explain this situation rare.

This enigma (*mu'amma*) was proposed to the illiterate but renowned poet Nim of the town of Uthal in the district of Las Bela (18th century) and he explained it in verse. It means 'Man's Body'. The python is the selfish self, the nightingale the tongue which spells out the desire, the wolf is the Satan, the goat is the faith, and the goat-herd is the reason.

The current *mu'ammas* are compiled under Chapter IX, while those transmitted through tradition (*Rivayati Mu'ammaoon pl.*) are compiled under Chapter X.

VII. THE GURU-CHELO. These riddles are in the form of puzzling questions based on the concept of test questions supposed to have been posed by the *guru* (the guide) to his *Chelo* (the disciple). The origin and development of this class of riddles has the cultural

* Mittho is the name of the composer of this enigma.

III-IV. HEMAREE AND GOORHO. These two types, compiled under Chapter VI, may be described as 'Metaphorical Puzzles', because metaphor is their essential characteristic. *Hemaree* literally means the 'golden one', *i.e.*, the riddle which is a golden gift presented by one friend to another. *Goorho* means a 'complicated puzzle'. These are the types of riddles peculiar to the *Lar* (southern) and the Tharparkar areas of Sind. As such, they are mostly composed in the *Tharee-Dhatki* dialect and are invariably in versified form. *Hemaree* is almost the same as the versified *Pirolee* (Chapters II & III) but *Goorho* differs in style and structure and usually involves complicated metaphors.

Hemaree

Clear like the sky and moon-like in shape
From the perfume-vendor's shop I do purchase
(The mirror).
On a flat top is a pond small
Elephants drink from it, horses and all
Except birds with beaks long or small
(Udder or breast).

Goorho

The darling of the rock's son together with the tree's son
Wearing the goat's son, it accompanies man.
a. The rock's son=iron=steel=the blade
b. The tree's son=wood=the handle
c. The goat's son=skin=leather
The wear of leather=sheath
d. The steel blade+wooden handle+sheath=
sheathed sword, carried by men.

V. DITTH OR DITTH-PIROLEE. (Plu. Ditthoon). *Ditth* means 'something seen' and *pirolee* is the riddle. Thus, *Ditth-pirolee* means a 'riddle based on something seen'. It is always in verse form. The difference between a *pirolee* (common riddle) and a *Ditth-pirolee* is that while in the former the simile and the metaphor pertain to mainly the shape or form of the object, in the latter they usually pertain to both the form and the function of the object. In the plural form, they are called *Ditthoon* or *Ditth-Pirolyoon* which are the subject matter of Chapter VII.

Example:

A good-named female, small in size, with a long tail,
The bird has two she has four wings frail,
No blood if slaughtered, her meat of no avail
When she goes out hunting, she kills the male.
(The Dragon Fly which hunts the mosquito).

This type represents the common *ditth* or *ditth-pirolee*. But there is another type, the *Rivayati Ditth* or 'the transmitted situational riddle', representing the inventive skill of those early professional experts who based these riddles on happenings and situations which they actually saw or the possible occurrence of which they visualized. The orally transmitted tradition usually represents two professional experts engaging

(*i*) A loaf is lying in the desert
(The foot-print of the camel).
Lying on the face it is one, with face upwards it is two
(The mirror).
The river is at the bottom, the field is burning at the top
(The hubble bubble).
One he-goat with twelve hoofs
(The year).
An inch in size with twenty feet of tail
(The needle and the thread).

(*ii*) Green is the creeper with fruits white
One cannot taste but can sight
(The sky and the stars).
Four males and sixteen maids
Got decorated after loss of heads
(Four thumbs and sixteen fingers after nail cut).

(*iii*) I cannot cut, I cannot weigh
I cannot break it any way
(One's own reflection).
Whenever he comes,-whenever
Empty handed he returns never
(The Angel of Death).
The one who needed it, did not purchase it
The one who purchased, did not wear it
The one who wore it did not see it
(The shroud).

(*iv*) Make the cat wear the earings
Cheerings! Cheerings!
Cat wore the earings.
Make the she-fox to be the bride
The crow cried
The cat sighed
The she-fox became the bride.

II. DUSTAG. It may be described as a "Puzzle in Similitudes" because simile is employed successively in its structure. Each statement denotes an analogy of form or function which correctly corresponds to the description of the real (thing or idea), suggesting and yet baffling the solution. The *dustags* are compiled under Chapter V.

Examples:

Its head is like the elephant's, but it is not an elephant
It is black like a crow, but it is not a crow
It climbs up the tree, but it is not a squirrel
It lives in holes, but it is not a snake—
Say what is it?
(The Black Ant).

It is round like a hedge-hog, but it is not a hedge-hog
It has beard like men, but it is not man
It wears yellow robes, but it is not a *sanyasi*
It is full of water, but it is not a water skin—
Say what is it?
(The Coconut).

PREFACE

This is the twelfth book, in serial order, compiled under the Sindhi Adabi Board's Folklore & Literature Project, approved in 1956 for the collection, compilation and publication of Sindhi Folklore.

The work on this Project was started in January 1957, and the first two years were devoted mainly to the collection of the oral tradition and the written record. The oral tradition was reduced to writing through a net-work of field workers, one stationed in each *taluka* area. The compilation and publication work commenced from 1959. So far 20 volumes have been published, and this is the twenty-first of the forty volumes proposed to be published under this project.

Riddles belong to the antiquity of human race and are common to all the peoples and races of mankind. They have been current in the Lower Indus Valley of Sind also from times immemorial, and their rich variety current to the present day indicates that riddling has been an essential part of the folk culture of the people of Sind. Here, through the course of centuries, the 'simple riddle' evolved differentiating further into various forms.

The highly complex type of Sindhi riddle is *Gujharat*, the like of which, probably, is not known among any other people, in any language in any other country. Because of their distinct and highly complex form, a separate volume, Book XIII of this Project, has been devoted to *Gujharat*. This volume deals with all the other varieties of riddle, though for the sake of brevity it has been entitled as "Riddles And Enigmas". A brief explanation of the different types of riddles, compiled under this volume, follows. For details, the reader should refer to the introductory explanation at the beginning of each chapter and the Sindhi introduction.

I. PIROLEE. It is the synonym of 'riddle' in English, and literally means 'something to be thought about and solved'. Like 'riddle', it is the generic term, applied specifically to the 'common riddle' and also generally (though loosely) to all the other forms. From the point of structure, similitude and imagery involved, and nature of the solution, the Sindhi *Pirolee* may be differentiated into (*i*) the simple riddle, (*ii*) (*ii*) the simple versified riddle, (*iii*) the versified riddle with a more complicated solution, and (*iv*) the riddle the solution of which is based not on independent thinking but on the pronouncement of the traditional doggerel rhymes transmitted by the elders. These four forms of *Pirolee* are respectively compiled under the first four chapters of this volume. The following are the typical examples of each variety:

Compiled under
The Sindhi Adabi Board's Research Project
on
Sindhi Folklore & Literature

1st Edition August, 1965 1,000 Copies

Price: Rs. 4.50

To be had from
SINDHI ADABI BOARD'S BOOK-STALL,
HYDERABAD SIND,
PAKISTAN WEST.

The English pages printed by Aijaz Mohammed Siddiqui at the Sind University Press, Hyderabad, and published by Mr. Muhammad Ibrahim Joyo, Hon. Secretary, Sindhi Adabi Board, Hyderabad Sind, Pakistan.

SINDHI FOLKLORE & LITERATURE

BOOK— XII

RIDDLES AND ENIGMAS

Compiled & Edited
by
N. A. BALOCH
M.A., LL.B. (Alig.), M.A., Ed.D. (Columbia),
Professor of Education, University of Sind
And
Director, Sindhi Folklore and Literature Project.



SINDHI ADABI BOARD
HYDERABAD SIND
PAKISTAN
1965



288

